9

# جدلي ماديت جا بنيادي اُصول

روشن خيال تعليمي ڪتابي سلسلو

اي. اسپرڪن ۽ او. ياخوت

ڊاڪٽر محبت ٻرڙو

سي پي سي ايس

سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي

B-98 قاسم نگر-قاسم آباد، حيدرآباد

Ph: +92-22-2904408, +92-22-2652401, Fax: +92-22-2652401

cpcs.sindh@hotmail.com



# جدلي ماديت جا بنيادي اُصول

اي. اسپرڪن ۽ او. ياخوت

ڊاڪٽر محبت ٻرڙو

CPCS

**سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ**


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | جدلي ماديت جا بنيادي اُصول |
| موضوع: | روشن خيال تعليمي سلسلو |
| ليک: | اي. اسپرڪن ۽ او. ياخوت |
| سنڌيڪار: | ڊاڪٽر محبت برڙو |
| ڪمپوزنگ: | سليمان سميجو |
| سال: | مارچ 2008ع |
| ڇپائيندڙ: | سي پي سي ايس |
| مُلھ: | سئو روپيا |

**ڪتابن ملڻ جا هنڌ**

ٿامس اينڊ ٿامس بُڪ هائوس، ڪراچي- ڪانياواڙ بُڪ هائوس ڪراچي- سنڌيڪا ڪتاب گھر، حيدرآباد- پٺائي ڪتاب گھر، حيدرآباد- گلشن پبليڪيشن، حيدرآباد- فڪشن هائوس، حيدرآباد- سجاڳي ڪتاب گھر، ايگريڪلچر ڪامپليڪس، حيدرآباد - رابيل ڪتاب گھر، لاڙڪاڻو - گُل ڪتاب گھر، شڪارپور - جنيد ڪتاب گھر، دادو - سنڌيڪا ڪتاب گھر، سکر، مارئي ڪتاب گھر، سکر - مهراڻ ڪتاب گھر، ميرپورخاص - هلال ڪتاب گھر، ميرپورخاص، سنڌ بُڪ ڪلب، نوابشاهه.


**All Rights Reserved**


| | |
|---|---|
| **Book Title:** | Jadlee Madiyat Ja Bunyadi Usool |
| **Subject:** | Civil Society Education Series_9 |
| **Authored by:** | A. Sperkin & O. Yakhoot |
| **Translated by:** | Dr. Muhabbat Buriro |
| **Year:** | March _ 2008 |
| **Published by:** | CPCS |

سي پي سي ايس جي پبليڪيشن آفيسر منير چانديي ڇپائي پڌرو ڪيو.




# ستاءُ


- پيش لفظ — رياضت بُرڙو — 5
- پنھنجي پاران — 7
- باب پھريون: جدلي ماديت – مارڪسي فلسفو — 8
- باب ٻيو: مارڪسي فلسفي جو اُسرڻ ۽ ان جي ترقي — 24
- باب ٽيون: مادو ۽ ان جي وجود رکڻ جون شڪليون — 36
- باب چوٿون: شعور جو بڻ بنياد ۽ ان جي فطرت — 55
- باب پنجون: جدليات جا بنيادي قانون ۽ درجا — 79
- باب ڇهون: جدلي ماديت جو علمي نظريو — 138

# پيش لفظ

منهنجي مرحوم ڀاءُ ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي مختلف چاهن مان هڪ تمام وڏو چاهه تمام گهڻا ڪتاب ۽ رسالا وٺڻ، پڙهڻ ۽ وڻندڙ مواد ترجمو ڪرڻ به هو. اهڙن ورتل ڪتابن ۾ 30 جنوري 1977ع تي ورتل هڪ ڪتاب "The Basic Principles of Dialectical and Historical Materialism" (جدلي ۽ تاريخي ماديت جا بنيادي اُصول) به آهي. جيڪو پروگريس پبلشرز ماسڪو پاران روسي ٻوليءَ مان انگريزي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرائي، 1971ع ۾ ڇپرايو ويو هو. اهو ڪتاب A. Spirkin (اي اسپرڪن) ۽ O. Yakhot (او. ياخوٽ) صاحبن لکيو هو ۽ D. Langstone (ڊي لينگسٽون) صاحب ترجمو ڪيو هو. ان ڪتاب جي مواد ڀاءُ محبت کي ان ڳالهه تي اتساهيو ته اهو ڄاڻ وارو ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ کپي. مون کي پوري ريت ته ڄاڻ ناهي ته ڀاءُ محبت اهو ڪتاب ڪڏهن ترجمو ڪيو هو پر ڪاٿو ڪري سگهان ٿو ته ڄاڻايل ڪتاب جي ترجمي جو ڪم 1980ع تائين اُڪلائي چڪو هوندو. پر اڻ ڄاتل ڪارڻن ڪري اهو ڪتاب ڇپجي نه سگهيو. تنهن هوندي به ممڪن آهي ته ڀاءُ محبت ڪجهه عرصو گذرڻ ڪانپوءِ اهو ڪتاب ان ڪري به ڇپرائڻ جون ڪوششون نه ورتيون هجن جو 1985ع ۾، ان ڪتاب جي آڌار تي لکيل محترم رشيد ڀٽيءَ جو ڪتاب "سچ جو فلسفو" پڌرو ٿيو هو. بهرحال، ڪتاب جي مڪمل ترجمي تي لکيل ڀاءُ محبت جي محنت وٽس ئي هٿيڪي رهي، تان جو ڪاري تاريخ جو درجو ماڻيندڙ تاريخ 9 اپريل 1997ع تي ڀاءُ محبت اسان منجهه نه رهيو. جيءُ جهوريندڙ سندس جدائيءَ کان پوءِ مون جڏهن سندس لکيل ۽ ترجمي ڪيل (ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل) مواد کي سهيڙڻ جي ڪوشش آهي ته مون کي سندس



اڻ ڇپيل مواد مان پڻ ڊائرين تي، مٿي ڄاڻايل ڪتاب جي ٻن حصن مان هڪ حصي "جدلي ماديت جا بنيادي اُصول" (Dialectical) جو ترجمو پڻ مليو آهي. جڏهن ته ڪتاب جي ٻئي حصي جو ترجمو جيڪو "تاريخي ماديت" جي بنيادي اُصولن بابت هجڻ گهرجي، اڃا تائين منهنجن هٿن تائين نه پُڳو آهي. "جدلياتي ماديت جا بنيادي اُصول" تي مشتمل ڪتاب جو اڌ حصو ڇهن بابن (Chapters) تي پکڙيل آهي ۽ "تاريخي ماديت جا بنيادي اُصول" پنجن بابن تي.

"جدلي ماديت جا بنيادي اُصول" جي ترجمي ۾ ڀاءُ محبت ويٽنامي شاعر توئي دين جون شعري سٽون مهاڳ طور ڏنل "پنهنجي پاران" ۾ ڄاڻايو آهن. منهنجي سوچ موجب ڀاءُ محبت جي مواد کي ڇپي پڌرو ڪرڻ جو اهو طريقو به بهترين رهندو، ڇاڪاڻ ته علمي ۽ تحقيقي دنيا ۾ ڪوجنائون ۽ ڪم ڪندڙ هڪ شاگرد کي، سندس وفات کان پوءِ، ان ريت به محنتن جي موٽ ڏئي سگهجي ٿي ۽ سندس ڪم کي ڪاراتئو بڻائي سگهجي ٿو.

- رياضت ٻرڙو

**قلم تازو:** هن ڪتاب کي ماهوار "ڪينجهر" حيدرآباد ۾ (سيپٽمبر 1997ع کان اپريل 1998ع تائين) ڇپي، پريا 10 ورهيه گذري ويا آهن. مان "ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر" جي ڊائريڪٽر جنرل ۽ ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي ننڍي ڀاءُ هئڻ ناتي، اسان جي سڄاڻ ساٿي محترم جامي چانڊئي جو نهايت ٿورائتو آهيان، جنهن پنهنجي اداري سِي پِي سِي ايس (CPCS) پاران، ڊاڪٽر محبت جي 11هين ورسيءَ جي نسبت سان، هيءُ ڪتاب ڇپرائڻ جي منظوري ڏني ۽ هڪ وڏيڪ علمي ڪم ۾ هٿ ونڊايو.

ر. پ

26.02.2008

قنبر

## پنهنجي پاران

ياد رک!
تو وٽ تنهنجو عقل ۽ تنهنجو علم
تنهنجي وطن ۽ قوم جون امانتون آهن.
امتحان پاس ڪري،
وطن جي ويرين وٽ ڪرسي ماڻڻ،
تنهن ڪان وڏي
بي حيائي، ذلالت ۽ غداري ٻي ڪانهي.
پنهنجي علم کي
پنهنجي وطن جي ڦٽل نصيب سنوارڻ لاءِ وقف ڪر،
پنهنجي حياتيءَ جي پل پل سان
قوم جي تاريخ ۾ سونهن ۽ سينگار پيدا ڪر.



باب پهريون

# جدلي ماديت – مارڪسي فلسفو

### فلسفي جو مقصد:

جڏهن اسين قديم تاريخون پڙهون ٿا تڏهن اسان کي خبر پوي ٿي تہ جڏهن اجا ڪنهن ٻي قدرتي (فطرتي – Natural) سائنس جهڙوڪ فزڪس، ڪيميا، بائلاجي، جيالاجي وغيره جي چڱي چوکي ڄاڻ نہ پئي هئي تڏهن بہ فلسفي جو علم موجود هو. اها حقيقت پڌرو ٿي ڪري تہ فلسفي جي اهميت ٻين سائنسن جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ آهي ۽ فلسفو انسان جي اهم گهرجن مان هڪ آهي، پر اڄ اسين ڏسون ٿا تہ هن سماج ۾ ٻين علمن کي تہ پڌري حيثيت ڏني وئي آهي پر فلسفي جي حيثيت جي ڇتائي اڃا ڪانہ ٿي آهي. پوءِ بہ اسان جا سمورا عمل ۽ ڪڏهن ڪڏهن اندروني خيال ڪنهن نہ ڪنهن مخصوص فلسفي جي سوچ جي اثر هيٺ ٿين ٿا.

اسان مان هرهڪ ڪڏهن نہ ڪڏهن، ڪٿي نہ ڪٿي ڪن اهڙن سوالن جو جواب ڏئي ٿو ۽ اهڙا سوال اسان جا ٻار ٻچا، ننڍا توڙي وڏا، سنگتي ساٿي ۽ ڏٺل وائٺل پڇندا ئي رهندا آهن، مثال طور، هيءَ ڌرتي، هي سج، چنڊ، تارا، گٽيون ۽ گس، هيءَ سڄي ڪشادي ڪائنات، قدرت جيڪا اسان جي هر طرف پکڙيل آهي، اها وجود ۾ ڪيئن آئي ۽ ڪڏهن آئي؟ انسان ڇا آهي ۽ ڇو آهي؟ طبقا ڇو ٿيا ۽ ڪيئن ٿيا؟ هن يا هن ملڪ ۾ سياست ڪهڙي پئي هلي ۽ پارٽيون ڪهڙن اُصولن هيٺ ۽ ڪنهن لاءِ ڪم پيون ڪن؟ سماج ڪيئن ٿا وڌن، ويجهن ۽ تبديل ٿين؟ ظلم ڪيئن شروع ٿيو ۽ ڪيئن ختم ٿيندو؟ ڪوڙ ڇا آهي ۽ سچ ڇا آهي؟ علم ڇا آهي؟

خوشي ڇا آهي؟ سونهن ڇا آهي؟ وغيره وغيره. اسان مان هرهڪ ڪن نہ ڪن لفظن ۾ انهن جا جواب تہ ڏئي ٿو پر ڇا ڪڏهن ايئن بہ سوچيو اٿائين تہ ان جواب جو دارومدار ڇا تي آهي؟ ان جو دارومدار ان ڳالهہ تي آهي تہ اسين گڏيل طرح هن دنيا کي ڪيئن ٿا ڏسو ڪيئن ٿا پرکيون ۽ اسان جي چوڌاري جيڪو ڪجهہ ٿيو آهي ۽ ٿئي پيو ان کي حقيقي طرح ڪيئن ٿا سمجهون. يا اجا بہ ٻين لفظن ۾ اسين ڪهڙي فلسفي جي حقيقت ظاهر ٿا ڪريون. اهڙن سوالن جا جواب ڌار ڌار ماڻهو ايئن ئي ڏين ٿا جيئن هو دنيا کي ڏسن يا سمجهن ٿا.

دنيا کي ڏسڻ يا سمجهڻ جو نقطہ نظر چئجي ٿو ڪنهن ماڻهوءَ جي حياتيءَ جي باري ۾، سڄيءَ دنيا جي باري ۾ ۽ هن جي سڄيءَ ڪائنات ۾ ٿيندڙ مخصوص قسم جي لقائن ۽ واقعن جي باري ۾ گڏيل طور سمورا خيال ڪهڙا آهن.

عام طرح اسين جيترو ڪجهہ هن دنيا کي ڏسون ٿا، سمجهون ٿا ۽ ڄاڻون ٿا، ايترو ڪجهہ ڪافي آهي يا اجا بہ وڌيڪ ۽ صحيح نموني ڄاڻڻ جي ضرورت آهي؟ لينن لکيو آهي تہ: ”........ هڪ سوشلسٽ وٽ چڱيءَ طرح سوچيل ۽ دنيا ڏسڻ (۽ پرکڻ) جو نوس انداز (بيحد) ضروري آهي تہ جيئن هو ٿيندڙ واقعن کي پنهنجي تابع رکي سگهي، نہ کي واقعا هن کي پنهنجي تابع رکن.“ (لينن، گڏيل لکڻيون، جلد 8، ص: 316)

جيڪڏهن ڪوبہ چاهي ٿو تہ هو دنيا جي مٿاڇري پرک ڪندڙ کان ڪجهہ وڌيڪ ٿي رهي، ۽ دنيا کي تبديل ڪرڻ جي وڏي ويڙهہ ۾ عملي طرح جنگ جوان ٿي هلي تہ ان جي لاءِ اهو بيحد ضروري آهي تہ هو پنهنجي دنيا جو مخصوص ڏيک ڏيندڙ هجي، يا ٻين لفظن ۾ هن کي پنهنجي حياتيءَ ۾ مضبوط بنيادن تي بيهڻ گهرجي، ۽ هن وٽ اڳتي وڌيڪ ترقي پسند صورت ۾ دنيا کي سائنسي انداز ۾ ڏسڻ جو ڍنگ هئڻ گهرجي- ۽ ان تي نوس ۽ اٽُٽ ڀروسو هئڻ گهرجي، ۽ اهو مارڪسي فلسفو آهي، جيڪو هرهڪ کي دنيا ڏسڻ جي اهڙي اٽُٽ ڀروسي واري هٿيار سان هٿياربند ڪري ٿو.

ڇا اسان کي دنيا جي باري ۾ رڳو اهڙن تصورن جي ضرورت آهي جنهن سان اسان پنهنجي مٿاڇري ڄاڻ وسيلي واقعن کي ڏسندڙ ٿي رهون؟ نہ. اسان کي پنهنجي مٿاڇري ڄاڻ وسيلي واقعن کي رڳو ڏسندڙ ٿي رهڻ نہ گهرجي، پر اهڙيءَ طرح رهڻ گهرجي جيئن اسين واقعن تي عملي طرح اثر انداز ٿي سگهون، ڇو تہ هڪ نئين، سٺي، ڦرلٽ ۽ ظلم کان پاڪ دنيا اڏڻ وارن لاءِ دنيا جي واهپي ۽ ان کي تبديل ڪرڻ



جي ڄاڻ جي سخت ضرورت آهي. پر ڇا رڳو ڄاڻ ڪافي آهي؟ نہ، رڳو ڄاڻ ڪافي نہ آهي. ڪيميا جو علم نون مادن ٺاهڻ جي بہ ڄاڻ ڏئي ٿو پر ان جو استعمال ماڻهن جي خدمت ڪرڻ واري طريقي کان ڌار قسم جو بہ آهي. آمريڪي سامراجين ڏکڻ ويٽنام ۾ فصلن کي تباهہ ڪرڻ لاءِ ڪيميائي ڄاڻ وسيلي زهريلا مادا ٺاهي استعمال ڪيا، پر هر هڪ يقين سان چئي سگهي ٿو تہ انسان دوست جمهوريت پسند ايئن ڪونہ ڪندا. ان مثال مان سامراجيت جي ظالم ذهنيت ظاهر ٿئي ٿي. جنهن مان مڪاني رهاڪن کي قتل ڪرڻ کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ رحم ڀري سوچ جو اظهار ڪونہ ٿو ٿئي. سائنس اسان کي ڄاڻ ڏئي ٿي پر دنيا ڏسڻ جو مارڪسي نقطہ نظر عام پورهيت ماڻهن ۽ مظلومن جي ڀلائيءَ لاءِ پنهنجي ڄاڻ استعمال ڪرڻ جو ڏس ڏئي ٿو. رڳو مارڪسي نظريو ئي آهي جيڪو اسان ۾ اهو ڀروسو پيدا ڪري ٿو تہ اسين دنيا متعلق نقطہ نظر کي صحيح نموني ڪيئن سڌاريون. ان ڪانپوءِ ئي اسين ڪنهن جي حياتي سڌارڻ جو شاندار ڪردار ادا ڪري سگهنداسون.

مثال طور هتي هڪ اٽُٽ ڀروسي جي ڳالهہ ڪجي ٿي. اُتر ويٽنام ۾ جمهوريت پسند عوام دوست حڪومت قائم ٿيڻ کان پوءِ بہ فرانسيسي سامراجي ان حڪومت کي ڊاهڻ ۽ ان خلاف سازشون ڪرڻ کان نہ مُڙيا. 20 ڊسمبر 1946ع تي هنن هنوئي تي قبضو ڪرڻ ڪانپوءِ ڀرپور حملو ڪيو. سخت گهيرو وڏيءَ مشڪل سان ٽوڙڻ ڪانپوءِ ويٽنامي انقلابي اڳواڻ ويٽ باڪ ۾ وڃي گڏ ٿيا ۽ اُتي آزاديءَ جي عاشق، همت، جذبي، بهادريءَ ۽ سورهيائيءَ جي سرواڻ، ويٽنام جي عظيم سورمي ڪامريڊ هوچي منهہ چيو ”امن جي محبت جي جذبي سان سرشار ٿي اسان ڊاڍيون رعايتون ڏنيون آهن پر اسين جيتريون وڌيڪ رعايتون ٿا ڏيون، فرانسيسي سامراجي اوترو ئي اسان جي حقن مارڻ لاءِ وڌيڪ سازشون ڪري ان مان فائدو وٺن ٿا. هنن پڪو پهہ ڪري ڇڏيو آهي تہ هو اسان جي ملڪ کي وري فتح ڪن. نہ، نہ، اسين هر شيءِ قربان ڪري ڇڏينداسون پر پنهنجو ملڪ سندن حوالي نہ ڪنداسون ۽ سندن غلامي قبول نہ ڪنداسون. جنهن وٽ جيڪو هٿيار هجي، هو اهو کڻي نڪري پئي، پوءِ ڀل اهو هٿيار لٺ يا ڪهاڙي ڇو نہ هجي..... اسان مان هر هڪ وڙهندو ۽ اسين ملڪ ۽ آزاديءَ جي بچاءُ لاءِ پنهنجي رت جو آخري ڦُڙو بہ وهائي ڇڏينداسون...... هر حالت ۾ سوڀ اسان جي ٿيندي.“

ها، ڀروسو هڪ عظيم روحاني قوت آهي. ڀروسو ئي آهي جيڪو حقيقي طرح انساني روح کي اڏي مضبوط بڻائي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو ڀروسو دل ۽ دماغ جي

اونهين تندن تائين وڃي ٿو پهچي. لينن انهن تي سخت تنقيد ڪندو هو جن جا ”پروسا سندن زبانن جي چوٽين کان وڌيڪ گهرا ڪونہ آهن.“ (لينن، گڏيل لکڻيون، جلد 13، ص_72)

دنيا جي باري ۾ نقطئہ نظر جي اهميت ڪهڙي آهي؟ دنيا متعلق نقطئہ نظر جي اهميت اها آهي تہ ان جي ڪري اسان کي اٽُٽُ ۽ ٺوس پروسا ملن ٿا ۽ اهي پروسا دنيا کي تبديل ڪرڻ ۽ پورهيت عوام کي غربت ۽ ڦرلٽ مان ڇوٽڪاري ڏيارڻ واريءَ جدوجهد ۾ ڏاڍا ضروري آهن.

هاڻي اسان لاءِ اهو ڏکيو نہ رهيو آهي تہ فلسفي جو مقصد ڇا آهي؟ فلسفي جو مقصد اهو آهي تہ دنيا کي صحيح نموني ڏسڻ، پرکڻ ۽ سمجهڻ لاءِ بُڻ بُنياد مهيا ڪري.

فلسفو يوناني لفظ فلاسافيءَ جي معنيٰ ظاهر ڪري ٿو. وري فلاسافي قديم يوناني ٻوليءَ جي ٻن لفظن جي ميلاپ سان ٺهيل آهي. فيليو جنهن جي معنيٰ آهي پيار ۽ سوفيا جي معنيٰ آهي ڄاڻ ۽ ڏاهپ. ٻين لفظن ۾ فلسفي جي معنيٰ آهي ڏاهپ سان پيار يعني ڄاڻ. جڏهن اسين چئون ٿا تہ فلسفي جي معنيٰ آهي ڄاڻ تہ هڪدم ذهن ۾ سوال اُڀري ٿو تہ ڇا سائنس اسان کي ڄاڻ سان مالا مال نہ ٿي ڪري؟ ها، سائنس اسان کي ڄاڻ سان مالا مال برابر ڪري ٿي، پر ڇا هر سائنس فلسفو آهي؟ ڇا فلسفي جي مهيا ڪيل ڄاڻ ۽ سائنس جي مهيا ڪيل ڄاڻ ۾ ڪو فرق آهي؟

جواب آهي تہ ها. فلسفي جي مهيا ڪيل ڄاڻ سائنس جي مهيا ڪيل ڄاڻ کان ڌار قسم جي آهي. هر سائنس جيڪا ڄاڻ مهيا ڪري ٿي، اها حقيقت جي رڳو ڪنهن حصي جي ڄاڻ آهي. مثال طور: ايسترانامي آسماني جسمن جي باري ۾، ٻائلاجي حياتيءَ وارن وجودن، وڻن، جانورن ۽ انسانن جي باري ۾، ۽ تاريخ انساني سماجن جي باري ۾ ڄاڻ مهيا ڪري ٿي. ڪابہ سائنس ان لائق نہ آهي جو اها اسان کي سڄيءَ قدرت ۽ دنيا جي باري ۾ گڏيل ڄاڻ ڏئي سگهي، خاص طرح اهڙي وقت جڏهن سڄي قدرت ۽ دنيا سڄي جو سڄي ڪنئي وڃي. پر اوهين شايد اهو پڇو تہ ڇا سمورين سائنسن کي گڏ ڪٽي سڄي جو سڄي دنيا جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪري نہ ٿي سگهجي؟ ان سوال جي جواب ۾ هڪ ٻيو سوال ڪري سگهجي ٿو تہ ڇا سڄي جو سڄي دنيا جي گڏيل ڄاڻ اها ساڳي شيءِ آهي جيڪا ڌار ڌار سائنسن جي ڄاڻ کي مشيني انداز ۾ جمع ڪرڻ سان ملي ٿي؟ ڌار ڌار سائنسن کي مشيني انداز ۾ جمع ڪرڻ سان جيڪا ڄاڻ ملي ٿي، سا فلسفي جي سڄي جو سڄي باري ۾ مهيا ڪيل



ڄاڻ کان ڌار قسم جي آهي. فلسفو هر هڪ سائنس جي مهيا ڪيل ڄاڻ بہ ڪٺي ٿو پر انهن عام سوالن تي بہ بحث ڪري ٿو جيڪي ڪنهن بہ سائنس کي اڪيلي سر ڪڍڻ يا سمورين سائنسن کي گڏي ڪڍڻ سان حل ڪري نہ ٿا سگهجن. ڪجهہ جديد بورزوا فلاسافر اها دعوي ٿا ڪن تہ سائنسن جي ترقيءَ ڪري فلسفو سُسي ويو آهي پر حقيقت ۾ سائنسون فلسفي کي سُسائڻ ڪونہ ٿيون، ويتر ان کي طاقتور ۽ صحيح ثابت ڪرڻ ۾ مدد ٿيون ڏين.

فزڪس، مڪينڪس، ٻائلاجي ۽ ٻيون سڀئي سائنسون ڪن مخصوص قانونن جو اڀياس ڪن ٿيون. يا ٻين لفظن ۾ ايئن چئجي تہ اهي ڪنهن مخصوص شعبي جي قدرتي لقائن جي قانونن جي ڄاڻ ڏين ٿيون. پر فلسفو سڀ کان وڌيڪ عام قانونن جو اڀياس ڪري ٿو يعني انهن قانونن جو جيڪي سمورن قدرتي لقائن وينڌي انساني سماج ۽ انساني خيالن جي بڻ بڻياد ۾ موجود قانون آهي. ان جو اڀياس ڪري ٿو. اهو ئي سبب آهي جو فلسفو اسان جي چوڌاري دنيا کي سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿو. حقيقت ۾ فلسفو ئي آهي جيڪو دنيا کي صحيح نموني ڏسڻ، پرکڻ ۽ سمجهڻ جو بڻ بڻياد مهيا ڪري ٿو.

اڄ آڳڙيا آئيا، سوڏا سراٽي،
پيارِي پاٽي، تيغون ڪندا تڪيون.

## فلسفي جو جانبدار ڪردار:

جيڪڏهن فلسفي جو ڪم اهو آهي تہ پوءِ ڇو مختلف ماڻهن وٽ دنيا جي باري ۾ خيال ڌار ڌار قسم جا آهن؟ اچو تہ ڪي سوال ڪڍون- حياتيءَ جو مقصد ڇا آهي؟ خوشي ڇا آهي؟ اهو صاف پڌرو آهي تہ انسان دوست انقلابي ماڻهن وٽ ۽ سامراجين وٽ حياتيءَ ۽ خوشيءَ جو مطلب ڌار ڌار آهي. سامراجي ملڪن ۾ جتي هر هڪ شيءِ پئسي تي ورتي ۽ وڪي وڃي ٿي، اُتي خوشيءَ جو مطلب آهي دولت، تنهن ڪري ڪيترائي پنهنجي حياتيءَ جو مقصد دولت حاصل ڪرڻ ۾ ڏسن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو سامراجين جي فلسفي جو مقصد سندن ان پتڪڙي خوشيءَ تائين گهُٽيل ۽ سوڙهو آهي. انقلابي ماڻهو وري ان ڄاڻائي فلسفي کي رد ڪري، محسوس ڪري ٿو تہ سندس خوشيءَ جو معراج انسانن جي گڏيل مقصدن، سمورن ملڪن، قومن ۽ عوام جي آزاديءَ منجهہ سمايل آهي تہ جيئن هو پنهنجي پورهيي سان هڪ نئين، سٺي، سهڻي ۽ ڦرلٽ کان آزاد ترقي پسند سماج جي اڏاوت ڪري سگهن. مارڪس پنهنجي جوانيءَ جي زماني جي لکڻين ۾ هڪ هنڌ لکيو هو، ”تجربي مان خبر پوي

ٿي تہ سڀ کان وڌيڪ خوش اهي ماڻهو آهن، جيڪي گهڻن ماڻهن کي خوش رکن ٿا.“ مطلب تہ جڏهن ماڻهو رڳو خوشيءَ جي سوال تي ئي سوچي ٿو تڏهن هو ٻن تصورن، دنيا متعلق ٻن نقطئہ نظرن يا فلسفي جي ٻن سوچن کي ڏسي ٿو، جن مان هڪ سامراجين، بورزوازين، سرمائيدارن، جاگيردارن، ڦورن، ظالمن ۽ انهن جي ڇاڙتن جو آهي ۽ ٻيو وطن دوستن، پورهيتن، مزدورن، هارين، ڦُريلن، مظلومن ۽ انقلابين جو آهي. اهو ٻن سنئون سڌو مخالف ۽ هڪ ٻئي سان ٽڪر کائيندڙ فلسفن جي وچ ۾ جهيڙي جو هڪ مثال آهي.

**چڱـــا کـــن چڱـــائيون، مَنـــايون مَـــٺن،**
**جـــو وڙ جـــڙي جـــن ســـين، ســـو وڙ ســـيئي کـــن.**

جتي بہ سماج هڪ ٻئي جي دشمن طبقن ۾ ورهايل آهي اُتي اهو ممڪن ڪونهي تہ سيني ماڻهن وٽ دنيا کي ڏسڻ، پرکڻ ۽ سمجهڻ جو نقطئہ نظر ساڳيو هجي. هڪ طبقي وٽ هڪ فلسفو آهي تہ ٻئي طبقي وٽ ٻيو. اهو سمجهڻ ڏکيو ڪونهي تہ هڪڙي طبقاتي سماج ۾ جيڪا پورهيتن جي حيثيت آهي اها بورزوازين، جاگيردارن ۽ ڦورن کان ڌار قسم جي آهي. هر طبقو دنيا ۾ ٿيندڙ واقعن کي ڌار ڌار نموني سمجهي ٿو ۽ ان کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. يا ٻين لفظن ۾ ظالم ۽ مظلوم، ڦورو ۽ ڦُريل، بورزوا ۽ پورهيت، جاگيردار ۽ هاري، آقا ۽ غلام يا هر طبقي وٽ دنيا ڏسڻ، پرکڻ ۽ سمجهڻ جو نقطئہ نظر ۽ فلسفو ڌار قسم جو آهي. دنيا ۾ ڪوبہ فلسفو ڪونهي جيڪو غير جانبدار هجي، ڪو بہ اهڙو فلسفو ڪونهي جيڪو سماج جي ڪنهن نہ ڪنهن طبقي جي خدمت نہ ڪندو هجي. ان مان اسين هڪ ڏاڍو اهم نتيجو ڪڍي سگهون ٿا تہ فلسفو هميشہ جانبدار ڪردار جو مالڪ ٿئي ٿو يا ٻين لفظن ۾ ايئن چئجي تہ هر فلسفو ڪنهن نہ ڪنهن طبقي جي مفادن جو بچاءُ ڪري ٿو. سماج جي طبقن جي ڇڪتاڻ ۽ جدوجهد جي وچ ۾ فلسفو ڪڏهن بہ غير جانبدار نہ ٿو رهي سگهي ۽ ايئن ئي سڄيءَ دنيا منجهہ ٿئي ٿو. اهو ئي جهيڙو اڳوڻن سمورن فلسفن جي وچ ۾ بہ ٿيندو آيو آهي ۽ هن وقت بہ موجود آهي. اجا بہ ٻين لفظن ۾ ايئن چئجي تہ شروع کان وٺي فلسفي جي دنيا ۾ بہ لاڙا رهيا آهن، جن مان هڪ کي ماديت ۽ ٻئي کي خيال پرستي سڏجي ٿو.

**پـــاڙيءَ ســـين پيـــڪ ڪيـــو، تـــيلاه وڄـــارن،**
**لالـــون ســـي لهـــن، جنـــين ســـودو ســـچ ســـين.**



## ماديت ۽ خيال پرستي:

ماديت ڇا آهي ۽ خيال پرستي ڇا کي سڏيو وڃي ٿو؟ ان موضوع تي ڳالهائڻ کان اڳ اهو ضروري ٿو محسوس ٿئي تہ اول ان ڳالهہ جي وضاحت ڪئي وڃي تہ هي لفظ هميشہ ۽ هر حالت ۾ پنهنجي صحيح معنيٰ ۽ مفهوم ۾ ڪتب ڪونہ آندا ويا آهن. مثال طور ڪيترائي ماڻهو آهن جيڪي اهو ٿا سمجهن تہ خيال پرستي خيال، تصور يا مقصد لفظن مان ورتل آهي، تنهن ڪري خيال پرست معنيٰ اهو ماڻهو جيڪو بي غرضيءَ سان ڪنهن تصور يا مقصد جي پوئواريءَ لاءِ خدمت ڪندو هجي. ٻئي پاسي سڄيءَ دنيا ۾ وڏي پئماني تي اهو پڻ اُڇاليو ويو آهي تہ ماديت پسند معنيٰ اهو ماڻهو جيڪو پنهنجي ذاتي، نجي ۽ خسيس فائدن جو پوڄاري هجي ۽ ان ڪري هو چون ٿا تہ ماديت معنيٰ ذاتي مادي مفادن جي خدمت چاڪري. پر اهي ٻئي تشريحون ماديت ۽ خيال پرستيءَ جي صحيح ۽ سائنسي مفهوم جي باري ۾ ٺيڪ ڪونہ آهن.

اها تشريح تہ ماديت معنيٰ ڪنهن کي مطمئن ڪندڙ مادي مفادن جي باري ۾ سڀ کان وڌيڪ ڌيان ڏيڻ، ماديت جي صحيح ۽ سچي معنيٰ ڏانهن ڪميونسٽ- دشمن رهيو آهي. هڪ صدي اڳ پنهنجي هڪ ڪتاب ”لدوگ فيوئر باخ ۽ جرمنيءَ جي روايتي فلسفي جي پڄاڻي“ ۾ اينجلس انهن بورزوازين تي سخت چوٽ ڇنڊيا جيڪي ماديت مان مراد وٺن ٿا کاڌي جي هٻڇ، دولت جي لالچ، خود غرضي، شراب خوري، جسم سان کيڏڻ، ان جو مزو وٺڻ يا ڪي اهڙيون سڌون ڪرڻ، ناڻي ۽ زخيري جي مٿا سٽا جي کيڏ ڪرڻ، نفعي خوري، بدمعاشي، ٺڳي، چوري ۽ زخيري اندوزي وغيره يا ٻين لفظن ۾ اهي سموريون گنديون حرڪتون جيڪي سندس نجي خوشين جي پورائي ڪن. ٻئي طرف خيال پرستيءَ جي اها معنيٰ مشهور ڪن ٿا تہ اخلاقي سٺائي ۽ ”بهتر دنيا“ ۾ ايمان. اهي دعوائون ڪندي هو ٻين اڳيان تہ رڙيون ڪندا ٿا وتن، پر پاڻ ”اخلاقي سٺائي، جي پردي ۾ اهو سڀ ڪجهہ پيا ڪن جن جو هو ماديت پسندن تي الزام ٿا هڻن ۽ پنهنجي ئي خيال پرستيءَ ۾ تڏهن ٿا ”ايمان“ آڻن جڏهن سندن ذاتي مفاد تنگجي پون يا جڏهن سندن ڏيوالو نڪري وڃي- يعني جڏهن سندن مادي مفادن کي ڌوڏو اچي وڃي.

هر ڪليل ذهن جو مالڪ اهو چٽي نموني ڏسي سگهي ٿو تہ هر انقلابي ماڻهو ۽ سوشلسٽ ملڪن جا عوام نہ رڳو انساني خوشحاليءَ لاءِ لازمي مادي شين ٺاهڻ تي زور ڏين ٿا، پر ان سان گڏوگڏ هو اعليٰ روحاني ۽ نظرياتي قوت سان پڻ جهنجهيل آهن، جنهن جي ڪري ئي هو سڄي انسان ذات جي خوشيءَ، آزاديءَ ۽ ترقيءَ لاءِ سڄيءَ دنيا جي ظالم، ڦورو ۽ بدمعاش قوتن سان سخت جهيڙو ڪن ٿا.

هاڻي اچو تہماديت ۽ خيال پرستيءَ جو حقيقي مفهوم جاچيون. سڄيءَ دنيا ۾ جيڪي بہ لقاءَ ۽ عمل ٿين پيا اهي ٻن قسمن جا آهن، يعني يا تہ اهي مادي آهن يا روحاني- پٿر، ڪاٺ، وڻ، انسان، سج، چنڊ، تارا، روشني، بجلي وغيره مادي شيون ۽ لقاءَ آهن ۽ ٻئي طرف وري خيال، خواهشون، جذبا ۽ احساس روحاني لقاءَ آهن.

ڇا اهي ٻنهي قسمن جا لقاءَ هڪٻئي سان لاڳاپيل آهن؟ جيڪڏهن لاڳاپيل آهن تہ ڪهڙو پهريائين يا اول آهي ۽ ڪهڙو پوءِ يا ثانوي آهي؟ ڇا مادو، قدرت، هستي اول آهي يا روح، ذهن، شعور؟ يا ڪڏهن ڪڏهن اهو سوال هن نموني رکيو ويندو آهي تہ ڇا اهو روح، ذهن، شعور آهي جيڪو هستي، مادي ۽ سڄي قدرتي ڪائنات کي خلقي ٿو يا اهو مادو، قدرت، هستي آهي جيڪا روح، ذهن، شعور کي خلقي ٿي؟ ان قسم جي سوال کي ئي فلسفي جو بنيادي مسئلو سمجهيو وڃي ٿو ۽ اڄ ڏينهن تائين شايد اهو ئي سوال آهي، جنهن تي سڀ کان وڌيڪ ڏي وٺ، بحث مباحثا ۽ ڇڪتاڻ آهي.

فلسفي جي هن بنيادي مسئلي جي باري ۾ مختلف فلاسافر ڌار ڌار قسم جا جواب ڏين ٿا. مثال طور هڪڙا فلاسافر چون ٿا تہ مادو، قدرت، دنيا، هستي اول آهي ۽ روح، ذهن، شعور انهيءَ جي ڪري ئي وڌيو ويجهيو آهي. ايئن بيان ڪندڙ فلاسافرن کي ماديت پسند سڏي وڃي ٿو ۽ انهن کي ماديت پسند ان ڪري ئي سڏيو وڃي ٿو جو هو پنهنجي فلسفي، علم ۽ تحقيق جي شروعات ان حقيقت کان ڪن ٿا تہ اهو مادو ئي آهي جيڪو هر هڪ وجود رکندڙ شيءِ جو بڻ بنياد مهيا ڪري ٿو. ٻيا فلاسافر وري چون ٿا تہ روح، ذهن، شعور اول آهي ۽ مادو ۽ سڄي قدرتي ڪائنات ان جي تخليق آهن. انهن جي چوڻ موجب ذهن، روح، شعور (يا ڪڏهن جيئن هو چون ٿا تہ عظيم روح، عظيم قوت، مافوق الفطرت هستي، سُپر پاور وغيره) مادي جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ بہ موجود هو ۽ هن سڄيءَ مادي ڪائنات کي تخليق ڪرڻ انهيءَ جو ئي ڪرشمو آهي. اهڙن فلاسافرن کي ”خيال پرست“ سڏيو وڃي ٿو يعني هو پنهنجي فلسفي، علم ۽ تحقيق جي شروعات ان حقيقت کان ڪن ٿا تہ اهو روح ئي آهي جيڪو هرهڪ وجود رکندڙ شيءِ جو بڻ بنياد مهيا ڪري ٿو. سمورا فلاسافر آخري ڇنڊ ڇاڻ موجب انهن ٻن ڌڙن ۾ ورهايل آهن، يعني ڪوبہ فلاسافر يا ڪوبہ ڪنهن بہ فلسفي جو پوئلڳ يا تہ ماديت پسند هوندو يا وري هو خيال پرست هوندو، ٻيو ڪوبہ ٽيون غير جانبدار فلسفو ڪونهي- ۽ اهي ٻئي ڌڙا سڄي فلسفي جي تاريخ دوران هڪ ٻئي سان ويڙهہ ڪندا آيا آهن.



خيال پرستن جو ڌڙو وري اڃا وڌيڪ ٻن حصن ۾ ورهايل آهي، هڪڙا آهن معروضي خيال پرست ۽ ٻيا آهن موضوعي خيال پرست. انهن ٻنهي جي وچ ۾ تفاوت ڪرڻ گهرجي. معروضي خيال پرستيءَ جو فلسفو قديم يوناني فلاسافر افلاطون (427_347 ق_م) جو پيدا ڪيل آهي. هن فلسفي جو چوڻ آهي تہ جسم، وجود، هستيون اهي عام شيون آهن، جيڪي ماڻهوءَ کان آزاد يعني ماڻهوءَ جي سوچ، سمجهہ يا شعور کان آزاد وجود رکن ٿيون، پر انهن مادي شين (جسمن، وجودن ۽ هستين) جي تخليق ڪندڙ بہ ڪي اهڙا روح يا خيال آهن جيڪي پڻ معروضي طرح آزاد وجود رکن ٿا. (اهي معروضي طرح آزاد روح يا خيال ڪٿي وجود رکن ٿا! ان جي خبر ان فلسفي جي تخليق ڪندڙن کي بہ ڪونهي) افلاطون جي هن فلسفي کي ڪيترن ئي فلاسافرن پيش ڪيو آهي پر انهن مان سڀني کان وڌيڪ مشهور جرمنيءَ جو رهاڪو هيگل آهي. جڏهن تہ ماديت پسندي يقين رکي ٿي تہ هن مادي ڪائنات کي ڪن بہ اهڙن آزاد وجود رکندڙ روحن يا خيالن ڪونہ خلقيو آهي، پر هيءَ دنيا حقيقي وجود رکي ٿي ۽ هن ڪائنات ۾ سموريون موجود مادي شيون سوچ سمجهہ کان آزاد وجود رکندڙ (يعني معروضي) حقيقتن کي پيش ڪن ٿيون.

موضوعي خيال پرست وري حقيقتن کي ٻئي نموني پيش ڪن ٿا. هن فلسفي کي پيش ڪندڙ انگريز فلاسافر جارج برڪلي (1684_1753ع) هو. هن فلسفي جو چوڻ آهي تہ هن سڄيءَ ڪائنات يا دنيا ۾ جيڪو ڪجهہ آهي يا ٿئي پيو اهو ايترو ڪجهہ آهي جيترو ذهن، شعور ۾ موجود آهي. جن حقيقتن تائين اسان جي سوچ، سمجهہ يا شعور پهچي نہ ٿو سگهي انهن جو وجود ئي ڪونهي. اهو رڳو اڪيلو انساني ذهن، خيال ئي آهي جيڪو حقيقي وجود رکي ٿو. هن فلسفي جي اها دعويٰ آهي تہ ماڻهو رڳو ان ڪري شين جو احساس رکي ٿو يا انهن کي محسوس ڪري ٿو جو انهن کي ڏسي ٿو، ٻُڌي ٿو، چکي ٿو، سُنگهي ٿو يا ڇُهي ٿو. ٻين لفظن ۾ هيءَ ڪائنات رڳو ايترڙي آهي جيتري پنهنجن حواسن وسيلي محسوس ڪريون ٿا يا جيتري اسان جي ذهن، خيال ۾ موجود آهي. انساني ذهن کان ٻاهر ۽ آزاد ڪابہ شيءِ وجود ڪونہ ٿي رکي.

هر قسم جي خيال پرستي، پوءِ اها موضوعي هجي يا معروضي، ٻنهي کي سائنس رد ڪري ڇڏيو آهي.

ماديت پسند ۽ خيال پرست فلسفي جي بنيادي سوالن تي موتمار ڇتا پيٽيءَ ۾ رهندا آيا آهن. اچو تہ انهن جي سائنس ڏانهن رويي جو مثال وٺون. ماديت پسندي

دنيا کي ايئن ئي سمجهي ٿي جيئن اها آهي. تنهن ڪري ماديت پسنديءَ جو سڄو بنياد سائنس تي بيٺل آهي. جيڪڏهن سائنسي ترقي ۽ تحقيقون نہ هجن ها تہ جيڪر مارڪسي فلسفو يا ماديت اڃا شايد وجود ۾ ئي نہ اچي ها. هڪ روسي فلاسافر هرزن انهيءَ جو مثال هن طرح ڏنو آهي تہ فلسفو هڪ طاقتور وڻ جو ٿڙ آهي، جنهن جا ڪيترائي ڏار ۽ ڏاريون سائنس آهن. جهڙيءَ طرح ٿڙ يا ڏارن ۽ ٽارين کان سواءِ ڪوبہ وڻ ٿي نہ ٿو سگهي، اهڙيءَ طرح فلسفي ۽ سائنس جو بہ هڪٻئي کان ڌار تصور ئي نہ ٿو ڪري سگهجي. هرزن لکيو "ڏارن ۽ ٽارين کي ڪٽي ڇڏيو تہ باقي وڃي هڪ مردو ٻُنڊ بچندو ۽ ٿڙ کي ڪٽي ڇڏيو تہ ڏار ۽ ڏاريون پنهنجو پاڻ سُڪي وينديون." جيئن جيئن قدرتي سائنسون وڌيڪ ترقي ڪنديون پيون وڃن تيئن ئي اهي فلسفي جي وڌيڪ ويجهو پيون ٿينديون وڃن. قدرتي سائنسن جي زبردست ترقي ۽ انهن ۾ ظاهر ٿيندڙ ڳوڙهيون انقلابي تبديليون فلسفي ۽ سائنس جي گهري اتحاد جي گهر ٿيون ڪن. سائنس ۽ ماديت پسندي پاڻ ۾ اتحادي آهن. ٻئي طرف خيال پرستي دنيا کي غلط نموني پيش ڪري ٿي. تنهن ڪري سائنس نہ رڳو خيال پرستيءَ کي ڪوبہ سهارو ڪونہ ٿي ڏئي سگهي، پر رهندو ان جي نالائقي ظاهر ڪري ٿي. اڃا بہ وڌيڪ اهو تہ خيال پرستي سائنس کي ڇٻاڙي ڇيٿاڙي ان جي اهم کوجنائن کي غلط نموني پيش ڪري ٿي. مثال طور خيال پرستي ارتقا جي نظريي جي مخالفت ڪري ٿي، ان ڪري جو ارتقا جو نظريو خيال پرستيءَ جي ڪيترن ئي بنيادي نظرين کي اُبتڙي ڦتو ڪري ٿو. ان ڪري خيال پرستي ۽ سائنس ڪنهن سچي اتحاد ۾ شامل ٿي نہ ٿيون سگهن. ۽ اهو ئي سبب آهي جو خيال پرستي، سائنس جي دشمن ۽ ويري آهي.

اڄو تہ هڪ انساني سماج ۾ مسئلن ڏانهن فلاسافرن جو رويو ڪٿون. اهو چڱيءَ طرح پڌرو آهي تہ استحصالي سماج ۾ طبقا ٿين ٿا، ظالم ۽ مظلوم قومون ٿين ٿيون، عوام مٿان فوجي ڊڪٽيٽري ٿئي ٿي. اهڙي ماحول ۾ جڏهن خيال پرستن جي رويي يا ڪتابن کي ڏسبو تہ پهرين نظر ۾ اهي هن دنيا جي گندگين ۽ پارٽين، طبقن ۽ قومن جي جدوجهدن کان پاسيرا ۽ ڏورانهان پيا ڀانئبا. پر ڇا اهو سچ آهي تہ خيال پرست فلاسافرن جا ڪم ۽ تخليقون هن ظالم ۽ مظلوم جي جنگ ۾ ڪنهن جو بہ پاسو نہ ٿا وٺن؟ نہ، اهو سچ نہ آهي. هڪ طرف نہ رڳو سندن ڪم ظالمن ۽ ڦورن جي حمايت ڪن ٿا، پر سندن ڪتاب سماج جي رجعت پرست ۽ بدمعاش ٽولن جي مفادن جي باقائدي ترجماني ۽ بچاءُ ڪندي نظر ايندا ۽ ٻئي طرف وري هو پورهيت ماڻهن کي



روحاني طور غلام بڻائڻ واري خدمت ڪندي نظر ايندا. افلاطون غلاميءَ کي صحيح پئي سمجهيو. موجوده وقت بہ سرمائيدارن، جاگيردارن، چوڌرين، خانن ۽ سردارن جا ڪيترائي چاڙتا، خيال پرست فلاسافر، سرمائيداري، جاگيرداري سماج کي بچائڻ جو ڪم صحيح سمجهن ٿا ۽ ڪيترائي ڪميونسٽ۔ دشمني ۽ انقلاب دشمنيءَ ۾ وڏا وڏا ڀڳڙ ڀڏيو اڳيان اڳيان پيا هلن.

فلسفي جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ڪهڙو طريقو استعمال ڪيو وڃي؟ ان مسئلي تي بہ فلاسافر، اڃا وڌيڪ، ماديت پسندن ۽ خيال پرستن ۾ ورهايل آهن.

## جدليات ۽ ميٽا فزڪس:

جڏهن اسين ڪنهن شيءِ، عمل يا لقاءُ کي جاچيون ٿا، تڏهن ان کي جاچڻ لاءِ اسان کي ڪونہ ڪو طريقو استعمال ڪرڻو پوي ٿو. مثال طور، جڏهن زمين مان تيل يا گئس ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي تڏهن ڪوبہ ماهر ايئن نہ ڪندو تہ هتي يا هُتي ڏڪا هڻي، مختلف جاين تي کوٽايون ڪرائيندو وتندو. پر پهريائين هو اهڙي زمين متعلق معلومات حاصل ڪندو جهڙي زمين ۾ تيل يا گئس موجود هئڻ جا امڪان هوندا آهن. پوءِ وري هو اتي هڪدم سڄي جو سڄو ميدان کوٽائي صاف نہ ڪندو، پر ڪيترن ئي مخصوص اوزارن وسيلي زمين جي اندروني بناوٽ جو تجزيو ڪندو. جڏهن هن کي پڪ ٿي ويندي تہ هن هنڌ تي تيل يا گئس موجود آهي تڏهن هڪ رٿابنديءَ هيٺ تيل يا گئس صاف ڪرڻ ۽ گڏ ڪرڻ جا وسيلا ٺيڪ ڪري، پوءِ ئي هو وڃي ڪو عملي قدم کڻندو. يا جڏهن ڪو مريض ڊاڪٽر وٽ اچي ٿو، تڏهن ڊاڪٽر هڪدم کيس ايئن نہ چوندو تہ توکي فلاڻي يا فلاڻي بيماري آهي، پر پهريائين هو پنهنجي مخصوص ڊاڪٽري اوزارن وسيلي مريض جي مڪمل تپاس ڪندو، ليبارٽريءَ ۾ تحقيق ڪرائيندو ۽ ان کان پوءِ ئي هو چوندو تہ مريض کي فلاڻي بيماري آهي. ايئن ئي سمورين سائنسن جي تحقيقي ميدان ۾ ٿئي ٿو. هر هڪ سائنس پنهنجي مخصوص شعبي ۾ ڪم ڪندي هر لقاءَ کي سمجهڻ لاءِ ڪي نہ ڪي مخصوص ۽ نرالا طريقا استعمال ڪري ٿي. "طريقو" قديم يوناني ٻوليءَ جي لفظ "ميٿڊ" جو ترجمو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "ڪنهن بہ شيءِ ڏانهن واٽ"، يا ٻين لفظن ۾ طريقو ڪنهن بہ شيءِ يا لقاءُ کي سمجهڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ وسيلن جي نشاندهي ڪري ٿو. فلسفي جي دنيا ۾ طريقو انهن وسيلن جي نشاندهي ڪري ٿو جيڪي ڪائنات، دنيا، هستي يا شعور کي سمجهڻ ۽ ان کي بدلائڻ لاءِ استعمال ڪيا وڃن. سترهين صديءَ جي ماديت پسند انگريز فلاسافر بيڪن هڪ صحيح

نظريي کي اونداهيءَ ۾ واٽهڙوءَ لاءِ روشني ڏيندڙ بتيءَ سان تشبيهه ڏني ۽ هو اهڙن سائنسدانن کي جن پاڻ کي صحيح طريقي سان هٿياربند نه ڪيو هو، ايئن سمجهندو هو جيئن ڪنهن اونداهي رات ۾ سفر ڪرڻ جو پهه ڪيو هجي ۽ پاڻ سان روشني نه کنئي هجائين.

هر سائنس وٽ حقيقت جي اپياس جو طريقو پنهنجو پنهنجو آهي. ڪنهن خاص طريقي جي استعمال کان سواءِ ڪنهن به سائنس (جي) يا عملي مسئلي کي حل ڪرڻ ناممڪن آهي. مثال طور: جيڪڏهن اسين ڪنهن خاص مادي جي ڪيميائي بناوت ڄاڻڻ ٿاچاهيون ته اسان لاءِ اهو ضروري ٿي پوندو ته اسين ڪيميائي تجزئي جي طريقي کي پوريءَ طرح ڄاڻي وٺون ته ان مادي کي ضروري ڪيميائي عملن سان گڏ ڪيئن جاچيو وڃي. ڪهڙيءَ طرح ان کي ورهايو وڃي ۽ هن جي ڪيميائي جزن جي مقرري ڪيئن ڪئي وڃي وغيره. جيڪڏهن اسين ڪنهن ڏاتوءَ کي پگهارڻ چاهيون ٿا ته اسان لاءِ اهو ضروري هوندو ته اسين انهن طريقن کي ڄاڻون جيڪي ڌاتن کي پگهارڻ لاءِ ضروري آهن. اهڙيءَ طرح ئي عضون جي علم، حياتيءَ جي علم ۽ ٻين لقائن جي اپياس لاءِ ڪنهن خاص طريقي جي ضرورت هوندي آهي.

ماڻهو علم حاصل ڪرڻ يا پنهنجي عملي سرگرمين دوران پنهنجي سامهون ڪجهه مقصد رکندا آهن، پنهنجا ڪي خاص فرض مقرر ڪندا آهن، پر ڪنهن مقصد کي سامهون رکڻ يا ڪنهن فرض جي مقرري ڪرڻ ئي ڪافي نه آهي، پر ان لاءِ اها ڳالهه ڏاڍي اهم آهي ته ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ صحيح واٽ ڄاتي وڃي يا پنهنجا فرض پورا ڪرڻ لاءِ ڪارگر طريقا ڳوليا وڃن. جيڪڏهن ڪو چاهي ٿو ته ڊاڪٽر ٿئي ۽ مريضن جو علاج ڪري ته هو گهر ويٺي يا ڏکي ڏاڙي تي ڊاڪٽر ٿي علاج ڪرڻ نه لڳندو پر ان کي ڊاڪٽر ٿيڻ ۽ علاج ڪرڻ جو ڪو نه ڪو طريقو ڳولڻو پوندو. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن ڪو ڪيميادان، سائنسدان، سياستدان يا انجنيئر وغيره ٿيڻ چاهي ٿو ته ان کي به ڪو نه ڪو مخصوص طريقو استعمال ڪرڻو ئي پوندو. اهڙيءَ طرح فزڪس ۾ استعمال ٿيندڙ طريقا ڪيمسٽريءَ ۾ استعمال ٿيندڙ طريقن کان ۽ ڪيميسٽريءَ ۾ استعمال ٿيندڙ طريقا بائلاجيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ طريقن کان ڌار قسم جا آهن. ساڳئي ئي نموني سماج ۾ موجود قومي، طبقاتي ۽ جمهوري تضاد به رڳو نلهي خواهش رکڻ يا ڳالهه ڪرڻ سان حل ڪو نه ٿا ٿين، پر ان جي لاءِ به ڪنهن خاص واٽ يا طريقي جي ضرورت ٿئي ٿي.



جيئن اسين ڏسون ٿا ته تحقيق جا خاص طريقا ڏکي بازيءَ تي نه ٿا چونڊيا وڃن، پر اهي پرکي ويندڙ شيءِ جي فطرت تي دارومدار رکن ٿا ۽ ٻئي پاسي وري هر هڪ شيءِ پنهنجي مخصوص طريقي جي گهر ڪري ٿي.

پوءِ ڪنهن حقيقت، ڪنهن سچائيءَ جي فلسفيانه اپياس لاءِ ڪهڙو عام طريقو هئڻ گهرجي؟ اهو طريقو اهڙو هئڻ گهرجي جيڪو پرکي ويندڙ شيءِ سان ٺهڪندڙ هجي، يعني اسان جي چوڌاري سڄي جو سڄي دنيا سان ٺهڪندڙ هجي، اها ڳالهه پڌرو ٿي ڪري ته فلسفي جي دنيا ۾ ڪو اهڙو طريقو استعمال ٿي نه ٿو سگهي جنهن وسيلي قدرتي سائنسن جو اپياس ڪيو وڃي ٿو پر اهو طريقو اهڙو هئڻ گهرجي جنهن جو واسطو سڄي فلسفي سان هئڻ گهرجي، اهڙو طريقو جنهن وسيلي سڄي قدرت ڏانهن علم جي صحيح پهچ ٿي سگهي، اهڙو طريقو جيڪو قدرت سان ٺهڪندڙ هجي. جيڪڏهن قدرت هڪ دائمي چرپر، تبديلي ۽ واڌارو ڪندڙ صورت ۾ آهي ته پوءِ فلسفي جو طريقو به اهڙو ئي هئڻ گهرجي جيڪو قدرت جي واڌاري واري فطرت جو عام تصور ڏيندڙ هجي. ”مادي جدليات“، جنهن تي مارڪس ۽ اينجلس ڪم ڪيو، هڪ اهڙو ئي طريقو يا واٽ آهي. ان ۾ اهي سموريون خاصيتون ۽ صلاحيتون موجود آهن، جنهن موجب حقيقت جي صحيح پرک ۽ قدرت جي لقائن ڏانهن ڀرپور ۽ صحيح پهچ حاصل ڪري سگهجي.

وڪر سوو هاءِ، جو پئي پراڻو نه ٿئي،
ويچيندي ولات ۾، ذرو ٿئي نه ضاءِ،
سا ڪا هڙ هلاءِ، آڳهه جنهن جي ابهين.

جدلي طريقو يا واٽ دنيا جي لقائن کي ايئن سمجهي ٿي جيئن اهي لاڳيتي چرپر، واڌاري ۽ تبديليءَ واري عملن ۾ هجن، ٻئي طرف ميٽا فزڪس وارو طريقو دنيا کي ايئن ڏسي ٿو ڄڻڪ اها اڻ بدلجندڙ ڄميل، هڪ دفعو ۽ هميشه لاءِ ساڳي جامع صورت ۾ ڏنل هجي.

لفظ ”جدليات“ قديم يوناني ٻوليءَ جي لفظ ”ڊائليڪٽڪس“ جي معنيٰ کي ظاهر ڪري ٿو. قديم يونان ۾ بحث مباحثي دوران ظاهر ٿيل نُڪتن ۽ حقيقتن کي ڪٽي انهن جي چنڊ ڇاڻ ڪري ڪنهن به مسئلي جي فيصلي ٿيڻ جي حد تائين پهچڻ واري عمل کي اهو نالو ڏنو ويندو هو. ٻين لفظن ۾ سچ ڳولڻ جي فن کي جدليات چئجي ٿو. ٻئي طرف خود ”جدل“ لفظ عربيءَ مان ورتل آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي جنگ، جهيڙو، تضاد، مقابلو، ٽڪر، ويڙهه وغيره.

اينجلس چيو، ”جدلي فلسفي وٽ ڪابہ شيءِ جميل يا جامع ڪونهي.“ جدليات واڌ ويجهہ جي عمل جي سلسلي جي، پراڻي خلاف نئين جي جدوجهد جي ۽ نئين جي اٽل سوڀ جي وضاحت ڪري ٿي. جدليات گندي ۽ ردي سماج خلاف، ظالم طبقاتي سماج خلاف، رجعت پرست قوتن خلاف ترقي پسند سماجي قوتن جي جدوجهد جي مدد ڪري ٿي. اسان جي زماني ۾ هيءَ پورهيت طبقي، انقلابي پارٽين کي دنيا کان واقفيت ڪرائي ٿي ۽ ان جي جوڙجڪ ۾ بنيادي تبديلي آڻڻ جو هڪ وسيلو آهي.

ميٽا فزڪس وري جدلي ماديت جي مڪمل اُبتڙ تصور پيش ڪري ٿي. ميٽا فزڪس جي شروعات قدرتي سائنس ۾ ٿي هئي. سترهين ۽ ارڙهين صديءَ ۾ هيءَ فلسفي ۾ بہ پکڙجي وئي. ميٽا فزڪس دنيا جي واڌ ويجهہ ۽ پراڻي مان نئين جي ڦُٽڻ کان انڪاري آهي. مثال طور سويڊن جي مشهور سائنسدان (سجاڳڪ) چارلس لي نايوس (1707_1778ع) جو خيال هو تہ ٻوٽن جي قسمن جي تعداد ۾ انهن جي تخليق جي وقت کان وٺي هن وقت تائين ڪابہ تبديلي نہ آئي آهي. تبديلي تہ ڇا، پر اهي جنسون تبديليءَ جي لائق ئي نہ آهن. تنهن ڪري لي نايوس ان نتيجي تي پهتو تہ قدرتي سائنس جو فرض رڳو اهو آهي تہ خالق جي خلقيل قدرت جي نظام کي بيان ڪري.

ميٽا فزڪس جي حامين چرپر کي رڳو مشيني انداز ۾ هڪ جڳهہ کان ٻيءَ جڳهہ ڏانهن سادي تبديليءَ تائين محدود ڪري ڇڏيو. جنهن ڪري ئي هن قدرت ۾ ٿيندڙ خاصيتي تبديلين کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ اهو سمجهيو تہ وڌڻ ويجهڻ جو عمل رڳو ڪنهن بہ شيءِ ۾ گهٽ وڌائيءَ جو نالو آهي، جيئن تہ ميٽا فزڪس ترقي پسند واڌ ويجهہ کي، پراڻي خلاف نئين جي جدوجهد کي ۽ نئين جي اٽل سوڀ کي تسليم نہ ٿي ڪري، ان ڪري هيءَ رجعت پرستيءَ جي مفادن لاءِ هٿيار بڻجي ٿي ۽ هر انقلاب دشمن جدوجهد ۾ ڪتب اچي ٿي. پورهيتن جي تحريڪن ۾ جدوجهد، انقلاب ۽ پورهيت آمريت کان پاسو ڪري، ڦورن ۽ ڦُريلن جي وچ ۾ هم آهنگي ۽ سرمائيداريءَ جي سوشلزم ۾ ”پُرامن تبديليءَ“ جي خيال جي تبليغ ڪري ٿي.

قديم زماني ۾ ڪيترائي فلاسفر ايئن سمجهندا هئا تہ دنيا هڪ لاڳيتي چرپر، واڌاري ۽ تبديليءَ واري حالت ۾ آهي. قديم يونان جي فلاسافرن مان وڏيڪ نمايان هيرا ڪليتس (540_480 ق. م) آهي. هن لکيو، ”سموريون شيون وهنديون رهن ٿيون ۽ سموريون شيون تبديل ٿين ٿيون.“ دنيا ڪڏهن بہ چپ چاپ نہ ٿي بيهي، اها هميشہ وڌندڙ آهي. ”ڪوبہ ماڻهو ساڳيءَ نديءَ ۾ ٻيهر گهڙي نہ ٿو سگهي، ڇو تہ پاڻي هميشہ وهندو رهي ٿو.“ جيئن نديءَ ۾ پاڻي مسلسل وهندو رهي ٿو ۽ ڪڏهن بہ نہ ٿو بيهي، تيئن هن دنيا ۽ دنيا ۾ موجود لقائن سان ٿئي ٿو.



جدلي ماديت جي پهرين اٽٽُٽ گهرج آهي تہ دنيا کي لاڳيتي چرپر، تبديليءَ ۽ واڌاري واري حالت ۾ ڏٺو وڃي، پر جدلي ماديت جو ٻيو پاسو بہ آهي ۽ اهو پاسو بہ جدلي ماديت جي بنيادي پهلوءَ کان ڪو گهٽ نہ آهي. اهو هيءُ تہ نہ رڳو چرپر، تبديليءَ ۽ واڌاري واري حالت ۾ آهي، پر اها پاڻ ۾ لاڳاپيل، ڳنڍيل، هيڪڙائي رکندڙ ۽ ڳُتيل بہ آهي. جدلي ماديت نہ رڳو دنيا جي مختلف حصن جي وچ ۾ لاڳاپن جو اڀياس ڪري ٿي، پر ان جي بہ نشاندهي ڪري ٿي تہ ڇا ضروري آهي ۽ ڇا بيڪار_ ڪير اول آهي ۽ ڪير پوءِ، ماتحت يا اتفاقي. جدليات جي اُبتڙ ميٽا فزڪس دنيا ۾ موجود لاڳاپن کي صفا سادي نموني سمجهي ٿي. اها دنيا کي صفا ٻاهرين ۽ حادثاتي ڪردار وارو سمجهي ٿي ۽ ان ڪري ميٽا فزڪس لاءِ اهو ممڪن ڪونهي تہ هوءَ ڪنهن بہ لقاءُ جي ٻڌائتن حڪمراني ڪندڙ قانونن کي سمجهي سگهي.

مٿي بيان ڪيل مثالن مان اسين اهو نتيجو ڪڍي سگهون ٿا تہ جدليات انساني سماج ۽ انساني ذهن سميت قدرت جي واڌاري ۽ چرپر جي بنيادي عام قانونن جي سائنس آهي ۽ دنيا جي سمورن لقائن جي وچ ۾ موجود عام لاڳاپن جي سائنس پڻ آهي.

اج اڳڙيـــــا آئيـــــا، ســــائوڪي ســــجاڻ،
لاهينـــــدا موريـــــاڻ، رڪ ڪرينـــــدا پـــــڌرو.

## جدلي ماديت ڇا آهي؟ :

جدلي ماديت جو تت، ست يا جوهر ڇا آهي؟ اهو هيءُ آهي تہ هوءَ سچ پچ سمجهي ٿي تہ ماديت ۽ جدليات اٽٽُٽ هيڪڙائي آهن. ان ڪري ئي مارڪسي فلسفي کي جدلي ماديت بہ سڏيو ويندو آهي. ٻيون سموريون سائنسون پنهنجي مخصوص شعبي جي قانونن جو اڀياس ڪن ٿيون، پر جدلي ماديت هر جاءِ تي موجود، ساهوارن توڙي بي ساهہ جسمن، انسانن توڙي ان جي شعور، سماج توڙي دنيا، ايتم توڙي ڪائنات جي ذري ذري ۾ موجود هر لقاءَ، هر سچائيءَ، هر حقيقت جو اڀياس ڪري ٿي، ڇو تہ جدلي ماديت جا قانون وڏيڪ عام، بنيادي ۽ همہ گير نوعيت جا آهن. جدلي ماديت واڌ ويجهہ جي عام قانونن جو اڀياس ڪري ٿي، وجود سان شعور جي تعلق جو سوال حل ڪري ٿي، سماجي زندگيءَ جي واڌ ويجهہ جا مسئلا حل ڪري ٿي. جدلي ماديت پنهنجي نوعيت جي لحاظ کان انقلابي آهي. هوءَ سماجي نظامن جي اڻ بدلجندڙ حيثيت ۽ ذاتي ملڪيت جي دائمي حيثيت کي تسليم نہ ٿي ڪري، پر هوءَ اهو ثابت ڪري ٿي تہ سرمائيداري جاگيرداري سماج ۽ انهن سماجن ۾ موجود ظلمن ۽ ڦرلٽ جي تباهي اوس ٿيڻي آهي. هوءَ اهو پڻ ثابت ڪري ٿي تہ نئون،

ترقي پسند، عوامي، ظلم ۽ ڦرلٽ کان پاڪ سماج وجود ۾ اچڻو آهي. جدلي ماديت انقلابي پارٽين کي بيحد پيچيده حالتن جي چنڊ ڇاڻ ڪري واٽ ڳولڻ ۽ انهن تي هلڻ جي طريقن کان واقف ڪري ٿي. جدلي ماديت دنيا کي سمجهڻ ۽ ان کي تبديل ڪرڻ جو ذريعو آهي، پر ان لاءِ ضروري آهي تہ پنهنجي ٺوس تاريخي حالتن کي نظر ۾ رکي تخليقي طرح لاڳو ڪيو وڃي. ٻين لفظن ۾ جدلي ماديت قدرت، انساني سماج ۽ انساني ذهن ۾ موجود يعني حقيقت جي ٻڻ ٻڌياد ۾ موجود ۽ هر حصي تي حڪمراني ڪندڙ وڏيڪ عام ۽ همہ گير قانونن جو اڀياس ڪري ٿي.

پر اهي رڳو حقيقت جا قانون ڪونہ آهن، جيڪي فلسفي جو موضوع آهن. فلسفو انهن قانونن جي اڀياس ڪرڻ ۽ انهن کي ڄاڻڻ جي سلسلي ۾ آڏو ايندڙ سمورن مسئلن کي پڻ حل ڪري ٿو.

تنهن ڪري مارڪسي فلسفو انساني ذهن، انساني سماج ۽ قدرت جي واڌاري تي حڪمراني ڪندڙ وڏيڪ عام قانونن جي سائنس آهي. هيءَ اها سائنس پڻ آهي، جيڪا دنيا کي سمجهڻ، سگهڻ ۽ ان کي انقلابي تبديليءَ هيٺ آڻي، نئين، سٺي ۽ شاندار سماج جي اڏاوت ڪرڻ لاءِ ٻڻ بنياد مهيا ڪري ٿي.



## باب ٻيو

# مارڪسي فلسفي جو اُسرڻ ۽ ان جي ترقي

مارڪسي فلسفي سائنس، سماج ۽ فلسفي جي دنيا ۾ هڪ زبردست اُٿل پٿل آڻي ڇڏي. اهو سمجهڻ لاءِ هيءَ ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ مارڪسي نظريو جيئن لينن هر هر پئي ٻُڌايو تہ دنيا جي فلسفياڻن خيالن جي عظيم شاهراهہ کان ٻاهران آيل ڪونهي، پر ماضيءَ جي فلسفن جون سموريون سٺايون ۽ سماجي ۽ قدرتي سائنسن جا سٺا واڌارا ڪٺي اڳتي وڌيو آهي. اهوئي سبب آهي جو اسين چئون ٿا تہ مارڪسي فلسفي سڄيءَ دنيا جي فلسفيانہ سوچ کي هڪ نئين ڏاڪي تي رسايو. هاڻي اچو تہ ڏسون تہ مارڪسي فلسفي جو اهم ترين مواد ڪٿان اچي ٿو.

### پراڻي زماني ۾ ماديت ۽ خيال پرستي:

دنيا کي گڏيل طرح سڄي جو سڄو سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي ماديت پسند ۽ خيال پرست فلسفو اڄ کان صديون اڳ قديم مشرق خاص طرح مصر، بابل، سنڌ (هند) ۽ چين جي غلاميءَ جي سماجن ۾ ظاهر ٿي چڪو هو، پر قديم يونان ۽ روم ۾ وڃي اوج تي پهتو.

پيداوار جي واڌاري، سائنس جي شروعاتي ڪاميابين ماديت جي ظاهر ٿيڻ لاءِ ميدان تيار ڪيو ۽ جيئن ئي ماديت ظاهر ٿي تيئن ئي خيال پرستيءَ ان خلاف ٻاهہ ٻاهري ڏني. اهڙي نموني ترقي پسنديءَ خلاف رجعت پرستيءَ جي جنگ شروع ٿي وئي.

اڳوڻا ڪيترائي مادي پسند مادي دنيا جي انساني سوچ سمجهہ کان آزاد يعني معروضي وجود جا قائل هئا پر هو ڪنهن اهڙي بنيادي مادي جي ڳولا ۾ هئا جيڪو سڄيءَ دنيا جي مختلف شين جي جنم جو سرچشمو هجي. ڪڏهن ڪڏهن تہ انهن مادي کي نوس قدرتي عنصرن پاڻيءَ، هوا، مٽيءَ ۽ باهہ جي صورت ۾ بہ ڄاتو. مثال طور قديم سنڌ (هند) جا فلاسافر جن کي چرواڪ سڏيو ويندو هو. هنن جي فلسفي موجب دنيا ۾ موجود هر شيءِ باهہ، هوا، مٽيءَ ۽ پاڻيءَ مان ٺهيل آهي. انهن جو خيال هو تہ خود پنهنجي فطرت جي نتيجي ۾ دنيا (ڪائنات) پنهنجي اندروني سببن جي ڪري وڌي ويجهي ٿي. هو ڪنهن بہ قسم جي خدا جي وجود جا قائل ڪونہ هئا. هي فلاسافر چار سئو قبل مسيح کان وٺي ٻہ سئو ق. م تائين موجود رهيا.

قديم يونان جي ماديت جو تصور دمقراط (460_370 ق. م) وٽي عروج تي پهچايو. دمقراط جي چوڻ موجب جيڪڏهن اسين ڪنهن بہ مادي شيءِ کي ورهائيندا ويندا سون تہ ذرو ۽ ذري جو ذرڙو ٿيندي وڃي نيٺ اهو ڏاڪو ايندو جنهن کان اڳتي وڌيڪ ورهاست ڪرڻ لائق نہ رهنداسون. ان آخري ذري، جنهن کي ورهائي نہ سگهون، ان کي هن ”ايٽم“ نالو ڏنو. هن جي خيال ۾ سڄي ڪائنات ايٽمن جي ٺهيل آهي ۽ اهي ايٽم ئي آهن جن جي مختلف ترتيب ڪري ڌار ڌار قسم جون شيون ٺهن ٿيون. ان ڪري دمقراط کي ”ايٽم جو ابو“ بہ سڏيو ويندو اهي. هن جا سياسي خيال جمهوريت پسند هئا ۽ هو سائنسي ترقيءَ جو حامي هو.

افلاطون (427_347 ق.م) وري دمقراط جو نظرياتي مخالف هو. هن دنيا جي ماديت پسند تصور جي مخالفت ڪئي ۽ خيالي دنيا کي ان جي مقابلي ۾ آندو. سندس خيال موجب اها خيالي دنيا سدائين رهڻ واري هئي ۽ هيءَ دنيا ان دنيا جو عڪس هئي. هو غلام ٺاهيندڙ حڪومت کي ”مثالي رياست“ سمجهندو هو ۽ غلامن سان ذليل سلوڪ ڪرڻ جو قائل هو.

يوناني فلاسافر هيراڪليتس (540_480 ق.م) جدلي ماديت کي وڌيڪ وڌايو. هن جي چوڻ موجب هر شيءِ وهندي رهي ٿي. هر شيءِ تبديل ٿئي ٿي. هن جي خيال موجب باهہ هڪ غير معمولي طور تبديل ٿيندڙ پر ساڳين خاصيتن وارو عنصر آهي ۽ مادي دنيا جي هر شيءِ جو ٻج آهي. دنيا کي ڪنهن بہ خدا يا انسان پيدا نہ ڪيو آهي پر اها هميشہ زندهہ رهڻ واري باهہ هئي ۽ رهندي. اهڙي باهہ جيڪا باقائدي ٻرندي ۽ وسامندي رهي ٿي. هن چيو تہ هر شيءِ جدوجهد وسيلي ۽ ڪنهن نہ ڪنهن ضرورت ڪري ترقي ڪري ٿي ۽ هڪ صفت ٻي صفت ۾ بدلبي رهي ٿي. لينن هن



جي خيالن کي جدلي ماديت جو هڪ سٺو اظهار سڏيو ۽ چيو تہ هن جا خيال جدلي ماديت جي بنيادي تصورن جي هڪ سادي تصوير پيش ڪن ٿا. مثال طور دنيا مادي جي ٺهيل آهي، معروضي آهي، مادو ۽ ان جي چرپر پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن ۽ مادي جي چرپر هڪ ضابطي سان پئي ٿئي وغيره.

ارسطو (384_322 ق. م) قديم يونان جو وڏو فلاسافر هو. هونئن تہ سندس ڪيترائي خيال غير مادي ۽ غير سائنسي هئا پر هن افلاطون جي خيال پرستيءَ تي ڏاڍا سخت اعتراض ڪيا ۽ چيائين تہ هيءَ ڪائنات پنهنجي معروضي وجود لاءِ ڪنهن بہ قسم جي خيالن، تصورن، روحن يا ديوتائن جي محتاج ڪانهي. اهو ڏسندي تہ قدرت جون سموريون شيون لاڳيتي چرپر ۾ آهن، هر چرپر جا ٽي قسم بيان ڪيا: ظاهر ٿيڻ، برباد ٿيڻ ۽ تبديل ٿيڻ. هن جو خيال هو تہ دنيا کي ڄاڻي سگهجي ٿو ۽ هن اشارو ڪيو تہ خود قدرت جيڪا پاڻ مادي سچائي آهي سا علم حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي. هن فلسفي جو مقصد هي ٻڌايو تہ موجود شيءِ جي وڌيڪ بنيادي سببن ۽ ان جي شروعات جو اڀياس ڪيو وڃي. ارسطو کي منطق جو باني سمجهيو وڃي ٿو (منطق صحيح سوچ جي قانونن ۽ شڪلين جو علم آهي.) هو چوندو هو تہ هر شيءِ جو بنياد مادو آهي پر مادي کي چرپر ۾ آڻيندڙ بہ ڪا قوت آهي. اهڙيءَ طرح ارسطو ماديت ۽ خيال پرستيءَ جي وچ ۾ لوڏن لمن ۾ رهيو.

ٻيا بہ ڪيترائي فلاسافر ٿي گذريا، جن پنهنجي پنهنجي ڄاڻ موجب مٿين فلاسافرن جي پوئلڳي ڪئي. قديم دؤر جي وڏي ماديت پسند يوناني فلاسافر ايپي ڪيورس (341_ 270 ق.م) ۽ رومن فلاسافر لڪري ٽيس (99_55 ق.م) دمقراط جي ايٽم واري نظريي کي گهڻو اڳتي وڌايو. ان مان اسان کي قديم زماني ۾ هڪ سادو جدلي ماديت پسند رويو ملي ٿو. هنن جو فلسفو رڳو ذهني سوچ تي ٻڌل هو، ڇو تہ ان زماني ۾ سائنس ۽ سماج ايترا وڌيل ڪونہ هئا.

## جديد دؤر ۾ ماديت ۽ خيال پرستي:

پندرهين ۽ سورهين صديءَ ۾ مغربي ملڪن ۾ آهستي آهستي جاگيرداريءَ خلاف پيداوار جو سرمائيدارڪو طريقو اُسرندو پئي ويو ۽ هوري هوري سرمائيداري جاگيرداريءَ تي غالب پوندي وئي. ان ئي زماني ۾، سائنس ۾ هڪ انقلاب اچڻ شروع ٿيو. خيال پرستن جو خيال هو تہ ڌرتي ڪائنات جو مرڪز آهي، پر ان خيال کي پهريون زبردست ڌڪ پولئنڊ جي سڄاڻ ڪاپرنيڪس (1473_1543ع) هنيو. هن چيو تہ ڌرتي سج جي چوڌاري پئي ڦري. ان ڪري سج ڪائنات جو مرڪز آهي.

اهڙي ڪفر، پکيڙڻ ڪري خيال پرستن هن جي خلاف باهه ٻاري ڏني ته هو خدائي تعليم کي ڌڪ پيو رسائي ته ڌرتي ڦري ٿي ۽ ڪائنات جو مرڪز نه آهي. ڪاپرنيڪس جي تحقيق کي وري گيارڊو برونو (1548_1600ع) اڳتي وڌايو. جنهن ڪري ڪيس باهه ۾ ساڙيو ويو ۽ وري ان ئي تحقيق کي گليلو (1564_1642ع) اڃا به اڳتي وڌايو. جنهن ڪري ڪيس سڄي عمر قيد ۽ نظربنديءَ ۾ ڪاٽڻي پئي. پر هو مرد جوان رات جو چانڊوڪيءَ ۾ ويهي پنهنجي تحقيق لکندو رهيو ۽ اهڙيءَ طرح ڪيس پنهنجي نور جي قرباني ڏيڻي پئي. هنن چيو ته سج رڳو سج ـ سرشتي جو مرڪز آهي، ڌرتي ڦري ٿي ۽ ڪائنات لامحدود آهي.

سورهين، سترهين ۽ ارڙهين صديءَ ۾ يورپ جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ سرمائيداري جاگيرداريءَ مٿان غالب پئجي وئي ۽ اهڙيءَ طرح سرمائيداريءَ جي واڌاري سان گڏوگڏ معيشت کي به تيزيءَ سان ترقي ملي، جنهن ڪري سائنسي ڄاڻ جي ضرورت لازمي ٿي پئي. صنعتي ترقيءَ لاءِ لازمي ٿي پيو ته مادن جي ڪيميائي خاصيتن جو تجزيو ڪيو وڃي ۽ سٺي پوک لاءِ ٻوٽن ۽ جانورن جو علم لازمي ٿي پيو. سڀ کان وڌيڪ ترقي مڪينڪس کي ملي، جيڪا پيداوار جي فني ضرورت يعني مشينن، اوزارن وغيره لاءِ لازمي گهربل هئي. اهڙيءَ طرح سائنس تيزيءَ سان ڌار ڌار شاخن ۾ ورهائبي ۽ تيزيءَ سان ترقي ڪندي وئي.

ٽئين دؤر جو پهريون ماديت پسند فلاسافر فرانسس بيڪن (1561_1626ع) هو. هن خيال پرستي ۽ مذهب جي سختيءَ سان مخالفت ڪئي ۽ راءِ ڏني ته فلسفي ۽ عام طور تي سائنسن جو فرض آهي ته قدرت کي سمجهيو وڃي ۽ ان جي زبردست قوتن کي تسخير ڪري، انسان جي مدد ڪئي وڃي. بيڪن جي روايتن کي ٿامس هابس (1679_1755ع) جان لاڪ (1632_1704ع) اڃا به وڌيڪ اڳتي وڌايو. هابس ته ميٽا فزڪس واري طريقي موجب ماديت جو سڄو نظام ترتيب ڏنو. هن جيئرن وجودن سميت سڄي قدرت ۾ موجود سڀني شين کي مشينن سان تشبيهه ڏني. هن لکيو ته دل هڪ اسپرنگ آهي، نسون ان جون ڌوريون آهن ۽ سَنڌ ڦيٿا آهن، جنهن ڪري سڄو جسم چرپر ڪري ٿو. هن رياست کي به هڪ وڏي مشين پئي سمجهيو. هن چيو ته مذهب جو موضوع سائنس نه آهي پر ان جو واسطو عقيدي سان آهي. جان لاڪ وري چيو ته انسان سڄو علم رڳو احساسن وسيلي حاصل ڪري ٿو.

ٻئي طرف جارج برڪلي (1684_1753ع) ۽ ان جو پوئلڳ ڊيوڊ هيوم (1711_1776ع) وري ماديت دشمنيءَ ۾ موضوعي خيال پرستيءَ کي اڳتي کڻي آيا.



هنن چيو ته مادو شعور جي پيداوار آهي ۽ مادو ان ڪري موجود آهي جو ماڻهو ان کي پنهنجن تنتن وسيلي محسوس ڪري ٿو. مادي ڪائنات رڳو ايتري آهي جيتري انسان ڄاڻي ٿو. ان کان وڌيڪ ڪنهن به شيءِ جو وجود ڪونهي.

فرانس جي فلاسافر ڊيڪارٽ (1596_1650ع) وري ان خيال جو حامي هو ته مادو ۽ شعور هڪ ٻئي کان ڌار ڌار پنهنجو آزاد وجود رکن ٿا. هن جو چوڻ هو ته مادو لافاني آهي ۽ لاڳيتي چرپر ۾ آهي، پر اها چرپر مشيني انداز جي آهي.

ڊيڪارٽ جي اُبتڙ وري هالينڊ جي فلاسافر اسپائينوزا (1636_1677ع) دنيا جي مادي هيڪڙائيءَ جو نظريو ڏنو. هن چيو ته مادو دائمي ۽ لامحدود آهي. هن چيو ته قدرت کي پنهنجا قانون آهن، جن جي ڪري اها وڌي ويجهي ٿي. مادي جي تخليق لاءِ ڪنهن به آسماني قوت جي ضرورت ڪانهي.

ارڙهين صديءَ ۾ فرانس ۾، ماديت شديد سياسي ۽ نظرياتي چڪتاڻ مان جنم ورتو. خاص ماديت پسند فلاسافر لاميتي (1709_1751ع)، ڊاڊرو (1713_1774ع)، ويٽيو (1715_1771ع) ۽ هولباخ (1723_1789ع) هئا. هو رجعت پرستيءَ، جاگيرداريءَ، چرچ ۽ خيال پرستيءَ جا سخت مخالف هئا. هو مادي ۽ ان جي چرپر جي هيڪڙائيءَ کي مڃيندڙ هئا. هولباخ لکيو "ڪائنات، جي هر موجود شيءِ جو پاڻ ۾ زبردست ڳانڍاپو جتي ڪٿي اسان آڏو مادي ۽ ان جي چرپر کي ئي پيش ڪري ٿو." هنن جي چوڻ موجب مذهب نه پر اهو مادو ئي آهي جيڪو چرپر کي پيدا ڪري ٿو. هنن فلاسافرن علم جي نظريي ۾ به زبردست واڌارا ڪيا ۽ هنن چيو ته انساني دماغ ۾ ٻاهرين شين جو عڪس آهي. هو چرچ کي عوام جي روحاني غلاميءَ ۽ جهالت جو هٿيار سمجهندا هئا. هو چوندا هئا ته چرچ جو ڏنڊو ڪائنات جي اڻ ڄاتل قوتن جي خوف ڪري پيو هلي ۽ جيڪڏهن اسين تعليم ۽ سائنس وسيلي ان خوف کي ختم ڪريون ته چرچ جو ڏنڊو بند ٿي ويندو.

جرمنيءَ جي مشهور فلاسافر ڪانٽ (1724_1804ع) پنهنجي نوجوانيءَ جي زماني ۾ ئي قدرتي سائنسن جو گهرو اڀياس ڪيو ۽ ان نتيجي تي پهتو ته دنيا جي تخليق جو مذهبي تصور سراسر غلط آهي. پر هن جي ڪوشش هئي ته ماديت ۽ خيال پرستيءَ جو پاڻ ۾ ناهه ڪرايو وڃي. هو ماديت پسند سوچ ڏيندي چوندو هو. "انسان جي ذهن کان آزاد شين جو وجود آهي ۽ اهي اسان جي حواسن تي اثر ڪري احساس پيدا ڪن ٿيون." ۽ ٻئي طرف خيال پرستي ۽ لاادريت جي پرچار ڪندي چوندو هو ته اهي شيون ڄاڻي نه ٿيون سگهجن، ڇو ته اهي انساني عقل جي دائري کان

ٻاهر آهن. هن جي خيال مطابق عقل اهو فيصلو ڪرڻ کان قاصر آهي تہ خدا جو وجود آهي يا نہ ۽ اهو تہ روح لافاني آهي يا نہ.

هڪ طرفماديت پسندي ۽ خيال پرستيءَ ۾ زبردست ويڙهہ، سماجي سائنسن ۽ قدرتي سائنسن ۾ زبردست ترقي، سماجي دنيا ۾ زبردست اُٿل پٿل ۽ واڌارو، مادي ۽ شعور جي ٻڻ ٻڌياد مقرر ڪرڻ تي زبردست جهيڙا، سماج سڌارڻ لاءِ هلايل بي انتها تحريڪون، خيالي سوشلسٽ نظريي جي حامين جون جدوجهدون، صنعت ۽ پوک جي ترقيءَ لاءِ بي پناهہ تحقيقون هيون تہ ٻئي طرف وري سماجي حياتي، قدرتي سائنسن ۽ فلسفيانہ خيالن جي زبردست ترقيءَ جي گهر هئي تہ مارڪسي فلسفو وجود ۾ اچي.

## سماجي اقتصادي حالتون:

مارڪسي نظريو 1840ع ڌاري اسريو. انهن ڏينهن ۾ جڏهن هڪ نئون انقلابي طبقو، پورهيت (پرولتاري)، تاريخ جي اسٽيج تي ظاهر ٿيو. پورهيت طبقي جو جنم بهرحال گهڻو اڳ ٿي چڪو هو پر هن اڻويهين صديءَ جي خاص طرح پنجين ڏهاڪي ۾ جيڪي پنهنجن حقن لاءِ جدوجهدون ڪيون، انهن هن طبقي کي هڪ زبردست سگهاري انقلابي قوت بڻائي پيش ڪيو. هن طبقي جون انقلابي ڪوششون انهن ڏينهن ۾ برطانيا، فرانس ۽ جرمنيءَ ۾ چٽيءَ طرح ڏسي سگهجن ٿيون.

سياسي معاشيات جي دنيا ۾ آدم اسمٿ (1723_1790ع) ۽ ڊيوڊ رڪارڊو خاص طرح وڏا واڌارا ڪيا ۽ اهو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ سماجي خوشحاليءَ جو وڏو وسيلو پورهيو ئي آهي. اهڙيءَ طرح هنن سياسي معاشيات کي سائنسي بنيادن تي آڻڻ ۾ هٿ ونڊايو.

ٻئي طرف ڪيتري ئي عرصي کان طبقاتي ظلم خلاف لڳ ڀڳ سڄيءَ دنيا ۾ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ چڪتاڻون پئي هليون. پر اڻويهين صديءَ ۾، يورپ ۾ خاص طرح سينٽ سائمن (1760_1825ع)، چارلس فوريئر ۽ رابرٽ اوين ذڪر ڪرڻ لائق آهن. هنن سرمائيداريءَ جي ظلمن ۽ ڦرلٽ تي چٽي تنقيد ڪئي ۽ اهڙا خيال پيش ڪيا جن وسيلي ڦرلٽ کان پاڪ سماج اڏي سگهجي. هنن جو گهڻو زور ان تي هو تہ سرمائيدار ۽ ٻيا سمورا ڦورو تعليم ۽ اخلاق وسيلي سڌاريا وڃن. پر ڦورو ٽولا ڪوايئن بہ سڌرندا آهن؟

مارڪس (1818_1883ع) ۽ اينجلس (1820_1895ع) جي زبردست حاصلات ۾ اهو بہ هو تہ پورهيت طبقي کي نئين، انقلابي، سوشلسٽ نظريي سان هٿياربند ڪيو وڃي. مارڪسي نظريو ان ڪري ڪن سماجي حالتن جي سنئين



سڌي پيداوار هو. جيئن جيئن سرمائيداري پئي وڌي تيئن پورهيتن جي انقلابي تحريڪ بہ پئي وڌي ۽ ان پورهيت تحريڪ لاءِ پورهيت نظريو هڪ اهم حياتي بخشيندڙ ضرورت هو. مٿاهن جي حياتي گذارڻ جي ڪريل حالتن ئي مارڪسي نظريي جي وجود ۾ اچڻ جو ڪارڻ پيدا ڪيو.

## قدرتي سائنسن جون گهرجون:

اڻويهين صديءَ جي وچ ڌاري قدرتي سائنسن جي دنيا ۾ ميٽا فزڪس جو ڏاڪو ويٺل هو- ميٽا فزڪس جي ان خيال تہ دنيا پنهنجين سمورين خاصيتن هوندي ڄميل ۽ اڻ بدلجندڙ آهي، قدرتي سائنس جي ترقيءَ جي راهہ ۾ زبردست رڪاوٽون ڪڙيون ڪري رکيون هيون. ان ڪري قدرتي سائنسن جي ترقيءَ جي گهر هئي تہ دنيا ڏسڻ جو نئون طريقو هئڻ گهرجي. ميٽا فزڪس جي انهن رڪاوٽن سان ٽن عظيم سائنسي کوجنائن زبردست ٽڪر کاڌو. انهن ٽن عظيم سائنسي کوجنائن دنيا کي هڪ ٻئي سان لاڳاپيل، سڄي جو سڄو ڪري ڏسڻ واري تصور کي زبردست سگهارو تصور ڏنو. اهي ٽي عظيم سائنسي کوجنائون هي هيون:

- شڪتيءَ جي امر هئڻ ۽ تبديل ٿيڻ جو قانون.
- هر زندهہ هستيءَ جو جيوَ گهرڙن وسيلي ٺهيل هئڻ جو نظريو.
- ارتقا جو نظريو.

شڪتيءَ جي امر هئڻ ۽ تبديليءَ جو قانون دنيا جي مادي هيڪڙائيءَ ۽ چرپر جي لافاني هئڻ کي ثابت ڪري ٿو. هن قانون وسيلي اهو بہ لڌو ويو تہ ڪنهن بہ شيءِ ۾ چرپر ڪنهن ٻئي هنڌان ڪانہ ٿي اچي ۽ پنهنجا نشان ڇڏڻ کان سواءِ گم ڪانہ ٿي ٿئي. ان ڪري اهو بہ ثابت ڪيو ويو تہ چرپر جا ڪيترائي قسم آهن، جيڪي هڪ ٻئي سان مٽا سٽا بہ ڪن ٿا ۽ اهو ئي سبب آهي جو مادو هميشہ کان چرپر ۾ آهي. واڌاري ۽ ترقيءَ جي جدلي نظريي لاءِ هيءَ هڪ زبردست سوڀ هئي.

هر زندهہ هستيءَ جو جيوَ گهرڙن (Cells) مان ٺهيل هئڻ جي نظريي اهو ثابت ڪيو تہ ڪوبہ ٻوٽو يا وڏيڪ پيچيده عضوو جيوَ گهرڙن جو ٺهيل آهي ۽ جيوَ گهرڙن ۾ اها صلاحيت آهي تہ اهو حالتن آهر بدلجي سگهي. ٻين لفظن ۾ ايئن چئجي تہ سمورا وڻ ۽ جانور ننڍڙن ننڍڙن حياتيءَ ڀري ايڪن، جيوَ گهرڙن جا ٺهيل آهن، جن ۾ حياتيءَ جو بي انتها ڳُتيل ۽ پيچيده عمل ٿيندو رهي ٿو. هن کوجنا جيوت جي واڌاري ۽ ترقيءَ کي صحيح نموني سمجهڻ جو بنياد مهيا ڪيو.

برطانيا جي عظيم سڄاڻڪ چارلس ڊارون (1809_1882ع) پنهنجي ارتقا جي نظريي وسيلي ان تصور جا بخيا اُڌيڙي ڇڏيا تہ ٻوٽن ۽ جانورن جا قسم اتفاقي

آهن. انهن جو ڪنهن به شيءِ سان تعلق نه آهي. اهي آسماني تخليق آهن ۽ اڻ تبديل ٿيندڙ آهن. ڊارون ثابت ڪيو ته پيچيده ۽ اعليٰ عضوا سادن ۽ ادنيٰ عضون مان ارتقا ڪري ٺهيا آهن. اهو آسماني خواهش جي ڪري نه ٿيو آهي پر خود مادي ۾ موجود قدرتي چونڊ جي وسيلي ٿيو آهي. ڊارون اهو به ثابت ڪيو ته خود انسان به مادي جي ڊگهي ارتقا جي پيداوار آهي. هن نظريي جدليات جي بنيادي تصور جي، واڌ ويجهه جي تصور جي، ادنيٰ کان اعليٰ ۽ سادي کان پيچيده ۾ تبديل ٿيڻ واري تصور جي تصديق ڪئي.

## فلسفيانه گهرجون:

مارڪسي ڏاهپ سمورين اڳتي وڌيل فلسفيانه سوچن جي بهترين قدرتي ڪاميابي هئي. اڻويهين صديءَ جو جرمن روايتي فلسفو ۽ خاص طرح هيگل (1770_1830ع) ۽ فيوئر باخ (1804_1872ع) جي تعليم مارڪسي تعليم جا اهم وسيلا هئا.

هيگل معروضي خيال پرستيءَ جي نظام کي زبردست ترقي ڏني. هن کي يقين هو ته اهم ڪم دائمي، جميل، خيال، تصور، دنيا جو روح هو جنهن قدرت ۽ سماج ناهيو. هيءَ هڪڙي ڪوڙي خيال پرستيءَ واري تعليم هئي، پر بهرحال هيگل جي فلسفي ۾ ڪيترائي ڏاڍا اهم خيال موجود هئا، جن مان سڀ کان وڌيڪ اهم سندس جدليات جو تصور آهي. هن ويندي اهو به چيو ته خود دنيا جو "روح" هڪ لاڳيتي چرپر ۽ واڌاري واري حالت ۾ آهي. هن وٽ قدرت جي جدليات ڪانه هئي پر هڪ "صاف خيال" جي تصديق لاءِ جدلي خيال هئا. اها هئي ته جدلي خيال پرستي، پر ان ۾ هڪ عقل پري گهرائي هئي، يعني ان جو واڌاري وارو نظريو. مارڪس ۽ اينجلس سڀ کان وڌيڪ ڌيان ان عقلمنديءَ وارن خيالن تي ڏنو.

فيوئر باخ وري هيگل جي خيال پرستيءَ تي چٽي تنقيد ڪئي. هن جي فلسفي جو شروعاتي نُڪتو اهو خيال هو ته جيڪا به شيءِ وجود رکي ٿي ان جو بڻ بنياد قدرت آهي ۽ اها قدرت ئي آهي جيڪا ماڻهوءَ ۽ سندس ذهن کي پيدا ڪري ٿي. هن چيو ته مادو ئي آهي جيڪو سائنس جي ترقيءَ لاءِ بڻ بنياد مهيا ڪري سگهي ٿو ۽ قدرت کان ڌار ڪري پيش ڪيل فلسفو خالي ۽ کوکلو آهي. فيوئر باخ جي فلسفي جو بنيادي روح ان جي ماديت آهي، پر مارڪس ۽ اينجلس ان کي چڱيءَ حد تائين سڌارڻ کانپوءِ ئي ان جو استعمال ڪرڻ لائق ٿيا.



مارڪس ۽ اينجلس جي خيال ۾ اڳوڻن فلسفن جي پيٽ ۾ ڪهڙي نواڻ هئي؟
مارڪسي جدلي ماديت اڳوڻي جدليات ۽ ماديت کان ڪيئن فرق پئي رکيو؟

هي سڄڻ سيئي، جي مون ڪوڏ نهاريا،
ايندم جان پيهي، سپ لاهيندم دکڙا.

اسين ڏسي آيا آهيون ته اڳوٽا ماديت پسند فلسفا مشيني انداز ۾ ۽ ميٽا فزڪس واري طريقي موجب هليا پئي. ماضيءَ جي ماديت پسندن قدرت کي رڳو ماديت پسند نموني پئي رکيو. جڏهن ته زندگيءَ جي لقائن کي خيال پرست نموني پئي رکيو. هنن اهو پئي سمجهيو ته انساني تاريخ تصورن جي ڪري وڌي آهي. هو انساني ترقيءَ ۾ مادي وسيلا ڏسڻ ۾ ناڪام رهيا. هنن جي ماديت پسندي معمولي ۽ مٿاڇري هئي ۽ هو سماجي عمل جي تاريخ تبديل ڪرڻ واري ڪردار کي ڏسڻ ۾ ناڪام رهيا. هنن دنيا جو مشاهدو ڪيو ان کي ڏاڍي سٺي نموني پيش ڪيو پر اهو ڏسڻ ۾ ناڪام ويا ته دنيا کي انقلابي عمل وسيلي ڪيئن ٿو تبديل ڪيو وڃي. مطلب ته اڳوڻن فلسفن تي ميٽا فزڪس واري طريقي ونڻ ڪري ڪيترين ئي پابندين مڙهيل هيون. جڏهن ته مارڪس ۽ اينجلس ماديت کي روحانيت سان ملائي اڳوٽين پابندين مان ڪڍي آيا ۽ ان کي وڏائي ويجهائي سائنسي تحقيقن ۽ سماجي ترقيءَ لاءِ نيون راهون کولي ڇڏيون.

اِيءُ گَت غواصن، جيئن سمنڊ سوجهيائون،
پيهي منجهه پاتار جي، ماڻڪ ميڙيائون،
آڻي ڏنائون، هيرو لال هٿن سين.

اها ئي ڳالهه جدليات جي باري ۾ به صحيح آهن. نُڪتو هيءُ آهي ته مارڪس ۽ اينجلس جدلي ماديت جي تخليق ڪئي، جيڪا هيگل جي خيال پرست جدليات کان چٽو فرق رکي ٿي. هنن چيو ۽ ثابت ڪيو ته انساني تاريخ پڻ جدلي ماديت جي اُصولن هيٺ هلي ٿي ۽ وڌي ٿي.

مارڪس لکيو. "منهنجو جدلي طريقو نه رڳو هيگلي طريقي کان ڌار قسم جو آهي پر ان جي سنئون سڌو اُبتڙ پڻ آهي. هيگل جي لاءِ انساني دماغ جو زندگيءَ پريو عمل، يعني سوچ جو عمل جيڪو "خيال" جي نالي سان ظاهر ڪيو ويو اهڙو آهي جيڪو دنيا جو "هر طرفو مالڪ" آهي ۽ حقيقي دنيا رڳو خيال جو ٻاهريون لقاءُ آهي. هو خيال کي هڪ خود مختيار موضوع جي حيثيت ۾ ڏسي ٿو جڏهن ته مون وٽ ان جي ابتڙ. تصور بيو ڪجهه به نه آهي، سواءِ ان جي ته اهو انساني ذهن تي مادي دنيا جو عڪس آهي ۽ اهي عڪس ئي خيال جي صورت ۾ ظاهر ٿين ٿا." (مارڪس، سرمايو،

جلد 1، ص: 19، ماسڪو 1965ع). هيگل تي لکندي مارڪس هيئن به لکيو ته هيگل جي جدليات پنهنجي ٽڪڻ تي بيٺل هئي، جنهن کي مون اُبتو ڪري سندس پيرن تي بيهاريو.

اچو ته هاڻي ان کي گڏ ڪريون جيڪو مٿي چئي آيا آهيون:

ماديت ۽ جدليات جيڪا بي مثال هيڪڙائي حاصل ڪئي اها مارڪسي فلسفي جي انقلابي اُتل جو سڀ کان وڏيڪ اهم پهلو آهي. مارڪسي فلسفو اڳوڻن سمورن فلسفن کان پنهنجي طبقاتي فطرت جي ڪري مڪمل فرق رکي ٿو يعني هيءُ انقلابي پورهيت طبقي جو انقلابي فلسفو آهي.

جيئن پورهيت طبقو اڳوڻن سڀني طبقن کان فرق رکي ٿو ايئن ئي انهن جو فلسفو به اڳوڻن سڀني فلسفن، ويندي سڀني انقلابي فلسفن کان به فرق رکي ٿو. مارڪسي نظريي جي ڪري تاريخ جي باري ۾ اڳوڻن سڀني تصورن ۾ انقلاب اچي ويو. مارڪس ۽ اينجلس اهي پهريان شخص هئا، جن تاريخ کي جدلي ماديت پسند بڻ بنياد مهيا ڪري ڏنو (تاريخ جي ان فلسفياڻي نظريي کي تاريخي ماديت سڏجي ٿو.) اڃا به وڏيڪ، مارڪس ۽ اينجلس فلسفي کي هڪ نئون موڙ ڏنو ۽ ان کي دنيا تبديل ڪرڻ جو طاقتور هٿيار بڻايو جيڪو ئي مارڪسي فلسفي جو جوهر يعني ان جو انقلابي ڪردار آهي.

مارڪسي فلسفو گهر ٿو ڪري ته دنيا کي بدلائڻ ۽ نئين ظلم ۽ ڦرلٽ کان پاڪ سماج اڏڻ لاءِ حياتيءَ ۾ هڪ شعوري عملي حصو وٺڻ گهرجي. مارڪس ان جو اظهار پنهنجي هنن مشهور لفظن ۾ ڪيو "..... (موجوده وقت تائين) فلاسافرن دنيا کي مختلف نمونن ۾ رڳو پيش پئي ڪيو آهي پر نُڪتو هي آهي ته ان کي تبديل ڪيو وڃي." (مارڪس ۽ اينجلس، جرمن آئيڊيالاجي، ص: 647)

## مارڪسي فلسفي ۾ لينن جا ڪيل واڌارا:

والاديميرايليچ لينن (1870_1924ع) پنهنجي سڄي زندگي مارڪسي نظريي کي پورهيتن جي تحريڪ سان ڳنڍڻ جي تاريخي مقصد لاءِ وقف ڪري ڇڏي. هي ڪو سولو ڪم نه هو. وڏيڪ ڏکيائي ئي اها هئي ته مارڪس ۽ اينجلس جي وفاتن کانپوءِ ڪيترن ئي ماڻهن مارڪسي تعليم کي بگاڙڻ، منجهائڻ ۽ ان ۾ ترميم ڪرڻ جو تندو شروع ڪري ڏنو پر لينن مارڪسي جهنڊي کي بيهر اُپو ڪيو ۽ ڪيترين ئي ڏکيائين مان ٽپائي سوپارو ڪيو.

ان ئي زماني ۾ سرمائيدارن، سڄيءَ دنيا جي ڦورو ملڪن پنهنجو پاڻ تي ڪيترائي رنگ چاڙهي، پنهنجي ڦُر کي لڪائڻ لاءِ نيون پاليسيون پئي ناهيون. لينن



انهن جي ان سامراجي ڪردار کي اُگهاڙو ڪري، ان جي ڦرلٽ جي جديد صورتن ۽ ڦورو ڪردار کي عوام آڏو پيش ڪيو. مارڪسي تعليم جي انقلابي روح جي پاڪائيءَ کي برقرار رکندي ان کي وڌائي، سامراج خلاف آٿي بيهاريو. ليننِي نظريي سامراجي دؤر ۾ ٿيل سائنسي تحقيقن کي، مارڪسي نظريي جي سچائيءَ جي ثبوت طور پيش ڪندي خيال پرستن سان زبردست ٽڪر کاڌو. هن جدليات جي قانونن، علم حاصل ڪرڻ جي نظريي ۽ ٻين وڏن نُڪتن کي سولي نموني پيش ڪيو. لينن هڪ رياست اندر پورهيتن جي انقلاب برپا ڪرڻ واري پاسي کي خاص طرح وڌايو ۽ سوشلسٽ رياست آڏڻ ۽ ان ۾ پورهيت ڊڪٽيٽري قائم ڪرڻ جا اُصول پيش ڪيا. هن پارٽي ٺاهڻ جي فن، طبقن جي تشريح ۽ قومي حقن جي وضاحت ڪئي. هن نه رڳو مارڪسي نظريي جي تعليم کي ترميم پرستن ۽ خيال پرستن جي حملن کان بچايو پر ان جي زبردست سچائيءَ کي دنيا آڏو کولي بيان ڪيو.

لينن نظريي ڏانهن تخليقي انداز ۾ پهچ جو بهترين مثال آهي. هن انقلاب جي ڪيترن ئي وڏن اهم مسئلن کي نظرياتي ۽ عملي طرح حل ڪري نئين سماج اڏڻ جا ڪيترائي لاجواب ماڊل مهيا ڪري ڏنا. اهو ئي سبب آهي جو هن جا خيال، رٿون، هدايتون ۽ سوچون اسان جي روزاني عوامي، سياسي، اقتصادي ۽ انقلابي حياتيءَ تي هڪ املهه اثر ڇڏيندڙ رهن ٿيون.

وئا جي عميق ڏي، منهن ڪائو ڏيئي،
تن سپون سوجهي ڪڍيون، پاتاران پيهي،
پسندا سيئي، امل اڪڙين سين.

## مارڪسي نظريي جي تخليقي فطرت:

مارڪسي نظريو هڪ هنڌ ڄميل ۽ بيٺل نظريو ڪونه آهي، پر هي لاڳيتي ترقي ڪندو رهي ٿو. هڪ طرف مارڪسي نظريي تي ڪو مشيني يا لوهي پوش چڙهيل نه آهي ته ٻئي طرف وري هو انڌي عقيدتمنديءَ جي به مخالفت ڪري ٿو ۽ اهڙيءَ طرح هر حقيقت، هر سماج ۽ هر انقلاب ۾ پنهنجو بنيادي روح برقرار رکندي، اتي جي نوس تاريخي حالتن سان نهڪي هلڻ جي لياقت رکي ٿو.

لينن کان پوءِ به ڪيترن ئي انقلابين ۽ انقلابي پارٽين پنهنجي ماحول ۽ تاريخي گهرجن آهر مارڪسي نظريي کي پاڻ وٽ لاڳو ڪيو آهي ۽ اهڙيءَ طرح هن نظريي ۾ شاندار واڌارا ڪيا آهن. چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ ۽ خاص طرح مائوزي

تنگ پنتي پيل جاگيرداري سماج ۾، مارڪسي نظريي جو روح برقرار رکندي، پنهنجي چيني ماحول جي ٺوس تاريخي حالتن کي نظر ۾ رکندي، سامراج خلاف قومي آزاديءَ جي جيڪا جنگ هلائي، تنهن نيٺ چيني عوام کي قومي ۽ طبقاتي آزاديءَ ماڻڻ ۾ سوڀارو ڪيو. هن قومي عوامي جمهوري جدوجهد کي مارڪسي نظريي سان ڳنڍي هلايو. ٻئي طرف وري ويٽنام جي ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ خاص طرح هوچي منهه وري ساڳئي مارڪسي نظريي کي پنهنجي جاگيرداري سماج جي تاريخي گهرجن سان هم آهنگ ڪري، انقلاب کي اڳتي وڌائي، سوڀ ماڻي، سامراجي نظام جا تختا ڪيڏي ڇڏيا. ويٽنامي جدوجهد اسان کي مارڪسي اُصولن موجب تنظيم جي فن ۽ تنظيم جي ڪردار جو ڏاڍو اهم سبق ڏئي ٿي. لاڳيتي جدوجهد ۾ انقلابي عوام جي سوڀ ۾ اٽُٽ ڀروسو ويٽنامي جدوجهد جو روح آهن. اهڙيءَ طرح سڄيءَ دنيا جون سچيون ۽ صحيح انقلابي پارٽيون ۽ انهن جا اڳواڻ مارڪسي نظريي جو روح برقرار رکندي، ان کي پنهنجي ٺوس تاريخي حالتن سان ٺهڪائي جدوجهد ڪندا رهيا آهن ۽ ڪري رهيا آهن۔ ۽ اهڙيءَ طرح مارڪسي نظريي ۾ شاندار واڌارا ڪندا رهيا آهن ۽ ڪري رهيا آهن.

ميٽا فزڪس انڌي عقيدت منديءَ ڏانهن ڌڪي ٿي، پر جدليماديت ڪنهن بہ "دائمي"، "اڻ بدلجندڙ" ۽ انڌي عقيدت منديءَ کي صحيح نہ ٿي سمجهي، جدلي ماديت تخليق جو سچو روح پيدا ڪري ٿي.

ٻئي طرف مارڪسي جدليات وري ڪنهن بہ قسم جي ترميم پرستيءَ سان ٺهڪندڙ ڪونهي. جدليات ترميم پرستيءَ، انڌي عقيدت منديءَ، ٽولي بازيءَ ۽ مهم بازيءَ جي خلاف بہ اڻ ٿڪ جدوجهد ڪري ٿي ۽ ٻئي پاسي بين الاقوامي پورهيت تحريڪ جي ٻڌيءَ کي سگهارو بڻائي ٿي ۽ انقلابي عوام ۾ يڪجهتي پيدا ڪري ٿي.



## باب ٽيون

# مادو ۽ ان جي وجود رکڻ جون شڪليون

### مادو ڇا آهي؟:

اسين جڏهن پنهنجي چوڌاري نظر ڦيرايون ٿا تڏهن اسان کي ڪيترين ئي ڏار ڏار قسم جون شيون نظر اچن ٿيون. ڪيترين ئي بي ساهہ شيون آهن ۽ ڪيترين ئي ساهہ واريون. ڪي ننڍيون تہ ڪي وڏيون. مثال طور: ننڍڙي کان ننڍڙا جيت جڻيا، پکي، مڇيون وڻ ٽڻ ۽ هاٿي، اُٺ وغيره. يا ٻين لفظن ۾ سادي کان سادن عضون کان ويندي وڏن ۽ ڳتيل عضون تائين. ٻئي طرف وري ننڍڙي کان ننڍڙي ذري، ايٽم، مٽيءَ دز کان ويندي جبلن، ڌرتيءَ، سج ۽ ٻين بي انتها وڏن آسماني جسمن تائين، سڀ جون سڀ شيون اسان کي ڪيترين ئي صورتن ۾ نظر اچن ٿيون. ڪي شيون اسان جي ويجهو آهن تہ ڪي پري، ڪن کي ڪهڙيون خاصيتون آهن تہ ڪن کي ڪهڙيون، اسين انهن شين جي گهيري ۾ رهون ٿا ۽ انهن جي موجودگيءَ کي لاڳيتو محسوس ڪندا رهون ٿا. اسان جي حياتي، اسان جو لاڳيتو عمل، اسان جو پورهيو، هر هر اسان کي يقين ڏياري ٿو تہ اهي سموريون شيون اسان جي سوچ سمجهہ کان آزاد وجود رکن ٿيون، اهي اسان جي خيالن جون محتاج ڪونهن. انهيءَ جي تصديق سائنس پڻ ڪري ٿي. مثال طور سائنس اهو ثابت ڪيو آهي تہ ڌرتي، انسان توڙي ٻين ساهہ وارين شين جي وجود ۾ اچڻ کان گهڻو اڳ موجود هئي. جڏهن انسان اجا نہ

ٺهيو هو. جڏهن انساني ذهن اڃا نہ ٺهيو هو ان کان بہ اڳ هيءَ ڌرتي، هيءَ دنيا، هيءَ ڪائنات موجود هئي. تنهن ڪري يقين سان چئي سگهون ٿا تہ جڏهن اڃا انساني خيال، تصور، سوچون، شعور يا روح وجود ۾ ڪونہ آيا هئا تڏهن بہ هيءَ ڪائنات موجود هئي. ٻين لفظن ۾ هيءَ ڪائنات انساني سوچ سمجهہ ۽ شعور کان آزاد وجود رکي ٿي يعني دنيا معروضي آهي.

جيڪڏهن سڄي ڌرتيءَ تي آباد انسان پاڻ ۾ ملي ڪري بہ اهو سوچڻ شروع ڪن تہ سج ڪونهي يا ٿڌو آهي، چوڪنڊو آهي، نوس آهي، ڦري ڪونہ ٿو وغيره تہ ائين سچ پچ ٿي ڪونہ پوندو. پر انسانن جي اهڙي سوچ غلط هوندي. ٻئي طرف وري جڏهن انسان اهو مڃي ٿو تہ سج آهي، گرم آهي، ٻرندڙ گئسن جو مجموعو آهي ۽ ڦري ٿو. تڏهن هو ڪو سج تي احسان ڪونہ ٿو ڪري، پر پنهنجي ڄاڻ کي حقيقت مطابق درست ڪري ٿو. ٻين لفظن ۾ سج انساني خواهشن ۽ شعور جو پابند ڪونهي پر ان کان آزاد پنهنجو وجود رکي ٿو. اهڙيءَ طرح ذهن کان آزاد وجود رکندڙ شين کي معروضي سڏجي ٿو.

اها اسان جي روزاني عملي زندگي يعني پيداواري پورهيو آهي، جيڪو اسان کي قائل ٿو ڪري تہ دنيا معروضي طرح وجود رکي ٿي ۽ مادي جي ٺهيل آهي.

اسين وجود جي اڻ ڳُڻ تعداد ۽ بي انتها لقائن جي گهيري ۾ آهيون. پٿر، وڻ، واريءَ جا ذرڙا ۽ بيابان، نديون، سمنڊ ۽ اپسمنڊ، سج، چنڊ، تارا ۽ ٻيا گرهہ، جانور ۽ ٻوٽا وغيره. اسين ڪرسي، ميز، کٽ، بسترو ۽ گهر وغيره چئون ٿا تڏهن ڪرسي، ميز وغيره ڪا ڪٽي اچي نہ ٿا رکون، پر انهن شين جي تصور کي پيش ڪريون ٿا. اهڙا هڪڙا تصور ٻين تصورن جي ڀيٽ ۾ ننڍا ۽ وڏا بہ ٿي سگهن ٿا. مثال طور جڏهن ”ميز“ چئون ٿا تڏهن هڪ اهڙي تصور کي پيش ڪريون ٿا جنهن کي ”شيءِ“ سڏيو وڃي ٿو ۽ ان ۾ ميزن، ڪرسين وغيره جهڙين شيون بہ شامل آهن. ان لحاظ کان ”شيءِ“ جو تصور ”ميز“ جي تصور کان گهڻو وڏو تصور آهي. ”شيءِ“ ڪيترين ئي شين جي لاءِ هڪ وڏو ۽ وڏيڪ عام تصور آهي.

ڇا اهو ممڪن آهي تہ ڪي اڃا بہ وڏيڪ وڏا ۽ وڏيڪ عام تصور هجن؟ ڪي اهڙا تصور جيڪي سڄيءَ ڪائنات ۾ ٿيندڙ لقائن ۽ ان ۾ موجود سمورين شين جي تصور کي پيش ڪن؟ ڪو اهڙو تصور جيڪو ڪن شين جي هڪ ٽولي جي خاصيتن ۽ جوهر جي پڌرائي ڪونہ ٿو ڪري، پر اهڙو تصور جيڪو ايٽم، واريءَ جي ذري، گل، جبل، هر ننڍڙي کان هر وڏي، انساني دماغ کان ويندي سج، چنڊ ۽ سمورن



تارن تائين هر شيءِ کي هڪ تصور وسيلي پيش ڪري سگهي؟ اهڙي وڏيڪ عام ۽ وڏيڪ وڏن تصورن کي فلسفي جي ٻوليءَ ۾ درجو. فلسفيانہ درجو سڏيو ويندو آهي ۽ اهڙا ئي وڏيڪ وڏا ۽ وڏيڪ عام تصور فلسفي جو موضوع آهن.

ڇا سمورين شين ۾ ڪي اهڙا گڏ ۽ خاصيتون موجود آهن جيڪي سڀ کان وڏيڪ ضروري ۽ وڏيڪ عام هجن؟ ها، اهڙيون ڪيتريون ئي خاصيتون آهن. پهرين خاصيت هيءَ آهي تہ اسان جي چوڌاري، هر طرف، اسانجي ذهن کان آزاد جيڪي بہ شيون موجود آهن، اهي ”مادو“ آهن. سڀني شين جي رڳو اها خاصيت ڪانهي پر اهي ڪيتريون ئي ٻيون بہ خاصيتون رکن ٿيون. جڏهن اسين گرم پاڻيءَ سان هٿ ڌوئيندا آهيون تہ گرميءَ جو احساس محسوس ڪندا آهيون. جڏهن ڪنهن بہ باغ تي نظر وجهون ٿا تڏهن ڪيترن ئي رنگن ۽ قسمن جا گل ڏسون ٿا، جڏهن جبل ڏسون ٿا تڏهن ننڍن وڏن پٿرن ۽ ڇپن جي عظيم ڍير کي ڏسون ٿا، اها ڪانہ ڪا خاصيت پڻ رکي ٿي ۽ هر خاصيت اسان جي محسوس ڪرڻ جي حواسن تي اثر وجهي، ڪونہ ڪو پنهنجو مخصوص احساس پيدا ڪري ٿي.

سمورين شين جا وڏيڪ عام گُڻ مقرر ڪرڻ کان پوءِ هاڻي اچو تہ ”مادو“ تصور جي تشريح ڪريون. پنهنجي هڪ ڪتاب ”ماديت ۽ تجربي- تنقيد“ ۾ لينن لکي ٿو. ”مادو هڪ فلسفيانہ درجو آهي، جيڪو ظاهر ڪري ٿو تہ هو هڪ معروضي حقيقت آهي ۽ ان کي ماڻهو پنهنجن حواسن وسيلي ڄاڻي ٿو...... مادو اهو آهي جيڪو اسان جي حواسن تي اثر ڪري (پنهنجو مخصوص) احساس پيدا ڪري ٿو. مادو هڪ معروضي حقيقت آهي، جيڪا اسان وٽ احساسن وسيلي پهچي ٿي.“ (لينن، گڏيل لکڻيون، جلد 14، ص: 130 ۽ 146)

تنهنڪري سادي نموني مادو چئجي ٿو اسان جي چوڌاري موجود هر ان شيءِ کي جيڪا معروضي طرح وجود رکي ٿي، يعني سڄي جو سڄي، ويڪري ٻاهرين دنيا.

هر هڪ کي اهو ياد رکڻ گهرجي تہ مادو اها ساڳي شيءِ ناهي جنهن کي سبسٽنس (مايو) چئجي ٿو. سبسٽنس لاطيني ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”مايو“، پر فزڪس مادي ۽ مايي ۾ هڪ فرق ڪري ٿي. مثال طور، روشني جيئن تہ ذهن کان آزاد وجود رکي ٿي ، تنهن ڪري مادو آهي، پر فزڪس موجب اها مايي جي صورت ۾ نہ، پر غير مايي جي صورت ۾ آهي. ڪجهہ ماديت پسندن وري ”مادي“ جي اها معنيٰ پئي ڪئي تہ ڪو مخصوص مواد، جيڪو سموريون شيون ناهي ٿو. مثال طور دمقراط ايٽم کي مادي جو آخري بنياد پئي سمجهيو.

ٻئي طرف سڄاڻڪ/ سائنسدان نيوٽن جي ڏينهن کان اهو خيال پئي ڪيو ويو تہ ڪنهن بہ جسم جو مايو دائمي ۽ اڻ بدلجندڙ رهي ٿو پوءِ ڀلي اها شيءِ ڀينل هجي يا ڇُرندڙ۔ پر تازين کوجنائن اهو ڏيکاريو آهي تہ هڪ اليڪٽران جو مايو هرو ڀرو دائمي ڪونہ ٿو رهي، پر پنهنجيءَ رفتار مطابق تبديل ٿيندو رهي ٿو.

سترهين ۽ ارڙهين صديءَ ۾ بہ سائنس اهو يقين پئي رکيو تہ ايٽم ”نہ ورهائي سگهجندڙ“ ”اڻ تباهہ ٿيندڙ“ ۽ ”دائمي“ هئا، اهي ”ڪائنات جوڙيندڙ آخري اڻٽُٽ بلاڪ“ هئا، جن مان سڄي دنيا ٺهيل هئي. اهو تصور اڻويهين صديءَ ۾ پڻ رهيو پر ان صديءَ جي پوين سالن ۾ سائنسي کوجنائن مادي جي اهڙن ”آخري اڻٽُٽ بلاڪن“ تي ايمان ۾ ڏار وجهي ڇڏيا. اڻويهين صديءَ جي آخري سالن ۾ سائنسي دنيا ۾ اهو يقين ٻڌجي ويو تہ ايٽم جي اڻٽُٽ هئڻ جو خيال، بهرحال، سچ ڪونہ هو. پر اهو ورهائي سگهجي ٿو. اج هرهڪ ڄاڻي ٿو تہ ايٽم ٽوڙي سگهجي ٿو. اج ايٽم کي ٽوڙيو ويو آهي ۽ ان جي ٽُٽڻ ڪري ڪيترائي پراڻا ڄميل خيال ٽُٽي ويا آهن.

اسين ڏسون پيا تہ سائنس جي دنيا ۾ جيڪي بہ نيون کوجنائون ٿين پيون انهن ڪيترن ئي پراڻن خيالن کي رد ڪري ڇڏيو آهي. پر اچو تہ اهو ڏسون تہ ڇا سائنس جي هر نئين تحقيق جيڪي واڌارا ڪري رهي آهي اها مادي جي باري ۾ فلسفي جي پيش ڪيل تصور کي رد ڪري ٿي يا نہ. خيال پرست مادي جسمن جي باري ۾ سائنس جي نظرين کي غلط سلط پيش ڪن ٿا. هو چون ٿا تہ جيئن تہ مادو ايٽمن جو ٺهيل آهي ۽ مادي جو بنياد ايٽم آهي ۽ اهو ثابت ڪيو ويو آهي تہ ايٽم ٽُٽي سگهي ٿو. تنهن ڪري مادي جو اصلي بڻ بڻياد ۽ ان ڪري ماديت جو بڻ بڻياد ”ويڙهجي ويو“، ختم ٿي ويو، انهن دعويٰ ڪئي تہ مادو ”فنا ٿي ويو.“

اهو ان ڪري ٿيو جو ميٽا فزڪس پسند ماديت پسند فلاسافر ڪيترين ئي صدين کان ايٽم کي ئي مادي جو بنياد سمجهندا رهيا، ۽ اهو پڻ سمجهندا رهيا تہ ايٽم جي اندر نہ ڪنهن شيءِ کي داخل ڪري سگهجي ٿو ۽ نہ ئي ان کي ٽوڙي سگهجي ٿو.

ايٽم بذات خود هڪ وڏي ڳُٽيل ۽ پيچيده عمل جو مجموعو ٿئي ٿو. ايٽم ڪا نوس شيءِ ڪانهي پر ايٽم ۾ هڪ مرڪز يا مک ٿئي ٿي، جنهن جي چوڌاري هڪ ننڍڙو ذرڙو اليڪٽران زبردست تيزيءَ سان ڦرندو رهي ٿو. ويهين صديءَ جي شروع ۾ سڄاڻڪن کي خبر هئي تہ مک ۾ بہ وري بہ ذرڙا پروٽان ۽ نيوٽران ٿين ٿا، پر جديد کوجنائن موجوب مک ۾ ٽيهن کان بہ وڌيڪ ذرڙا آهن. اڃا بہ وڌيڪ هيءُ تہ ايٽم جي مک ۾ موجود اهي شروعاتي (بنيادي) ذرڙا (پروٽان، نيوٽران، پازيٽران، هائپران، ميسن



وغيره) ۽ انهن جي چوڌاري زبردست رفتار سان ڦرندڙ اليڪٽران پنهنجي پنهنجي جاءِ تي هر هڪ ايٽم جيان زبردست ڳُتيل عمل جو مجموعو آهن.

اهڙين کوجنائن ميٽا فزڪس طريقي موجب سوچيندڙ فلاسافرن کي پريشان ڪري ڇڏيو ۽ ٻئي طرف خيال پرست وري ڪڇيون هڻڻ لڳا تہ واقعي مادو ”ويڙهجي ويو آهي“، ”فنا ٿي ويو آهي“، ”غائب ٿي ويو آهي.“

اهڙين ڄڻاٽين ڳالهين تي لينن ڌاڍي وٺ ڪئي. هن چيو تہ جديد سائنسي کوجنائن جي نتيجي ۾ مادو غائب نہ ٿيو آهي پر حقيقت ۾ اها حد ختم ٿي وئي آهي جنهن حد تائين اسان مادي کي ڄاتو پئي. ڪالهہ اسان جي علم جي حد ايٽم تائين هئي، اج اها اليڪٽران تائين پهتي آهي ۽ سڀاڻي اها حد بہ ختم ٿي ويندي. اسان جو علم مادي جي گهراين ۾ پيهندو پيو وڃي، ان جي وڌ کان وڌيڪ خاصيتن کي، ان جي نازڪ پهلوئن کي ظاهر ڪندو پيو وڃي. اليڪٽران ليڻ ڪري اسين مادي جي هڪ نئين شڪل کان واقف ٿيا آهيون. لينن ان وقت جي نين کوجنائن جو حوالو ڏيندي چيو، ”اليڪٽران بہ اهڙيءَ طرح لافاني آهن جيئن مادو لامحدود آهي.“ هن اهو بہ ظاهر ڪيو تہ مادو هميشہ مايي واري صورت ۾ موجود نہ ٿو رهي پر غير مايي واري صورت ۾ بہ ٿئي ٿو، جيئن روشني مادي جي غير مايي واري صورت آهي. نہ رڳو ايٽم مادو آهي پر اليڪٽران ۽ ٻيا سمورا ذرڙا جيڪي هن وقت تائين فزڪس ڳوليا آهن، اهي سڀ مادو آهن. نيون سائنسي کوجنائون اهو ڪونہ ٿيون ڏيکارن تہ مادو گهٽ ۾ گهٽ حد تائين غائب ٿي ويو آهي. اهي تہ رڳو سادي نموني مادي جي نون قسمن ۽ نين صورتن کي روشنيءَ ۾ ڪڍي آيون آهن، جن جي باري ۾ ماضيءَ واري ماديت وٽ ڪوبہ تصور ڪونہ هو.

اڄوڪي دنيا ۾ انهن ئي ايٽمي ذرڙن جي (ايٽمي) قوت کي پنهنجي قبضي ۾ ڪري ايٽم بم، نيوٽران بم ۽ هائڊروجن بم جهڙيون مصيبتون هڪ طرف، تہ ٻئي طرف وري ايٽمي بجلي گهرن، ايٽمي ٻنين وغيره جهڙيون شيون ڇا ٿيون ثابت ڪن؟ اهي رڳو هڪ ئي ڳالهہ ثابت ٿيون ڪن تہ نہ رڳو ايٽم مادو آهن پر ان جيان اليڪٽران ۽ ٻيا ابتدائي/ بنيادي ذرڙا بہ مادو آهن. ماديت کي سائنس ”ويڙهيو“، ”ڏڪاريو“ ڪونهي.

ٻئي طرف هرهڪ کي اهو ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ ڪٿي هن مادي جي قدرتي سائنسن واري تشريح ۽ فلسفي جي ڏنل تصور کي هڪ ٻئي سان منجهائي/ منجهڙائي تہ نہ ڇڏيو آهي! نيون کوجنائون دنيا جي باري ۾ پراڻي ڄاڻ ۽ پراڻن خيالن

کي رد تہ ڪن ٿيون پر اهي ڪڏهن بہ مادي جي فلسفياڻي تصور کي رد ڪري نہ ٿيون سگهن، ڇو تہ اهو دنيا جي ڏانچي سان ٻڌل ڪونهي پر ان جي معروضي وجود سان ڳنڍيل آهي. مادو ڪا هڪ خاصيت ڪونہ ٿو رکي پر اهو خاصيتن جو اڻ ڪُٽ سلسلو آهي. اها ئي ڳالهہ سائنس جون جديد کوجنائون بہ ثابت ڪن ٿيون. لينن لکيو "جديد فزڪس جنم ڏئي پئي، اها جدلي ماديت کي جنم ڏئي پئي." ڪهڙا بہ ذرڙا لڌا ويا آهن يا لڌا ويندا، اهي ماديت جي انڪار طرف ڪڏهن بہ وڃي نہ ٿا سگهن، ڇو تہ اهي سمورا ذرڙا پاڻ مادو آهن، اهي پڻ انساني سوچ کان آزاد، معروضي طور وجود رکن ٿا.

پوءِ پلا هي خيال پرست فلاسفر مادي جي اهڙي تصور تي جڪ ڇو پيا ڪائن؟ مادي جي اهڙي تصور تي خيالن جي ڇتي وٺ وٺان ان ڪري مڙي مچ ٿئي ٿي جو ماديت جو بڻ بڻياد مادو آهي. اهو مشاهدو ڪندي تہ سمورين "ظالم اسڪيمن" کي پنهنجو بڻ بڻياد مادي جي دائمي وجود جي نظريي ۾ آهي، موضوعي خيال پرستيءَ جو بڻ بڻياد رکندڙن مان هڪ انگريز پادري جارج برڪلي لکيو. "انهن سمورن شيطاني سرشتن کي ان (مادي) تي ايڏو تہ ڇتو ۽ ضروري دارومدار آهي جو جيئن ئي هي پيڙهہ جو پٿر هٽايو ويو تيئن ئي هيءَ (مادي پسنديءَ واري) سڄي عمارت ڏو اچي پٽ تي ڪندي." برڪلي ميڙي چوندي جيڪو نتيجو ڪڍيو، اهو هي تہ "علم، امن ۽ مذهب جي سمورن دوستن وٽ اها خواهش رکڻ جو سبب موجود آهي" تہ هو ماديت کان نفرت ڪن. (جارج برڪلي، انساني علم جي اُصولن جي لکت، ص: 840 ۽ 86)

برڪلي جا هي لفظ حاڪم طبقن جي مفادن جي نگهباني ڪندڙ خيال پرستن لاءِ رهنمائيءَ جو ڪم ڪن ٿا ۽ اهو ئي سبب آهي جو اهڙا خيال پرست سائنسي حقيقتن کان شتر مرغ جيان واريءَ ۾ مٿو هنيو اکيون پوريو ويٺا آهن. ٻئي طرف سائنس جي هر تحقيق ماديت ۽ ان جي تعليم تہ مادو دائمي آهي، جي ثابتيءَ لاءِ نيون نيون تصديقون پئي مهيا ڪري.

ڏسڻ ڏسين جي، تہ همہ ڪي حق چئين،
شارڪ شڪ مَ نين، انڌا انهيءَ ڳالهہ ۾.

مادو دائمي آهي، مادو لافاني آهي، مادو هميشہ هو ۽ هميشہ رهندو وغيره ڳالهيون عام طرح اهو سوال اُٿاريندڙيون آهن تہ اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو تہ مادو هميشہ کان وجود رکندڙ آهي؟ مادي کي ڪونہ ڪو شروعات جو ڏينهن هئڻ گهرجي، مادو ڪٿان آيو؟ وغيره. اهڙن سوالن ۾ ڪابہ حيرت جهڙي ڳالهہ ڪانهي. هرهڪ کي پنهنجي



زندگيءَ جو تجربو ٻڌائي ٿو تہ هر شيءِ کي هڪ شروعات ۽ هڪ پڇاڙي آهي. ان ڪري ايئن لڳي ٿو تہ مادي کي پڻ ڪڏهن نہ ڪڏهن شروعات هئڻ گهرجي. اهو ئي سبب آهي جو اهو سوال اُٿي ٿو تہ مادي کي ڪنهن خلقيو؟ سائنس جواب ڏئي ٿي: اهو هميشہ کان وجود رکندڙ آهي، سڄي جو سڄي وقت دوران وجود رکندڙ آهي. مادي جي بقا وارو قانون چوي ٿو: مادو نہ تخليق ڪري سگهجي ٿو ۽ نہ ئي تباهہ ڪري سگهجي ٿو، مادو رڳو پنهنجون صورتون بدلائي ٿو.

ڪاٺي سڙي وڃي ٿي، ڪُڪڙ پيهي اٽو ڪري کائجي ٿي، انسان مري وڃي ٿو، بم ڦاٽي پوي ٿو. ڪاٺي، ڪُڪڙ، انسان ۽ بم سڀ مادي جا نهيل آهن. ڇا ڪاٺي، ڪُڪڙ، انسان ۽ بم سڀ تباهہ ٿي ويا؟ ڇا مادو تباهہ ٿي ويو؟ ڇا تباهہ ٿيو- ڪاٺي، ڪُڪڙ، انسان ۽ بم يا مادو؟ ڪاٺي سڙڻ کان پوءِ ڪوئلو، خاڪ ۽ دونهون بڻجي وئي، ڪُڪڙ هضم ٿي جسم جي طاقت بڻجي وئي ۽ ڪجهہ حصو ڦوڳ جي صورت ۾ نيڪال ٿي ويو، انسان مٽيءَ ۾ ملي مٽي ٿي ويو (يا جيڪڏهن سڙيو تہ خاڪ ۽ دونهون بڻجي ويو)، بم ڦاٽي ٽڪرا ٽڪرا ٿيو يا گئس بڻجي ويو. هاڻي اچو تہ وري ساڳيو سوال ورجايون: ڇا مادو فنا ٿي ويو؟ نہ، مادو فنا نہ ٿي ويو، پنهنجي اڳين صورت مان بدلجي هڪ نئين صورت ۾ ظاهر ٿيو. هميشہ کان ايئن ٿيندو آيو آهي. ڪڏهن بہ، ڪٿي بہ، ڪيتري بہ عرصي کان پوءِ جيڪڏهن مادي جي هڪ صورت ختم ٿئي ٿي تہ اهو ٻيءَ صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو. اها ئي ڳالهہ ثابت ڪري ٿي تہ مادو هميشہ کان آهي ۽ هميشہ رهندو پر اهو پنهنجون صورتون بدلائيندو رهي ٿو.

مادي جي بقا جو قانون وڌيڪ چوي ٿو تہ اهڙو ڪوبہ ذرڙو ڪونهي جيڪو نشان ڇڏڻ کان سواءِ غائب ٿي سگهي يا وري جتي "ڪجهہ بہ نہ" هجي اتي ڪجهہ ظاهر ٿي سگهي. اچو تہ ڪي گهڙيون اهو سوچيون تہ هن سڄي وسيع ۽ لامحدود ڪائنات بدران هتي "ڪجهہ بہ نہ" هو. جتي "ڪجهہ بہ نہ" هجي ڇا اتي ڪا شيءِ ٿي سگهي ٿي؟ ڇا "ڪجهہ بہ نہ" مان "ڪجهہ" ظاهر ٿي سگهي ٿو؟ ڇا "ڪجهہ بہ نہ" مان هيڏي وسيع ڪائنات نڪري سگهي ٿي؟ جواب آهي تہ نہ. "ڪجهہ بہ نہ" مان جيڪڏهن "ڪجهہ" نڪري سگهي ٿو تہ اهو "ڪجهہ بہ نہ" ئي هوندو. مادو ڪو انبن جو ٽوڪرو نہ آهي جو لاڙڪاڻي مان هلي اچي حيدرآباد پهچي. جيڪڏهن مادو آيل بہ آهي تہ اهو مادي مان ئي آيل آهي ۽ ان جو مطلب اهو آهي تہ مادو هميشہ کان آهي. اهو ڪڏهن بہ تخليق نہ ڪيو ويو آهي، اهو دائمي آهي، لافاني آهي، ڪابہ شيءِ جيڪا تخليق ڪري سگهجي ٿي اها ئي تباهہ ڪري سگهجي ٿي، مادو نہ ئي تخليق ڪيل آهي ۽ نہ ئي تباهہ ٿي سگهي ٿو، مادي جو انت ڪونهي.

## ماديءَ چرپر جي هيڪڙائي:

هلو سائين، مجيوسين تہ مادو هميشہ کان موجود آهي، پر ان ۾ چرپر ڪٿان آئي؟ اها ڪهڙي قوت، ڪهڙي هستي آهي جنهن مادي ۾ چرپر پيدا ڪئي؟ هي سوال ان پراڻي سوچ سان ڳنڍيل آهي، جنهن موجب موجوده وقت واري ڪنهن ڪائنات بدران ڪنهن اڻ ڄاتل وقت، گهڻو گهڻو اڳي، ڪروڙين اربين سال اڳ هيءَ ڪائنات بنا ڪنهن شڪل وارو نہ چرندڙ مادو هئي، هڪ ڏاڍو وڏو بيٺل گولو هئي، جنهن کي ڪنهن ڌڪو ڏئي چرپر ۾ آندو. خيال پرست ۽ پادري جواب ڏين ٿا تہ جيئن تہ مادي اندر اهڙا ڪي بہ سبب ڪونہ هئا، جيڪي ان کي چرپر ۾ آڻي سگهن، تنهن ڪري اتي ڪا ٻاهرين اعليٰ قسم جي قوت هئڻ گهرجي، جنهن "مرده" مادي کي سندس نہ چرندڙ "دائمي" ننڊ واري حالت مان جاڳايو.

ڇا مادو واقعي چرپر ۾ اچڻ لاءِ ڪنهن اعليٰ، ڪنهن ٻاهرين قوت جي زور جو محتاج آهي؟ ڇا چرپر مادي جي اندران ئي اچي نہ ٿي سگهي؟

پيش ڪيل هي اعتراض انهن خيالن تي ٻڌل آهي تہ چرپر معنيٰ سادي نموني هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تي وڃڻ، جيڪڏهن ڪا شيءِ ڪنهن جاءِ تي رکي آهي معنيٰ ان ۾ چرپر ڪانهي. مثال طور هڪڙو پٿر تيستائين پنهنجي جاءِ ڪونہ ٿو بدلائي جيستائين ڪوان کي ڪٽي ڦٽو ڪري. چرپر جو اهڙو تصور ڏاڍو مٿاڇرو ۽ غير سائنسي آهي. ان پٿر کي ئي وٺو جيڪو ڪنهن جاءِ تي چپ چاپ پيو آهي. ڇا ان پٿر ۾ چرپر ڪانهي؟ ان پٿر ۾ چرپر موجود آهي. ان پٿر ۾ ان جي جزن، ايٽمن، اليڪٽرانن، پروٽانن وغيره جي هڪ بہ نہ، پر ڪيترين ئي چرپرون موجود آهن، ڇو تہ پٿر ۾ اهي شيون موجود آهن. هڪ گهر بهرحال بيٺل ڪونهي پر اهو ڌرتيءَ سميت سج جي چوڌاري ڦري ٿو ۽ خود ان ۾ بہ پٿر واريون ساڳيون چرپرون موجود آهن. جڏهن اسين چپ ڪري ويهون ٿا، تہ ڇا ڪنهن بہ قسم جي چرپر ۾ نہ آهيون؟ اڃو تہ ان ڳالهہ تي ڪجهہ وڌيڪ سوچيون تہ هر گهڙيءَ هر انسان يا ساهواري ۾ ڪيترين چرپرون آهن.

سمورا ساهورا ننڍڙن جيو گهرڙن (Cells) جا ٺهيل آهن. هرهڪ جيو گهرڙو حياتي رکي ٿو ۽ ايٽمن جو ٺهيل آهي. سمورا ساهوارا ڌرتيءَ تي موجود آهن، ڌرتي سج جي نظام جو حصو آهي ۽ سج جو نظام وري ڪائنات جو حصو آهي. سج پنهنجي نظام/ سرشتي سميت پنهنجي محور چوڌاري ۽ ڪائنات ۾ ڦري ٿو. ڌرتي سج جي چوڦير ڦري ٿي ۽ پنهنجي محور جي چوڌاري پڻ ڦري ٿي. جيئن تہ ڌرتيءَ تي موجود سموريون شيون ايٽمن جون ٺهيل آهن ايٽمن جون ڳتيل ۽ پيچيده چرپرون هر جاندار ۾ بہ ٿين ٿيون پر هر گهڙيءَ انساني بدن ۾ رت وهندو رهي ٿو، پراڻا جيو گهرڙا



ٽُٽندا ۽ نوان ڦُٽندا رهن ٿا. هر جيو گهرڙي ۾ هر گهڙيءَ حياتيءَ جو عمل ٿيندو رهي ٿو، دل ڌڙڪندي رهي ٿي، ساهہ کڄندو رهي ٿو وغيره وغيره. ڇا اهي سڀ چرپرون نہ آهن؟ اهي سڀ چرپرون آهن. چرپر ڪا اهڙي سادي نہ آهي جهڙي عام طرح تصور ڪئي وڃي ٿي.

ماڻهو ڏسن ٿا تہ پٿر اُڇلايو وڃڻ کان اڳ پٽ تي پيو آهي، ڏاند گاڏي تيستائين نہ ٿي هلي جيستائين ڏاند ان کي نٿا ڇڪين، موٽر تيستائين نہ ٿي ڇُري جيستائين ڊرائيور ان کي نہ هلائي، اسين تيستائين نٿا ڇرون جيستائين اهڙو ارادو ڪري هلڻ شروع نہ ڪريون وغيره. اهڙا ئي مشاهدا هن تصور لاءِ بنياد مهيا ڪن ٿا تہ مادو بہ ان کان اڳ بيٺل هو، تان جوان کي ڪنهن "اعليٰ طاقت" "ڪنهن روح" "پهريون ڌڪو" ڏنو.

لڳ ڀڳ 200 سال اڳ تائين سائنس بہ رڳو هڪ قسم جي چرپر جو اڀياس ڪيو هو يعني خلا ۾ جسمن جي چرپر، مشيني چرپر. تنهن ڪري ئي اهو بہ سمجهيو ويندو هو تہ جيستائين ڪو ٻاهريون زور ڌڪو نہ ڏئي، ڪا بہ شيءِ چرپر ۾ نہ ٿي اچي. اها ئي سمجهاڻي هن سڄي جو سڄي قدرت سان لاڳو ڪي وئي، پر جيئن جيئن فزڪس، ڪيمسٽري ۽ بائلاجي ترقي ڪئي تيئن تيئن اهو نروار ٿيندو ويو تہ چرپر جون ڪيترين ئي صورتون آهن.

اچو تہ گرميءَ جو مثال وٺون. اهو ڳولي لڌو ويو تہ گرمي ڪيترن ئي جزن جي لاڳيتي چرپر جو نتيجو آهي. جڏهن پاڻيءَ کي گرم ڪيو وڃي ٿو تڏهن پاڻيءَ جا جزا چرپر ۾ اچن ٿا ۽ نتيجي ۾ پاڻي گرم ٿئي ٿو پر اها مشيني چرپر نہ آهي پر اڃا وڌيڪ ڳتيل قسم جو عمل آهي. بجليءَ جو ڪرنٽ (وهڪرو) اليڪٽرانن جي چرپر ڪري ٿئي ٿو هي اڃا بہ وڌيڪ ڳتيل قسم جو عمل آهي. ايٽمي ذرڙن جي ٽُٽڻ جُڙڻ ڪري ڪيميائي عمل ٿئي ٿو جيڪو اڃا بہ ڏاڍو ڳتيل قسم جو عمل آهي. هڪ ساهوارو بدن، جيئن اڳ ڄاڻائي آيا آهيون، هميشہ چرپر ۾ آهي ۽ انساني سماج بہ لاڳيتي چرپر ۾ آهي. سماجي سرشتا تبديل ٿين ٿا، ماڻهو تبديل ٿين ٿا وغيره. اڄڪلهہ اهو چئي نہ ٿو سگهجي تہ چرپر معنيٰ خلا ۾ جسمن جي سادي مشيني چرپر. ها اهڙي چرپر رڳو چرپر جو هڪڙو قسم آهي.

هاڻي اسان کي پاڻ کان پڇڻ گهرجي تہ چرپر جي وڌيڪ عام فلسفياڻي نموني معنيٰ ڇا آهي؟ چرپر جي سمورن قسمن جو وڏي ۾ وڏو ڪردار يا جوهر ڪهڙو آهي؟ اينجلس لکيو: "چرپر ڪائنات ۾ ظاهر ٿيندڙ سمورن عملن ۽ تبديلين جو نالو آهي، جاءِ جي تبديليءَ کان وٺي ويندي سوچ جي تبديليءَ تائين." (اينجلس، قدرت جي جدليات، ص_ 69، ماسڪو 1966ع)

چرپر سڄي دنيا ۾ ڪنهن نه لقاءَ ۾ ڪنهن نه شيءِ ۾ تبديليءَ جو نالو آهي. عام طرح چرپر هڪ تبديلي آهي.

اسان هيئنر جيڪو ڪجهه چئي آيا آهيون، ان مان اسان کي خبر پئي ٿي ته مادي ۾ چرپر جون ڪيترين ئي صورتون آهن.

جدلي ماديت چرپر جي شڪلين کي گهٽائي رڳو مشيني صورت تائين محدود نه ٿي ڪري پر چرپر کي تبديليءَ سان، جسم جي واڌ ويجهه سان جديد جي ظاهر ٿيڻ ۽ قديم جي ختم ٿي وڃڻ سان ڳنڍي ٿي. جدلي ماديت سائنس جي ڪاميابين جي ڪري چرپر جي قسمن جي ورڇ/ ورهاست ڪري ٿي ۽ وڏيڪ بنيادي صورت کي اهميت ڏئي ٿي.

هن وقت تائين مادي جي چرپر جون پنج صورتون ڳڻيون وڃن ٿيون:

### پهرين، مشيني صورت:

هن کي چرپر جي مڪينيڪل صورت چيو وڃي ٿو. اٺويهين صديءَ ۾ نظر ايندڙ جسمن جي جاءِ جي تبديليءَ کي سمجهيو ويندو هو. هيئنر اها ڳالهه طئي ٿي چڪي آهي ته جاءِ جي تبديلي مادي جي سمورين اڏاوتن ۾، شروعاتي ذرڙن کان وٺي ويندي هڪ جيئري عضوي تائين ۽ جيئري عضوي کان وٺي ويندي سڄيءَ ڪائنات ۾ موجود آهي. تنهن ڪري مشيني چرپر کي رڳو نظر ايندڙ جسمن تائين محدود ڪرڻ نه گهرجي. هيءَ چرپر مادي جي هر قسم ۾ موجود آهي پر ڪٿي نروار هوندي آهي ته ڪٿي ڳُجهي.

### ٻي، فزڪس واري صورت:

هن کي چرپر جي فزيڪل صورت چيو وڃي ٿو. ڪجهه زمانو اڳ گرميءَ، بجليءَ ۽ چقمق ڪشش جي چرپر کي هن قسم جي چرپر سمجهيو ويندو هو پر هاڻي ته ايٽمن جي وچ ۾ چرپر ۽ هر بن ايٽمن جي مکن- مرڪزن جي وچ ۾ چرپر کي به فزيڪل چرپر ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. ان جي ڪري گئسن، پاڻياڻن ۽ نوس شين جي چرپرن کي به فزيڪل چرپر چيو وڃي ٿو.

### ٽين، ڪيميائي صورت:

هن کي چرپر جي ڪيميڪل صورت چيو وڃي ٿو. چرپر جي هن قسم ۾ ايٽمن ۽ جزن جو ٽُٽڻ يا جُڙڻ، پراڻين ڪيميائي خاصيتن جو نئين ڪيميائي خاصيتن ۾ تبديل ٿيڻ شامل آهي. چرپر جي هيءَ شڪل هر ساهواري ۽ بي ساهه شيءِ ۾ موجود آهي. اليڪٽران جي تبديلي چرپر جي هن صورت ۾ ڳڻي وڃي ٿي.



### چوٿين، ساهوارن جي چرپر:

هن کي چرپر جي بائلاجيڪل صورت چيو وڃي ٿو ۽ زندهه شين جي سمورن مختلف عملن تي پکڙيل آهي. جيو گهرڙن جي وڌڻ ويجهڻ ۽ ٽُٽڻ ۽ ان منجهان نون جيو گهرڙن جو ٺهڻ، سمورن جيو گهرڙن ۾ حياتيءَ جو پيچيده عمل به چرپر جي هن صورت ۾ ڳڻيو وڃي ٿو.

### پنجين، سماجي زندگيءَ جي چرپر:

هن صورت کي سوشل چرپر چيو وڃي ٿو ۽ انساني سماج جي تاريخ مادي جي چرپر جي اڃا به اعليٰ قسم جي چرپ آهي. هيءَ چرپر ٻين چرپرن کان بنيادي طرح ۽ خاصيتي طرح ٻي قسم جي آهي. چرپر جي هيءَ صورت انساني سماج جي وجود ۾ اچڻ وقت نروار ٿي ۽ هن جي خاص خاصيت مادي پيداوار آهي. غلاميءَ واري سماج جو جاگيرداريءَ، جاگيرداريءَ جو سرمائيداريءَ ۽ سرمائيداريءَ جو سوشلسٽ سماج ۾ تبديل ٿيڻ، چرپر جي هن قسم جي نشاندهي ڪري ٿو.

هاڻي متي بحث هيٺ آندل سوالن ڏانهن موٽي هلون ٿا. ڇا مادو ڪڏهن به غير متحرڪ، نه چُرندڙ اڻ بدلجندڙ حالت ۾ ٿي پئي سگهيو؟ نه. بهرحال نه- جڏهن اڃا انساني ذهن، روح، ڪوبه ساهوارو ڪوبه جيو گهرڙو موجود ڪونه هو تڏهن به مادي ۾ چرپر، تبديلي موجود هئي. حقيقت ۾ جيئن ته سمورا جسم ايٽمن ۽ جزن جا ٺهيل آهن ۽ ايٽم ۽ جزا هميشه چرپر ۾ آهن، تنهن ڪري گهٽو گهٽ اڳي، ڪڏهن به، ڪو دائم، اڻ چرندڙ ۽ جميل جسم ٿي ئي نه پئي سگهيو. اڃا به وڏيڪ هي ته جيئن ته جزا، ايٽم، اليڪٽران، پروٽان وغيره هميشه کان وجود رکندڙ آهن، تنهن ڪري انهن جي ڪيميائي چرپر به هميشه کان ٿيندي رهي آهي. هن بحث جو نتيجو اهو ٿيو ته اهڙو ڪوبه وقت ڪونه هو جڏهن مادي چرپر کان سواءِ وجود رکيو هجي. اهو ئي سبب آهي جو چئون ٿا ته چرپر مادي جي وجود رکڻ جي هڪڙي شڪل آهي، مادي جي هستيءَ جي شڪل آهي.

ڇا چرپر مادي کان سواءِ ۽ مادو چرپر کان سواءِ ٿي سگهي ٿو؟ اسين اهو اڳ ئي بيان ڪري آيا آهيون ته مادي جي ڪابه جميل، غير متحرڪ يا اڻ بدلجندڙ حالت ٿي نه ٿي سگهي. مادي ۽ چرپر کي هڪ ٻئي کان جدا ڪري نٿو سگهجي، پر ڪجهه ماڻهو اهڙا به آهن جيڪي اڄ به مادي کي چرپر کان سواءِ سمجهن ٿا، هو مادي کي چرپر کان ڌار ڪن ٿا. اهڙا ماڻهو ڪائنات ۾ گرميءَ جي خاتمي جو نظريو پيش ڪن ٿا. اهو نظريو سائنسي ڪوجنائن کي چباڙي چيتاڙي دنيا جي آئنده "خاتمي" جي، هر موجود شيءِ جي "موت" جي اڳ ڪٿي ڪري ٿو.

هي نظريو ان ڳالھ تي بنياد رکي ٿو تہ شڪتيءَ جون سموريون صورتون گرميءَ ۾ تبديل ٿي سگهن ٿيون. (گرمي بہ شڪتيءَ جي هڪ صورت آهي) ان جي لاءِ هي مثال ڏين ٿا تہ جيڪڏهن ڪو گرم جسم ٿڌي ماحول ۾ رکيو وڃي ٿو تہ آهستي آهستي اهو جسم پنهنجي گرمي ضايع ڪندو رهي ٿو. ان خيال کي سڄي ڪائنات سان لاڳو ڪندي هي نظريي باز اهو نتيجو ڪڍن ٿا تہ ڪو نہ ڪو اهڙو وقت بہ ايندو جڏهن سمورا آسماني جسم پنهنجي گرميءَ کي ٿڌي ڪائناتي خلا ۾ گم ڪري ڇڏيندا. اهڙيءَ حالت ۾، انهن جي خيال موجب، آخرڪار سڄي ڪائنات ٿڌي ٿي ويندي ۽ سرد جسمن جي هڪ عظيم مجموعي ۾ تبديل ٿي ويندي. جڏهن مادي جي چرپر جون سموريون صورتون گرميءَ واري شڪتيءَ ۾ بدلجي وينديون ۽ وڌيڪ تبديليءَ لائق نہ رهنديون تڏهن مادو چرپر ڪرڻ جي صلاحيت وڃائي ويهندو.

سائنسي لحاظ کان "ڪائنات جي گرميءَ جي خاتمي جو نظريو" بي بنياد آهي ۽ مادي جي بقا واري قانون سميت "شڪتيءَ جي بقا ۽ تبديليءَ واري قانون" کي بہ رد ڪري ٿو. هن قانون جي اها دعوي آهي تہ چرپر کي نہ رڳو مقداري لحاظ کان پر خاصيتي لحاظ کان بہ تباهہ ڪري نہ ٿو سگهجي. جنهن جو مطلب اهو ٿيو تہ چرپر جو وجود رڳو هڪ شڪل ۾ رهي نہ ٿو سگهي ۽ نہ ئي مادو بنا چرپر جي رهي سگهي ٿو. چرپر جي شڪلين جي تبديلي فطرت ۽ قانون مطابق آهي.

فلڪي علم اسان کي ٻڌائي ٿو تہ ڪائنات ۾ مادي جو دورو هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ ڪونہ ٿو بيهي. ڪائناتي خلا ۾ مادي جسم شڪتيءَ ۾ بدلجن ٿا ۽ شڪتي نون جسمن ۾. اهڙيءَ طرح اڄ بہ نوان روشن آسماني جسم ٺهندا رهن ٿا. جنهن مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ مادي جي ڪابہ بيٺل حالت ٿي نہ ٿي سگهي. چرپر مادي جي هڪ اٽُٽ، نہ جدا ٿيندڙ خاصيت آهي ۽ جيئن فلاسافر چون ٿا تہ مادي جو هڪ لازمي ڳانڍاپو آهي. هتي ڪوبہ اهڙو مادو نہ آهي جيڪو چرپر کان سواءِ هجي. مادو رڳو چرپر واري حالت ۾ ئي وجود رکي سگهي ٿو.

ڇا ان جو مطلب اهو ٿيو تہ جدلي ماديت "آرام" واري ڪنهن بہ حالت کان انڪار ڪري ٿي؟ نہ. جدلي ماديت آرام واري حالت کان انڪار نٿي ڪري. قدرت ۾ آرام موجود آهي پر اهو نسبتي آرام آهي. مثال طور اسين پاڻ کي ئي وٺون- جڏهن اسين کٽ تي ليٽي پئون ٿا يا ڪٿي ويهون ٿا، تڏهن چيو وڃي ٿو تہ آرام ۾ آهيون. ڇا اسين واقعي مڪمل آرام ۾ آهيون يا ڪنهن شيءِ جي نسبت آرام ۾ آهيون؟ اسين ڌرتيءَ جي نسبت آرام ۾ آهيون. پر ساڳئي وقت اسان جي بدن ۾ رت ڊوڙي پيو. جيو



گهرڙا ٽُٽن ۽ جڙن پيا. انهن ۾ حياتيءَ جو ڳُتيل عمل ٿيندو پيو رهي. ڌرتي پنهنجي محور ۽ سج جي چوڌاري ڦري پئي ۽ سڄو سج جو سرشتو ڪائنات ۾ ڦري پيو. جڏهن اسين ريل گاڏيءَ ۾ سفر ڪريون ٿا تڏهن ريل گاڏيءَ جي نسبت آرام ۾ آهيون. پر ٻاهرين شين جي نسبت ريل گاڏيءَ سميت چرپر ۾ آهيون (۽ انهيءَ کان سواءِ اسان جون مٿي بيان ڪيل سموريون چرپرون بہ). آرام دائمي يا جميل ڪونهي پر نسبتي آهي.

آرام جي باري ۾ جدلي خيال ميٽا فزڪس جي آرام واري خيال کان بنيادي طرح ڌار قسم جا آهن. ميٽا فزڪس آرام مان اهڙي مراد وٺي ٿي جڻ ڪنهن بہ صورت ۾ چرپر هجي ئي نہ- آرام جي باري ۾ ان سوچ سان جدلي ماديت جي سوچ ٽڪر ۾ آهي.

اهو آرام نہ آهي جيڪو قدرت ۾ فيصلي ڪن ڪردار ادا ڪري ٿو پر چرپر، تبديلي ۽ واڌارو ئي آهي جيڪو فيصلي ڪن ڪردار ادا ڪري ٿو. چرپر مادي ۾ ايئن مليل ۽ ڳتيل آهي جو ان کان سواءِ مادو ۽ مادي کانسواءِ چرپر ٿي ئي نہ ٿي سگهي. جيئن مادو ڪٿان آيو ڪنهن خلقيو وغيره سوال پڇڻ ۾ ڪابہ عقلمندي ڪانهي، ايئن ئي اهو پڇڻ ۾ بہ ڪا عقلمندي ڪانهي تہ مادي ۾ چرپر ڪٿان آئي يا ڪنهن آندي. مادو هميشہ کان آهي ۽ چرپر بہ ان سان گڏ هميشہ کان آهي. چرپر مادي جي وجود رکڻ جي هڪ شڪل آهي.

چرپر مادي جي وجود رکڻ جي هڪ شڪل آهي تہ مادي جي وجود رکڻ جون ٻيون شڪليون ڪهڙيون آهن؟

## خلا ۽ وقت:

مادي جي وجود رکڻ جون ٻيون شڪليون آهن خلا ۽ وقت. اسان کي اهو ياد رکڻ گهرجي تہ هر شيءِ کي ٽي پهلو ٿين ٿا. يعني ويڪر، ڊيگهہ ۽ اوچائي- هر شيءِ جو ڪو خاص قدبت آهي جيڪو خلا ۾ ڪو مخصوص حصو والاري ٿو. ٻيو تہ خلا ۾ موجود هر شيءِ ٻيءَ شيءِ سان ڪنهن نہ ڪنهن نموني، ڪانہ ڪا نسبت رکي ٿي. ڪنهن نہ ڪنهن پاسي ڪو خاص ناتو رکي ٿي- مٿي يا هيٺ، ويجهو يا پري، کاٻي يا ساڄي، جا بہ شيءِ جتي بہ وجود رکي ٿي، اها خلا ۾ وجود رکي ٿي.

اسان وٽ خلا جي باري ۾ هڪڙو پراڻو تصور آهي تہ ڌرتيءَ جي چوڌاري، هر طرف لڳ ڀڳ ٽي سئو ميلن تائين وائمنڊل (فضا، وايو منڊل) آهي ۽ ان کان مٿي خلا آهي. اهڙيءَ طرح هر آسماني جسم جي چوڌاري هڪ مخصوص وائمنڊل آهي ۽ پوءِ خلا آهي. ڇٽڪ خلا ڪا وائمنڊل چوڌاري اهڙي شيءِ آهي جنهن ۾ ڪجهہ بہ

ڪونهي، مادي جو ڪوبہ ذرڙو ڪونهي، پر خلا جو اهو تصور نهايت غلط آهي. وائمنڊل گئسن جو ٺهيل آهي ۽ هر گئس جو ذرڙو خلا ۾ آهي. هتي مادي جو ڪوبہ اهڙو ذرڙو ڪونهي ۽ نہ ئي ٿي سگهي ٿو، جيڪو خلا ۾ نہ رهندو هجي. هڪ گرهہ کان ويندي انسان تائين انسان کان وٺي ويندي ايٽم جي مک۔ مرڪز تائين هر شيءِ خلا ۾ وجود رکي ٿي ۽ ٻئي ڪنهن بہ نموني نہ۔ پر اسين اهو بہ ڄاڻون ٿا تہ دنيا ۾ هر هڪ شيءِ مادي جي ٺهيل آهي. ان ڪري چئجي ٿو تہ مادو رڳو خلا ۾ ئي وجود رکي ٿو ٻئي ڪنهن بہ نموني وجود رکي نہ ٿو سگهي. ان ڪري ئي چئون ٿا تہ خلا مادي جي وجود رکڻ جي هڪڙي صورت آهي.

شيون نہ رڳو خلا ۾ وجود رکن ٿيون پر اهي خاص سلسلي سان هڪ ٻئي جو پيڇو بہ ڪن ٿيون. ڪي شيون ٻين شين جي جڳهہ وٺن ٿيون ۽ وري انهن شين جي جڳهہ بہ وري ڪي ٻيون شيون وٺن ٿيون۔ ۽ اهو سلسلو ايئن ئي هلندو رهي ٿو. هر صورت جي ڪانہ ڪا شروعات ۽ ڪونہ ڪو خاتمو هوندو آهي ۽ اها پنهنجي واڌ ويجهہ دوران ڪن مرحلن ۽ حالتن مان لنگهي ٿي. ڪجهہ شيون اجا هينئر وجود ۾ اچڻ شروع ٿيون آهن ۽ ڪي پوڙهيون ٿي جهرڻ لڳيون آهن. مطلب تہ دنيا ۾ هر هڪ شيءِ لاڳيتي چرندي، وڌندي ۽ بدلبي رهي ٿي. پر اهي تبديليون ڪهڙيءَ طرح اچن ٿيون؟ هڪ سادو مثال وٺو: ڪنهن ماڻهوءَ جي حياتيءَ جا فوٽو وٺو/ ڪڍو اهي نہ رڳو اهو ڏيکاريندا تہ ڏينهن، مهينا، سال پنهنجا نشان ڇڏي ويا آهن پر اهو بہ تہ اسان ۾ جيڪي تبديليون آيون آهن اهي ڏاڪي بہ ڏاڪي سڄي مدت ۾ ٿيون آهن، ذري ذري، هوري هوري، گهڙيءَ گهڙيءَ، ڏينهون ڏينهن.

اجا بہ وڌيڪ اهو تہ دنيا ۾ سموريون شيون ۽ عمل ڪنهن مخصوص رٿا موجب اڳيان پنيان ٿين ٿا. رات پنيان ڏينهن، سيءَ پنيان بهار، سرمائيداريءَ پنيان سوشلزم ۽ پوءِ ڪميونزم. هڪ واقعو ڪنهن ٻئي کان اڳ ٿئي ٿو ۽ هر هڪ واقعو وقت جي ڪجهہ مخصوص ڊيگهہ ۾ ٿئي ٿو. واقعن جي اها ترتيب ۽ انهن جو دؤر رڳو وقت اندر ئي ٿي سگهن ٿا ۽ ٻئي ڪنهن بہ نموني نہ۔ دنيا ۾ ڪابہ شيءِ يا ڪوبہ لقاءُ وقت جي دائري کان ٻاهر ٿي نہ ٿو سگهي، ان ڪري چئجي ٿو تہ جيڪا بہ شيءِ دنيا اندر ٿئي ٿي اها وقت اندر ٿئي ٿي، ٻئي ڪنهن بہ نموني ٿي نہ ٿي سگهي. ان ڪري ئي چئون ٿا تہ وقت پڻ مادي جي وجود رکڻ جي هڪڙي شڪل آهي.

هن سڄي بحث کي لينن ڏاڍي شاندار نموني لکيو "دنيا ۾ ڪابہ شيءِ ڪانهي سواءِ چرپر ۾ رهندڙ مادي جي، ۽ چرپر ۾ رهندڙ مادو خلا ۽ وقت کان سواءِ ڪنهن بہ



ٻيءَ شيءِ ۾ چُري نہ ٿو سگهي." (لينن، گڏيل لکڻيون، جلد 14، ص: 175) اسان جي چوڌاري دنيا جون سموريون شيون ۽ لقاءُ ٻنهي، خلا ۽ وقت ۾ وجود رکن ٿا. ڪابہ شيءِ اهڙي ڪانهي جيڪا خلا ۾ تہ هجي پر وقت اندر نہ هجي. جيڪڏهن ڪا شيءِ خلا ۾ ڪجهہ جڳهہ والاري ٿي، اها ايئن تڏهن ڪري سگهي ٿي جڏهن اها هينئر يا ڪالهہ يا ڪنهن ٻئي وقت هجي. هر شيءِ ٻنهي، خلا ۽ وقت ۾ وجود رکي ٿي. هڪ سادي ريلوي ٽائيم ٽيبل ئي اسان کي قائل ڪري سگهي ٿي. هڪ ريل گاڏي ڪنهن مخصوص جڳهہ تي ڪنهن مخصوص وقت ۾ هوندي. اهو ممڪن ڪونهي تہ ريل گاڏيءَ جو هنڌ ان گهڙيءَ جي وقت کان ڌار ڪري سگهجي. ڪٿي؟ ڪڏهن؟ انهن ٻن سوالن جا جواب واقعي جي خلا ۾ جڳهہ ۽ وقت جي باري ۾ ٻُڌائيندا، اهي ٻئي هڪ ٻئي سان اڻٽُٽ نموني ڳنڍيل آهن. هن بحث ڪري ان نتيجي تي پهتاسون تہ خلا ۽ وقت پاڻ ۾ اڻٽُٽ نموني ڳنڍيل آهن. خلا وقت کان سواءِ وجود ڪونہ ٿي رکي ۽ وقت خلا کان سواءِ وجود ڪونہ ٿو رکي. جيئن تہ مادو خلا ۽ وقت ۾ وجود رکي ٿو تنهن ڪري جيئن خلا ۽ وقت هڪ ٻئي کان اڻٽُٽ آهن، تيئن اهي وري مادي کان اڻٽُٽ آهن.

جيڪو ڪجهہ چيو ويو آهي ان مان اهو بہ چٽو هئڻ گهرجي تہ خلا ۽ وقت معروضي طرح وجود رکن ٿا. دنيا انساني سوچ کان آزاد رهي ٿي يعني اها معروضي آهي۔ ۽ ايئن ئي ان جي صورتن جي هستي يا وجود پڻ معروضي وجود رکي ٿو.

لينن خلا ۽ وقت جي معروضي وجود واري خيال کي ڏاڍي اهميت ڏيندو هو، ڇو تہ اهو سنئون سڌو خلا ۽ وقت جي باري ۾ مثاچري، خيال پرستيءَ جي خيال جي مڪمل اُبتڙ آهي. هيومر ۽ ڪانٽ جي خيال موجب خلا ۽ وقت وٽ ڪوبہ معروضي وجود ڪونهي. موجوده وقت جا خيال پرست بہ ان ڪوشش ۾ رڌل آهن تہ جديد سائنسي کوجنائن، خاص طرح فزڪس جي کوجنائن کي ڪوڙو ثابت ڪن. اڄ ڪلهہ خاص طرح نسبتي نظريو سندن ور چڙهيل آهي، ڇو تہ ويهين صديءَ جي سائنسي ترقيءَ ۾ هيءُ نظريو هڪ بنيادي واڌارو آهي. خيال پرست پنهنجي پر ۾ هن نظريي کي بگاڙي چڪا آهن ۽ ان تي ڏاڍيون ڪڇيون بہ هڻي چڪا آهن.

خلا ۽ وقت، نيوٽن اهو يقين پئي رکيو تہ مادي ۽ مادي شين کان آزاد وجود پئي رکيو. هن سوچيو پئي تہ خلا ايئن آهي جيئن ڪو "ڪمرو" يا "صندوق" هجي، جنهن ۾ مادي جسم هتي ۽ هتي ٽنگيل هئا، پر ان ڪمري يا صندوق کي ڪابہ پت ڇت ڪونہ هئي، جنهن مان نيوٽن اهو نتيجو پئي ڪڍيو تہ خلا اڻ بدلجندڙ ۽ جميل آهي ۽ اها مادي کان آزاد آهي. هن خلا کي ميٽا فزڪس واري طريقي موجب پئي رکيو.

آئنسٽائن جي نسبت جي نظريي ڏيکاريو تہ اهڙي، اڻ بدلجندڙ نيوٽني خلا ڪٿي بہ ڪونہ هئي. خلا جون خاصيتون تبديل ٿين ۽ اهي مادي شين تي دارومدار رکن ٿيون. مثال طور اهو لڌو ويو تہ جيئن جيئن ڪنهن شيءِ جي رفتار تيز ٿئي ٿي تيئن تيئن ان جسم جي ڊيگهہ گهٽجي ٿي. سڄي ڪائنات ۾ ڊيگهہ جو ڪوبہ دائمي ايڪو ڪونهي. اچو تہ هڪ تصور ڪريون تہ هڪ ريل گاڏي لڳ ڀڳ روشنيءَ جي رفتار سان هڪ اسٽيشن جي پليٽ فارم وٽان گذرڻي آهي. اسين فطري طرح اهو سوچينداسين تہ ريل گاڏيءَ جو ڊرائيور جيڪا ڊيگهہ پليٽ فارم جي ماپيندو اها اصلي پليٽ فارم جيتري هوندي ۽ پليٽ فارم تي بيٺل ماڻهو ريل گاڏيءَ جي جيتري ڊيگهہ ماپيندو اوتري ئي اصلي ريل گاڏيءَ جي ڊيگهہ هوندي پر نسبتي نظريي جي تحقيق موجب حساب ٻڌائي ٿو تہ ايئن صحيح ڪونهي. انجڻ ڊرائيور ڏسندو تہ پليٽ فارم جي ڊيگهہ ننڍڙي ٿي وئي آهي. ڇا اهو ڪو ڏسڻ جو دوکو آهي؟ نہ، اهو ڪو ڏسڻ جو دوکو ڪونهي پر معروضي سچ آهي. اهو سڀ ڪجهہ ان ڪري ٿيو جو خلا نسبتي آهي.

اهو ئي سبب ڪجهہ وقت جي باري ۾ چئي سگهجي ٿو. جڏهن بہ ڪنهن مادي سرشتي جي رفتار وڌي ٿي تڏهن ان ۾ موجود وقت گهٽجي ٿو. ساڳيءَ طرح تيز ڪشش ڪندڙ ميدان ۾ پڻ وقت گهٽجي ٿو. وقت گذرڻ جي رفتار زمين تي وڌيڪ آهي ۽ خلا ۾ گهٽ آهي. مثال طور جيڪڏهن ڪو خلا ۾ وڃي پنجاهہ ورهيہ رهي موٽي اچي تہ هو اهو ڏسي حيران رهجي ويندو تہ ڌرتيءَ تي رهندڙ سندس پٽ جي ڄمار ڪانئس وڌي آهي.

آئنسٽائن جي نسبتي نظريي اهو ثابت ڪيو تہ خلا نيوٽني انداز ۾ ڄميل يا اڻ بدلجندڙ ناهي. خلا ۽ وقت فزڪس جي تحقيق موجب نسبتي آهن، ڇو تہ اهي چرندڙ مادي جي خاصيتن تي دارومدار رکن ٿا. فلسفو چوي ٿو تہ جيئن مادو دائمي، هميشہ رهندڙ آهي ايئن ئي خلا ۽ وقت بہ دائمي آهن. دنيا ۾ موجود سمورين شين کي پنهنجون خاص لاڳاپيل خاصيتون آهن ۽ اهي وقت ۾ وجود رکن ٿيون. ڪنهن بہ شيءِ کي خلا ۽ وقت کان ٻاهر وجود ڪونهي، مادو، چرپر، خلا ۽ وقت تنظيمي طرح (جاندار جيان) پاڻ ۾ لاڳاپيل آهن ۽ انهن کي ڪنهن بہ نموني هڪ ٻئي کان ڌار ڪري نہ ٿو سگهجي.

موجوده وقت جا خيال پرست اها ڪوشش ڪن ٿا تہ نسبت جي نظريي کي بگاڙن. اهي چون ٿا، جيئن تہ خلا ۽ وقت نسبتي آهن، ان ڪري اهي معروضي طرح



وجود نہ ٿا رکن پر اهي موضوعي درجا آهن. پر اهو اعتراض ڪوڙو آهي. ٻين ڪوجنائن اهو ثابت نہ ڪيو آهي تہ ڪو خلا ۽ وقت جي باري ۾ ماديت جي پيش ڪيل پيشڪش غلط آهي. ان جي اُبتڙ ميٽا فزڪس واري خيال کي سائنس غلط ثابت ڪيو آهي. فزڪس جا ماهر هرهڪ، هڪ- ٻئي سان- واسطو- رکندڙ سرشتن کي پنهنجو مخصوص وقت هوندو آهي ۽ اهو وقتي نسبتي آهي، خلا بہ ايئن ڪري ٿي. پر فلسفو وقت ۽ خلا کي معروضي سمجهي ٿو.

## لا انتها ۽ دنيا جي هيڪڙائي:

پلا هن ڪائنات جي ڪا پڄاڻي آهي يا نہ؟ ڪٿي ٿي ڪُٿي؟ ڪو ڪنارو بہ اٿس يا نہ؟ آهي ڪيتري؟ جديد سائنس ان نتيجي تي پهتي آهي تہ خلا اڻ ڪُٿ ۽ وقت پڄاڻيءَ کان سواءِ آهي. فلڪي علم جي ماهرن ڪوجنا ڪئي آهي تہ ڪيترائي تارا اسان کان لکين لک روشنيءَ جي سالن جي مفاصلي تي آهن. اهڙن مفاصلن جو تصور ڪرڻ بہ ڏکيو آهي. فلڪي علم (تارا ڄاڻ) جا ماهر چون ٿا تہ اهي تارا ڪنهن بہ قسم جي حد ظاهر ڪونہ ٿا ڪن.

اچو تہ پهريائين روشنيءَ جي هڪ سال (نوريءَ سال) مفاصلي جو تصور ڪريون. روشني هڪ سيڪنڊ ۾ ٽي لک ڪلوميٽر پنڌ ڪري ٿي، يعني هڪ منٽ ۾ 180 لک ڪلوميٽر ۽ هڪ ڪلاڪ ۾ 10800 لک ڪلوميٽر- ڏينهن رات ۾ روشنيءَ جو پنڌ ٿيندو 59200 لک ڪلوميٽر ۽ هڪ سال ۾ 21552000 لک ڪلوميٽر- يعني هڪ روشنيءَ جي سال ۾ ڪل پنڌ ٿيو 21,552,000,000,000 ڪلوميٽر.

سج جي روشني ڌرتيءَ تائين لڳ ڀڳ ساڍن اٺن منٽن ۾ پهچي ٿي، يعني سج اسان کان لڳ ڀڳ 1500 لک ڪلوميٽر پري آهي. سج جي چوڌاري ڦرندڙ گرهن مان ڌرتي ٽين نمبر تي آهي ۽ سج چوڌاري ڪل نوَ گرهہ ڦرن ٿا. وري ڪيترن ئي گرهن کي پنهنجا پنهنجا چنڊ آهن. سج سرشتي جي ويجهي ۾ ويجهو تارو روشنيءَ جي پنج سال پنڌ تي آهي، يعني لڳ ڀڳ 107,760,000,000,000 ڪلوميٽر.

ڪڏهن اوهان رات جو آسمان تي نگاهہ ڪئي آهي؟ اوهان آسمان ۾ نگاهہ ضرور ڪئي هوندي ۽ اهو ڏٺو هوندو تہ سڄو آسمان ننڍين وڏن تارن سان جنجهيل سينگاريل آهي. ان کانسواءِ اوهان گس بہ ڏٺو هوندو. اسان جي سج سرشتي جو واسطو ان گس سان آهي. ان گس ۾ لڳ ڀڳ 1500 لک تارا آهن. ۽ اهڙا ڪئين لک گس هن وقت تائين هن سڄيءَ ڪائنات ۾ ڳڻيا ويا آهن. پوءِ بہ اڃا ڏوراهان، اڃا پراهان ڪيترائي گس آهن. سڄاڻ ڪ اهو سڀ ڪجهہ ڏسڻ جي لائق ان ڪري ٿيا

آهن جو انهن وٽ مشاهدي جا ڏاڍا طاقتور ۽ جديد وسيلا آهن. اکين سان ڏسڻ وارين ۽ ترورن وسيلي ڏسڻ وارين وڏيون طاقتور دوربينون/ پرويڪون وٽن موجود آهن. پر پوءِ به اهي اڃا تائين ”ڪائنات جو ڪنارو“ لهي نه سگهيا آهن. هن وقت تائين ڳوليل ڦوليل ڪائنات ۾ اسان جي سج سرشتي جي حيثيت اهڙي آهي جيئن سمنڊ جي ڪناري تي واريءَ جو هڪ ذرو.

ڪائنات کي ڪابه حد يا احاطو ڪونهي، خلا ۾ ڪوبه خاتمو ڪونهي، نه ئي ان کي ڪا وقت ۾ پڄاڻي آهي، ان کي ڪابه ”شروعات“ نه هئي ۽ نه ئي ورڻ ڪا ان جي پڄاڻي آهي. ڪائنات لا انتها آهي، لامحدود آهي، اڻ کُٽ آهي. ان مان خبر پوي ٿي ته هتي ”ٻي“ ”غير مادي“ دنيا نه آهي ۽ نه ئي ٿي سگهندي. حقيقت ۾ اهو ثابت ٿي آيو آهي ته هتي ٻيو ڪجهه نه آهي سواءِ مادي جي- ۽ ڪائنات به هڪڙي ئي ٿي سگهي ٿي ۽ اها آهي مادي جي ڪائنات. ان مان اهو ظاهر ٿيو ته دنيا جي مختلف شين ۽ لقائن وٽ هڪ ئي خاصيت آهي جيڪا انهن کي ملائي هيڪڙائي ظاهر ڪري ٿي ۽ اها آهي سندس بڻ بنياد- يعني مادو. دنيا پاڻ کي هيڪڙائي رکندڙ ڳتپ ۾ ظاهر ڪري ٿي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو مارڪسي فلسفو تعليم ڏئي ٿو ته دنيا هيڪڙائي رکندڙ هيڪڙائي پري، هڪ، هم گيريت آهي. ان جو اهو مطلب ڪونهي ته ڌرتي جنهن تي اسان رهون ٿا رڳو اها ئي وجود رکي ٿي. اٽليءَ جي عظيم سڄاڻڪ گيارڊونو برونو گهڻو اڳي اهو ثابت ڪيو ته هتي ڪيترين ئي دنيائون آهن پر سپ جون سپ مادي جون نهيل آهن. اڃا به وڌيڪ، دنيا جي هيڪڙائيءَ مان مراد آهي ته سموريون شيون، لقاءَ، عمل پاڻ ۾ لاڳاپيل آهن، اهي ٽٽل، چنل جسمن جا ڳنڍيا ڪونه آهن پر هڪ، هيڪڙو مادي جو نظام آهن.

دنيا جو ڪوبه اهڙو لقاءُ ڪونهي جيڪو مادي جي چرپر ۽ واڌاري جو نتيجو نه هجي. هتي پنهنجين سمورين شڪلين سان گڏ چرندڙ پرندڙ ۽ وڌندڙ ويجهندڙ مادو ئي آهي، ٻيو ڪجهه به نه آهي. اهو ئي سبب آهي جو اينجلس ميڙي مڇ ڪري اهو نتيجو ڪڍيو ته دنيا جي هيڪڙائي ان جي ماديت ۾ آهي. ٻين لفظن ۾ دنيا هيڪڙائي رکندڙ آهي، ڇو ته اها مادي جي آهي.

ماديت جي فلسفي ۾ سائنس اهو ڪيئن ثابت ڪيو ته دنيا پاڻ ۾ ساڳئي بنياد تي مليل، ڳنڍيل، هيڪڙائي رکندڙ آهي؟ اينجلس هن سوال جو جواب اهو چوندي ڏنو ته دنيا جي هيڪڙائي فلسفي ۽ سائنس جي ڏکي ۽ ڊگهي ترقيءَ کانپوءِ ئي ثابت ٿي سگهي آهي. قديم زماني ۾ جڏهن ماڻهن وٽ سج، چنڊ، گرهن ۽ تارن بابت



سائنسي ڄاڻ ڪانه هئي تڏهن انهن سوچيو ته ”آسماني دنيا“ مڪمل طرح ڌرتيءَ جي دنيا کان ڌار قسم جي آهي، ان ڪري ئي ٻن دنيائن جو تصور اُسريو. پر هوري هوري جيئن سائنس ترقي ڪئي، ”آسماني دنيا“ تان اسرار جو پردو ڪڄندو ويو ۽ اهو ثابت ٿي ويو ته هوءَ به اهڙي ئي دنيا آهي جهڙي اسان جي، جنهن ۾ اسين رهون ٿا.

ڪاپرنيڪس ئي هو جنهن ڪائنات بابت مذهبي ۽ پُراسرار تصور کي وزنائتو ڌڪ هنيو. هن اهو تصور وڌايو ته ڌرتي ڪائنات جو مرڪز ڪانه هئي، پر اسان جي سج سرشتي جو رڳو معمولي گرهه هئي. تنهن ڪري ڌرتيءَ واريءَ دنيا کي ”آسماني دنيا“ کان ڌار قسم جو چئي نه ٿو سگهجي- ۽ هتي آسمان ۾ ڪابه مافوق الفطرت هستي، بالا دست قوت يا سُپر پاور وغيره قسم جي ڪابه شيءِ ڪونه هئي.

نيوٽن ارڙهين صديءَ ۾ اهو ثابت ڪري چڪو هو ته ڌرتي سج جي چوڌاري ڦرندي، مڪينڪس جي انهيءَ ساڳئي قانون جي پاند آهي جنهن جي ڪري چنڊ ڌرتيءَ تي چوڌاري ڦري ٿو يا ٻيا گرهه سج جي چوڌاري ڦرن ٿا. ڪائناتي ڪشش جو قانون ثابت ڪري ٿو ته ڌرتي ۽ سمورا آسماني جسم نه رڳو اسان جي گس جا، پر ٻين به سمورن گسن جا پڻ- پاڻ ۾ لاڳاپا آهن ۽ ان جي ڪري هڪ، هيڪڙائي رکندڙ نظام- اسان جي دنيا، اسان جي ڪائنات، اسان جي قدرت جوڙن ٿا.

آسماني جسم انهن سمورن يا انهن مان ڪجهه جزن جا ٺهيل آهن، جن جي ڌرتي ٺهيل آهي. ڪائنات جي ڪيترن ئي جسمن ۾ اهي ساڳيا عام بنيادي جزا لڌا ويا آهن، جيڪي ڌرتيءَ منجهه لڀن ٿا. خلا منجهان ڌرتيءَ تي اچي ڪرندڙ شهاب ثاقبن جي وڏي ڳر، لوهه آهي- يعني اهو جز جيڪو ڌرتيءَ تي ڏاڍو گهڻو ۽ عام لڀي ٿو. اهو ئي قائل ڪندڙ ثبوت آهي ته مٿي ڪابه غير مادي يا آسماني قوت ڪانهي.

دنيا مادي جي آهي. اها انساني سوچ، سمجهه ۽ شعور کان آزاد- يعني معروضي وجود رکي ٿي، پر شعور ڇا آهي؟

## باب چوٿون

# شعور جو بڻ بنياد ۽ ان جي فطرت

شعور جي موضوع، اهميت ۽ مفهوم تي ڳالهائڻ کان اڳ ۾ اسان لاءِ ضروري آهي ته شعور جي دائري ۽ بڻ بنياد تي ڪي ڳالهيون ڪريون. ان لاءِ جيڪڏهن اوهين اجازت ڏيو ته اوهان کان هڪ سوال پڇجي.

اوهان مان ڪويه ان سوال جو جواب ڏيڻ پسند ڪندو ته اوهان کي فرانسيسي ٻولي چوڪونه ٿي اچي؟ يا چيني ٻولي چوڪونه ٿي اچي؟

مثال طور، هڪڙو ماڻهو جواب ڏئي ٿو ته اسان کي فرانسيسي ۽ چيني ٻولي ان ڪري نه ٿي اچي جو اسان جي دماغ ۾ اهڙي خاصيت ئي ڪانهي يا اسان جي دماغ جي اها لياقت ئي ڪانهي ته ڪو اسين فرانسيسي ۽ چيني ٻوليون ڄاڻيون. اسان جو خيال آهي ته اهڙي ماڻهوءَ لاءِ اوهين اهو ضرور سوچيندؤ ته هو ڪا عقلمنديءَ واري ڳالهه ڪونه ٿو ڪري. جيڪڏهن اسان کي سنڌي ٻولي اچي سگهي ٿي ته، اسان مان ڪيترائي اردو يا انگريزي ڳالهائي سگهن ٿا ته پوءِ چو فرانسيسي يا چيني ٻولي ڳالهائي نه ٿي سگهجي!

يا وري اچا ٻئي نموني سوال ڪرڻ ڏيو: اسان کي سنڌي ٻولي چو ٿي اچي؟

هاڻي وري به مثال طور ساڳئي ماڻهوءَ جو جواب هجي ته اسان کي سنڌي ان ڪري اچي ٿي جو اسان جي دماغ ۾ رڳو سنڌي ڄاڻڻ جي صلاحيت يا لياقت موجود آهي. تڏهن به سندس اهڙو جواب ڪو عقلمنديءَ ڀريو ڪونهي.



اهڙي قسم جا ڪيترائي سوال ٿي سگهن ٿا. مثال طور، اسان مان ڪيترن کي هارپ نه ٿي اچي، ڪيترن کي ڊاڪٽري، انجنيئري نه ٿي اچي، ڪيترن کي ڪيميا نه ٿي اچي، ڪيترن کي فلڪي علم، سماجي علم نه ٿا اچن، ڪيترن کي نفسيات نه ٿي اچي، سياست نه ٿي اچي، ڪيترن ئي کي جنگ نه ٿي اچي وغيره وغيره. وري هرهڪ فن يا شعبي ۾ ڪي وڌيڪ ماهر آهن ته ڪي گهٽ.

ڇا اهو سڀ ڪجهه ان ڪري آهي جو اسين ڄمندي ڄام آهيون؟ ڇو ته اسان جي دماغ ۾ اهڙيون صلاحيتون ڪونه آهن جو انهن کي ڄاڻي سگهون؟ ڇا هڪ هاريءَ جو پٽ رڳو هارپ ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو ۽ ڊاڪٽري يا انجنيئري ڄاڻڻ جي صلاحيت ڪونه ٿو رکي؟ ڇا هڪ مزدور جو پٽ رڳو مزدوري ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو ۽ سماجي علم يا سياسي علم نه ٿو ڄاڻي سگهي؟ ڇا هڪ پورهيت جو پٽ رڳو پورهيو ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو باقي ٻيئي ڪنهن به علم ڄاڻڻ جي صلاحيت نه ٿو رکي؟ وغيره وغيره.

پنهنجو خيال آهي ته ڄائي ڄم کان ڪويه ڄام ڪونهي. جڏهن ٻار ڄمي ٿو تڏهن هن جو دماغ ڪنهن به قسم جي مخصوص لياقت يا صلاحيت جو مالڪ ٿي پيدا ڪونه ٿو ٿئي پر هن وٽ، هن جي دماغ ۾ اهي ئي صلاحيتون، لياقتون ۽ ڳڻ پيدا ٿين ٿا جيڪي هن جي ذهن تائين پهچايا وڃن. اسين سڀئي سنڌي ٻولي ان ڪري ڄاڻون ٿا جو اسان جي ذهن تائين ننڍي لاءِ کان وٺي هن وقت تائين سنڌي ٻولي پهچائي وئي آهي. ذري پرزي، اکر اکر ۽ لفظ لفظ ڪري، شيون ڏيکاري ۽ انهن جا نالا ٻڌائي، لفظن جون معنائون ۽ مفهوم ٻڌائي، اسان کي لاڳيتو سنڌي ٻولي سيکاري وئي آهي، جنهن ڪري اسين سنڌي ٻولي ڄاڻون ٿا. اهڙيءَ طرح جيڪي ماڻهو اسان مان اردو، پنجابي، بلوچي، پشتو يا انگريزي وغيره ڄاڻن ٿا ته اهو ان ڪري آهي جو ڪين ساڳيءَ طرح اهي ٻوليون سيکاريون ويون آهن. ايئن ئي فرانسيسي ماڻهو ان ڪري فرانسيسي ٻولي ڳالهائن ٿا جو انهن کي فرانسيسي سيکاري وئي آهي، اسين فرانسيسي يا چيني ان ڪري نه ٿا ڳالهايون جو اهي اسان کي نه سيکاريون ويون آهن.

اهڙيءَ طرح ئي مختلف فنن، هنرن ۽ علمن جي باري ۾ ٿئي ٿو. اسان مان جيڪو ماڻهو جيڪو به هنر، فن يا علم ڄاڻي ٿو ۽ جيترو ڄاڻي ٿو اهو ان ڪري آهي جو اهو هنر، فن يا علم ڪيس سيکاريو ويو آهي ۽ جيڪو ڪجهه نه ٿو ڄاڻي اهو ان ڪري آهي جو ڪيس اهو نه سيکاريو ويو آهي.

جڏهن ڪويه انسان جو ٻچڙو ڄمي ٿو تڏهن هن وٽ ڪويه خيال، تصور، جذبو، احساس يا ٻولي ڪانهي. پوءِ، مثال طور، پهريائين پهريائين ان کي ڪلڻ سيکاريون ٿا

(هات! پٽ، ڏيءُ، ٻچا، مٺا، کلُ! کِل کِل کِل! هات!) ۽ ڪيتري ئي عرصي کانپوءِ ٻار وجي ان لائق ٿئي ٿو جو هو پنهنجي سامهون ٿيندڙ اهڙين حرڪتن کي ڏسي سگهي ۽ انهن جو نقل ڪري سگهي. نقل ڪندي هُو بہ پنهنجا چپ ڏگهيري ٿو ۽ اسين سمجهون ٿا تہ اسان جو ٻچڙو کليو. پوءِ هن کي ادا، اما، ابا، ادي، چاچا، چاچي، نانا، ناني، ڏاڏا، ڏاڏي وغيره هوري هوري ڪري سيکاريون ٿا ۽ هو بہ انهن جو ٻاتو ٻاتو نقل ڪندي اهڙا لفظ سکي ٿو ۽ جن جن ماڻهن سان اهي لفظ لاڳو ڪيا وڃن ٿا، اهي ڏسي ٿو. اڳتي وڌندي هو ڏويون، ٿڦڙيون، توا، ماني، ٻوڙ ڪٽ، بسترو ڪرسي، ميز پٽ، ڇت، گهر وغيره سکي ٿو. ڏسي ٿو جيستائين هو گهر اندر رهي ٿو تيستائين سندس ڄاڻ بہ گهر تائين محدود رهي ٿي.

جڏهن اسين گهر کان ٻاهر نڪرون ٿا تڏهن اجا ڪجهہ وڌيڪ ڏسون ٿا، ڪجهہ وڌيڪ ٻُڌون ٿا، ڪجهہ وڌيڪ سکون ٿا ـ پنهنجن مٽن مائٽن کان، پاڙيسرين کان، ڳوناٺن کان، شهرين کان، ديسواسين کان، استادن کان، ڪتابن کان، ڳالهين، احوالن ۽ بحثن کان، دوستن کان وغيره وغيره. اسان جي آڏو ڪيترائي عمل پيا ٿين، ڪيترائي لقاءَ ٿين ٿا، ڪيترن ئي قسمن جون شيون ٿين ٿيون. واٽون، راهون، روڊ، رستا وغيره. جايون، جڳهيون، جهوپڙيون وغيره. گاڏيون، بگيون، بسون، ٽرڪون، ريلون وغيره. وڻ ٽڻ، ميوا، ڀاڄيون، پکي پکڻ، جهنگ، جانور وغيره. ڪڏون، ڍنڍون، تلاءَ، نديون، سمنڊ، وغيره. جهر جهنگ، بر بيابان، ميدان ۽ ٻيلا وغيره. سج، چنڊ، تارا، گس ۽ روشنيون وغيره. ڪي شيون هلن پيون، ڪي عمل ٿين پيا، ڪي ضايع پيون ٿين تہ ڪي ظاهر پيون ٿين. ڪي وڏيون ڪي ننڍيون، ڪي ڪاڻي ڪي ساڄي، ڪي هيٺ، ڪي مٿي وغيره. ٻوڙ رڌجي پيو ماني پچي پئي، پاٽي اُٻري پيو پڪوڙا ڪڙهن پيا، چانهہ تيار پئي ٿئي، موٽرون هلن پيون، ڏينهن راتيون، ٿڌيون گرميون ٿين پيون ـ ميلا ملاکڙا، رانديون رونديون، اچ وڃ، پيچ ڊُڪ وغيره.

جيئن جيئن اسين وڌندا پيا وڃون تيئن تيئن هزارين شيون، لکين لقاءَ ۽ ڪروڙين عمل پيا ڏسون، ٻُڌون ۽ ڄاڻون. ذري پرزي، گهڙي گهڙي اهو سڀ ڪجهہ ٿيندو پيو هلي ۽ اسان جي سوچ، سمجهہ ۽ ڄاڻ، عقيدا، ايمان ۽ ويساهہ وڃن پيا وڌندا. جيئن جيئن اسين نوان نوان عمل، نيون نيون شيون، نرالا نرالا ڪم، عجب ۾ وجهندڙ ايجادون، قسمين قسمين ڳالهيون، مٺا مٺا ٻول، سٺيون سٺيون چوڻيون، ڀلا ڀلا مزا، وڻندڙ خوشبوئون، روحاني قصا، تاريخي واقعا، وڏن جا عقيدا، پراڻن جا ويساهہ، نون علمن جون ڪرامتون وغيره ڏسون پيا، ٻُڌون پيا، سُنگهون پيا، چکون پيا، ڇُهون



پيا، ڄاڻيون پيا، تيئن تيئن اسان جي سوچ سمجهہ يعني شعور وڏا وڏا ڇلانگ ڏيندو، ٻرانگهون ڀريندو، وڌندو رهيو آهي، وڌندو پيو وڃي ۽ وڌندو ويندو.

اسين سنڌي ان ڪري ٿا ڳالهايون جو سنڌي اسان کي سيکاري وئي آهي. اسين سنڌي ثقافت جو اظهار ان ڪري ٿا ڪريون جو سنڌي ثقافت جو حصو آهيون. اسان کي پنهنجا قومي مفاد ان ڪري عزيز آهن جو اسان جي قوم جا مفاد اسان جا مفاد آهن. اسين سڄيءَ دنيا جي پورهيتن جي جدوجهد ۾ ان ڪري شآمل آهيون جو پاڻ پورهيت آهيون، پورهيت ذهن جا مالڪ آهيون. ظلم ان ڪري ختم ڪرڻ چاهيون ٿا جو ظلم کي ناپسند ڪريون ٿا. ڦرلٽ ان ڪري ختم ڪرڻ چاهيون ٿا جو ڦرلٽ انسانيت کي تباهہ ڪري ٿي. اسين نئون، سٺو ڦرلٽ کان آزاد، ظلم کان پاڪ، ترقي ڪندڙ سائنسي سماج ان ڪري اڏڻ چاهيون ٿا جو ان کي پسند ٿا ڪريون.

ڪو ماڻهو عيسائي ان ڪري آهي جو هُو عيسائي گهراڻي ۾ پيدا ٿيو آهي. ڪو مسلمان ان ڪري آهي جو هُو مسلمان گهراڻي ۾ ڄائو آهي. ڪو هندو ان ڪري آهي جو هُو هندو گهراڻي ۾ پيدا ٿيو آهي. ڪو يهودي ان ڪري آهي جو هو يهودي گهراڻي ۾ پيدا ٿيو آهي. ڪو آتش پرست، ڪو ٻُڌمت جو پوڄاري، ڪو ڪنفيوشس جي تعليم کي سٺو سمجهندڙ وغيره ان ڪري آهي جو واري واري ڪو آتش پرست، ڪو ٻُڌمت، ڪو ڪنفيوشس مت وغيره جي پوڄا ڪندڙ يا ان کي سچو سمجهندڙ گهراڻي ۾ پيدا ٿيو آهي.

ڪو ماڻهو عيسائيت، يهوديت، هندو مت يا ٻُڌمت مان ڦري مسلمان ٿئي ٿو تہ اهو ان ڪري آهي جو سندس مذهب جي ڀيٽ ۾ وٽس اسلام جي جيڪا تعليم پهتي آهي، اها کيس سُٺي لڳي. ايئن ئي ڪو مسلمان مان ڦري عيسائي يا لامذهب ان ڪري ٿئي ٿو جو هُو اسلامي تعليم جي مقابلي ۾ عيسائيت يا لامذهب تعليم کي سُٺو سمجهي ٿو. ڪيترن ئي وقتن تي وري سوچون يا مذهب زبردستيءَ ۾ تبديل ڪرايا ويندا آهن ۽ حاڪمن جو مذهبن يا سياست قبولڻ ۽ سٺو سمجهڻ لاءِ تشدد بہ ڪيو ويندو آهي. مثال طور جڏهن سنڌ ۾ موريا گهراڻي جي حڪومت قائم ٿي تہ انهن پنهنجي پسند ٻُڌمت قبول ڪرائڻ لاءِ هندو مت جي پوئلڳن تي تشدد ڪيو. ويٽنام ۾ فرينچن قبضو ڪري اتي پنهنجو مذهب عيسائيت مڙهيو ۽ ساڳيءَ طرح مسلمانن بہ جن جن ملڪن ۾ پنهنجون حڪومتون قائم ڪيون اتي انهن سرڪاري مذهب اسلام کي رائج ڪيو. جتي آمريڪي پٺو حڪمران ويٺل آهن اتي اهي پنهنجي سياست کي حق برحق چوائڻ لاءِ تشدد پيا ڪن، وغيره.

جيئن جيئن سوچ سمجهہ اجا وڌي ٿي ۽ ماڻهو پاڻ بہ تجربا ڪري، پرائي ٿو تيئن تيئن هو نوان نوان علم سکي ٿو ۽ کوجنا جون نيون نيون راهون ڳولي ٿو.

جڏهن ڪو ظلم خلاف جدوجهد ڪرڻ چاهي ٿو تڏهن هُو مظلومن جي چوٽڪاري واري جدوجهد ۾ شامل ٿي وڃي ٿو ۽ جڏهن ماڻهو ظلم مڙهڻ چاهي ٿو تڏهن ظالمن جي پاسي ڏي وڃي ٿو. اڄوڪيون، ڌرتيءَ تي هلندڙ سموريون جدوجهدون ظالمن ۽ مظلومن، ڦورن ۽ ڦُريلن، حاڪمن ۽ محڪومن، سيٺين ۽ پورهيتن، زميندارن ۽ هارين، آقائن ۽ غلامن، مٿين طبقن ۽ هيٺين طبقن، سامراجين ۽ وطن دستن، ڊڪٽيٽرن ۽ عوام دوستن، رجعت پرستن ۽ ترقي پسندن، ڪُڄاڻن (جاهلن) ۽ سُڄاڻن، خيال پرستن ۽ ماديت پسندن جي وچ ۾ جدوجهدون آهن. هڪڙا ماڻهو جيڪي ظلم صحيح سمجهن ٿا اهي ظالمن، ڦورن، حاڪمن، سيٺين، زميندارن، آقائن، مٿين طبقن، سامراجين، ڊڪٽيٽرن، رجعت پرستن، ڪُڄاڻن ۽ خيال پرستن کي پسند ڪن ٿا ۽ انهن جي پاسي وڃي ظلم ڪرڻ ۾ هٿ ونڊائن ٿا، تہ ٻئي پاسي وري ٻيا ماڻهو، جيڪي ظلم کان نفرت ڪن ٿا، مظلومن، ڦُريلن، محڪومن، پورهيتن، هارين، غلامن، هيٺين طبقن، وطن دوستن، عوام دوستن، ترقي پسندن، سڄاڻن ۽ ماديت پسندن کي صحيح سمجهن ٿا ۽ انهن جي پاسي وڃي ظلم کان ڇوٽڪاري جي جدوجهد ۾ شامل ٿين ٿا.

اسان جي سوچ، سمجهہ ۽ ڄاڻ، اسان جو شعور، اسان جون روحاني قوتون، اسان جا جذبا، احساس ۽ خواهشون، اسان جا عقيدا، ايمان ۽ ويساهہ ايئن ئي ڪٿي هوري هوري تہ ڪٿي ڇلانگ ڏيندا وڌن ويجهن ٿا، تبديل ٿين ٿا ۽ سُڌرن ٿا.

## شعور زبردست منظم مادي جي خاصيت آهي:

ڪيتري ئي عرصي کان اهو چيو ويندو آهي تہ منهنجي دل ٿي چوي، منهنجي دل ٿي ٻولائي، منهنجي دل ٿي سوچي، منهنجي دل ۾ خيال اُٿن ٿا، منهنجي دل ۾ وسوسا پيا پون، منهنجي دل پريشان آهي، ويران آهي، اُداس آهي، عشق جو گهر آهي، محبت جو مڪان آهي وغيره. اهي ڳالهيون ان ڏانهن اشارو ڪن ٿيون تہ اسان وٽ ڪنهن زماني ۾ (۽ ڪٿي ڪٿي اڄ بہ) اهو سوچيو ويندو آهي تہ اسان جا سمورا خيال، سوچون، جذبا، احساس، خواهشون، عقيدا، ويساهہ وغيره اسان جي دل ۾ آهن، پر ڇا واقعي ايئن آهي تہ اهي سوچون، خيال، ويساهہ دل ۾ آهن؟

اڄوڪو ٻار ٻار ڄاڻي ٿو تہ اسان جي سوچ، سمجهہ، عقل، ايمان، عقيدو خواهشون، خيال ۽ جذبا، اسان جو هر تصور اسان جي دماغ ۾ موجود آهي. اسين



جيڪو ڪجهہ ياد رکون ٿا، اهي پنهنجي دماغ ۾ ياد رکون ٿا. اسين جيڪو ڪجهہ چئون ٿا اهو اسان جي دماغ مان اچي ٿو. اسين جيڪو ڪجهہ ڏسون، ٻُڌون، سُنگهون، ڇُهون يا چاکون ٿا ان جو احساس اسان جي دماغ تائين پهچي وڃي اتي محفوظ ٿئي ٿو. جيڪو ڪجهہ اسين ماضيءَ مان سکون ٿا، جيڪو ڪجهہ تجربن مان پرايون ٿا، جيڪو ڪجهہ علم حاصل ڪريون ٿا، اهو سڀ ڪجهہ وڃي اسان جي دماغ تائين پهچي ٿو. اسين نئين ڪان نيون، سُڻي ڪان سُڻيون ۽ پڙهي ڪان پڙهيون ڳالهيون پنهنجهي دماغ ۾ ياد رکون ٿا.

جيڪڏهن اسان وٽ ڏسڻ جو حواس نہ هجي تہ ڪجهہ بہ ڏسي نہ ٿا سگهون ۽ ڪنهن بہ شيءِ جو عڪس پنهنجي دماغ ۾ محفوظ ڪري نہ ٿا سگهون. جيڪڏهن اسان وٽ ٻُڌڻ جو حواس نہ هجي تہ ٻُڌڻ جو احساس وڃائي ويهنداسون. جيڪڏهن سُنگهڻ جو حواس نہ هجي تہ اسان وٽ خوشبوئن ۽ بدبوئن جو احساس نہ هوندو. چکڻ جو حواس نہ هجي تہ اسين کٽي، مٺي يا ڪڙي جي احساس کان محروم رهجي وينداسون، جيڪڏهن اسان وٽ ڇُهڻ جو حواس نہ هجي تہ اسين گرمي، سردي، لسي، کهري جو احساس ڪري نہ سگهنداسون. ۽ جيڪڏهن اسان وٽ جديد اوزار نہ هجن تہ بجليءَ جي ڄاڻ، گرميءَ جي ڄاڻ، چقمقي ڪشش جي ڄاڻ، ريڊيائي لهرن جي ڄاڻ، ترورن جي ڄاڻ وغيره حاصل ڪري نہ سگهنداسون.

اهي سمورا ڄاڻ جا وسيلا پنهنجا احساس ڪٿي ٿا پهچائين؟ اهي سمورا ڄاڻ جا وسيلا پنهنجا احساس دماغ تائين ٿا پهچائين. جيڪڏهن اهي احساس ڄاڻ جا وسيلا اسان وٽ نہ هجن ها تہ ڇا انسان وٽ ڪا ڄاڻ ٿي پئي سگهي؟ جيڪڏهن اسان وٽ احساس ۽ ڄاڻ جا وسيلا نہ هجن ها تہ اسين ڪابہ ڄاڻ حاصل ڪري نہ سگهون ٿا. پر ڇا، جيڪڏهن اسان وٽ دماغ نہ هجي ها تہ اسان وٽ ڪا بہ ڄاڻ ٿي پئي سگهي؟ پر ڇا جيڪڏهن اسان وٽ دماغ نہ هجي ها تہ اسان وٽ ڪجهہ بہ احساس، خيال، خواهشون، تصور، سوچون، جذبا، ويساهہ عقيدا ٿي پئي سگهيا؟

جيڪڏهن اسان وٽ دماغ نہ هجي ها تہ اسان وٽ ڪابہ شيءِ نہ پئي ٿي سگهي. جيڪڏهن اسان وٽ دماغ نہ هجي ها تہ اسان وٽ ڪي بہ احساس، خيال، خواهشون، تصور، سوچون، جذبا، ويساهہ ۽ عقيدا موجود نہ هجن ها.

اسان وٽ جيڪا بہ ڄاڻ آهي، اسان وٽ جيڪي بہ احساس، خيال، خواهشون، تصور، سوچون، جذبا، ويساهہ ۽ عقيدا موجود آهن، اهي ان ڪري آهن جو اسان وٽ احساس ۽ ڄاڻ جا حواس آهن، ان ڪري جو اسان وٽ دماغ موجود آهي.

## احساس، خيالن، خواهشن، تصورن، سوچن، جذبن، عقيدن، ذهانت، عقل ۽ چاڻ ڪي چئجي ٿو- شعور.

خيال پرستن جي فلسفي ذهن، روح، شعور جي فطرت جي باري ۾ ڪيترائي روپ بدلايا آهن ۽ اڄ سوڏو اهي لاڳيتا بدلجي رهيا آهن. پر اهي سڀ گڏيل طرح هيٺين نُڪتن ۾ اچي وڃن ٿا: (1) ذهن، شعور، روحاني دنيا مادي جي موجود ۾ اچڻ کان بہ اڳ وجود پئي رکيو. (2) شعور مادي کان ڌار رهي ۽ وجود رکي سگهي ٿو. يعني اهو مادي تي دارومدار نہ ٿو رکي، (3) مادو "ويڙهجڻ لائق"، "تباهہ ۽ فنا ٿي سگهندڙ" آهي پر خيال، تصور، روح، شعور دائمي آهي، نہ تباهہ ٿيندڙ آهي.

هاڻي اچو تہ وري ساڳيو سوال ورجايون: جيڪڏهن اسان وٽ دماغ نہ هجي ها تہ ڇا اسان وٽ شعور ٿي پئي سگهيو؟

جواب آهي تہ جيڪڏهن اسان وٽ دماغ نہ هجي ها تہ اسان وٽ ڪوبہ شعور نہ هجي ها.

ان بحث مان اسين ڏاڍو شاندار نتيجو ڪڍي سگهون ٿا تہ دماغ جي ڪري ئي شعور ٿهي ٿو. **دماغ شعور جو محتاج ڪونهي پر شعور دماغ جو محتاج آهي.** دماغ پهريائين آهي شعور پوءِ آهي، دماغ اول آهي ۽ شعور ثانوي.

هاڻي اچو تہ هڪ ٻيو سوال ڪريون: دماغ ڇا جو ٺهيل آهي؟

ٻيا بہ ڪيترائي، پر گهٽ ۾ گهٽ ڊاڪٽري علم جو هر شاگرد اهو يقين سان چئي سگهي ٿو تہ **دماغ مادي جو ٺهيل آهي.** تہ اسين اڃا بہ وڏيڪ شاندار نتيجو ڪڍي سگهون ٿا- سو هيءُ تہ مادو شعور جو محتاج ڪونهي پر شعور مادي جو محتاج آهي، مادو پهريائين آهي ۽ شعور پوءِ آهي، مادو اول آهي ۽ شعور ثانوي.

جڏهن انساني دماغ تہ ڇا، پر خود انسان بہ وجود نہ پئي رکيو اڃا بہ ايئن چئجي تہ جڏهن اڃا ڪنهن بہ ساهواري وجود ڪونہ پئي رکيو ان کان بہ اول، گهڻو گهڻو اڳ، هميشہ کان قدرت، ڪائنات ۽ مادي وجود پئي رکيو. اهو ئي سبب آهي جو اسين چئون ٿا تہ ڪائنات ذهن کان آزاد وجود رکي ٿي، اها اول آهي ۽ جيئن تہ شعور جو مادي کان اڳ ڪوبہ وجود ڪونہ هو. تنهن ڪري **شعور مادي جي پيدائش آهي،** مادي جي ڪرت آهي. مادي کانسواءِ شعور ڪونهي ۽ نہ ئي ٿي سگهي ٿو.

- ۽ هي آهي فلسفي جي دنيا جي وڏي ۾ وڏي مسئلي جو حل.

ان سلسلي ۾ هڪڙو ٻيو سوال هي آهي تہ ڇا دماع خيال پاڻ ٿو پيدا ڪري؟ ڇا خيالن جي پيدا ٿيڻ جو سبب يا وسيلو پاڻ دماغ آهي؟



هيءَ ڳالهہ هرهڪ کي ياد رکڻ گهرجي تہ دماغ ڪوبہ خيال پيدا ڪري نہ ٿو سگهي، دماغ ڪنهن بہ خيال جو سبب يا وسيلو ڪونهي، دماغ تہ هڪڙو عضوو آهي، هڪ اهڙو عضوو آهي جيڪو سوچي سگهي ٿو. جهڙيءَ طرح دل هڪ عضوو آهي ۽ ان جو ڪم آهي ڌڙڪڻ وسيلي سڄي بدن جي رت کي ڇڪڻ ۽ ڌڪڻ- يا وري، ڦڦڙ آهن، جن جو ڪم آهي ساهہ وسيلي ڪنيل هوا جي سُٺن جزن کي جذبڪرڻ ۽ اندر بدن ۾ پيدا ٿيل هوا جي خراب جزن کي ڌڪي ٻاهر ڪيڻ. ساڳيءَ طرح، دماغ جو هڪڙو ڪم اهو بہ آهي تہ حواسن وسيلي پهتل احساسن کي پاڻ وٽ محفوظ رکڻ/ سانڍڻ ۽ وقت سر گهربل حواسن وسيلي ظآهر ڪرڻ- ٻين لفظن ۾ ايئن چئي سگهون ٿا تہ دماغ سوچڻ جو هڪ عضوو آهي ۽ خيال ان جي ڪرت (فنڪشن) آهي. اسان وٽ جيڪي بہ خيال اچن ٿا اهي ٻاهرين دنيا جي حقيقتن جو عڪس آهن، انهن جو فوٽو آهن. اهي ٻاهرين حقيقتن جا عڪس اسان جي دماغ تائين ڏسڻ، ٻُڌڻ، ڇُهڻ، سُنگهڻ ۽ چکڻ وسيلي اچن ٿا. سوچ دماغ تي دارومدار رکو ان معنيٰ ۾ رکي ٿي تہ اها، رڳو دماغ ئي آهي جنهن مان ظاهر ٿي سگهي.

خيال پرست چون ٿا تہ اسان جو شعور، ذهن يا اسان جون ذهني تخليقون دائمي آهن، اهي انسان جي مري وڃڻ کانپوءِ بہ وجود ۾ رهن ٿيون ۽ موت کان پوءِ اسان کان حساب ڪتاب پڇنديون. اها ڳالهہ ڄڻڪ ايئن آهي جيئن چئجي تہ پکي بنا کنڀن جي اُڏي سگهي ٿو. جڏهن جسم مري ٿو تڏهن شعور بہ ان سان گڏ ئي پورو ٿي وڃي ٿو. ماڻهوءَ وٽ جيڪو بہ شعور آهي اهو منظم، زندهہ مادي عضوي، دماغ ۾ آهي.

سائنسي ڪوجنائن سان پورو پورو ساٿ ڏيندي جدليماديت زور ڏئي ٿي تہ "خيال کي ڪوبہ سوچيندڙ مادي (دماغ) کان ڌار ڪري نہ ٿو سگهي." (مارڪس ۽ اينجلس- پاڪ گهراڻو ص: 173، ماسڪو 1956ع)

اسان جي سوچ، سمجهہ يا شعور پلي ڪٽي ڪيڏو بہ اُتم نظر ايندو هجي، اسان جا خيال پلي ڪٽي ڪيترا بہ نوان نرالا هجن ۽ اهي ظاهري طرح ڪيڏا بہ اسان جي احساسن کان مٿانهان نظر ايندا هجن، اهي مادي جي، جسماني عضوي، دماغ ۾ آهن.

اهو سڀ ڪجهہ سمجهڻ کان پوءِ، هاڻي اسين شعور جي فطرت کي وڌيڪ تفصيل سان سمجهي سگهون ٿا. پهريائين اچو تہ هڪ سوال اُٿاريون تہ اهي خيال، تصور ڇا آهن، جيڪي اسان جي دماغ ۾ اُسرن ٿا.

## خيال حقيقت جو عڪس آهي:

اچو تہ اسين ڪجهہ تصور مثال طور وٺون. آئون پنهنجين اکين سامهون جهوپڙي ڏسان ٿو باغ ڏسان ٿو ڳاڙها، پيلا، اڇا، واڱڻائي گل ڏسان ٿو. ساوا ساوا وڻ

ڏسان ٿو جايون ڏسان ٿو منيون منيون لاٽيون ٻُڌان ٿو وٽندڙ سڳنڌ وٺان ٿو وغيره. ڇا ان جو مطلب اهو آهي تہ جهوپڙي، باغ، گل، وڻ، جاين، لاٽيون، سڳنڌ وغيره منهنجي دماغ ۾ موجود آهن؟ اهڙا ٻيا لکين مثال وٺي سگهجن ٿا. پاڻي اُبري ٿو برف ٿڌي آهي، سامراجي قوتون قومي حق ڦٻائن ٿيون، مٿيان طبقا هيٺين طبقن تي ظلم ڪن ٿا، سامراج انسانذات جو دشمن آهي، اسين بهرحال سوڀ ماڻينداسون، خوشحال سماج اڏي رهنداسون وغيره.

جيڪڏهن ڪو ايئن چوي تہ اهي سموريون شيون سندس دماغ ۾ موجود آهن تہ پنهنجو خيال آهي تہ ان کان وڌيڪ نا سمجهيءَ واري ڳالهہ ٿي ئي نہ ٿي سگهي. اسان جي دماغ ۾ جيڪو تصور موجود آهي اهو انهن حقيقتن جو عڪس، نقل، فوٽو آهي. اسان وٽ جهوپڙيءَ، باغ، وڻن، گلن، لاٽ، سڳنڌ، پاڻيءَ، اُبرڻ، برف، ٿڌاڻ، سامراجي قوتن ۽ قومي حقن، طبقن، ظلم، دشمن، سوڀ، خوشحاليءَ وغيره جو هڪ عڪس آهي. اهي سمورا تصور اسان وٽ ٻاهران، حقيقتن مان اچن ٿا. دنيا معروضي طرح وجود رکي ٿي ۽ اسين ان جو عڪس، ان جو تصور، خيال پنهنجي دماغ ۾ رکون ٿا.

جڏهن آئون "گل" چوان ٿو تڏهن اوهان جي ذهن ۾ ڪنهن مخصوص "گل" جو تصور ڪونہ ٿو تري اچي پر هر اهڙي گل جو تصور ايندو جيڪو اوهان ڏٺو هجي، پر جيڪڏهن آئون چوان ٿو "گلاب جو گل" تڏهن اوهان جي ذهن ۾ رڳو گلاب جي گل جو تصور تري ايندو. جڏهن ڪنهن انڌي ماڻهوءَ جي نڪ آڏو رابيل جو گل جهلي چوان تہ هيءُ آهي رابيل جي سڳنڌ، تڏهن هن جي ذهن ۾ رابيل جي گل جي سڳنڌ جو هڪ مخصوص عڪس ٺهندو. **اهڙيءَ طرح پهريائين اسان جي آڏو حقيقت پيش ٿئي ٿي ۽ ان کان پوءِ ان جو عڪس ٺهي ٿو.**

هاڻي اچو تہ آئون اوهان کي هڪ وڌيڪ تفصيلي مثال ڏيان. هن مثال ۾ اوهين ڏسندا تہ جيڪڏهن اوهان جي آڏو اها حقيقت نہ آئي آهي تہ اوهان وٽ ان جو ڪوبہ عڪس نہ ٺهندو ۽ جيئن آئون چوندس تيئن اوهان وٽ ان شيءِ جو عڪس ٺهندو. مثال طور آئون پڇان ٿو تہ هپوپوٽيمس ڇا آهي؟ جيڪڏهن ڪو هپوپوٽيمس جي باري ۾ ڄاڻي ٿو تہ ان جي ذهن ۾ هڪدم تري ايندو تہ هپوپوٽيمس فلاڻي شيءِ آهي، پر جيڪڏهن ڪونہ ٿو ڄاڻي تہ ان جي ذهن ۾ ڪوبہ تصور نہ ٺهيو هوندو (جيڪڏهن ڪو ڏُڪا هڻي سوچي ٿو تہ بہ ان جي ذهن ۾ ڪو واضح تصور نہ ٺهندو) - هاڻي اچو تہ توهان کي هڪ خيالي سير ڪرايان.

ادا، هپوپوٽيمس ڇئبو آهي هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي جنهن کي وڏا وڏا ڪنڀ هجن ۽ هوا ۾ اُڏامندو هجي. (هاڻي اوهان جي ذهن ۾ وڏن ڪنڀن واري ماڻهوءَ جو تصور ٺهيو هوندو ۽ ان جي اُڏامڻ جو بہ).



پر نہ، هپوپوٽيمس ان کي نہ ڇئبو آهي (ٺهيل تصور ڊهي ويو)

هپوپوٽيمس ڇئبو آهي جڏهن گهوڙي جي پُٺن تي گڏهہ بيٺل هجي!

پر نہ، هپوپوٽيمس ان کي بہ نہ ڇئبو آهي.... (ٺهيل تصور وري ڊهي ويو)

هپوپوٽيمس ڇئبو آهي جڏهن ڪوئو ٻليءَ کي ڊوڙائي.....

هپوپوٽيمس ڇئبو آهي واڱڻ کي....

هپوپوٽيمس ڇئبو آهي جڏهن گلاب جو گل اچي اوهان جي جهوليءَ ۾ ڪري....

هپوپوٽيمس ڇئبو آهي جڏهن ريل گاڏي ڏاڍي تکي ڊوڙي..

هپوپوٽيمس ڇئبو آهي هڪ وڏي، پوڙهي هاٿيءَ کي....

هپوپوٽيمس ڇئبو آهي برپٽ بيابان ۾ مٺي پاڻيءَ جي تلاءَ کي....

هپوپوٽيمس ڇئبو آهي برف سان ڍڪيل جبلن کي....

هپوپوٽيمس ڇئبو آهي جڏهن هاٿيءَ مٿان اُٺ، اُٺ مٿان مينهن، مينهن مٿان گهوڙو، گهوڙي مٿان ڇيلو ۽ ڇيلي مٿان ٻلي بيٺي جهمر هڻي رهي هجي....

هپوپوٽيمس ڇئبو آهي مسجد جي ڦبي کي....

هپوپوٽيمس ڇئبو آهي سُڪل وڻ کي....

هپوپوٽيمس ڇئبو آهي چمڪندڙ تارن کي....

هپوپوٽيمس ڇئبو آهي.... جيڪڏهن آئون ايئن سڄو ڏينهن وينو ڳالهايان تڏهن بہ اوهان وٽ رڳو اهو تصور ٺهندو جيڪو آئون ٺاهڻ چاهيان. ڇا هن وقت تائين اوهان جي ذهن ۾ هپوپوٽيمس جو ڪو تصور ٺهيو آهي؟....... نہ.

(هپوپوٽيمس ڇئبو آهي پاڻيءَ ۾ رهندڙ مينهن جهڙي، پر ان کان ٿوري وڏي جانور کي.)

ان مان ڪهڙو نتيجو نڪري ٿو؟

هن ڳالهہ مان اهو نتيجو نڪتو تہ **اسين جيڪڏهن ڪنهن حقيقت بابت نہ ٿا ڄاڻون تہ ان جو اسان جي دماغ ۾ ڪوبہ تصور نہ ٺهندو.** ها، باقي ماڻهو ايئن ڪري سگهي ٿو تہ ٻن ٽن ڇئن تصورن کي هڪ ٻئي سان ملائي وري ڪو نئون تصور ٺاهي. مثال طور، گهوڙيءَ کي سهڻي عورت جي مُنڍي هڻي، گهوڙيءَ جي پاسن سان وڏا ڪنڀ ڳنڍي ڇڏي، پر ايئن ڪرڻ لاءِ بہ اهو ضروري آهي تہ هو "گهوڙي"، "عورت"، "ڪنڀن"، "ڳنڍڻ" ۽ "ٽُنڊڻ" جا تصور پنهنجي ذهن ۾ رکندو هجي. **ڪنهن بہ شيءِ جو تصور اها شيءِ پاڻ نہ آهي پر ان جو عڪس آهي.** هر عڪس بذات خود غير مادي آهي، ان کي ڏسي، ٻُڌي، سُنگهي، چکي، ڇُهي نہ ٿو سگهجي، ان جو فوٽو ڪڍي نہ ٿو سگهجي.

حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪيان ذري،
لڳي ماٺ مروئن کي، ڏونگر پون پري،
وڃن وڻ ٻري، اوپر اُپري ڪين ڪي.

مثال طور اڇو تہ ڪجھ اهڙن عڪسن يا تصورن جي باري ۾ سوچيون جيڪي مڪمل طرح خيال آهن، ذهني تخليق آهن.

اوهان مان ڪيترن ئي ماڻهن لوڪ ڪهاڻين، قصن ۽ ڏند ڪٿائن ۾ هي نالا ٻڌا هوندا: جِنُ جنڙي، پري پريزاد، ڀوت، ديو ديوي، ديوتا وغيره. اهي ڇا آهن؟

چيو وڃي ٿو تہ جِنُ ۽ جنڙي باهہ جا نهيل آهن، ڏاڍا شرير آهن، قد جا ننڍڙا آهن، ماڻهوءَ ۾ گهڙي وڃن ٿا، ان کي پنهنجن حڪمن هيٺ هلائن ٿا، سُرندي تي نچي نچي (يا نچائي نچائي) ڪو مطالبو ٻڌائن ٿا (جيڪو عام طرح ڪنهن پير تي پڙ وجهڻ ۽ ڪاري ڇيلي جي قرباني ڏيڻ هوندو آهي) وغيره.

اڇو تہ هن سڄي بيان ۾ ڏسون تہ ڪهڙو تصور ڪهڙي حقيقت تان ورتل آهي ۽ انهن کي پاڻ ۾ گڏائڙي جن يا جنڙيءَ جو تصور ڪيئن ٺاهيو ويو آهي.

جنُ "مذڪر" جنس ظاهر ڪري ٿو ۽ جنڙي "مونث"_ "باهہ"، "شرارت" ۽ "ننڍو قد" بہ پاڻ ڏنو آهي. (چيو وڃي ٿو تہ) بخار اسان جي "بدن ۾ گهڙي" وڃي ٿو ۽ اسين "حڪمن هيٺ هلڻ" کي بہ ڄاڻون ٿا. اهڙا ئي تصور هڪ جاهل ماحول ۾ ملائي، گڏائڙي ڪن اهڙن ماڻهن "جن" ۽ "جنڙي" جو تصور ٺاهيو جن کي ڪيترين ئي شين سمجھ ۾ نہ اينديون هيون. ڇا، ڀلا ڪو ٻڌائي سگهي ٿو تہ روشن شهرن ۽ علم وارن ماڻهن وٽ جن يا جنڙيون ڇو نہ ٿا اچن؟ ۽ ڳوٺن ۾، اونداهين ۽ جاهل ماحولن ۾، جاهل ماڻهن وٽ جن ڇو ٿا اچن؟ ڪا بہ اهڙي جاءِ جنهن کي "ڳرو" يا "زور آور، چيو وڃي ٿو، ان کي ڍهرائي، ان جي جاءِ تي نئين روشن جڳھ ٺهرايو يا اتي ڪو سائنسي سوچ رکندڙ ماڻهو رهايو، اوهين ڏسندا تہ اُتان سمورا جن ۽ جنڙيون توبهہ ڪري ڀڄي ويندا. جيئن جيئن وڏا شهر ۽ علم وارا ماڻهو وڌندا پيا وڃن، جن جنڙيون ڀڄندا پيا وڃن.

پري ۽ پريزاد جو تصور ايران ۾ نهيل آهي. پري، هڪ سهڻي ۽ جوان عورت سان ڪنپ ڳنڍيل تصور آهي ۽ پريزادُ هڪ سهني ۽ جوان مرد سان ڪنپ ڳنڍيل تصور آهي، ٻيو ڪجھ بہ نہ. عربستان ۾ وري پري ۽ پريزاد جهڙن تصورن لاءِ ٻيا نالا آهن.

ڀوت، ديو، راڪاس، برڙباڪاس وغيره بہ مردن جا تصور آهن. ڀوت قد جو ننڍو ۽ شرارتي آهي. ديو قد جو وڏو ۽ طاقت وارو تصور آهي. راڪاس ۽ برڙباڪاس وغيره ديو کان بہ ڏا ۽ وڏيڪ طاقتور تصور آهن.



شروعاتي، غارن ۽ جهنگن ۾ رهندڙ انسانن وٽ ڄاڻ ڏاڍي گهٽ هئي. جيڪي بہ عمل ڪين سمجھ ۾ نہ ايندا هئا تڏهن هو سمجهندا هئا تہ اهي ڪم ڪا اهڙي طاقت پئي ڪري جيڪا نظر نہ ٿي اچي (جيئن ڪين هوا نظر نہ ٿي آئي ۽ هنن ڏنو پئي تہ هر ڪم ڪونہ ڪو ڪري ٿو) مثال طور، جڏهن هوا گهلندي هئي تڏهن هو سمجهندا هئا تہ هوا کي گهلائيندڙ ڪا طاقت آهي. اهڙيءَ طرح طوفان آڻيندڙ طاقت، پاڻي وهائيندڙ طاقت، ڪڪر آڻيندڙ ۽ مينهن وسائيندڙ طاقت، ماءُ جي پيٽ ۾ ٻار کي ڄڻيندڙ طاقت، فصل اُپائيندڙ طاقت، سج، چنڊ، تارا چمڪائيندڙ طاقت، ڪائنات ڊاهيندڙ طاقت وغيره. انهن سمورين غيبي طاقتن جو تصور بہ اهڙو ئي ٺاهيو ويو، جهڙو عام طرح سندن "راڄن" ۾ ڪم ڪندڙ مختلف طاقتن، مردن ۽ عورتن جو تصور هو. مثال طور، شڪار ڪندڙ طاقت، شڪار ورهائيندڙ طاقت، ٻارن جي سار سنڀال لهندڙ طاقت، باهہ ٻاريندڙ طاقت، هٿيار ٺاهيندر طاقت وغيره. "غيبي" طاقتن جي باري ۾ شروع ۾ ڪهڙا بہ لفظ ڪتب آندا ويندا هجن پر انهن جو مفهوم ظاهر ڪندڙ لفظ ديوي ۽ ديوتا ٺهيا. پراڻي زماني ۾ ڇا پر اڄ بہ ڪيترن ئي هنڌن تي ڪيترين ئي ديوين ۽ ڪيترن ئي ديوتائن جو تصور موجود آهي.

قديم يونان ۾ ديوتا کي گاڊ ۽ ديويءَ کي گاڊيس (گاڊ جي مونث) سڏيو ويندو هو ۽ يونان ۾ ڪيترائي ڪم ورهائي مختلف نالن وارن ديوتائن جا ڪم ڪري سڏيا ويندا هئا. مثال طور، عشق جو ديوتا، عشق جي ديوي، هوا جو ديوتا، نيڪيءَ جو ديوتا، بديءَ جو ديوتا، پرک جي ديوي، آباديءَ جو ديوتا، سونهن جي ديوي، طاقت جو ديوتا، باهہ جو ديوتا وغيره_ ۽ انهن سڀني کان مٿاهون، وڏو ۽ وڏيڪ طاقتور ديوتا هو اپالو (سج) ديوتا.

قديم مصري، بابلي، سميري، سنڌي (هندي)، چيني، ويٽنامي وغيره تهذيبن ۾ بہ ڪيترن ئي ديوتائن ۽ ديوين جا تصور موجود آهن. "جادو ۽ سائنس" نالي ڪتاب ۾ اهڙن هزارين ديوين ديوتائن جو ذڪر ڪيل آهي.

قديم شروعاتي سماجن ۾ سڄو گهراڻو ماءُ جي نالي سان سڃاتو ويندو هو. هوءَ مردن جيترو ڪم بہ ڪندي هئي ۽ ان سان گڏ ٻارن ٻچن جي سار سنڀال، بيمارن جي ٽهل ٽڪور ۽ انهن جي پرگهور پئي لهندي هئي. مرڻ کان پوءِ ان نيڪ ماءُ جون يادون پيون ورجائبيون هيون. هوري هوري هوءَ سڄي گهراڻي جي ديويءَ واري حيثيت اختيار ڪري ويئي.

هوري هوري (آڪهن) گهراڻن ملي کهول ٺاهيا ۽ کهولن ملي قبيلا ٺاهيا ۽ طبقاتي ورڇ جو ٻج بہ سماجن ۾ ڦٽندو ويو. اهڙن ئي سماجن ۾ عورتون رڳو گهريلو ڪمن

ڪارين تائين محدود ٿينديون ويون ۽ انهن تي مردن جي برتري وڌندي وئي. زندگيءَ جي بنيادي گهرجن کي پوري ڪرڻ وارا رڳو مرد ٿيندا ويا. مرڻ کانپوءِ انهن نيڪ ۽ گهڻ گهرن مردن جون يادون، ڪجهه حقيقي، ڪجهه نقلي، پيون ڳائبيون هيون. آهستي آهستي انهن سڀني ڪٽنب جي ديوتائن جي حيثيت حاصل ڪري ورتي.

هي ياد رکڻ گهرجي تہ اهو سڄو عمل سوين سالن ۾ ٿيو.

جڏهن طبقاتي سماج ظاهر ٿيو تڏهن ”آقا“ ئي قبيلي جو بي تاج بادشاهہ هوندو هو. هو ئي سڄي رزق جو واڳ ڌڻي هو. سڄي کاڌ خوراڪ ۽ شيل شڪار جو مالڪ هو. مرضي پويس تہ ڪنهن کي عزت ڏي ۽ مرضي پويس تہ ڪنهن کي ذليل ڪرائي، وڻيس تہ روزگار ڏئي ۽ وڻيس تہ بک ماري، وڻيس تہ ڪنهن کي آزاد ڪري ۽ وڻيس تہ قيد ڪري. جيڪي غلام اچي سندس آڏو جهُڪندا هئا ۽ سندس ساراهہ ڪندا هئا انهن کان خوش ٿيندو هو (۽ انهن کي نوازيندو هو) ۽ جيڪي غلام نہ جهُڪندا هئا، نہ ساراهہ ڪندا هئا پر سندس منهن تي سچ چئي ڏيندا هئا، انهن کان ناراض ٿيندو هو (۽ انهن کي ذليل ڪرائيندو ۽ مارائيندو هو). هو قبيلي جي هر شيءِ جو مالڪ هو.

ڪي آقا سُٺي طبيعت جا هوندا هئا تہ ڪي وري بڇڙي ۽ ظالم طبيعت جا. هڪ قبيلي جون ٻين تي ۽ ٻين جون ٽين تي پيون ڪاهون ٿينديون هيون. ڪڏهن هڪ قبيلي جي ٻئي تي ڄمت تہ ڪڏهن وري ان تي ٽين قبيلي جي ڄمت. جيئن جيئن گهڻا قبيلا پئي ملندا ويا تيئن ننڍڙي علائقائي ديوتا مان ڦري گهڻا، وڏيڪ وڏا ۽ هڪ ٻئي کان مٿانهان ديوتا پئي ٺهيا. حاڪم قبيلو پنهنجو ديوتا ٻين سڀني قبيلن جي ديوتائن جو حاڪم ديوتا ڪري مقرر ڪندو هو ۽ حاڪم ديوتا جون عادتون لڳ ڀڳ اهڙيون هيون جهڙيون حاڪم قبيلي جي وڏي جون عادتون.

اهڙيءَ طرح، هوري هوري، هزارين سالن جي سماجي ارتقا دوران ننڍڙن خانداني ديوتائن مان ٿيندي، وڌندي، قبيلائي ديوتا، ملڪي ديوتا ۽ پوءِ اجا بہ اڳتي وڌائي تمام ويجهڙ ۾ انهن کي سڄي ڪائنات جو ديوتا ڪري پيش ڪيو ويو. انهن ديوتائن ۾ ڪي بڇڙين ۽ بگاڙيندڙ عادتن وارا آهن تہ ڪي نيڪ ۽ سُڌاريندڙ.

بديءَ وارن ديوتائن جو ڪم هو ڪوڙ فساد، گلا غيبت، چوري، زنا، لڙاين ۽ جنگين وغيره کي وڌائڻ ۽ نيڪيءَ وارن ديوتائن جو ڪم هو انهن جي خلاف جدوجهد ڪرڻ.

نيڪيءَ جي ديوتا وٽ جيئن تہ گهڻا ڪم هئا، تنهن ڪري هن پنهنجا ننڍا ڪم ننڍين ديوتائن کي ورهائي ڏنا ـ عشق جو تير هلائيندڙ ديوتا، باهہ جو ديوتا، پکين



جو ديوتا، آسمان کي ٽيڪ ڏئي ڪلهن تي کڻي بيهڻ وارا ديوتا، هوا گهلائڻ وارو ديوتا، مارڻ وارو ديوتا، مينهن وسائڻ وارو ديوتا، حساب ڪتاب وٺڻ وارا ديوتا، ڏوهہ گناهہ موجب سزا ڏيڻ وارا ديوتا، باهين ۽ باغن ۾ پهچائڻ وارا ديوتا، نينهن نياپا پهچائڻ وارا ديوتا وغيره وغيره. پاڻ وڏو ڏاڍو وڏو ديوتا انهن سڀني ننڍين ديوتائن جي نگراني بہ ڪري پيو ۽ دنيا جي سُک سانگ، وڌڻ ويجهڻ، سرسبزيءَ، نسل، آباديءَ، هر ساهواري جي پرگهور بہ لهي پيو. (جيئن ڪامورا، ڪامورن مٿان وزير ۽ وزيرن مٿان بادشاهہ).

جيڪڏهن ڪنهن بہ ديوتا جي ڪابہ خاصيت ورتي ويندي تہ آخري تجزيي موجب هن ڪائنات جي ڪنهن نہ ڪنهن حقيقت جو عڪس هوندي يا ڪجهہ عڪسن جو ميلاپ، ٻيو ڪجهہ بہ نہ. سمورا ديوتا جاهل ماحول ۾ انسان جي ذهني تخليق آهن.

ٻئي طرف وري انسان ۾ ”ساهہ“ جي تصور کي وٺو. سمورن انسانن ڏٺو پئي تہ جڏهن سيني جي ڌنوڻ بند ٿي پئي وئي، ساهہ جو کڄڻ ۽ نڪرڻ بيهجي پئي ويو، تڏهن کهڙا بہ حيلا وسيلا هلايا ويا پر اهو همراهہ سجاڳ نہ پئي ٿيو ۽ بهرحال، اهو سمجهيو پئي ويو تہ هو مري ويو. جڏهن ٻار ڄمي ٿو تڏهن ساهہ کڻي ٿو (جي ساهہ نہ کڻي تہ مئل) ۽ جڏهن مري ٿو، تڏهن مرڻ جي نشاني آهي ساهہ جو بيهڻ. ان عمل کي لاڳيتو جاچڻ کان پوءِ انسان وچي ان نتيجي تي پهتو تہ جيڪڏهن ”ساهہ“ آهي تہ انسان جيئرو آهي ۽ ”ساهہ“ ڪونهي تہ انسان مئل. وري جڏهن ”ساهہ“ تي سوچيائين تڏهن ڪيس نظر آيو تہ ”ساهہ“ ”هوا“ آهي، ان ڪري انسان سمجهيو تہ جيئرو اهو آهي جنهن ۾ ”هوا“ هجي ۽ مئل اهو آهي جنهن ۾ ”هوا“ نہ هجي. انسان ڏٺو پئي تہ اڄ نہ سڀاڻي ڪونہ ڪو مري ٿو ۽ اهڙيءَ طرح وري ڪونہ ڪو ڄمندو رهي ٿو. ان ڪري هن وٽ تصور نهيو تہ ”هوا نڪري وڃي ٿي“ ۽ ”هوا موٽي اچي ٿي“. انسان تہ مري، مٽيءَ ۾ پورجي يا سڙي ”ختم“ ٿي پئي ويو پر ”هوا ڪونہ ٿي مُئي“. ان لاڳيتي عمل اهو تصور پيدا ڪيو تہ انسان فاني آهي (تنهن ڪري مادو فاني آهي) ۽ ”هوا“، ”ساهہ“، ”روح“ لافاني آهي، دائمي آهي، انسان جي مرڻ کانپوءِ بہ وجود رکي ٿو. حقيقت ۾ ”ساهہ“ ”هوا جي تصور“ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي پر ان کي عقيدي ۾ هڪ غير مادي ۽ لافاني هستي بڻايو ويو آهي.

اهڙيءَ طرح هن ڌرتيءَ تي موجود ڪوبہ اهڙو انسان نہ ٿي گذريو آهي ۽ نہ ئي موجود آهي جنهن جي ذهن ۾ ڪوبہ تصور هن مادي وسيع ڪائنات ۽ هن ڌرتيءَ تي

موجود شين، عملن، لقائن ۾ نظارن مان نہ آيو هجي. **ڪويہ تصور يا تہ ڪنهن حقيقت جو سڌو سنئون عڪس آهي يا ڪجهہ عڪس جو ميلاپ آهي.**

اينجلس ۽ لينن جي زماني ۾ هڪڙا وري اهڙا ماديت پسند پيدا ٿيا جيڪي ماديت جي ”عشق“ ۾ ڪيترين ئي حقيقتن جون حدون بہ ٽپي ويا. انهن کي اينجلس ۽ لينن ”بيڪار ماديت پسند“ سڏيو ۽ انهن تي سخت تنقيد ڪئي. اهڙا ”ماديت پسند“ اڄ بہ موجود آهن. انهن جي چوڻ موجب خيال، تصور، عڪس رس آهي. دماغ خيال پيدا ڪري ٿو ۽ اهي رس جيان پيدا ڪري ٿو. اجا بہ وڌيڪ ايئن چئجي تہ اسان جي بدن ۾ جيئن ٻيا غدود رسون پيدا ڪن ٿا، مثال طور جيرو پت پيدا ڪري ٿو اهڙيءَ طرح دماغ بہ رس پيدا ڪري ٿو ۽ اها رس آهن خيال. اهڙا فلاسافر سوچ کي مُڏي، جڏي، بيڪار ۽ مٺاچري نموني پيش ڪن ٿا. ان سوچ کي بيڪار ان ڪري ٿا چئون جو ان ڪري شعور ايئن لڳي ٿو جڻ مادو هجي.

خيال پرست فلاسافر تہ اهڙن موقعن جي تاڙ ۾ هوندا آهن. هو هڪدم بيڪار ماديت پسندن جي سوچ کي سمورن ماديت پسندن جي سوچ ڪري پيش ڪن ٿا ۽ ان کي ردي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. هو چون ٿا تہ ”ماديت پسند“ رڳو مادي کي تسليم ڪن ٿا ۽ روحاني، شعوري، انساني خواهش ۽ جذبي جي وجود کان انڪار ڪن ٿا. ٻين لفظن ۾ اهي بيڪار ماديت پسندن جي سوچ کي مارڪسي تعليم سان هڪ جهڙو ڪري بيهارن ٿا. سچ کان ڪابہ شيءِ وڌيڪ ٿي نہ ٿي سگهي. جدلي ماديت وٽ شعور جي باري ۾ ڪابہ اهڙي ساڳي شيءِ ڪانهي جهڙي بيڪار ماديت وٽ آهي. جهڙي نموني جدلي ماديت قدرت ۽ شعور جي اهميت کي پيش ڪري ٿي اها نہ رڳو خيال پرستن پر بيڪار ماديت پسندن جي خلاف بہ آهي.

لينن بيڪار ماديت پسندن تي شعور ۽ مادي کي هڪ جهڙو ڪرڻ ڪري چٽي تنقيد ڪندو هو. لينن ان جي وڌيڪ وضاحت ڪئي تہ شعور مادي نہ آهي پر حقيقت جي هڪ ڪاپي، نقل، تصور يا فوٽو آهي. پر انساني دماغ ڪنهن بہ حقيت جو فوٽو ايئن ڪونہ ٿو وٺي جيئن هڪ ڪئميرا وٺي ٿي. انساني دماغ حقيقت جو حواسن وسيلي هڪ احساس وٺي ٿو جيڪو هڪ غير مادي عڪس آهي. مارڪس لکيو ”تصور...... ڪا ٻي شيءِ نہ آهي سواءِ انساني دماغ ۾ مادي جي دنيا جي هڪ عڪس جي، جيڪو سوچ جي صورت وٺي ٿو.“

## شعور جي سماجي فطرت:

شعور جي سلسلي ۾ هن وقت تائين جيڪو بحث ڪري آيا آهيون ان مان اسان کي خبر پئي آهي تہ شعور هڪ حياتيءَ پري، وڏي پئماني تي منظم مادي، دماغ



۾ ئي ٿي سگهي ٿو ٻيو ڪٿي بہ نہ. اهو دماغ بہ وري انسان جو جيڪو هن ڌرتيءَ تي پيدا ٿيل سمورن ساهوارن ۾ ارتقا جي سڀ کان وڌيڪ ترقي ڪيل صورت آهي. اهڙيءَ طرح شعور جي ٻن فطرتن تي بحث ڪري آيا آهيون. پهريون، مادي جي اول هئڻ ۽ شعور جي مادي جي ڪري پيدا ٿيڻ واري فطرت ۽ ٻيو شعور جي متعلق حقيقت جو عڪس هئڻ واري فطرت. پر اهو سمجهڻ ڪانپوءِ بہ اسين انساني شعور بابت اڃا گهڻو ڪجهہ نہ ٿا ڄاڻون.

چا مادي جي ڏاڍي منظم صورت، انساني دماغ ۾ شعور رڳو ان ڪري وڏي ٿو جو اهو جيئرو زندهہ حياتيءَ پريو آهي يا ان جي پيدا ٿيڻ جا اڃا ٻيا بہ ڪي سبب آهن؟

جواب آهي تہ انساني دماغ ۾ شعور رڳو ان ڪري ڪونہ ٿو وڏي جو اهو حياتيءَ پريو آهي. هڪ سبب اهو بہ آهي پر اڃا ٻيا بہ سبب آهن.

مارڪس کان اڳ وارا ماديت پسند اهو ڄاڻندا هئا تہ سوچ جو واسطو دماغ سان آهي. انهن اهو بہ ڄاتو پئي تہ شعور هڪ قدرتي عمل جيان اُسريو آهي ۽ ان کي پيدا ڪندڙ ڪا مافوق الفطرت هستي ڪانہ هئي، پر هنن اهو ڄاتايو تہ انساني سوچ جو بڻ بنياد رڳو ان ۾ لڪل آهي تہ دماغ هڪ زندهہ هستي آهي، پر مارڪسي ڄاڻ ان ڳالهہ جي نشاندهي ڪئي تہ شعور جو جوهر تڏهن هٿ ڪري سگهجي ٿو جڏهن ان جي سماجي فطرت سمجهہ ۾ اچي. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ انساني سماج، سماج ۾ ماڻهن جي حياتيءَ جا قانون ئي آهن جيڪي انساني شعور جي ظاهر ٿيڻ ۽ وڌڻ ويجهڻ جي مقرري ڪن ٿا. انساني سماج کان سواءِ ڪويہ انساني شعور، ڪابہ انساني سوچ ڪانهي. اها هئي ٻٽائتي نئين ڦوڙي، جيڪا مارڪسي ڄاڻ انساني سوچ جي حل لاءِ مهيا ڪئي.

اچو تہ مثال طور هڪ مفروضو وٺون.

جيڪڏهن ڪنهن ٻار کي هڪ ڪمري ۾ رهايو وڃي ۽ هن جي زندگيءَ جي ضروري شين مثال طور کاڌي پيتي جو مناسب ۽ پُڄهو بندوبست ڪيو وڃي. سڄي ڄمار هن سان ڪويہ ماڻهو نہ ڳالهائي نہ ٻولائي، تہ چا هن وٽ ڪابہ سوچ پيدا ٿي سگهي ٿي؟ چا هن کي ڪابہ ٻولي اچي سگهي ٿي؟ هن وٽ ٻيو تہ ڇڏيو پر چا هن وٽ اسان جي ماحول ۾ رهندڙ پنجن سالن جي ٻار جيترو شعور بہ ٿي سگهي ٿو؟

اسان وٽ ڪي ٻي سمجهيءَ واريون ڏند ڪٿائون مشهور آهن تہ موچيءَ جو پٽ بهرحال موچي ٿيڻو آهي ۽ بادشاهہ جي پٽ جي سوچ بهرحال بادشاهي سوچ ٿيڻي آهي. پر پنهنجو خيال آهي تہ اهڙيون ڏند ڪٿائون غلط آهن. مٿي ڄاڻايل ماڻهوءَ وٽ ڪابہ سوچي ٿي نہ ٿي سگهي. رهندو هو سمورن حواسن کان بہ ويل هوندو.

هڪ ٻيو مثال وٺو: جيڪڏهن ڪنهن انساني ٻار کي ننڍپڻ کان وٺي جهنگ ۾ ڇڏيو وڃي. هن کي ڪي به جانور کائي نه وڃن ۽ هو جوانيءَ تائين اتي زنده رهي. ڇا هن وٽ ڪوبه انساني شعور ٿي سگهي ٿو؟ پنهنجو خيال آهي ته اهڙي ماڻهوءَ وٽ ڪوبه انساني شعور ٿي نه ٿو سگهي. پر هو ڪيترن ئي جانورن جو نقل ڪندي، نينگ ٽپا ڏيندي ۽ ڪجهه بي مقصد رڙيون ڪندي نظر ايندو باقي ٻيو ڪجهه به نه.

اچو ته هڪ ٽيون، حقيقي انساني زندگيءَ ۾ پيش آيل واقعو وٺون. اسان مان ڪيترن ئي انهن ٻن ٻارن جو واقعو ٻڌو هوندو جيڪي هڪ جهنگ مان لڌا ويا. جتي هنن کي "جانور ڪٽي ويا" هئا. هي پنهنجي قسم جو ڏاڍو نرالو واقعو 1920ع ۾ انڊيا ۾ پيش آيو.

هڪ جهنگ ويجهو رهندڙ ڪجهه ڳوٺاڻن کي ٻگهڙن جي هڪ ميڙ ۾ ڪجهه عرصي کان "ٻه پوت" نظر اچڻ لڳا. اهي "ٻئي پوت" ٻگهڙن سان گڏ رات جو ظاهر ٿيندا هئا. ٻوڙون ڏڪون وجهندا ۽ اوناڙيون ڪندا هئا ۽ وري انهن سان ئي موٽي وڃي ڏور ۾ لڪندا هئا. ماڻهو انهن پوتن کان ڊڄي، ڪاڏي پيتي جون ڪجهه شيون وڃي جهنگ جي ويجهو رکي ايندا هئا ۽ انهن جي ڪاوڙ کان بچڻ لاءِ ڏٽيءَ در پيا ٻاڏائيندا هئا. هلندي هلندي هن واقعي جي خبر يتيم خاني جي سنڀاليندڙ مسٽر سنگهه کي پئي. مسٽر سنگهه وڏيون ڪوششون وٺي نيٺ انهن "پوتن" کي پڪڙي ورتو.... ۽ پوءِ ماڻهو اهو ڏسي ڏاڍا حيران رهجي ويا ته اهي "پوت" نه، پر "ڇوڪريون" هيون. هڪ جي ڄمار اٽڪل ارڙهن مهينا ۽ ٻيءَ جي اٺ سال هئي. مسٽر سنگهه انهن "ڇوڪرين" کي ڪٽي آٽي يتيم خاني ۾ رهايو جتي ڪين ٻين ٻارن سان گڏ ڇڏيو ويو. پر اهي پنهنجي ميزبان لاءِ مٽي جو سور ثابت ٿيون. اهي جيتوڻيڪ ڪنهن عورت جون ڄايون هيون پر عادتن ۾ مڪمل جانور هيون. خاص ڪري شروع وارن ڏينهن ۾ ته هنن ڏاڍو ٻاٽيتال مچايو. هو ڏينهن جو ڪنهن اونداهي ڪنڊ پاسي وڃي سمهي پونديون هيون پر رات جو آسمان مٿي تي کڻي ڏينديون هيون. هُو اگهڙ ۾ وٺي ٻوڙون پائينديون هيون، اوناڙيون ڪنديون هيون ۽ ڪوبه انساني رڏو پڪو نه ڪائينديون هيون. هنن وٽ انساني شعور جو ڪو ٻيو نشان ته ڇڏيو پر هنن لاءِ ٻن ٽنگن تي اُڀو ٿي هلڻ واري انسان جي خاص خاصيت به اڻ ڄاتل هئي. هو چئني پيرن (ٻن "هٿن" ۽ ٻن پيرن) وسيلي ٻوڙون پائينديون هيون. جانورن جي وچ ۾ گذريل حياتيءَ نه رڳو هنن جون عادتون مٽائي ڇڏيون پر انهن جي جسمن تي به اثر ڇڏيا هئا. هنن وٽ ڪابه اهڙي لياقت ڪانه هئي جيڪا وٽن موجود شعور جي نشاندهي ڪري ۽ نه ئي وري ڪين ڪا انساني احساسن ۽ جذبن جي خبر هئي. هو اونداهيءَ جا جانور هيون.



وڏي صبر ۽ همت سان ٻن ٽن سالن جي لاڳيتي محنت. هوري هوري پنهنجو رنگ ڏيکارڻ شروع ڪيو. هنن منجهه انساني خصلتون ڏيکارجڻ لڳيون ڪجهه حد تائين پيرن تي هلڻ به سکي ورتائون. هوري هوري ڪين ڪجهه شروعاتي لفظ سيکاريا ويا. انساني سوچ انهن ڏانهن تبديل ٿيڻ لڳي. وٽن کي "سُسيل" تصور به ناهيا ويا. "ننيڙا جانور" ٻارڙن ۾ تبديل ٿيڻ لڳا. پر بدقسمتيءَ سان اهي وڏي وڏو ٿيڻ کان اڳ مري ويون.

اهي حقيقتون ڇا ٿيون ٻڌائن؟ اهي ٻڌائن ٿيون ته انساني دماغ ۾ شعور رڳو ان ڪري نه وڌيو آهي جو اهو جيئرو زنده. حياتيءَ پريو آهي پر ان سبب سان گڏ ٻيا به ڪي سبب آهن.

مارڪس کان اڳ وارن ماديت پسندن زور پئي ڏنو ته "ماڻهو قدرت جو ٻار" آهي. انهيءَ اندازي ۾ سچ جي ڪجهه ذري آهي ۽ اها رڳو ان حد تائين ته هيءَ دعويٰ شعور جي مافوق الفطرت بڻياد واري تصور سان ٽڪر ڪائي ٿي. ميتا فزڪس واري طريقي واري ماديت پسندي چوي ٿي ته شعور وڌڻ جو رڳو هڪ سبب آهي ۽ اهو آهي دماغ جو حياتيءَ پريو هئڻ ـ مٿيان مثال اهڙن تصورن کي رد ڪن ٿا.

ته پوءِ ڀلا شعور جي وڌڻ لاءِ ان جي حياتيءَ پريي دماغ سميت ٻيا ڪهڙا شرط آهن؟ **شعور جي وڌڻ لاءِ دماغ جي "حياتيءَ پريو" هئڻ واري بنياد سان گڏ جيڪو لازمي طرح گهربل آهي، اهو آهي انساني سماج، يعني انساني ماحول ۾ سماجي زندگي.**

انساني شعور ڪردار جي لحاظ کان سماجي آهي. اهو انساني سماجي زندگيءَ ۾ عملي سرگرميءَ، انساني سماجي لاڳاپن کان سواءِ، ڌار رهي، اُسري نه ٿو سگهي. شعور ڪو ڌار، ڇنل، اڪيلو لقاءُ ڪونهي. هڪ ٻار انساني هستيءَ جو روپ، هڪ شعور ڀري شخصيت جو روپ تڏهن ئي وٺي سگهي جڏهن هو انساني برادريءَ ۾ رهندو هجي.

ڪابه سوچ انساني برادريءَ کان ٻاهر ڪانهي. سوچ ماڻهوءَ جي سماج ۾ سرگرميءَ جو نتيجو آهي، انهن لاڳاپن جو نتيجو آهي جيڪي ڪم (پيداوار) ڪرڻ دوران هڪ ٻئي سان پيدا ٿين ٿا. **ڪم ئي آهي جنهن ماڻهوءَ کي، ماڻهوءَ جي سماج کي پيدا ڪيو آهي.** ساڳيءَ طرح ڪم ئي آهي جنهن ماڻهوءَ جو دماغ ۽ ماڻهوءَ جو شعور پڻ تخليق ڪيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو مارڪس مشاهدو ڪري نتيجو ڪڍيو ته پنهنجي پهرين ڏيکاءُ ڏيڻ کان وٺي **شعور هڪ سماجي پيداوار هو** ۽ ايئن

ئي هو تيستائين وجود رکندو جيستائين انساني سماج وجود رکندو. شعور هڪ سماجي لقاءُ آهي. ماڻهوءَ جي ذهن ۽ پاڻ ماڻهوءَ سماجي قانونن جي اثر هيٺ پنهنجو پاڻ کي پنهنجن پيرن تي بيهاريو ۽ ترقي ڪئي.

## ذهن ۽ ٻولي:

هڪڙو ماڻهو ڏاڍو وڏو فلاسافر، مفڪر، اديب يا سوچيندڙ آهي پر اسان کي اها خبر ڪيئن پوي ته واقعي هو ڪو عالم ۽ اديب آهي؟ چيو وڃي ٿو ته هڪڙي ماڻهوءَ سڄي زندگي فلاسافرن، اديبن ۽ سڄاڻڪن (سائنسدانن) جون تخليقون پڙهيون آهن، پر هو مري وڃي ٿو. ڇا اسان کي ايئن چوڻ گهرجي ته واقعي هو وڏو عالم هو؟ جڏهن اسان کي اها خبر ئي ڪانهي ته سندس خيال ڪهڙا هئا، سندس سوچ ڪيئن هئي، هو ڪهڙي فلسفي طرف لڙيل هو، سچ ۽ ڪوڙ جي باري ۾ سندس نظريو ڪيئن هو وغيره.

ڪنهن به خيال، تصور، سوچ ۽ شعور جي اسان کي تڏهن خبر پوي ٿي جڏهن اهو ظاهر ڪيو وڃي ۽ سوچ کي ظاهر رڳو ٻوليءَ وسيلي ئي ڪري سگهجي ٿو. ٻولي، جيڪا پنهنجي ڄمار پنجن لکن سالن کان به وڌيڪ ڏگهي رکي ٿي، هوري هوري، سادن سودن، منجهيل، گڏاڙيل لفظن مان ترقيءَ جون راهون طئي ڪندي وڌندي ويجهندي، نوان نوان لفظ پنهنجي جهوليءَ ۾ سموئيندي نرم، نازڪ ۽ لطيف احساسن ۽ وڏيل، ڳتيل، سانديل جذبن ۽ نين نين شين کي نوان نوان نالا ڏيندي اڄ موجوده منزل تي پهتي آهي.

ڳالهائڻ، پهريائين انساني سماج ۽ ان سان گڏ انساني شعور جي اوسر واري دؤر ۾ ظاهر ٿيو. ماڻهن پنهنجي بقا لاءِ بنيادي گهرجن جي پيداوار واري عمل ۾ گڏجي ڪم ڪندي، ضرورت محسوس ڪئي ته هڪ ٻئي کي ڪجهه چون. اينجلس چيو ته ان ضرورت ماڻهوءَ جي ڳالهائڻ واري عضوي جي تخليق ڪئي. انسان نما جانور جي اڻ گهڙيل، اڻ وڌيل نڙيءَ هوري هوري پنهنجو پاڻ کي تبديل ڪيو ۽ ڳالهائڻ جي عضون هڪ ڪان پوءِ ٻيو گهگهو جهڙو آواز ڪڍڻ شروع ڪيو. اهڙيءَ طرح معنيٰ ۽ مقصد پري گفتگو يعني ٻولي اُسري. **ٻولي هڪ ٻئي سان ڳانڍاپي لاءِ خيالن جي مٽا سٽا جو وسيلو آهي، سوچ جو مادي خول آهي.**

ٻوليءَ ۽ خيالن جي هيڪڙائيءَ خود شعور جي فطرت مان جنم ورتو. هڪ خيال تڏهن حقيقي نموني ظاهر ٿئي ٿو جڏهن اهو لفظن جو روپ وٺي ٿو. جيستائين خيال ماڻهوءَ جي ذهن ۾ آهن تيستائين هو مردو آهي، ڇو ته ٻين ماڻهن کي ملي نه ٿو سگهي، ڪوبه ماڻهو ان جو ڪاٿو ڪري نه ٿو سگهي. مارڪس جي لفظن ۾، خيال جي پهرين



حقيقت آهي گفتگو، ڳالهائڻ. سوچ پنهنجي مادي "خول"، ٻوليءَ کان سواءِ ڪڏهن به نهي نه ٿي سگهي، ويندي تڏهن به جڏهن اسين آواز سان ڳالهايون نه ٿا. پر رڳو پنهنجو پاڻ ٿا سوچيون تڏهن به اسان جا خيال پڻ لفظن، ٻوليءَ جو روپ وٺن ٿا. ٻوليءَ کان سواءِ اسين سوچي به نه ٿا سگهون. اسين جڏهن به، ڪجهه به سوچيندا اسون تڏهن اهو ڪنهن نه ڪنهن ٻوليءَ ۾ ئي سوچيندا اسون. ٻوليءَ جي مهرباني، جو نه رڳو اسان جي سوچ نهي ٿي پر اها ٻين ماڻهن ڏانهن تبديل به ڪري سگهجي ٿي. ٻئي طرف وري لکيل ٻوليءَ جي مدد سان اسان جي سوچ نه رڳو سماج جي ڪنڌ ڪڙڇ تائين پکڙجي ٿي پر هڪ نسل کان ٻئي نسل ڏانهن پڻ تبديل ٿئي ٿي. اهو ممڪن ئي ڪونهي ته ڪو ڄميل (مجرد) خيال ۽ سوچ لفظن کان سواءِ ڪنهن ٻئي نموني ظاهر ڪري سگهجي.

هن سڄيءَ ڳالهه ٻول مان اهو ظاهر ٿيو ته پنهنجي ٻالپڻي کان وٺي **انساني شعور لفظن ۽ ٻوليءَ جي بنياد تي نهي ٿو.** ان جو مطلب هيءُ ٿيو ته سوچ گفتگوءَ سان ٻڌل آهي. ڇا اهو ممڪن آهي ته سوچ کي گفتگوءَ کان ڌار ڪري سگهجي؟ نه، اهو ممڪن ڪونهي ته سوچ کي گفتگوءَ کان ڌار ڪري سگهجي. **ٻوليءَ ۽ خيال جي وچ ۾ هڪ اٽُٽ ۽ زنده هيڪڙائي نهي ٿي.** ان ڪري ئي چئون ٿا ته سوچ رڳو ماڻهوءَ جي خاصيت آهي.

اينجلس مشاهدو ڪري نتيجو ڪڍيو ته منجهيل گفتگوءَ جي اؤسر، ارتقا ۽ ترقيءَ ئي انسان نما جانور جي دماغ کي هوري هوري تبديل ڪري انساني دماغ تائين پهچايو.

## ذهن ۽ مشين:

هتي جنهن مشين جو ذڪر ڪرڻ چاهيون ٿا، اها ڪا سادي سودي مشين نه، پر هڪ ڏاڍي ڳُتيل ۽ پيچيده مشين "ذهين مشين"، "سوچيندڙ مشين"، "عقلمند مشين" آهي. اوهان مان ڪيترن ئي ڪئلڪيوليٽر بابت ٻُڌو هوندو. هيءَ مشين لکن ڪروڙن جو حساب ـ ونڊ، ڪٽ، جوڙ ضرب، سيڪنڊن ۾ حل ڪريو ڇڏي. اڄ اها به هڪ سادي مشين آهي. جن "ذهين مشينن" جو ذڪر ڪرڻ چاهيون ٿا اهي اڃا به وڌيڪ پيچيده مشينون آهن. اهي ڏاڍيون ڏکيون ۽ نازڪ قسم جون آپريشنون ڪن ٿيون. اهي "ياد رکن ٿيون" ته ڪهڙيون آپريشنون ڪرڻيون آهن ۽ وري هر هڪ آپريشن ۾ ڪهڙا ڏاڪا آهن. اهي مشينون ريل گاڏيون ڊوڙائن ٿيون ۽ "اندازو لڳائن ٿيون" ته ڪڏهن گاڏيءَ کي ڍلو ڪرڻو آهي، بيهارڻو آهي، هلائڻو آهي ۽ تيز ڪرڻو آهي. اهي هوائي جهازن کي اُڏائن ٿيون ۽ انهن کي صحيح طرفن تي وٺي وڃي گهربل

جاين تي لاهين ٿيون. اهي هڪڙين ٻولين مان ٻين ٻولين ۾ ترجمو ڪن ٿيون. هزارين لفظن ۽ انهن جي معنيٰ ياد رکن ٿيون. اهي شطرنج جهڙي راند جون سوين چالون ياد رکن ٿيون ۽ وقت سر ڪيڏن ٿين. اهي ڪجهه منطقي مهمون به سر ڪن ٿيون ۽ اهڙيءَ طرح ٻيو گهڻو ڪجهه.

اهڙين "ذهين مشينن" ڪي ڏسي خيال پرست ۽ بورجزوا فلاسافرن وٺي گوڙ مچايو آهي ته اهي "ذهين مشينون" اڳتي هلي انسان ۽ دنيا تي حڪمراني ڪرڻ لڳنديون. تنهن ڪري هو ان "مسئلي" کي موجوده دنيا جو "ٻرندڙ مسئلو" ڪري پيش ڪن ٿا. (ٻيا هنن وٽ قومي ۽ طبقاتي مسئلن جهڙيون ڳالهيون ته آهن..... مڙئي!..... هنهه!)

ڇا اهو ممڪن آهي ته اهڙي مشين ٺاهجي جيڪا مڪمل طرح انساني دماغ جو بدل هجي؟

هنن مشينن وسيلي ڪٽي ڪهڙا به ڪارناما ڪيا وڃن پر اهي بهرحال، ڪن آٽوميٽڪ (خودڪار) عملن تائين محدود آهن. سوچ کي ڪن آٽوميٽڪ عملن تائين گهٽائي محدود ڪري نه ٿو سگهجي. سوچ کي پنهنجو بڻ بنياد انساني سماج ۽ سماجي زندگيءَ ۾ آهي. سوچ هڪ سماجي پيداوار آهي، سماج ۾ انساني سرگرميءَ جي پيداوار آهي ۽ اهڙي باقائدي حياتيءَ پري سرگرمي اُصولي طرح. بهرحال، مشين کي ميسر نه آهي. "ذهين مشين" ڏاتوءَ جي پوشاڪ ۾ انساني خيال آهي.

"ذهين مشينن" جي "ذهانت" ۾ اڃا به ترقي ٿيندي ويندي ۽ اهو به ممڪن آهي ته اڳتي هلي اهي فلسفي جي ڪيترن ئي مسئلن کي بيان به ڪنديون. پر اهي پوءِ به رڳو ايترو ڪنديون جيترو سندن "دماغ" ۾ رکيو ويندو. اهي سماجي حالتن جي تبديلين سان پنهنجو پاڻ کي تبديل ڪري نه ٿيون سگهن. اهي بهرحال، ڏاتوءَ جي پوشاڪ ۾ انساني خيال ئي رهنديون. ماڻهوءَ کان سواءِ ڪابه مشين رڳو هڪ "مئل ڏاتو" آهي.

انساني دماغ ڪنهن به مشين کان ڏاڍو مٿاهون ڇو آهي؟ انساني دماغ مشين کان مٿاهون ان ڪري آهي جو اهو سماجي عملن ۽ انساني سرگرميءَ جي پيداوار آهي. خيال به ساڳيءَ طرح سماجي سرگرميءَ جي پيداوار آهن. دماغ جو ڪم ايترو ئي ڳُتيل آهي جيترو سماجي رشتا، سماجي سرگرمي، سماجي عمل، سماجي لقاءَ، دنيا جا لقاءَ، ڪائنات جا لقاءَ وغيره. ڪوبه "اليڪٽرانڪ (مشيني) دماغ" ان لائق نه ٿي سگهندو جو هو ماڻهوءَ جي ذهني دنيا، ان جي تخليقي قوت، خيالن جي اُڏام، هن جي خواب، فن جي ڳُتيل دنيا يا ماڻهوءَ جي پنهنجن جذبن کي عمل ۾ آڻڻ جي لياقت



پيش ڪري سگهي. انساني دماغ هڪ زنده هستيءَ جو دماغ آهي، جڏهن ته "مشيني دماغ" هڪ ڏاتو آهي.

"ذهين مشينون" رڳو ا هڙا انساني ڪم ڪري سگهن ٿيون جيڪي مشيني قسم جا، آٽوميٽڪ نموني جا هجن. "ذهين مشينون" آئيندي ڪهڙا به ڪم ڪن، اهي ڪيترو به ماڻهوءَ جو بدل ثابت ٿين، پر اهي بهرحال، ماڻهوءَ جون غلام رهنديون. ماڻهو انهن کي پيداواري، تعليمي ۽ ٻين ڪيترن ئي مسئلن جي حل ڪرڻ ۽ سماج جي خدمت ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندو رهندو.

مشين سوچڻ لائق نه آهي، اها سوچڻ ۽ ڪم ڪرڻ ۾ ماڻهوءَ جي مدد ڪري سگهي ٿي. "ذهين مشينون" ماڻهوءَ جو ذهني ڪم سولو ڪرڻ جي خدمت ڪن ٿيون.

## ماديت ۽ ماڻهوءَ جي روحاني دولت:

ماديت جا مخالف چون ٿا ته جيئن ته ماديت پسندي روح جو انڪار ڪري ٿي، تنهن ڪري هوءَ انساني روحاني دنيا کان به انڪار ڪري ٿي. هو الزام ٿا هڻن ته ماديت ان ڪري روحاني مُلهه کي تسليم نه ٿي ڪري جو اها رڳو ماديت مُلهه تسليم ڪري ٿي. ڇا واقعي ايئن آهي؟ نه، اهو ماديت خلاف زبرو ڪوڙ آهي. ماديت پُراسرار، لافاني، غير مادي "روح" جي وجود کان ته برابر انڪار ڪري ٿي، پر اها ڪڏهن به ماڻهوءَ جي اندرين روحاني، ذهني دنياوي وجود کان انڪار ڪونه ٿي ڪري. اڇو ته ڏسون ته روحاني دنيا، روحاني دولت، روحاني خوشي آهي ڇا، اها ڇا جي ٺهيل آهي؟

جڏهن به ڪو ماڻهو انسان ذات کي خوش ڪرڻ جو ڪوبه ڪم سرانجام ڏئي ٿو تڏهن هو روحاني خوشي محسوس ڪري ٿو. جڏهن به ڪو ماڻهو ظالم ۽ جابر، ڊڪٽيٽرن آڏو سچ ڳالهائي ٿو تڏهن هو روحاني خوشي محسوس ڪري ٿو. جڏهن به ڪو خوشحالي آڻيندڙ شيءِ ايجاد ڪري ٿو تڏهن هو روحاني خوشي محسوس ڪري ٿو. انسان جا ڏاڍا اهم گڻ مثال طور اميدون، جذبا، ايمان، خوشيون، پيار ۽ محبت، عقيدت ۽ احترام، سڪ، سچائي ۽ خودداريءَ جهڙا انيڪ نازڪ احساس ماڻهوءَ جي روحاني دنيا، روحاني دولت ۽ روحاني خوشي جوڙن ٿا.

هاڻي اچو ته ڏسون ته ماديت پسندن وٽ اها روحاني دنيا ڪيڏي نه وسيع، رچيل پچيل ۽ اعليٰ پيماني تي موجود آهي. ڇا ڪو چئي سگهندو ته زار بادشاهن جي ظلم هيٺ هلندڙ روسي حڪومت سان ٽڪر کائيندڙ ان کي ڊاهي، ان جي جاءِ تي گهڻن انسانن جي ڀلائيءَ واري سماج جي اڏاوت ڪندڙ روسي قوم کي ظلم کان توبهه

ڪرائيندڙ ۽ مظلوم قومن کي مڪمل ڇوٽڪارو ڏياريندڙ مذهبي هڪ هٿيءَ کي ٽوڙي ان جي جاءِ تي سڀني کي پنهنجي پنهنجي عقيدي اختيار ڪرڻ جي آزادي ڏياريندڙ ماديت پسند نہ هئا؟ ڇا ڪو چئي سگهندو تہ چين جي 60 ڪروڙ مصيبتن جي ماري، نشئي، بيمار ۽ جهالت جي ڏٻڻ ۾ ڦاٿل انسانن کي ظالمن جي چنبي مان ڇڏائي آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ جي راهہ تي وٺي هلندڙ ماديت پسند نہ هئا؟ اهو ڪنهن جو جذبو هو جنهن فرانسيسي ۽ آمريڪي شيطان ذهن سامراجين، خونخوار وحشين سان 45 سال لاڳيتي جنگ ڪري ان جون خوني ڄاڙيون ڀڃي رکيون ۽ پنهنجي عوام کي منظم ۽ متحد ڪري ڇوٽڪارو ڏياريو؟ ڇا اهي سڀ ماديت پسند نہ هئا؟ جيڪڏهن ڪو چوي ٿو اهي سڀ ماديت پسند نہ هئا تہ ان جهڙو ڪو ٻيو بيوقوف ٿي نہ ٿو سگهي. هنن ماديت پسندن ڪنهن لاءِ ڪم ڪيو. ڪنهن کي آزادي ڏياري، ڪنهن جي خوشحاليءَ لاءِ قربانيون ڏنيون؟ سڀني انسانن جي لاءِ، سڄي عوام جي لاءِ. هنن جي روحاني دنيا، هنن جو پيار، هنن جو جذبو ڏاڍو وسيع، ڏاڍو ڪشادو بي ڪنار هو.

اڄ اوهين ڪنهن جي بہ آڏو هوچي منهہ جو نالو تہ کڻو. اهو نالو ٻُڌڻ سان ئي اندر ۾ هڪ قسم جو پيار، پاٻوهہ، سِڪ ۽ عقيدت وڌيو وڃي. اوهين سوچيو تہ سهي تہ اهو پاڻ پيار جو مجسمو ڪيئن هوندو. هن جي روحاني اُڌام جي دز کي بہ هي خيال پرست پڄي نہ سگهندا. هي خيال پرست جيڪي روحاني غلاميءَ ۾ ڦاسائڻ ٿا چاهن، اهي روحاني آزاديون ڏياريندڙن جي آڏو ڇا آهن!

اڄ اسين ڌرتيءَ تي موجود ٻن اربن کان وڌيڪ انسان ڳڻي سگهنداسون جيڪي اعليٰ روحاني دولت سان مالا مال آهن. رڳو سامراجي چنبي هيٺ گذاريندڙ پر ان جي خلاف وڙهندڙ هڪ انقلابي وٺو. هُو جنهن پيار، محبت، جوش جذبي، بهادريءَ ۽ سورهيائيءَ، عقلمنديءَ ۽ ڏاهپ، سچائيءَ ۽ سڪ سان جيڪو پيار جو پورهيو ڪري رهيا آهن. پنهنجي رت جو آخري ڦُڙو بہ عوام جي آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ وهائي رهيا آهن. انهن جهڙي ڪا ٻي روحاني دولت ٿي سگهي ٿي؟ انهن آزاديءَ جي عاشقن کان پڇي ڏسو تہ هُو جيلن، قيدن، عذابن، ڦٽڪن ۽ ڦاهين کي بہ قبول ڇو ٿا ڪن ۽ پنهنجن خيالن ۽ جدوجهدن تان هٿ ڇو نہ ٿا کڻن؟ اهو سڀ ڪجهہ ان ڪري جو هو پنهنجي مظلوم قوم ۽ عوام جي خوشيءَ ۽ ڇوٽڪاري لاءِ وڙهي رهيا آهن. خوشي اها آهي تہ گهڻن کي خوشي ملي. هنن انقلابين جو اندر ڪيني ڪدورت، بغض عداوت ۽ ساڙ کان پاڪ آهي. هنن جا اندر ڏاڍا وسيع ۽ ڏاڍا گهرا آهن. هڪ هڪ من گهايل آهي پر پوءِ بہ پيار، پاٻوهہ ۽ پنهنجائپ جي جذبي سان ٽمٽار آهي. هي انقلابي زمين



کان آسمان تائين طوفان تي اُٿن ٿا ۽ سماج جي ڪِن ڦِٽ، ظلم ۽ ڦرلٽ کي ڏڪي وڃي پري ڦٽو ڪن ٿا. هنن جي روحاني خوشي ان ۾ آهي تہ سڄي انسان ذات کي روحاني خوشي، روحاني آزادي، روحاني دولت، روحاني راحت ملي.

## شعور جو مادي تي اثر:

بيشڪ دنيا، ڪائنات، مادي کي سوچ، ذهن پيدا نہ ڪيو آهي پر شعور، ذهن، سوچ کي مادي پيدا ڪيو آهي، پر ڇا شعور جو مادي تي ڪو اثر پوي ٿو؟

هي جو سڄي ڌرتيءَ تي ترتيب ۽ رٿا سان باغ بستان وڇايا ويا آهن، ندين جا منهن جهلي بند ٻڌا ويا آهن ۽ واهن جا ڄار وڇايا ويا آهن. هي جو آرماڙ آسمان ڇهندڙ جايون ٺاهيون ويون آهن. هزارين عجب ۾ وجهندڙ ايجادون ڪيون ويون آهن. سالن جو گهڙين ۾ ڪم ڪندڙ بي انتها پيچيده ملون، ڪارخانا ۽ مشينون ٺاهيون ويون آهن. هي جو اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽيون، لئبريريون، ميوزم ۽ موسيقيون ٺاهيون ويون آهن. هي جو ظالم سماجن ۾ عملي سرگرميون ڪري، انهن کي ڊاهي، انهن جي جاءِ تي نئون شاندار سماج اڏيو پيو وڃي، اهي ڪارناما ڪنهن جا؟

اهي پورهيي جا ڪارناما آهن، انساني سماج ۾ انساني سرگرميءَ جا ڪارناما آهن، انسان جي ذهن جي تخليقي عمل جا ڪارناما آهن. انهن ڪارنامن ۾ سوچ جو بہ هڪڙو حصو آهي، پر رڳو ٺلهي سوچ ڪجهہ بہ ڪري نہ ٿي سگهي. لکين ماڻهو لک دفعا ويٺا سوچن تہ هينئن ٿئي ۽ هونئن نہ ٿئي تہ اهڙي سوچڻ جو ڪوبہ فائدو ڪونهي. جڏهن سوچ کي عمل سان ملائجي ٿو تڏهن ئي ڪو ڪارنامو ڪري سگهجي ٿو. هر ڪارنامي ۾ انسان جو بامقصد عمل ۽ انسان جي دماغ جو عمل (سوچ) شامل آهي. شعور ٻيو ڪجهہ نہ ٿو ڪري سگهي سواءِ ان جي تہ مادي جي هڪ ننڍڙي حصي جي هڪ صورت کي تبديل ڪري ٻيءَ صورت ۾ آڻي، ۽ اهو بہ تڏهن ممڪن آهي جڏهن مادي تي مادي وسيلن سان عمل ڪري۔ مادو اول آهي ۽ شعور ثانوي.

اسان هن وقت تائين جدلي ماديت جي ڪجهہ وڏن خيالن تي بحث ڪري آيا آهيون، پر انهن کي تفصيلي ۽ وڌيڪ گهري نموني سمجهڻ لاءِ اسان کي مارڪسي جدلي ماديت جي باري ۾ اڃا وڌيڪ ڄاڻڻو آهي، ان ڪري هاڻي جدليات جي قانونن ۽ درجن تي بحث ڪنداسون.

# باب پنجون

# جدليات جا بنيادي قانون ۽ درجا

## قانون چا آهي؟

قانون شين يا لقائن جي وچ ۾ يقيني قسم جو ڳانڍاپو يا رشتو آهي.

اهو سمجهڻ لاءِ ته هتي ڳانڍاپو ڪهڙي مفهوم ۾ استعمال ٿئي ٿو اچو ته هڪ مثال وٺون. جيڪڏهن ڪو ماڻهو هڪڙو پٿر اُڇلائي ٿو ته اهو ڪيڏانهن ويندو؟ اُڇلايل پٿر اڳي پوءِ وڃي زمين تي ڪرندو. اهو ئي ساڳيو عمل هوا ۾ اُڇلايل تير يا ڪنهن ٻي شيءِ سان ٿيندو. اهو سڀ ڪجهه ڪنهن مخصوص سبب ڪري ٿئي پيو. اهو مخصوص سبب هتي ڌرتيءَ جي ڪشش واري قوت ۽ ڪنهن به هوا ۾ اُڇلايل شيءِ جي وچ ۾ اهو اٽُٽ ڳانڍاپو آهي جيڪو لاڳيتو عمل ۾ اچي رهيو آهي. هيءُ جيئن ته هوا ۾ اُڇايل هر شيءِ سان ٿئي ٿو تنهن ڪري هيءُ ڳانڍاپو عارضي يا اتفاقي به ڪونهي، پر هر حالت ۾ ٿيڻو آهي. هڪ ٻيو مثال وٺو: پاڻيءَ سان پريل ٿانوَ هيٺان باهه ٻاري وڃي ته ڇا ٿيندو؟ پاڻي نيٺ اُبرڻ لڳندو. اها هڪ يقيني ڳالهه آهي، ان ۾ ڪوبه شڪ شبهو ڪونهي. هن عمل ۾ اها ڳالهه ڪانهي ته ٿئي الائي نه، پر هتي اهڙن عملن جي ڳالهه ڪجي ٿي جيڪي يقيني ٿين، پڪئون پڪ ٿين، ڪنهن به حالت ۾ ضرور ٿين. اُڇلايل پٿر جي سلسلي ۾ ڪوبه ايئن چئي نه سگهندو ته ڪرندو الائي نه، يا پاڻيءَ جي سلسلي ۾ ته اُبرندو الائي نه. پٿر جو زمين تي ڪرڻ وارو عمل ۽



پاڻيءَ جي اُبرڻ وارو عمل ايترو ته باقائدي ٿين ٿا جو هر هڪ اهو پڪو يقين رکي ٿو ته ايئن لازمي ٿيندو. اهي عمل شين جي وچ ۾ هڪ ضروري، بنيادي ۽ باقائدي ظاهر ٿيندڙ ڳانڍاپي کي ظاهر ڪن ٿا. ٻين لفظن ۾، **قانون پاڻ ۾ لاڳاپيل شين جي وچ ۾ اهو بنيادي رشتو آهي جيڪو اتفاقي، مڙئي رواجي نه آهي، پر اهو رشتو آهي جيڪو شين جي اندروني فطرت مان ڦُٽي نڪري ٿو جيڪو يقيني، باقائدي، بنيادي، لازمي ۽ ضروري آهي.** اُڇلايل پٿرپري به وڃي سگهي ٿو ۽ ويجهو به ڪري سگهي ٿو، ٽُٽي به سگهي ٿو ۽ نٿو به ٽُٽي سگهي. قانون اهڙين شين کي ظاهر نه ٿو ڪري، قانون لقائن جي وچ ۾ سمورن ڳانڍاپن کي ظاهر نه ٿو ڪري پر وڌيڪ بنيادي، لازمي ۽ ضروري ڳانڍاپن کي ظاهر ڪري ٿو.

پر هيءَ اجا به قانون جي پوري، مڪمل تشريح ڪانهي. اوهان کي ان ڇوٽيءَ جي خبر هوندي ته "قانون وٽ ڪابه ڇڏ ڇوٽ ڪانهي."_ اهو آهي قانون لاءِ سڄو مڪمل نُڪتو. قانون ڪنيل شعبي جي ڪن ٿورڙن لقائن سان نه، پر ان شعبي جي سمورن لقائن سان لاڳو ٿئي ٿو. آرڪمديز جو قانون (1)، مثال طور، هر ان شيءِ سان لاڳو ٿئي ٿو جيڪا پاڻياٺ ۾ وڌي وئي هجي. ٻين لفظن ۾، آرڪمديز جي قانون ۾ جيڪو ڳانڍاپو ظاهر ٿئي ٿو (يعني هڪ جسم جي والاريل جاءِ ۽ ان جي رڪاوٺ) اهو فطرت ۾ سڀ طرفو آهي، عالمگير آهي. ڪابه شيءِ هوا ۾ اُڇلائي وڃي ته اها بهرحال، زمين تي ڪرندي. هن قانون ۾ به هڪ همه گيري آهي. اينجلس مشاهدو ڪيو ته "قدرت ۾ سڀ طرفائي (همه گيري، عالمگيري) جو روپ قانون آهي." **هڪ قانون اسان کي ڄاڻ ڏئي ٿو ته ڇا وڌيڪ گهرو ۽ وڌيڪ عام آهي.**

جيئن ته شيون ۽ لقاءَ معروضي طور وجود رکن ٿا، تنهن ڪري انهن جي وچ ۾ ڳانڍاپا به معروضي طور وجود رکن ٿا، يعني، ڪنهن به **قانون جي وڌيڪ اهم خاصيت اها آهي ته اهو معروضي آهي.** نه رڳو قدرت جا قانون، پر سماج جا قانون به انساني شعور يا خواهش جا پابند ڪونه آهن. جهڙيءَ طرح مادي، قدرت انسان جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ وجود پئي رکيو اهڙيءَ طرح قدرت جي قانونن به انسانن کان اڳ وجود پئي رکيو. ڌرتيءَ تي ساهوارن جي تاريخ جي حساب ڪتاب سان انساني هستي جهڙڪ ڪالهه پيدا ٿي آهي. اسان جي ڌرتيءَ جو سج جي چوڌاري ۽ پنهنجي محور چوڌاري ڦرڻ وارا قانون به ايتري ئي عرصي کان وجود رکن ٿا جيتري عرصي کان اسان جو سيارو وجود ۾ آيو آهي. اهي قانون انساني شعور کان آزاد وجود رکن ٿا.

سماجي واڌاري جا قانون پڻ ڪردار ۾ معروضي آهن. ماڻهو نه ئي نوان قانون ٺاهي سگهن ٿا، نه ئي موجود قانونن کي ختم ڪري سگهن ٿا ۽ نه ئي انهن کي

پنهنجي ارادي سان بدلائي سگهن ٿا. اهي به مادي جيان هميشه کان رهندڙ ۽ هميشه رهندڙ آهن.

خيال پرست فلاسافر ٻئي قسم جا خيال رکن ٿا. اهي قانونن جي معروضي وجود کان انڪار ڪن ٿا. جرمن فلاسافر ڪانٽ دعويٰ ڪئي ته قدرت جا ڪي به قانون ڪونه آهن. هنن ان ڳالهه تي زور پئي ڏنو ته هر شيءِ گڙٻڙ جي حالت ۾ آهي ۽ اهو رڳو انساني ذهن ئي آهي جيڪو قدرت ۾ باقائدگي ۽ ترتيب مهيا ڪري ٿو. پر خود ماڻهوءَ لاءِ ڪي به قانون ڪونه آهن. جديد بورزوائي انهن خيالن کي سوين مختلف نمونن ۾ ورهائن ٿا، پر ڇا اهي خيال صحيح آهن؟

پراڻن سماجن وٽ اهو خيال ئي ڪونه هو ته ڪو قدرت جي قانونن باقائدي وجود پئي رکيو ۽ نه ئي وري هنن ڪڏهن انهن قانونن جي جاچ ڪئي. سماجي ارتقا دوران جڏهن ماڻهو پنهنجي عملي سرگرم زندگيءَ ڪري شين جي وچ ۾ باقائدي ڳانڍاپي جي وجود جي باري ۾ سکيو تڏهن ئي هن انهن ڳانڍاپن کي جاچڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ انهن کي حقيقتن ۾ ڳولڻ شروع ڪيو. ان ڪري ئي اهو نتيجو ڪڍون ٿا ته قانونن جي موضوعي هجڻ جو خيال، هڪ غير سائنسي خيال آهي، جيڪو عمل جي تجربي سان ٽڪر کائي ٿو، اسان جو روزانو عمل قدرت ۽ سماج جي قانونن جي معروضي ڪردار جي تصديق ڪري ٿو.

**قانون، حقيقي دنيا جي شين ۽ لقائن جي وچ ۾ وڏيڪ عام، لازمي، معروضي ۽ نسبتاً دائمي پر هر حالت ۾ ظاهر ٿيندڙ ڳانڍاپن کي ظاهر ڪن ٿا.**

خيال پرست قانون جي وجود کان انڪار ڇو ٿا ڪن؟ ان ڪري جو قانونن کي مڃڻ ڪري سندن مفادن کي ڌڪ لڳي ٿو، سندن آقائن، استحصالي طبقن کي ڌڪ لڳي ٿو. ڇو ته کين سچ بگاڙڻ سان دلچسپي آهي، ڇو ته قانون سامراج جي مفادن ۾ ڪونهن، ڇو ته قانون جاگيرداري، سرمائيداري سماج جي تباهه ٿيڻ جي نشاندهي ڪن ٿا، اهو ئي سبب آهي جو هو مجموعي طرح سائنس کان ڊڄن ٿا.

سماجي قانون اسان کي ٻڌائن ٿا ته ڦُرلٽ ۽ ظلم، جاگيرداريءَ ۽ سرمائيداريءَ کي اوس ختم ٿيڻو آهي، پورهيت طبقي ۽ مظلوم قومن جي سوڀ يقيني ٿيڻي آهي، انسان ذات کي آزاد ٿيڻو آهي، سچ نيٺ سوڀارو ٿيندو.

## ماڻهو قانون پٽاندر ڪم ڪن ٿا:

ڪڏهن ڪڏهن اهڙو اعتراض به ٻڌڻ ۾ ايندو آهي ته جيئن ته قدرت ۽ سماج جا قانون معروضي آهن، اهي سوچ کان آزاد آهن ۽ انهن کي تبديل ڪري نه ٿو



سگهجي، ان ڪري اهو نتيجو نڪري ٿو ته ماڻهو انهن جي آڏو بيوس آهن. اهو به هڪ غير سائنسي خيال آهي ۽ ماڻهن کي نقصان ڏئي ٿو. ڇو ته "نظريو" حقيقت ۾ بي عمل ٿيڻ ۽ ويهي رهڻ جي پرچار ڪري ٿو ۽ انقلابي جدوجهد جي ڪارائتي هجڻ کان انڪار ڪري ٿو ۽ اهڙيءَ طرح استحصالي طبقن جي زبردست حمايت ڪري ٿو. اهو پورهيت ماڻهن جي پنهنجي قوت ۽ سوڀ ۾ يقين کي لوڏڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، مظلوم قومون ۽ پورهيت آزادي ماڻڻ ۾ "بيوس" آهن، واري خيال کي ٽيڪ ڏئي ٿو. ڦورو طبقا ۽ انهن جا دلال هن خيال جي پروپيگنڊا ڪن ٿا.

پاڻي ڦوڪن ڏيڻ ۽ خواهش رکڻ ڪري گرم ڪونه ٿيندو، انقلاب ڳالهين ڪرڻ ۽ نعرن وسيلي ڪونه ايندو. جيڪڏهن ڪو پاڻي گرم ڪرڻ چاهي ٿو ته اول پاڻيءَ کي ڪنهن ٿانوَ ۾ ڪٺو ڪرڻو پوندو، ڪاٺيون گڏ ڪرڻيون پونديون، باهه ٻارڻي پوندي ۽ اها باهه به پاڻيءَ جي ٿانوَ هيٺان ٻارڻي پوندي، ڪجهه وقت لڳندو ۽ ان ڪانپوءِ ئي پاڻي گرم ٿيندو. جيڪڏهن ڪو انقلاب آڻڻ چاهي ٿو ته ڪيس انقلابي نظريو اختيار ڪرڻو پوندو، ٻڌي ۽ تنظيم ڪري هڪ جهنڊي هيٺ گڏ ٿيڻو پوندو، لاها چاڙها ڪرڻا پوندا، صحيح جاءِ تي ڌڪ هڻڻو پوندو، ڪجهه عرصو لاڳيتي جدوجهد ۽ ويڙهه ڪرڻي پوندي ۽ ان ڪانپوءِ ئي سوڀ ماڻبي.

ڪيترين صدين جو تجربو سيکاري ٿو ته **ماڻهو قدرت جي قوتن آڏو بيوس ڪونهي.** ماڻهن قدرت خلاف لڙاين ۾ لاڳيتو ويڙهه ڪري، سوڀ حاصل ڪئي آهي. گهڻو عرصو اڳ ماڻهن پاڻيءَ جي قوت کي پنهنجي قبضي ۾ آندو ۽ اڄ سوڏو ان کي پنهنجي فائدي ۾ ڪتب آڻي رهيا آهن. هوا جي قوت کي پنهنجي قبضي ۾ آڻي ان کي هوا جي زور تي هلندڙ ملن هلائڻ ۽ ٻيڙين تارڻ لاءِ ڪتب آندو آهي. ٻاڦ، گرمي، بجلي ۽ نيوڪلائي شڪتيءَ کي نه رڳو تسخير ڪيو آهي پر انهيءَ کي پنهنجي فائدي لاءِ ڪتب پڻ آڻي رهيا آهن. انهيءَ مان ثابت ٿو ٿئي ته ماڻهو بيوس نه آهي، ماڻهو قدرتي قانونن جو "رانديڪو" نه آهي، هو قدرتي قانونن تي سوڀ ماڻي، انهن کي پنهنجن مفادن ۾ استعمال ڪري سگهي ٿو. ماڻهو پاڻ ڪنهن حد تائين قدرت تي حڪمراني ڪري ٿو پر ڇا اهو سڀ ڪجهه ماڻهوءَ رڳو پنهنجي ارادي، پنهنجي سوچ وسيلي ڪيو آهي؟ نه، ماڻهوءَ اهو سڀ ڪجهه رڳو پنهنجيءَ سوچ وسيلي نه ڪيو آهي، پر قدرتي قانونن جو هنر پريو استعمال ڪندي، پنهنجي سرگرميءَ وسيلي اهو سڀ ڪجهه حاصل ڪيو آهي.

**ماڻهوءَ جي مقصد پري سرگرميءَ قدرت ۽ سندس پنهنجي سماج کي تبديل ڪري ٿي، پر خواهش ڪيل ماڳ تائين پهچڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته معروضي**

**قانون پٽاندر عمل ڪيو وڃي. جيڪو قانونن جي اُبتڙ ۾ مخالفت ۾ وڃڻ جي ڪوشش ڪري ٿو اهو نيٺ ناڪاميءَ جو منهن ڏسي ٿو.**

سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي سڄي تاريخ ان واٽ جي لڪيل تصديق آهي تہ ماڻهن پنهنجي عملي ڪم دوران ڳوليل قانونن جو استعمال ڪيئن ڪيو آهي. اڄ ڪلهہ مارڪسي - ليننی واٽ جو سائنسي نظريو هڪ سگهاري قوت بڻجي ويو آهي، جيڪو ڌرتيءَ جي گولي تي هزارين لک ماڻهن جي مدد ڪري رهيو آهي تہ پراڻي دنيا کي ڪيئن نين واٽن موجب شاندار بنايو وڃي.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو معروضي قانونن ۽ سماجي واڌاري ۾ معروضي اقتصادي حالتن جي فيصلي ڪُن ڪردار کيڏڻ کان ناڪار ڪري، اکيون پُوري، ڏڪي بازيءَ ۾ پنهنجي غير حقيقي عقيدي موجب انساني سماج جي ڪنهن بہ لقاءُ کي پهچڻ يا حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو يا ڪنهن ماڻهوءَ جي خواهشن تي بنياد رکي سماجي حالتن کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ اهڙيءَ قوم کي خواهش بازي (والنٽزم) چئجي ٿو ۽ اهڙن ماڻهن کي خواهش باز چئجي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ڪي پاڻ کي انقلابي سڏائيندڙ ماڻهو يا ٽولا باقائدي قانونن، سببن ۽ اقتصادي سياسي حالتن جو صحيح تجزيو نہ ڪري سگهندا آهن ۽ پوءِ هو پنهنجي انقلابي مشنريءَ کي پنهنجي ٺلهي خواهش پٽاندر ويڙهائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. خواهش بازن جون اهڙيون حرڪتون کين مهمر بازي (ايڊونچرزم) طرف ڌڪي ويندڀون آهن ۽ هو نيٺ وڃي سرمائيدار جاگيردارن جي جهوليءَ ۾ ڪرندا آهن.

اهي قانون جيڪي شعور سميت قدرت ۽ سماج جي شين ۽ لقائن جي وچ ۾ وڏيڪ بنيادي لاڳاپن جي مقرري ڪندڙ قانون آهن، اهي خاص اهميت جا مالڪ آهن. انهن قانونن کي وڏيڪ عام قانون سڏيو وڃي ٿو ۽ مارڪسي جدليات اهڙن ئي قانونن جو اڀياس ڪري ٿي. اهي قانون آهن: مقدار جو خاصيت ۾ بدلجڻ جو قانون، ٻن مخالف پاسن جي پاڻ ۾ هيڪڙائي ۽ ٽڪر جو قانون - ۽ نفي جي نفيءَ جو قانون.

## مقداري تبديلين جو خاصيتي تبديلين ۾ بدلجڻ جو قانون:

## خاصيت، مقدار ۽ ماپ:

اچو تہ پنهنجي دنيا تي هڪ نظر وجهون. اسان کي ڪيتريون ئي شيون نظر اچن ٿيون: پٿر، وڻ، گهر، ماڻهو پاڻي، چنڊ، سج وغيره. هر هڪ شيءِ کي ڪونہ ڪو مهاندو، ڪو ڏيک آهي، ڪي بيان ڪرڻ جهڙا نشان آهن، جنهن ڪري اسين ڪنهن بہ شيءِ جي سڃاڻپ ڪري سگهون ٿا.



جيڪڏهن مڪمل طرح هڪ جهڙا، منهن مهانڊي ۾، ڏيک ويک ۾، لٽي ڪپڙي ۾، قدبت ۾، ڳالهائڻ ٻولائڻ ۾، عادتن ۾ ۽ سمجهہ ۾، مڪمل طرح هڪ جهڙا ٻہ ماڻهو يا ٻہ گل اسان آڏو آندا وڃن، تہ انهن کي ڪيئن سڃاڻي سگهنداسون. هر هڪ شيءِ کي پنهنجو جوهر آهي، ان جا ڪي خاص گڻ آهن، جنهن وسيلي ان کي سڃاڻون ٿا. آخر ايئن چو ٿو چوان تہ هيءَ پينسل آهي، هي وڻ آهي، هي گل آهي وغيره. پينسل ان ڪري چوان ٿو جو منهنجي هٿ ۾ هڪ سنهي، گول، اڌ فوٽ کن ڪاٺي آهي، جنهن جي وچ ۾ گورو پيل آهي ۽ اها پني تي لکي سگهي ٿي. آئون چوان ٿو تہ هي وڻ آهي، اهو وڻ ان ڪري آهي جو هو زمين ۾ کُتل آهي، ٿڙ، ڏار ۽ ٽاريون اٿس ۽ ساوا ساوا پن اٿس. گل ان ڪري آهي جو جيڪي مهانڊا گل جا آهن اهي اسان کي گل ۾ ئي نظر اچن ٿا. ساڳيءَ طرح هيءَ سنڌي قوم آهي ۽ هوءَ پنجابي قوم آهي، هيءَ پٺاڻ آهي ۽ هوءَ بلوچ، هيءُ هيٺيون طبقو آهي ۽ هو مٿيون طبقو مظلوم آهي ۽ ظالم آهي وغيره. اهي وڏا گڻ، مهانڊا، نشانيون، ڏيک جن وسيلي ڪنهن شيءِ کي ٻيءَ شيءِ جي ڀيٽ/ مقابلي ۾ سڃاڻي سگهون، ان کي خاصيت چئجي ٿو. **اهي ضروري بنيادي مهانڊا جن وسيلي ڪنهن شيءِ جي بنيادي طرت کي سڃاڻي سگهجي، ان کي خاصيت چئجي ٿو.**

پر شيون ۽ لقاءُ نہ رڳو پنهنجن خاصيتي گڻن وسيلي سڃاتا وڃن ٿا، پر پنهنجي مقداري مهانڊن ڪري پڻ سڃاتا وڃن ٿا. اسين نہ رڳو شين جي خاصيتن بابت ڄاڻڻ جي خواهش رکون ٿا (تہ اهي ڪيئن آهن) پر اها خواهش پڻ رکون ٿا تہ اهي ڪيتريون آهن، ڪيڏيون آهن وغيره. هر هڪ شيءِ کي نہ رڳو مقرر خاصيت آهي پر ان کي مقرر ڳُٽپ پڻ آهي. مثال طور، هر هڪ ٻنيءَ کي پنهنجي مقرر پکيڙ آهي، جنهن کي هٿن، فوٽن، والن، ميٽرن، ويسن، جريبن ۽ ايڪڙن جي حساب سان ڪڇي سگهجي ٿو. هر هڪ ايٽم کي پنهنجو مخصوص ايٽمي وزن آهي ۽ ان کي پنهنجن اليڪٽرانن، پروٽانن وغيره جو مقرر تعداد آهي.

مقداري گڻ ڪيترائي آهن ۽ انهن کي ڪيترن ئي نمونن سان ظاهر ڪري سگهجي ٿو. مثال طور ، جيڪڏهن ڪو پڇي تہ باغ ۾ ڪيترن قسمن جا گل آهن يا ڪيترا گل آهن، يا سنڌو نديءَ تي بند ٻڌڻ مهل ڪيترين مشينن ڪم ڪيو، تڏهن جواب کي ڳُٽپ ۾ ٻُڌائي سگهجي ٿو مثال طور 5، 10، 50، 100 وغيره. يا وري مثال طور پڇيو وڃي تہ هن سال ڪٽڪ ڪيتري لٿي؟ تڏهن چيو ويندو تہ ويهہ گاڏيون يا هزار ٽن يا ڪل فصل جو ويهہ سيڪڙو وغيره. مطلب تہ انگ، ماپا ۽ مايا مقدار کي ظاهر ڪن ٿا.

**مقدار شين ۾ لقائن کي انهن جي ڳٽپ، قدبت، پکيڙ ۾ شين جي والاريل جاءِ وغيره وسيلي ظاهر ڪري ٿو.**

اسين اهو ڄاڻون ٿا تہ جڏهن ڪنهن بہ شيءِ جون خاصيتون تبديل ٿين ٿيون تہ اها شيءِ بہ تبديل ٿي وڃي ٿي. مثال طور، ٻار جون ٻارپڻي واريون خاصيتون بدلجن ٿيون تہ ان کي جوان چئون ٿا ۽ جڏهن جوانيءَ جون خاصيتون بدلجن ٿيون تہ ان کي ٻڍو چئون ٿا. ساڳيءَ طرح جڏهن حياتيءَ جون خاصيتون بدلجن ٿيون تڏهن مُردو چئون ٿا، پر هاڻي اچو تہ اهو ڏسون تہ مقدار ۾ تبديلي آڻڻ ڪري شيءِ ۾ بہ ڪا تبديلي اچي ٿي ڇا؟

جن ماڻهن سنڌو نديءَ تي بند ٺهڻ جو نظارو ڏٺو هوندو اهي اسان کي پڪ سان ٻڌائي سگهن ٿا تہ جڏهن پهريائين پٿرن ۽ ڇپن جا ڍير آٽي نديءَ جي پيٽ ۾ اُڇلايا ويا، تڏهن ڪو بند نهي ڪونہ پيو، پر انهن جو تہ نالو نشان بہ ظاهر ڪونہ هو. پاڻي وهندو رهيو. اهڙيءَ طرح ڇپن جي ٻئي ڍير ۽ ٽئين ڍير وغيره وجهڻ ڪانپوءِ بہ بند نہ ٺهيو. جڏهن پٿرن ۽ ڇپن جا ڪيترائي ڍير ڪنهن مخصوص ترتيب سان اُڇلايا ويا تنهن ڪانپوءِ نيٺ اها گهڙي بہ آئي جڏهن هوري هوري پاڻيءَ جي وهڪ تي بنيادي اثر پوڻ شروع ٿيو ۽ پوءِ، بهرحال، بند جڙي راس ٿيو. بند ڏار ڏار ڇپن ۽ پٿرن جي ڍير مان ٺهيو. ڏار ڏار ڇپن جي خاصيت ۽ بند جي خاصيت ۾ وڏو فرق آهي.

اچو تہ اهو ڏسون تہ هتي ڇا ٿيو. جڏهن اجا مقداري تبديليون ٿي رهيون هيون تڏهن ڪنهن حد تائين (مثين مثال ۾ بند جي ظاهر ٿيڻ واري حد تائين) ڪا بہ نئين خاصيت واري شيءِ ڪانہ ٺهي هئي، پر جيئن ئي اهي مقداري شيون ڪنهن مقرر مقداري حد تائين پهتيون تڏهن مقداري تبديلين ظاهر ظهور خاصيتي اثر ڏيکارڻ شروع ڪيا. اهو ڏاڪو يا حد جنهن تي مقداري تبديلين ڪري خاصيتي تبديليون ظاهر ٿيڻ لڳن انهن کي ماپ چئجي ٿو.

فلسفي جي هڪ درجي جي حيثيت ۾ ماپ ڇا آهي؟ سمورين شين ۽ لقائن کي ڪي نہ ڪي خاص خاصيتون آهن ۽ انهيءَ سان گڏ ڪونہ ڪو مقدار بہ آهي. هر هڪ قدم جي ايٽمن کي اليڪٽرانن، پروٽانن وغيره جو مقرر نمبر آهي، جنهن ڪري ان ايٽم جون مخصوص خاصيتون ٺهن ٿيون. هئڊروجن جي ايٽم وٽ اليڪٽران آهي، نائٽروجن ۾ ست، آڪسيجن ۾ اٺ ۽ يورينيم جي ايٽم ۾ ٻيانوي اليڪٽران آهن. اها ئي انهن عنصرن جي مخصوص خاصيتن جي حد آهي، ماپ آهي. جيڪڏهن ڪنهن ايٽم ۾ اليڪٽرانن ۽ پروٽانن وغيره جو گهاٽو واڌو ٿي پئي تہ



ايٽم جون خاصيتون بدلجي وينديون. مثال طور آڪيسجن جي ايٽم ۾ رڳو هڪ اليڪٽران جي واڌاري ٿيڻ ڪري اوزون ٺهي پوندي ۽ اوزون ۽ آڪسيجن جي خاصيتن ۾ وڏو فرق آهي. ساڳيءَ طرح هئڊروجن گئس جا بہ ايٽم ۽ آڪسيجن گئس جو هڪ ايٽم پاڻ ۾ ملي پاڻيءَ جو ذرو ٺاهن ٿا ۽ هڪ نئين ٺهيل شيءِ جون خاصيتون اڳوڻين شين کان نرالي قسم جون آهن. اها جهت، اها گهڙي جنهن ۾ پراڻيون خاصيتون بدلجڻ لڳن ۽ نيون خاصيتون نروار ٿيڻ لڳن، ان کي ماپ چئجي ٿو. هر هڪ شيءِ کي پنهنجي هڪ مخصوص ماپ آهي.

**ماپ اهو ڏاڪو آهي جتي شين ۽ لقائن جا خاصيتي ۽ مقداري پاسا ملي هيڪڙائي ٺاهن ٿا.** هر هڪ شيءِ کي ماپ آهي. ڪا بہ شيءِ تيستائين بدلجي نہ ٿي سگهي جيستائين ان جي ماپ کي تبديل نہ ڪيو وڃي. ايئن ٿي ئي نہ ٿو سگهي تہ مقدار ۾ لاڳيتيون تبديليون ڪيون وڃن پر ان شيءِ يا لقاءَ جون خاصيتون ساڳيون ئي رهن ۽ ساڳيءَ طرح اهو بہ ممڪن ڪونهي تہ جيڪڏهن ڪنهن شيءِ يا لقاءُ جي خاصيتن ۾ تہ تبديلي اچي پر ان جو مقدار ساڳيو رهي. هر هڪ شيءِ کي ماپ انهيءَ ڪري آهي جو ان جون مخصوص خاصيتون ڪنهن حد تائين ٿين ٿيون. خاصيت ۽ مقدار هڪ ٻئي جي تصديق ڪن ٿا، ڇو تہ اُهي ماپ جي حدن اندر آهن.

هن بحث مان نتيجو نڪري ٿو تہ **جڏهن شين ۾ ڪي بہ مقداري تبديليون اچن ٿيون تڏهن اهي ڪجهہ وقت لاءِ، ڪنهن حد تائين، ماپ جي حد تائين پنهنجون خاصيتون تبديلي نہ ٿيون ڪن.** انهن حدن اندر شيءِ جون خاصيتون ساڳيون ئي رهن ٿيون، انهن تي ڪوبہ اثر ڪونہ ٿو پوي، پر جيئن ئي اها حد پهچي ٿي جڏهن ان شيءِ جي ماپ کي ڏوڏيو وڃي، تڏهن مقداري تبديليون شيءِ جي خاصيتي حالت ۾ مڙي، ڦري وڃن ٿيون، ان حد کان پوءِ مقدار خاصيت ۾ بدلجي وڃي ٿو.

## مقدار جو خاصيت ۾ بدلجڻ:

بند ٻڌجڻ جي مثين مثال مان هڪ ڳالهہ چٽيءَ طرح واضح ٿي آئي آهي تہ مقداري تبديليون هوري هوري، غير محسوس انداز ۾ پر باقائدي گڏ ٿينديون پيون وڃن ۽ شروع ۾ اهي شيءِ يا لقاءُ جي خاصيت ۾ ڪا بہ تبديلي ڪونہ ٿيون آڻن، پر هوري هوري نيٺ اهو ڏاڪو اچي ٿو جڏهن مقداري تبديليون رچي راس ٿين ٿيون تڏهن شيءِ يا لقاءُ جي خاصيت ۾ ڦيرو آڻي ٿيون ڇڏن.

اچو تہ هڪ ٻيو مثال وٺون: پاڻيءَ ڀريل هڪ ڪٽلي باهہ تي رکي آهي ۽ ان کي اُٻرڻو آهي. پاڻيءَ کي باهہ تي رکڻ سان ئي پاڻي اُٻرڻ شروع نہ ڪندو پر پهريائين اهو

ٿورو ڪوسو ٿيندو. هوري هوري ان جي ڪوساڻ وڌندي ويندي, پاڻي گرم ٿيندو ويندو. گرميءَ جو درجو 50، 60، 70، 80 درجا سينٽي گريڊ ٿي ويو پر پاڻي اجا پاڻي ئي رهيو. پاڻيءَ جي پاڻيءَ واري خاصيتن ۾ ڪابہ تبديلي اجا نہ آئي آهي, جيتوڻيڪ گرميءَ جو مقدار وڌيڪ پيا وڌائيندا. اهو وسارڻ نہ گهرجي تہ اهڙي وقت پاڻيءَ ۾ ڪي ٿورڙا فرق آيا آهن, ڦوٽا نهن پيا, ڌاروڻ هيٺ مٿي ڦرڻ پيون, پر پاڻي بنيادي طرح اجا بہ پاڻي آهي. اهڙيءَ طرح گرميءَ جو درجو وڃي 99 درجي تي پهچندو پر اجا بہ پاڻيءَ جون خاصيتون تبديل نہ ٿيون آهن. هاڻي اسان ڪي هڪ درجو گرمي اجا بہ وڌائڻي آهي ۽ ان کان پوءِ ڏسنداسون تہ نہ رڳو پاڻيءَ اُبرڻ شروع ڪيو آهي پر ٻاڦ ۾ بہ تبديل ٿيندو پيو وڃي. ان حد تي پهچي پاڻيءَ جون خاصيتون پاڻيءَ جي حيثيت ۾ ختم ٿي، ڦري، تبديل ٿي نئين شڪل ۽ نين خاصيتن, ٻاڦ جي خاصيتن ۾ تبديل ٿي ويون. جڏهن اسان پاڻيءَ جي ماپ کي ڏوڏيو تڏهن اهو ٻاڦ ۾ بدلجي ويو.

مقداري تبديلين ڪري خاصيتن ۾ تبديلي ٿيڻ واري قانون جو تت، ست، جوهر ڇا آهي؟ هن قانون جو جوهر ان حقيقت ۾ لڪل آهي تہ **مقداري تبديليون هوري هوري، ڳجهي نموني، غير محسوس طريقي سان گڏ ٿينديون، باقائدي هڪ اهڙيءَ منزل ڏانهن پيون وڌن جتي شيءِ جي پراڻين خاصيتن ۾ بنيادي تبديلي اچي وڃي ٿي، جڏهن پراڻيون خاصيتون تبديل ٿي وڃن ٿيون ۽ نيون خاصيتون ظاهر ٿين ٿيون.**

پر اهي تبديليون خاصيتي تبديلين ۾ ڪيئن ٿيون بدلجن؟ اچو تہ هڪ ڀيرو وري پاڻي گرم ٿيڻ وارو عمل ياد ڪريون. جڏهن ڪنهن مهل، ڪنهن گهڙيءَ اوچتو پاڻي ٻاڦ ۾ بدلجي ويو. يا وري مثال طور، ٻج ڪجهہ عرصو زمين ۾ ننڍاڪڙو رهي ٿو ۽ پوءِ هو وڃي ان حد کي پهچي ٿو جڏهن ٻج جو پيٽ ڦاٽي پوي ٿو ۽ سلو نڪري اچي ٿو يا. قومي ۽ طبقاتي آزاديءَ لاءِ هوري هوري پورهيت ماڻهو پنهنجي سمجهہ وڌائي، هڪ جهنڊي هيٺان گڏ ٿي، ٻڌي ڪري، لاڳيتي ڏکي جدوجهد هلائي، نيٺ وڃي اهو زورائتو ڌڪ هڻن ٿا جنهن جي ڪري سامراجي ۽ سرمائيدار- جاگيردار نظام پنهنجي ڦورو رياست سميت ڍهي اچي پٽ تي ڍيري ٿين ٿا ۽ پورهيت عوام نئون، نرالو ۽ سڌريل نظام جوڙن ٿا، جيڪو ترقيءَ جو غير سرمائيدارڪو رستو وٺي وڃي سوشلزم ۾ داخل ٿئي ٿو جيڪو اڳتي هلي ڪميونزم ۾ بدلجي ويندو.

اها گهڙي جڏهن پاڻي ٻاڦ ۾ تبديل ٿئي ٿو جڏهن ٻج جو پيٽ ڦاڙي سلو نڪري اچي ٿو جڏهن ڦورو نظام تباهہ برباد ٿئي ٿو ۽ نئون سماج اُسري ٿو جڏهن هڪ خاصيت ٻيءَ خاصيت ۾ بدلجي ٿي، ان گهڙيءَ کي ڇٽجي ٿو ڇال.



قدرت يا سماج ۾ جڏهن بہ هڪ خاصيت مان ٻي خاصيت ڦُٽي نڪري ٿي تڏهن اها ڇال ڪائي ظاهر ٿئي ٿي. ڇال ئي نئين خاصيت جو نياپو آهي. جانورن جي دنيا ۽ وڻن جي دنيا جي سڄي ارتقا، جانورن جو هڪ جنس مان ٻيءَ جنس ۾ تبديل ٿيڻ بہ ڇالن وسيلي ئي ٿيو آهي. اهڙيون تبديليون يا ڇال سماج ۾ پڻ آيا آهن. شروعاتي رعيتي راڄ مان غلاميءَ جو سماج، غلاميءَ مان جاگيرداري سماج، جاگيرداريءَ مان سرمائيداري سماج بہ ايئن ڇالن وسيلي ظاهر ٿيا آهن ۽ اڄ جو ڌرتيءَ تي ڪيتريون ئي عوام دوست ۽ محب وطن رياستون نڪري نروار ٿيون آهن تہ اهي بہ سرمائيداريءَ ۽ جاگيرداري- سرمائيداري- سامراجي سماج مان ڇال ڪائي ظاهر ٿيون آهن.

اچو تہ ڏسون تہ ويٽنام ۾ ڇا ٿيو. ويٽنامين هڪ جاگيرداري-سرمائيداري سماج ۾ گذاريو پئي ۽ انهن تي فرانسين، پوءِ جپانين ۽ ان کانپوءِ آمريڪين پنهنجو غلام ٻڌائيندڙ سامراجي نظام مڙهي ڪين جاگيرداري- سرمائيداري- سامراجي چڪيءَ ۾ پيهڻ شروع ڪري ڏنو. هن قومي ۽ طبقاتي ظلم خلاف ويٽنامين قومي ۽ طبقاتي جدوجهد شروع ڪري ڏني. هنن جو نظريو ويٽنامي پورهيتن سميت سڄي ڌرتيءَ جي پورهيتن جو نظريو هو. هنن هڪ پارٽيءَ جي رهنمائيءَ ۾ ڪيتريون ئي تنظيمون قائم ڪيون ۽ انهن جو نہ رڳو ملڪي عوامي پر سڄيءَ ڌرتيءَ جي حق پرست عوام سان اتحاد قائم ڪيو. عوام جي تنظيمي، سياسي ۽ انقلابي شعور کي ساندهہ وڌايو. 45 سال لاڳيتي، پرپيچ ۽ ڏکي جنگ ڪري، نيٺ هٽي وڃي هنڌ ڪيو. سامراجين ۽ ڦورن جي سماج کي تڙي ڪڍيو- انهن جي ڦورو رياست کي ڊاهي پورهيتن جي نئين پورهيت رياست قائم ڪئي، ملڪ ملائي متحد ڪيو ۽ ويٽنامي عوام ترقيءَ جي راهن تي تيزيءَ سان وڌڻ لڳو.

ويٽنام ۾ ڇا ٿيو؟ جاگيرداري- سرمائيداري- سامراجي جي خاصيتن يعني انهن جي پيداوار جي طريقي، انهن پاران غلامي وڌائڻ جي طريقي ۽ انهن جي مڙهيل ڦورو نظام هيٺان ٻاهہ ٻاري وئي، جدوجهد هلائي وئي، پاڻي گرم ٿيندو ويو. انقلابي جدوجهد تيز ٿيندي وئي تان جو نيٺ اهو ڏاڪو اها گهڙي اچي پهتي جڏهن ڦورو نظام ۾ هڪ ڇال آيو ۽ پوءِ جيڪو نئون سماج ظاهر ٿيو ان جون خاصيتون بہ نيون هيون, يعني پيداوار جو سائنسي طريقو، عوام جو آزاد ۽ سڌريل شعور، ڦرلٽ ۽ ظلم کان آزاد انسان، اڳتي وڌي ترقي ڪرڻ جو ارادو وغيره.

جڏهن بہ هڪ خاصيت کان پوءِ نئين خاصيت ظاهر ٿئي ٿي، اها ڇال کان پوءِ ئي اچي ٿي. ڪنهن بہ شيءِ جي حد، ماپ کي ڏوڏڻ معنيٰ ڇال شروع ڪرڻ، نيون خاصيتون ڦُٽڻ.

### واڌاري جون ٻہ صورتون:

مٿين مثالن مان اهو چٽو ٿي آيو آهي تہ قدرت يا سماج ۾ جيڪا بہ شيءِ هڪڙين خاصيتن مان ٻيون خاصيتون حاصل ڪري ٿي اها ٻن دؤرن مان گذري ٿي. پهريون ڏاڪو يا دؤر نسبتاً ڊگهو، ورن وڪڙن ۽ لاهن چاڙهن وارو، ڏکيو ۽ آهستي آهستي عمل ۾ ايندڙ آهي ۽ ٻيو ڏاڪو يا دؤر نسبتاً تڪڙ ۾ ٿي وڃي ٿو. پاڻي گرم ٿي هوري هوري ٿيو پر ٻاڦ ۾ تبديل ٿيڻ وارو عمل هڪدم، نسبتاً تڪڙ ۾ ٿيو. هوري هوري، غير محسوس طريقي سان ٿيندڙ مقداري تبديليون هميشہ پراڻين خاصيتن ۽ ماپ جي دائري اندر ٿين ٿيون، ان ڪري ان کي ارتقائي ڏاڪو يا دؤر چئون ٿا. **ارتقا، سنئين سڌي، سادي نموني، هوري هوري پر باقائدي لاڳيتو ٿيندڙ واڌارو آهي، جنهن ۾ ڪي بہ ٽپ ڪونہ آهن، جنهن ۾ ڪي بہ نيون خاصيتون ظاهر ڪونہ ٿيون ٿين.**

واڌاري جو اهو ڏاڪو جنهن ۾ باقائدي ٽپ اچي ٿو مثال طور، جنهن ۾ جاگيرداري- سرمائيداري- سامراجي نظام جا سماجي رشتا، ”ترقيءَ“ جا پراڻا سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي ترقيءَ جا نوان رستا تباهہ ٿين ٿا ۽ نوان، سڌريل سماجي رشتا، سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي ترقيءَ جا نوان رستا ظاهر ٿين ٿا، جنهن ۾ پراڻي جي بنيادي تباهي ٿئي ٿي ۽ نئون نظام ظاهر ٿئي ٿو. ان دؤر کي انقلابي دؤر چئون ٿا.

پراڻي خاصيت ۾ لاڳيتي مقداري تبديلي اچي ٿي ۽ هوري هوري، غير محسوس طريقي سان پر باقائدي وڌندي نيٺ وڃي ان جي حد، ماپ کي ڏوڏي ٿي، هڪ ٽپ اچي ٿو ۽ نيون خاصيتون ظاهر ٿيڻ لڳن ٿيون. **لاڳيتي مقداري تبديليءَ وارو ڏاڪو ارتقائي دؤر آهي ۽ ٽپ وارو ڏاڪو انقلابي دؤر آهي.** پراڻين خاصيتن واري سماج ۾ لاڳيتيون مقداري تبديليون ايندريون رهن ٿيون. هلي هلي نيٺ ان جي ماپ جي حد پهچي ٿي، ٽپ اچي ٿو انقلاب اچي ٿو ۽ نين خاصيتن وارو نئون سماج شروع ٿي وڃي ٿو.

دنيا جي هر شيءِ ۽ هر لقاءُ، پوءِ ان جي ڄمار ڪيتري بہ ثابت ٿئي، ان ۾ لاڳيتيون مقداري تبديليون ايندريون رهن ٿيون ۽ اهو نيٺ ٽپ کائي، نيون خاصيتون اختيار ڪري ٿو.

### سڌارا پسنديءَ واري نالائقي:

ڪي ميٽا فزڪس واري سوچ رکندڙ وري چون ٿا، هن ڪائنات جي شين ۽ سماج ۾ رڳو ارتقائي تبديلي ئي ممڪن آهي، يعني هوري هوري وڌڻ واري عمل ۾ ڪي بہ ٽپ، ڪي بہ انقلاب ڪونہ ٿا اچن. دنيا ۾ رڳو مقداري تبديليون ئي اچن ٿيون ۽ ان ڪري قدرت ۾ ڪا بہ شيءِ خاصيتي طرح نئين نہ آهي. هي ماڻهوءَ ارتقائي



پيشڪش کي ٽوڙي مروڙي بيڪار ارتقائي نموني پيش ڪن ٿا، انهن کي بيڪار ارتقا پسند ۽ ترميم پسند چيو ويندو آهي.

بيڪار ارتقا پسندن جو نُڪتئہ نظر خاص طرح سماجي زندگيءَ سان لاڳو ڪيو ويندو آهي. هنن جو چوڻ آهي تہ سماجي تبديليون سماجي سرشتي جي بنيادن تي اثر وجهڻ کان سواءِ ئي سنئين سڌي، آهستي، ارتقائي نموني پيون ٿين. سڌارا پسند ڦرلٽ واري نظام کي بچائڻ لاءِ ان قسم جو ميٽا فزڪس وارو طريقو استعمال ڪندا آهن. هو پورهيت طبقي جي انقلابي جدوجهد کان لنوائن ۽ ان کي رد ڪن ٿا ۽ ان جي بدران چون ٿا تہ معمولي سڌارن ۽ پتڪڙين رعايتن وسيلي سماج سڌري پوندو. پراڻا سڌارا پسند نظريا ٽوڙي مروڙي، انهن کي نيون چٽيون هڻي، نوان نظريا ڪري پيش ڪيا وڃن ٿا. هنن موجوده وقت اهڙوئي سڌارا پسنديءَ وارو ”نئون نظريو“ ڏنو آهي، جنهن کي ”صنعتي سماج“ جو نظريو سڏيو وڃي ٿو. هنن جو چوڻ آهي تہ جديد صنعتي طرح ترقي ڪيل قومن ۾ پيداوار جو طريقو صنعتي ٿيندو پيو وڃي. اهو هوري هوري، ڏاڪي بہ ڏاڪي نئين طرز جي ”صنعتي سماج“ اڏجڻ جي نشاني آهي. ٻنهي، سوشلسٽ ۽ سرمائيدار ملڪن ۾ صنعتي ترقي نيٺ وڃي هڪ ”صنعتي سماج“ ۾ پهچندي ۽ هڪ نئون سماج ٺهي پوندو، ان ڪري پورهيتن کي ذاتي ملڪيت واري (ڦورو) سماج خلاف ۽ ان جي خاتمي لاءِ ڪنهن بہ انقلابي جدوجهد هلائڻ جي ضرورت ڪانهي- سڌارن ۽ سماج جي هوري هوري ”نئين ٿيڻ“ ڪري سڀ شيون ٺيڪ ٺاڪ ٿي وينديون.

اهو ئي سبب آهي جو مارڪسي تعليم تي هلندڙ اهڙي طرز جي سڌارن جا مخالف آهن. هو سڌارن جا قائل ضرور آهن پر اهڙن انقلابي سڌارن جا قائل آهن جن جي ڪري پورهيتن کي فائدو پهچي، مثال طور، ”جو کيڙي سو کائي“ وارا زرعي سڌارا ۽ ”جو اُپائي سو مالڪ“ وارا صنعتي سڌارا يعني اهي سڌارا جن وسيلي ڦورو ۽ ذاتي ملڪيت واري سماج جا بنياد اُڌيڙي تختا ڪري سگهجن. ڪميونسٽ اهڙن سڌارن جا مخالف آهن، جيڪي ڦورو سماج کي سگهارو ڪن ٿا يا پورهيتن کي انقلابي جدوجهد کان پاسيرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

**سڌارا پسندي ميٽا فزڪس واري سوچ آهي.** ڇو تہ اها سماجي واڌاري واري عمل جو رڳو هڪڙو پاسو يعني مقداري ڦير ڦار يا ارتقا وارو پاسو قبول ڪري ٿي.

موجوده وقت پاڻ کي سوشلسٽ سڏائيندڙ ڪيترائي ڌڙا ترميم پسنديءَ جي راهن تي هلي پيا آهن. هو مارڪسي تعليم جي روح يعني سماج ۾ جدوجهد وسيلي

انقلابي تبديلي آڻڻ واري پاسي ۾ ڦير ڦار ڪري، ان کي بگاڙي، ايئن ڪري پيش ڪن ٿا ته هروڀرو انقلاب جي ضرورت ڪانه آهي. چو ته پورهيتن جي حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ مزدور يونين وسيلي "زبردست سڌارا" ڪرائڻ، اليڪشن ۾ ڪٽڻ ۽ آهستي آهستي سرمائيدار رياست تي قبضو ڪرڻ ئي ڪوڙ آهي. هو پورهيتن کي معاشي جدوجهد تائين محدود رکڻ گهرن ٿا ۽ معاشي جدوجهد کي سياسي جدوجهد جي تابع رکي هلائڻ ۽ انقلاب برپا ڪرڻ واري پاسي کان انڪار ڪن ٿا. اهڙن ٽولن سان جڏهن زبردست بحث مباحثو ڪيو وڃي ٿو تڏهن ڪنڌ پاسي ويهي، ڪنن ۾ سڙٻات ڪندي چون ٿا، "ڪامريڊ! اسين انقلاب ئي برپا ڪرڻ چاهيون ٿا پر جيڪڏهن انقلاب "پرامن" نموني اچي وڃي ته هرو پرو هٿياربند جدوجهد جي ڪهڙي ضرورت آهي."

رياست جي باري ۾ مارڪسي تعليم تي بحث ڪندي (خاص طرح "رياست ۽ انقلاب" ڪتاب ۾) لينن ان ڳالهه تي سخت زور ڏنو ته پورهيتن جي فائدي واري حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ اهو بيحد ضروري آهي ته ڦرلٽ ڪرڻ واري رياستي مشنريءَ کي ڊاهي، پرزا پرزا ڪري، تباهه ۽ برباد ڪيو وڃي.

خود "پيرس ڪميون" جي ناڪاميءَ مان انقلابي استادن جيڪو وڏي ۾ وڏو نُڪتو ڳوليو ڪڍيو اُهو هو ته پيرس جي پورهيتن سرمائيدار رياستي مشنريءَ کي ڊاهي پرزا پرزا نه ڪيو. ٻئي طرف وري چليءَ جي "سوشلسٽ" حڪومت جي ناڪامي سبق ڏئي ٿي ته **اليڪشن بازيءَ وسيلي ڪڏهن به پورهيت حڪومت قائم ڪري نه ٿي سگهجي.**

**اهو ئي سبب آهي جو صحيح ۽ سچا انقلابي "پُرامن انقلاب" واري ترميم پسند تعليم ۽ اليڪشن بازيءَ وسيلي پورهيت حڪومت قائم ڪرڻ وارن خيالن جي پُرزور مخالفت ڪن ٿا.** انقلابي نه رڳو سماج جي سڌاري لاءِ ارتقائي پاسي تي زور ڏين ٿا پر سماج ۾ نين خاصيتن يعني پورهيت خاصيتن پيدا ڪرڻ لاءِ انقلاب واري پاسي تي به اوترو ئي زور ڏين ٿا.

## مهم پسنديءَ واري نالائقي:

ڪجهه ٽولن ۾ وري هڪ ٻيو لاڙو به پيدا ٿيل آهي ته اهي ڪڏهن ڪڏهن ارتقائي پاسي يعني هوري هوري انقلابي قوتن گڏ ڪرڻ ۽ مناسب تياري ڪرڻ کان سواءِ ئي رڳو چالن آڻڻ، انقلاب برپا ڪرڻ واري پاسي تي زور ڏين ٿا. هي لاڙو به ساڳيءَ طرح ميٽا فزڪس واري سوچ تي ٻڌل آهي ۽ انقلاب لاءِ سخت نقصانڪار لاڙو آهي. هن لاڙي کي انارڪزم به سڏبو آهي.



عام طرح هيٺين وچولي طبقي جا ماڻهو سياسي اُٿل پٿل ۽ حڪومتي ڊڪٽيٽري، دٻاءُ ۽ ظلم کان بيزار ٿي، اُبهرائي ڪري، تڏي تي ئي ان خلاف ويڙهه ڪرڻ جو سوچيندا آهن. اهڙي وقت ۾ هو ننڍڙا ننڍڙا ٽولا ناهي دهشت پسنديءَ وارا ڪم ڪرڻ لڳندا آهن. اهڙن ٽولن جون دهشت پسند ڪارروايون ۽ "انقلابي قدم" عام طرح سچن انقلابين لاءِ سخت هاڃيڪار ثابت ٿيندا آهن.

هر انقلاب برپا ڪرڻ لاءِ اهو بيحد ضروري آهي ته اول انقلابي حالتون تيار ڪيون وڃن يعني ارتقائي ڏاڪو طئي ڪيو وڃي ۽ پوءِ انقلاب برپا ڪيو وڃي.

جڏهن سوويت يونين ۾ انقلاب ڪامياب ٿي چڪو تڏهن لينن ۽ ٽراٽسڪيءَ جي وچ ۾ ڪجهه ڳالهين تي سخت اختلاف پيدا ٿي پيو. ٽراٽسڪيءَ جو خيال هو ته جيئن ته روس ۾ انقلابي ڪامياب ٿي چڪو آهي ۽ پورهيت انقلابي فوج به ٺهي چڪي آهي، تنهن ڪري هينئر انقلاب کي ٻين ملڪن ۾ برآمد ڪيو وڃي. يعني روسي انقلابي فوج کي گهرجي ته ٻين سرمائيدار ملڪن ۾ ڪاهي پئي ۽ اتي پورهيتن جون حڪومتون قائم ڪري. لينن انهيءَ ڳالهه جي سختيءَ سان مخالفت ڪئي ۽ هن زور ڏنو ته هر سماج ۾ رڳو اهو انقلاب ڪامياب ٿي سگهي ٿو جيڪو انهيءَ سماج مان ڦُٽي نڪتو هجي يعني جتي پورهيتن پاڻ ۾ ٻڌي ڪري پاڻ کي انقلابي نظريي تحت منظم ڪيو هجي، هنن انقلابي حالتون پيدا ڪيون هجن ۽ اهڙين حالتن ۾ پاڻ وڏي انقلاب برپا ڪن. ها، باقي هر انقلابي حڪومت جو فرض آهي ته هوءَ اهڙين پورهيت جدوجهدن ۽ انقلابن جي پنهنجي پڄنديءَ آهر مدد ڪري

لينن انارڪزم، انارڪو- سنڊيڪلزم، سڌارا پسنديءَ، مهم پسنديءَ ۽ دهشت پسنديءَ کي سخت لفظن ۾ ننديو ۽ اهڙن لاڙن کي دنيا جي باري ۾ ڦورن جي نُڪتئہ نظر وارا لاڙا سڏيو. اهڙا ماڻهو سماج ۾ ارتقا ۽ انقلاب جي پاڻ ۾ رشتي کان انڪار ڪن ٿا.

## ارتقا ۽ انقلاب ۾ هيڪڙائيءَ جي جدليات:

ميٽا فزڪس واري اهڙي هڪ طرفي سوچ جي مقابلي ۾ ماديت پسندي ان حقيقت کان شروعات ڪري ٿي ته **واڌاري جي هر عمل ۾ ارتقائي ۽ انقلابي پاسا پاڻ ۾ چٽيءَ طرح ۽ اڻٽُٽ نموني ڳنڍيل آهن.** "جيئن قدرت ۾ حياتي (ساهوارا) ۾ واڌارو پاڻ وٽ ٻئي پاسا رکي ٿو يعني هوري هوري ارتقا ۽ تڪڙو چال، بلڪل ساڳيءَ طرح حقيقي زندگي، حقيقي تاريخ به اهڙيون مختلف لياقتون (ارتقا ۽ انقلاب) پاڻ وٽ ضرور رکي ٿي." (لينن، گڏيل لکڻيون، جلد 16، ص 349).

هوري هوري، باقائدي، ڳجهي نموني ٿيندڙ تبديلي واڌاري لاءِ ڏاڍو اهم ڪردار ادا ڪري ٿي پر ان جي ڪري موجود خاصيتن ۾ ڪابہ ڦير ڦار ڪانہ ٿي اچي. پراڻي خاصيت کي بنيادي طرح تبديل ڪري نئين خاصيت جي اچڻ لاءِ ڇال، انقلاب بيحد ضروري آهي.

مٿين مثالن مان اهو چٽو ٿي آيو آهي تہ بنيادي خاصيتي تبديليون آڻڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ عملي زندگيءَ ۾ انقلاب کي تيارين واري دؤر سان ڳنڍيون. تياريءَ کان سواءِ ڪوبہ انقلاب اچي نہ ٿو سگهي. انقلاب رڳو انقلابي لفاظي، ٻٽاڪن ۽ سينو ٺوڪي دعوي ڪرڻ وسيلي ڪونہ ايندو. سوپ ماڻڻ لاءِ پائدار بنياد مهيا ڪرڻ لاءِ اهو بيحد ضروري آهي تہ انقلابي تيارين (ارتقا) کان پوءِ ئي انقلاب برپا ڪيو وڃي.

## ٻن اُبتڙن جي وچ ۾ هيڪڙائي ۽ ٽڪر جو قانون:

## ڳالهائڻ ۾ تضاد :

مٿين عنوان مان ئي اها ڳالهہ صاف ظاهر آهي تہ هينئر تضاد بابت بحث ڪنداسون، پر ڪهڙي قسم جا تضاد؟ پهريائين ان ڳالهہ جي وضاحت ڪنداسون تہ جيئن جنهن تصور "تضاد" جي ڳالهہ ڪريون پيا اهو سمجهي سگهون، ڇو تہ تضاد لفظ مان ڪيترائي ماڻهو ڌار ڌار مطلب وٺن ٿا.

ڪيترائي ماڻهو ڳالهين ڪندي ۽ بحث ڪندي محسوس ڪري وٺندا آهن تہ هنن جيڪا اول ڳالهہ ڪئي ۽ دليل ڏنو پوئين ڳالهہ يا دليل ان سان ٺهڪي نہ ٿو، يعني هنن کي پنهنجين ڳالهين ۽ بحث ۾ تضاد محسوس ٿيندو آهي. اهڙيءَ طرح ٻڌندڙ بہ ڳالهائيندڙ جي ڳالهين ۽ دليلن ۾ تضاد محسوس ڪري وٺندا آهن. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ اوهان ڳالهائڻ ۾ هڪ قسم جي نالائقي يا کوٽ پڪڙي ورتي. مثال طور، بائيبل کي، ان تي ايمان رکندڙ "پاڪ ڪتاب" چوندا آهن ۽ اهو اهڙين ڪوٺن ۽ چٽن تضادن سان ڀريل آهي. مثال طور، پادري ليؤڪ جو چوڻ آهي تہ عيسيٰ پنهنجي ٻاراڻي زندگي جليلي ۾ گذاري، پر پادري جان جو چوڻ آهي تہ اها يروشلم ۾ گذاري. ڇا اهو ٿي سگهي ٿو تہ هُن ساڳئي وقت ٻنهي جاين تي وجود پئي رکيو؟ اهو بہ چيو ويندو آهي، ڪيس فيض (بپتسمو) جان (بپتسميءَ) ڏنو پر ٻين جو چوڻ آهي تہ جان بپتسمي جيل ۾ هو ۽ هُو بپتسمو ڏئي نہ پئي سگهيو. پادرين جي ڳالهين ۾ اهڙا ڪيترائي تضاد آهن.

اسان جي سوچ تڏهن درست ٿي سگهي ٿي جڏهن ان ۾ تضاد نہ هجن. مثال طور، هڪڙو فلاسفر چئي ٿو "منهنجي خيال ۾ هر هڪ شاگرد مسئلي کي چڱيءَ طرح



سمجهي ويو آهي." ۽ اڳتي بيان ڪري وري چئي ٿو "پر منهنجي خيال ۾ ڪجهہ شاگردن مسئلو نہ سمجهيو آهي." اهڙي وقت ڪوبہ ماڻهو اعتراض ڪري سگهي ٿو تہ هن جيڪا پهرين ڳالهہ ڪئي اها ٻيءَ سان ٺهڪي نہ ٿي. پهريون بيان صحيح تہ ٻيو غلط ۽ ٻيو صحيح آهي تہ پهريون غلط. اهو هڪ قسم جو تضاد آهي، پر ان قسم جا تضاد، ڳالهائڻ جا تضاد آهن يعني عام منطقي تضاد آهن. اهڙا تضاد منجهيل ذهن، بي ڌياني ۽ اڻ ڄاڻائيءَ جو نشان آهن. انهن کي صحيح سوچڻ جي علم يعني منطق وسيلي درست ڪري سگهجي ٿو.

پر مثال طور چوان تہ ايٽم ۾ ڪاٽو چارج ذرڙو اليڪٽران بہ موجود آهي تہ واڌو چارج ذرڙو پروٽان بہ موجود آهي، يعني ڪاٽو ۽ واڌو هڪ ئي شيءِ ۾ موجود آهن تہ ڇا اهو منهنجي ڳالهائڻ جو تضاد آهي؟ نہ، اهو منهنجي ڳالهائڻ جو تضاد نہ آهي پر هڪ حقيقت آهي. اهو هڪ شيءِ، هڪ لقاءُ جو تضاد آهي.

تضادن تي سوچ ويچار ڪيتري ئي عرصي کان ٿيندو آيو آهي. مثال طور يونان ۾ جدليات جو وجود ئي تڏهن پيو جڏهن هن ڏٺو ۽ سمجهيو تہ تضادن کي سمجهي ڪري ئي حقيقت کي سمجهي سگهجي ٿو. ٻئي طرف بہ وري ان جي اُبتڙ لڳ ڀڳ 500 سال ق. م ۾ هڪ يوناني فلاسفر زينان ٿي گذريو آهي، جنهن جو چوڻ آهي تہ ڪٿي ڪهڙي بہ قسم جا تضاد هجن پر اهي بيڪار، بي معنيٰ ۽ ڪوڙا آهن. هيءَ ساڳي ڳالهہ وري خيال پرست پڻ ورجائن ٿا تہ ڳالهين، بيانن، لکڻين ۽ بحثن ۾ تہ تضاد ٿي سگهن ٿا پر شين ۽ لقائن ۾ ڪي بہ تضاد ڪونہ آهن.

ڇا اهو نُڪتئہ نظر صحيح آهي؟ ڇا اهو صحيح آهي تہ تضاد رڳو منطقي ئي ٿي سگهن ٿا ۽ ان ڪري سڀني تضادن کي رد ڪري ڇڏڻ گهرجي؟ جڏهن ان جو جواب ڏينداسون تڏهن ئي ان لائق ٿي سگهنداسون تہ جيڪي تضاد بحث هيٺ آڻڻ چاهيون ٿا اهي منطقي تضادن کان مڪمل طرح ڌار قسم جا آهن.

ايٽم جي مثال مان اها ڳالهہ پڌري آهي تہ شين ۾، لقائن ۾، قدرت ۾، مادي ۾، ڪائنات ۾ تضاد، اُبتڙ پاسا، ٽڪر ڪائيندڙ ڏيک موجود آهن. اچو تہ ماڻهوءَ ۽ ٻين ساهوارن تي هڪ نظر وجهون. ساهوارن جي جسم ۾ ساڳئي ئي وقت بہ اُبتڙ عمل ٿين پيا. جيو گهرڙا ڄمن بہ پيا تہ مرن بہ پيا. جيڪڏهن انهن مان هڪڙو بہ عمل بيهجي وڃي تہ ساهوارو مري ويندو. قدرت ۾ جتي ڪٿي اهي عمل ٿيندا پيا رهن ۽ ايندڙ بحث ۾ انهن کي وري وري مثال طور ڪتب آڻينداسون. اهي قدرت جا يعني مادي جا تضاد آهن. ڪوبہ وجود انهن تضادن جي دائري کان ٻاهر ڪونهي. اهي منطقي تضاد

ڪونهن پر اهي تضاد حقيقتن سان واسطو رکندڙ جدلي تضاد آهن. مارڪسي فلسفو جدلي تضادن کي ٿي بيان ڪري ٿو ۽ مارڪسي قانونن مان وڏيڪ بنيادي قانون آهن اُبتڙن جي ميلاپ ۽ جدوجهد جو قانون.

مطلب تہ اهڙا تضاد بہ وجود رکن ٿا جيڪي ذهن ۾، سوچن ۾ اُڀرن ٿا ۽ اهي اسان جي سوچ، اسان جي بيان ۽ اسان جي عملن ۾ ظاهر ٿين ٿا ـ اهي اسان جي اڻ ڄاڻائيءَ جي ڪري ظاهر ٿين ٿا ۽ انهن کي اسين رد ڪري، ختم ڪري سگهون ٿا، پر انهن کان پوريءَ طرح نرالي قسم جا تضاد بہ وجود رکن ٿا ـ اهي تضاد حقيقت جا، قدرت جا، مادي جا تضاد آهن. انهن کي جدلي تضاد سڏجي ٿو.

## اُبتڙون ڇا آهن ۽ تضاد ڇا آهن؟

اچو تہ هڪ پيرو وري روزاني زندگيءَ کي تفصيلي نموني جاچيون. ”اُبتڙون“، ”مخالف پاسا“ ڇا آهن؟ اسين ڏسون ٿا تہ ڪاٻو هٿ آهي ۽ ساڄو هٿ بہ آهي. سٺا ماڻهو آهن ۽ خراب ماڻهو بہ آهن. اُتر قطب آهي تہ ڏکڻ قطب بہ آهي، محڪوم طبقا آهن ۽ حاڪم طبقا بہ آهن. مظلوم آهن ۽ ظالم بہ آهن. سچ آهي ۽ ڪوڙ بہ آهي. ڇا انهن کي اُبتڙون چئي سگهون ٿا؟ ڇو تہ انهن مان هڪ ٻئي جي تصديق بہ ڪري ٿو تہ ٻئي کي ڏڪاري بہ ٿو. **<u>اُبتڙون لقائن جا اهي پاسا، اهي ڏيک آهن، جيڪي هڪ ٻئي جو وجود بہ ثابت ڪن تہ هڪ ٻئي کي رد بہ ڪن ٿا.</u>**

ڪوبہ ماڻهو ايئن چئي سگهي ٿو تہ جيئن تہ اهي اُبتڙ آهن تنهن ڪري انهن جو هڪ ٻئي سان ڪوبہ واسطو ڪونهي. هڪ چئي سگهي ٿو تہ گورو ڪارو ناهي، اُتر ڏکڻ ناهي، سچ ڪوڙ ناهي، وغيره. اهو صحيح تہ آهي، پر اها هڪ مٿاڇري نظر آهي. جيڪڏهن ڪو ان کي گهري نظر سان ڏسندو تہ ان کي اهو چٽيءَ طرح ڏسڻ ۾ ايندو تہ قدرت ۽ حياتيءَ ۾ وجود رکندڙ اُبتڙون ڪنهن چيني پٽ وسيلي ڌار ڪيل ڪونهن. هڪ پاسي کي ٻئي پاسي جي حوالي سان ئي سڃاڻي سگهجي ٿو. عمل ۽ ردعمل هڪ ٻئي سان ڳانڍاپو رکن ٿا. بالُ جيترو زور سان پٽ سان لڳي ٿو اوترو ئي زور سان موٽي اچي ٿو. ٽوٽ ڦوٽ ۽ جوڙجڪ هڪ ٻئي کان ڌار ڪري نہ ٿا سگهجن. جتي بہ پراڻو تباهہ ٿيندو هوندو اتي نئون اڏبو هوندو.

هڪ ٻئي جي حوالي وسيلي سڃاڻجندڙ اُبتڙن جي وچ ۾ هڪ ڳانڍاپو، هڪ ناتو، هڪ رشتو آهي. ان مان اسان کي خبر پوي ٿي تہ اُبتڙون نہ رڳو هڪ ٻئي جي مخالف آهن پر اهي ڪونہ ڪو رشتو بہ رکن ٿيون. اهو رشتو ئي آهي جيڪو انهن اُبتڙن جي وچ ۾ تضاد کي جنم ڏئي ٿو ڇو تہ اُبتڙ لياقتون، لاڙا، قوتون هڪ ٻئي جي



مخالفت ۾ وڃن ٿيون، ان ڪري ايئن چئي سگهجي ٿو تہ ٻن اُبتڙن جي وچ ۾ رشتو تضاد آهي ۽ اُبتڙون هڪ تضاد جا بہ پاسا آهن.

جيڪڏهن اسين ڪنهن بہ شيءِ يا لقاءُ کي سمجهڻ چاهيون ٿا تہ اول اسان کي ان جا سڀئي پاسا جاچڻا پوندا. سماج جو مثال وٺو- رڳو مظلوم قوم کي سمجهڻ ۽ سامراج کي نہ سمجهڻ، رڳو وطن دوستيءَ کي سمجهڻ ۽ بين الاقواميت کي نہ سمجهڻ، رڳو پنهنجي تنظيم کي سمجهڻ ۽ ٻين تنظيمن کي نہ سمجهڻ، رڳو پورهيت کي سمجهڻ ۽ سيٺين کي نہ سمجهڻ، رڳو هارين کي سمجهڻ ۽ جاگيردارن کي نہ سمجهڻ، رڳو ماضيءَ کي سمجهڻ ۽ مستقبل کي نہ سمجهڻ، رڳو جُز کي سمجهڻ ۽ ڪُل کي نہ سمجهڻ، رڳو خامين کي سمجهڻ ۽ خوبين کي نہ سمجهڻ، رڳو ڳجهي انقلابي ڪم کي سمجهڻ ۽ کليل انقلابي ڪم کي نہ سمجهڻ، رڳو مظلوم کي سمجهڻ ۽ ظالم کي نہ سمجهڻ، رڳو ڦُريل کي سمجهڻ ۽ ڦورو پڻ نہ سمجهڻ، رڳو انقلابي فوج کي سمجهڻ ۽ انقلاب دشمن فوج کي نہ سمجهڻ وغيره. مسئلي جي رڳو ڪنهن بہ هڪ پاسي کي سمجهڻ ۽ ان کي هر طرفو نہ سمجهڻ وڏي ناداني آهي. جيڪڏهن ڪو چاهي تہ هو عملي حصو وٺندڙ ٿي رهي تہ هن کي نہ رڳو مسئلي کي سڀ طرفو سمجهڻو پوندو پر ان کي سماجي تضادن کي حل ڪرڻو بہ پوندو. جيڪڏهن ڪو جُز کي ڏسي ٿو ۽ ڪُل کي نہ ٿو ڏسي، شاگرد کي ڏسي ٿو ۽ اسڪول کي نہ ٿو ڏسي، ماڻهوءَ کي ڏسي ٿو ۽ سماج کي نہ ٿو ڏسي، وڻ کي ڏسي ٿو ۽ ٻيلي کي نہ ٿو ڏسي تہ ان لاءِ ڪنهن تضاد کي حل ڪرڻ ڏکيو (اجا بہ) ناممڪن ٿي پوندو. هو انقلابي فرض پورا ڪري نہ ٿو سگهي. اهو ئي سبب آهي جو لينن چيو تہ ڪنهن بہ شيءِ کي حقيقي طرح ڄاڻڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ ان جي سڀني پاسن، سڀني لاڳاپن ۽ ”واسطن“ جو گهيرو ۽ اڀياس ڪرڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح ئي اسين غلطين ۽ ڪٽرپڻي کان بچي سگهنداسون.

## اُبتڙن جي هيڪڙائي:

جيڪو ڪجهہ مٿي بيان ڪيو ويو آهي ان مان هرهڪ سمجهي سگهي ٿو تہ اُبتڙون هڪ ٻئي سان ڳانڍاپي ۾ آهن. اهو ڳانڍاپو ايترو تہ مضبوط، اڻٽُٽ آهي جو ڪابہ اُبتڙ اڪيلي سر وجود رکي نہ ٿي سگهي. اسين ان ڳانڍاپي کي ئي اُبتڙن جو ميلاپ، اُبتڙن جي ٻڌي يا اُبتڙن جي هيڪڙائي چئون ٿا. ميٽا فزڪس واري سوچ رکندڙ ان هيڪڙائيءَ کان انڪار ڪن ٿا. اهي چون ٿا تہ هڪ اُبتڙ اڪيلي سر بہ وجود رکي سگهي ٿي، پر حقيقت ۾ اهي غلط آهن.

موجوده وقت جا ترميم پسند ۽ ساڄڙيا اها دعويٰ ڪن ٿا تہ سرمائيداريءَ جا ”سنا“ ۽ ”خراب“ پاسا آهن. ”خراب“ جو علاج ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ سُٺي کي وڌايو وڃي، تان جو نيٺ اهو ”خراب“ تي حاوي پئجي وڃي ۽ اهڙيءَ طرح ”عالمي ڀلائي“ وارو سماج وجود ۾ اچي ويندو. ٻين لفظن ۾ اهي ايئن چون ٿا تہ جسم ۾ رڳو نون جيو گهرڙن کي وڌايو وڃي ۽ ڪنهن بہ طريقي سان پراڻن کي مرڻ کان بچايو وڃي. جيئن تہ اها سوچ قدرتي قانونن جي خلاف آهي، تنهن ڪري ان کي ڪوبہ بنياد نہ آهي.

اُبتڙون رڳو سادي نموني هڪ ٻئي جي پاسي ۾ رکيل نہ آهن پر اهي پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن. اهو ممڪن ئي ڪونهي تہ هڪ کي ٻئي کان ڌار ڪري سگهجي. جيڪڏهن ڪنهن کي برايون ختم ڪرڻيون آهن تہ اهڙيون برايون ڄڻيندڙ سماجي ڍانچي کي ختم ڪرڻو پوندو، ان کان سواءِ ٻيو ڪو طريقو ڪونهي.

اُبتڙن جي هيڪڙائي انهن جي اڻٽوٽ ڳانڍاپي ۾ لڪل آهي. پاڻ ۾ گڏجي اهي هڪ تضاد ڀريو عمل تخليق ڪن ٿيون. اُبتڙيون هڪ ٻئي جي وجود جي مقرري ڪن ٿيون يعني هڪ اُبتڙ ان ڪري وجود رکي ٿي جو ٻي بہ وجود رکي ٿي.

اهو اڳ ۾ ئي چئي آيا آهيون تہ اُبتڙون هڪ ٻئي جي مخالفت ڪن ٿيون، هڪ ٻئي سان ٽڪر ۾ آهن، جهيڙي ۾ آهن. اچو تہ ان نُڪتي کي وڌيڪ تفصيل سان بيان ڪريون.

## اُبتڙن جو ٽڪر واڌاري جو وسيلو آهي:

اُبتڙن جي وچ ۾ ٽڪر جو سبب انهيءَ ۾ لڪل آهي تہ اهي نہ رڳو پاڻ ۾ ڳنڍيل، هيڪڙائي رکندڙ آهن پر ساڳئي وقت اهي هڪ ٻئي کي رد بہ ڪن ٿا. ان ڪري جتي بہ پاڻ ۾ لاڳاپيل اُبتڙون آهن اتي انهن جي وچ ۾ جدوجهد بہ هلي پئي.

**<u>ڪنهن بہ لقاءَ يا عمل ۾ اُبتڙن جي وچ ۾ ٽڪر ان جي نشاندهي ڪري ٿو تہ اهي اُبتڙون هڪٻئي تي حاوي ٿيڻ جي ڪوشش بہ ڪن ٿيون.</u>**

اهو ڏسي آيا آهيون تہ اُبتڙن جي وچ ۾ نہ رڳو هيڪڙائي آهي پر جدوجهد بہ آهي. پر ڪنهن بہ لقاءُ يا عمل جي واڌاري ۾ وڌيڪ فيصلي ڪُن ڪير آهي؟ هيگل دعويٰ ڪئي تہ اُبتڙن جي وچ ۾ واڌارو آڻيندڙ انهن جي هيڪڙائي يا انهن جي پاڻ ۾ بنيادي سڄاڻپ آهي. انهيءَ ڪري سڏارا پسند ۽ خيال پرست هيگل جي خيال کي ڪٽي مخالف طبقن جي وچ ۾ ٻڌي ڪرائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا يعني اهي طبقاتي سماج ۾ هڪ ٻئي جي مخالف طبقن جي وچ ۾ وجود رکندڙ تضادن تي پردو وجهڻ جي خواهش رکن ٿا، پر اهي انهيءَ ۾ ناڪام ٿيا آهن.



اها اُبتڙن جي ٻڌي يا هيڪڙائي نہ، پر انهن جي وچ ۾ جدوجهد ئي آهي جيڪا واڌاري لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. اها جدوجهد لاڳيتو رهي ٿي، ڇو تہ اُبتڙن ۾ رشتو لاڳيتو رهي ٿو. اها جدوجهد تيستائين رهي ٿي جيستائين اُبتڙون رهن ٿيون. جيئن تہ اهي هڪ ٻئي کي رد ڪن ٿيون، تنهن ڪري اهي جهيڙي ۽ ٽڪر ۾ آهن. اهو ئي سبب آهي جو اُبتڙن جي هيڪڙائي، سڃاڻپ جي حيثيت نسبتي، عارضي، گذري ويندڙ هوندي آهي، جڏهن تہ انهن جي جدوجهد، جهيڙو، ٽڪر بنيادي، اهم، دائمي آهي. اهو ئي سبب آهي جو چئون ٿا تہ اُبتڙن جو ٽڪر، چرپر واڌاري جو وسيلو آهي. جيئن لينن لکيو تہ واڌارو اُبتڙن جي جدوجهد آهي.

يورپ جي گندي ۽ پوئتي پيل جاگيرداري سرشتي خلاف سرمائيداريءَ جو اُسري اچڻ ۽ قومي ۽ طبقاتي ظلم جي ڏٻڻ ۾ ڦاٿل ملڪن روس، ويٽنام وغيره ۾ آيل حيرت انگيز ترقي انهيءَ جو چٽو مثال آهي تہ اهو اُبتڙن جو ٽڪر ئي آهي، جيڪو نسبتاً وڌيڪ عمدو، سٺو، ترقي ڪيل ۽ واڌارو ڪندڙ فطرت جو مالڪ آهي.

ڪنهن بہ قسم جي تضاد کي پنهجي هڪ مخصوص تاريخ هوندي آهي، يعني ان جو ظاهر ٿيڻ، وڌڻ (تيز ٿيڻ) ۽ ان جو حل ٿيڻ ۽ نين خاصيتن جو پيدا ٿيڻ. تضاد تڏهن حل ٿئي ٿو جڏهن ان کي جوڙيندڙ اُبتڙون ايتريون تہ تيز ٿي وڃن جو انهن جو وڌيڪ وجود ناممڪن ٿي پوي.

سرمائيدار سماج سان واسطو رکندڙ تضاد سوشلسٽ انقلاب ڏانهن وٺي هلن ٿا. اُبتڙن جي جدوجهد ۽ تضاد جو حل (طبقاتي حيثيت جو ٽُٽڻ) جيڪو نتيجو ظاهر ڪري ٿو اهو هيءَ تہ سماج هڪ وڌيڪ مٿين، سٺي ڏاڪي ۾ پهچي وڃي ٿو. پراڻو، مدي خارج سرمائيدار سماج هڪ نئين سوشلٽ سماج ۾ تبديل ٿئي ٿو. اُبتڙن جو ٽڪر ۽ انهن جو حل سماجي واڌاري جو وسيلو آهي.

اُبتڙن جي هيڪڙائي ۽ ٽڪر جي قانون جو جوهر انهيءَ حقيقت ۾ لڪل آهي تہ اندروني متضاد پاسا، ٽڪر ڪائيندڙ پاسا ــ اڻٽُٽ نموني ڳنڍيل پر ساڳئي وقت هڪ لاڳيتي ٽڪر ۾ رهندڙ اُبتڙون ــ هر هڪ شيءِ ۽ عمل منجهہ لڪل آهن. اهو اُبتڙن جو جهيڙو ئي آهي جيڪو اندروني وسيلو آهي ۽ ترقيءَ کي اڳتي وڌائيندڙ قوت آهي.

## تضاد جي همہ گيري:

تضاد جي همہ گيري، عالمگيري، سڀ طرفائي يا ڪائناتپڻو ڇا آهي؟ تضاد جي همہ گيري ٻٽو مفهوم رکي ٿي، پهريون هيءُ تہ تضاد سمورين شين جي وڌڻ ويجهڻ

جي عمل دوران موجود رهي ٿو ۽ پيو هيءُ تہ، هر شيءِ جي وڌڻ ويجهڻ دوران اُبتڙن جي ڇڙپڙ، جدوجهد شروع کا وٺي آخر تائين موجود رهي ٿي.

سمورين شين ۾ موجود اُبتڙ پاسن جو هڪ ٻئي تي دارومدار ۽ ساڳئي وقت انهن جي وچ ۾ ٽڪر ئي سمورين شين جي زندگيءَ جي مقرري ڪري ٿو ۽ انهن جي ترقيءَ کي اڳتي وڌائي ٿو. ڪابہ شيءِ اهڙي نہ آهي جنهن ۾ تضاد نہ هجي. تضاد کان سواءِ ڪابہ شيءِ وجود رکي نہ ٿي سگهي.

اينجلس جو چوڻ آهي تہ ڇرپر بذات خود تضاد آهي. تضاد نہ رڳو ڇرپر جي سادين شڪلين ۾ موجود رهي ٿو پر ڇرپر جي بي انتها ڳتيل، پيچيده شڪلين ۾ پڻ موجود رهي ٿو.

لينن تضاد جي همہ گيريءَ جي وضاحت هينئن ڪئي آهي:

رياضيءَ ۾: واڌو ۽ ڪاٽو (ضرب ۽ ونڊ)

مڪينڪس ۾: عمل ۽ رد عمل (ڇڪڻ ۽ ڌڪڻ)

فزڪس ۾: واڌو يا ڪاٽو بجلي (ٿڌو ۽ ڪوسو، چقمقي ڇڪ ۽ ڌڪ)

ڪيميا ۾: ايٽمن جو ٽُٽڻ ۽ جڙڻ.

سماجي علمن ۾: طبقاتي جدوجهد (قومي جدوجهد، جمهوري جدوجهد).

جنگ ۾ حملو ۽ بچاءُ، اڳتي وڌڻ ۽ پوئتي هٽڻ، سوڀ ۽ هار، سڀ پاڻ ۾ ٽڪر ڪائيندڙ آهن. انهن مان هڪ جو وجود ٻئي کان سواءِ ناممڪن آهي.

انسان جي تصورن ۾ هر اختلاف معروضي تضاد جو عڪس سمجهڻ گهرجي. معروضي تضاد موضوعي فڪر ۾ ظاهر ٿين ٿا. هيءُ عمل تصورن جي ٽڪر ڪائيندڙ ڇرپر جي جوڙجڪ ڪري ٿو ۽ وري اها ٽڪر ڪائيندڙ ڇرپر فڪر کي وڌائي ٿي ۽ انساني فڪر جي مسئلن کي لاڳيتو حل ڪري ٿي.

پارٽيءَ اندر بہ مختلف خيالن جي وچ ۾ مخالفت ۽ ڇڪتاڻ لاڳيتي پيدا ٿيندي رهي ٿي. اها ڳالهہ پارٽيءَ اندر انهن تضادن جو عڪس هوندي آهي، جيڪي طبقن جي وچ ۾ ۽ نئين ۽ پراڻي جي وچ ۾ موجود هوندا آهن. جيڪڏهن پارٽيءَ اندر تضاد نہ هجن ۽ انهن تضادن کي حل ڪرڻ لاءِ نظرياتي جدوجهد نہ هجي تہ جيڪر پارٽيءَ جي زندگي ئي ختم ٿي وڃي.

اها ڳالهہ هاڻي چٽي ٿي وئي آهي تہ تضاد جتي ڪٿي، همہ گير نموني، سڀني عملن ۾ موجود هوندو آهي، پوءِ اها ڇرپر جي سادي شڪل هجي يا ڳتيل هجي، معروضي لقاءَ هجن يا نظرياتي لقاءَ. پر ڇا تضاد هر عمل جي شروعاتي ڏاڪي تي بہ



موجود هوندو آهي؟ ڇا هر هڪ شيءِ جي عمل دوران منڍ کان پڇاڙيءَ تائين اُبتڙن جي جدوجهد موجود هوندي آهي؟

## تضاد جي خصوصيت:

اسين ان ڳالهہ تي بحث ڪري آيا آهيون تہ تضاد سڄي ڪائنات ۾ موجود آهي، پر ڇا تضاد هر هڪ شيءِ، هر هڪ لقاءَ ۾ بہ موجود هوندو آهي؟ هن عنوان هيٺ ان سوال تي بحث ڪنداسون.

مادي جي ڇرپر جي هر شڪل ۾ موجود تضاد پنهنجي خصوصيت رکندو آهي. مادي جي باري ۾ انساني علم مادي جي ڇرپر جي شڪلين جو علم هوندو آهي. اهو ان ڪري چئون ٿا جو دنيا ۾ ڇرپر ۾ رهندڙ مادي کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي ۽ مادي جي ڇرپر لازمي طرح ڪانہ ڪا شڪل اختيار ڪندي آهي. مادي جي ڇرپر جي هر شڪل تي غور ڪندي اسان کي انهن شين جو بہ مشاهدو ڪرڻ گهرجي جيڪي ان ۾ ۽ ڇرپر جي ٻين شڪلين ۾ گڏيل آهي. ڪنهن بہ شيءِ بابت اسان جي علم جو بنياد بڻجڻ لاءِ اهم ڳالهہ اها آهي تہ هيءُ مشاهدو ڪيو وڃي تہ ڪيفيت جي لحاظ کان ڇرپر جي ان شڪل ۽ ٻين شڪلين ۾ فرق ڪهڙو آهي. ان ڳالهہ جو مشاهدو ڪرڻ ڪانپوءِ ئي اسان شين جي وچ ۾ فرق ڪري سگهنداسون. ڇرپر جي هر شڪل پنهنجي اندر پنهنجو هڪ مخصوص تضاد رکي ٿي. اهو مخصوص تضاد ئي ان مخصوص ماهيت جي اڏاوت ڪري ٿو جيڪا هڪ شيءِ کي ٻي شيءِ کان ڌار، فرق وارو ڪري بيهاري ٿي. اها مخصوص ماهيت ئي هن دنيا ۾ شين جي بي شمار صورتن جو اندروني سبب آهي. ان کي مختلف شڪلين جو بنياد بہ چئي سگهجي ٿو. قدرت ۾ ڇرپر جون ڪيتريون ئي شڪليون آهن، مثال طور، مڪينيڪل شڪل، فزيڪل شڪل، ڪيميائي شڪل، بائلاجيڪل شڪل، سماجي شڪل، آواز، روشني، گرمي، بجلي، نيوڪليائي شڪل وغيره. اهي سموريون شڪليون هڪ ٻئي تي دارومدار بہ رکن ٿيون ۽ ماهيت جي لحاظ کان هر شڪل ٻي شڪل کان مختلف بہ هوندي آهي. مادي جي هر شڪل جي مخصوص ماهيت جي مقرري ان جو پنهنجو مخصوص تضاد ڪندو آهي. اها ڳالهہ نہ رڳو قدرت يعني مادي ڪائنات لاءِ درست آهي پر سماجي ۽ نظرياتي لقائن لاءِ بہ درست آهي. سماج جي هر شڪل ۽ نظريي جي هر شڪل پنهنجي مخصوص تضاد ۾ پنهنجي مخصوص ماهيت رکندڙ هوندي آهي.

سائنس جي هر شاخ پنهنجي مخصوص شعبي جي تضادن جو اڀياس ڪري ٿي ۽ ان ڪري ئي هر شاخ کي ٻي شاخ کان فرق آهي. مثال طور، رياضيءَ ۾ واڌو ۽

ڪاٿو مڪينڪس ۾ عمل ۽ ردعمل، ڪيميا ۾ جڙڻ ۽ ٽُٽڻ، سماجي علمن ۾ پيداواري قوتون ۽ پيداواري رشتا، حاڪم طبقن ۽ محڪوم طبقن جي ڇڪتاڻ، ملٽري سائنس ۾ حملو ۽ بچاءُ، فلسفي ۾ خيال پرستي ۽ ماديت، ميٽا فزڪس وارو نظريو ۽ جدلي نظريو وغيره.

جيڪڏهن اسين تضاد جي همہ گيريءَ کي نہ ٿا سمجهون تہ اسان وٽ ڪائنات کي سمجهڻ جو همہ گير سبب ۽ بنياد نہ هوندو ۽ جيڪڏهن اسان تضاد جي خصوصي هجڻ جو اڀياس نہ ڪيو تہ اسان وٽ ڪوبہ اهڙو وسيلو نہ هوندو، جنهن جي ڪري هڪ شيءِ کي ٻي شيءِ کان فرق ڪرائيندڙ ماهيت کي سمجهي سگهون، اسان وٽ ان ماهيت کي مقرر ڪرڻ جو طريقو نہ هوندو، ڪنهن شيءِ جي چرپر، واڌ ويجهہ ۽ مخصوص سبب يا مخصوص بنياد ڄاڻڻ جو ڪو طريقو نہ هوندو ۽ هڪ شيءِ ۽ ٻي شيءِ جي وچ ۾ فرق ڪرڻ جو ڪو طريقو نہ هوندو.

نہ رڳو مادي جي چرپر جي شڪلين جي هر وڏي نظام جو مخصوص تضاد ۽ ان جي ڪري مقرر ٿيل ماهيت جو اڀياس ڪرڻ ضروري آهي پر مادي جي چرپر جي هر شڪل جي وڌڻ ويجهڻ جي ڊگهي راهہ ۾ هر عمل جي مخصوص تضاد ۽ ان جي ماهيت جو اڀياس ڪرڻ بہ ضروري آهي. چرپر جي هر هڪ شڪل ۾ وڌڻ ويجهڻ جو هر اهو عمل جيڪو (خيالي نہ پر) حقيقي آهي اهو ڪيفيت جي لحاظ کان مختلف هوندو آهي. اسان کي پنهنجي اڀياس جي شروعات اُن نُڪتي کان ڪرڻ گهرجي.

ڪيفيت جي لحاظ کان مختلف تضاد رڳو ڪيفيت جي لحاظ کان مختلف طريقن سان ئي حل ڪري سگهجن ٿا. مثال طور، پورهيت ۽ سيٺ جي وچ ۾ تضاد سوشلسٽ انقلاب جي طريقي سان حل ڪيو وڃي ٿو. عوام ۽ جاگيرداري نظام جي وچ ۾ تضاد جمهوري انقلاب جي طريقي سان حل ڪري سگهجي ٿو. مظلوم قوم ۽ ظالم قوم- سامراج جي وچ ۾ تضاد قومي انقلابي جنگ جي طريقي سان حل ڪري سگهجي ٿو. پارٽيءَ اندر تضاد تنقيد ۽ خود- تنقيد جي طريقي سان حل ڪري سگهجي ٿو. سماج ۽ قدرت جي وچ ۾ تضاد پيداواري قوتن کي ترقي ڏيڻ جي طريقي سان حل ڪري سگهجي ٿو. پراڻا عمل ۽ پراڻا تضاد غائب ٿي ويندا آهن ۽ نوان عمل ۽ نوان تضاد پيدا ٿيندا رهندا آهن ۽ اهڙيءَ طرح تضادن کي حل ڪرڻ جي طريقن ۾ بہ فرق ايندو رهي ٿو. هر هڪ تضاد کي حل ڪرڻ جو طريقو ڌار قسم جو آهي. عقيدي پرست ان اُصول جي پابندي نہ ٿا ڪن. انهن کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي تہ مختلف قسم جي انقلابن جون حالتون مختلف هونديون آهن ۽ انهن کي ساڳيءَ



طرح اها ڳالهہ بہ سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي تہ مختلف قسم جي تضادن کي حل ڪرڻ جا طريقا بہ مختلف هوندا آهن. ان جي اُبتڙ اهي هميشہ اهڙا طريقا استعمال ڪرڻ چاهن ٿا، جيڪي ڪن حالتن ۾ مخصوص قسم جي تضاد کي مخصوص ماحول ۾ حل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيا ويا هئا. اهي هڪڙين حالتن ۾ آيل انقلاب جا طريقا "مَکِي ٿُ مَکِي ۽ ڪاپي ٿُ ڪاپي" ڪري ٻين حالتن ۾ مختلف قسم جي انقلابن لاءِ ۽ هر جاءِ تي استعمال ڪرڻ چاهن ٿا. اهي ماڻهو انقلاب کي نقصان پهچائڻ کان سواءِ ٻيو ڪو ڪم ڪونہ ٿا ڪن.

هر وڏي شيءِ جي وڌڻ ويجهڻ جي عمل ۾ ڪيترائي تضاد هوندا آهن. مثال طور، سمورن سماجن مان رڳو پاڪستان جي سماج جو مثال وٺو- مظلوم قومن جو ظالم قوم ۽ ظالم ٽولن سان تضاد، سڀني قومن جي پورهيتن ۽ هارين جو سيٺين ۽ جاگيردارن خلاف تضاد، جمهوريت جو ڊڪٽيٽري خلاف تضاد، عوام جو عالمي سامراج ۽ ان جي چاڙتن خلاف تضاد ۽ انهن کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي تضاد. انهن تضادن کي حل ڪرڻ لاءِ هڪ قسم جو رويو اختيار ڪري نہ ٿو سگهجي، ڇو تہ هر هڪ تضاد کي پنهنجي خصوصيت آهي. اجا بہ وڌيڪ ايئن چئجي تہ هڪ تضاد جي ٻن اُبتڙن جي باري ۾ بہ هڪ جهڙو رويو اختيار ڪري نہ ٿو سگهجي، ڇو تہ هر اُبتڙ جون پنهنجون خصوصيتون آهن. جيڪي بہ ماڻهو تضادن کي حل ڪرڻ چاهن ٿا، انهن کي گهرجي تہ نہ رڳو هر تضاد کي سمجهن، نہ رڳو هر تضاد جي هر اُبتڙ کي سمجهن، نہ رڳو سڀني تضادن جي پاڻ ۾ لاڳاپي کي سمجهن، پر انهن سڀني تضادن کي سڀ طرفو بہ سمجهن. جڏهن اسين سڀني تضادن ۽ انهن جي سڀني پاسن کي سمجهڻ جي ڳالهہ ڪريون ٿا تڏهن ان جو مطلب اهو هوندو آهي تہ هر پاسي کي ڪهڙي خاص جاءِ مليل آهي، اهو پنهنجي اُبتڙ سان هيڪڙائي ۽ ان سان ٽڪر جي سلسلي ۾ ڪهڙيون ٺوس صورتون اختيار ڪري ٿو، ڳڌيل طرح اهي ڪهڙي حيثيت اختيار ڪن ٿا. لينن جڏهن چيو تہ مارڪسي تعليم جو روح اهو آهي تہ ٺوس حالتن جو ٺوس تجزيو ڪيو وڃي، تڏهن ان جو مطلب ئي اهو هو تہ هر هڪ پاسي ۽ سڀني تضادن جو ڳڌيل نموني ٺوس اڀياس ڪيو وڃي. جيڪي ٺوس اڀياس نہ ٿا ڪن اهي مٿاڇرو ۽ سطحي اڀياس ڪن ٿا ۽ جيڪي هر پاسي جو اڀياس نہ ٿا ڪن اهي هڪ پاسي گهلجي وڃي انتها پسنديءَ جي ڏٻڻ ۾ ڪرن ٿا.

اهڙيءَ طرح اهو ڏسي سگهجي ٿو تہ ڪنهن بہ قسم جي تضادن جي خصوصيت جو اڀياس ڪندي- مادي جي چرپر جي هر شڪل ۾ موجود تضاد، ان جي وڌڻ

ويجهڻ جي هر عمل ۾ تضاد. هر عمل ۾ تضاد جي ٻنهي اُبتڙن. عملن جي هر ڏاڪي تي تضاد ۽ هر ڏاڪي تي تضاد جي ٻنهي اُبتڙن- انهن سڀني تضادن جي خصوصيت جو اڀياس ڪرڻ وقت اسان کي موضوعيت پسند نہ ٿيڻ گهرجي، پر ان جي معروضي طرح ٺوس چنڊ ڇاڻ ۽ تجزيو ڪرڻ گهرجي. ٺوس تجزيي کانسواءِ ڪنهن بہ تضاد جي خصوصيت جو علم حاصل ڪري نہ ٿو سگهجي. اسان کي لينن جي لفظن ”ٺوس حالتن جو ٺوس تجزيو“ کي هميشہ ياد رکڻ گهرجي.

## تضاد جي خصوصيت ۽ همہ گيريءَ جو پاڻ ۾ لاڳاپو:

سنڌي قوم جي تضادن کي تيستائين نہ ٿو سمجهي سگهجي جيستائين پاڪستان جا تضاد نہ سمجهيا وڃن. پاڪستان جي تضادن کي سڄي ڌرتيءَ جي سمورن تضادن کان ڌار ڪري سمجهي نہ ٿو سگهجي ۽ وري انسانذات جي تضادن کي قدرتي تضادن کان ڌار ڪري سمجهڻ ممڪن ڪونهي.

جيئن تہ شين جو دائرو تمام گهڻو وسيع آهي ۽ ان جي واڌ ويجهہ جي ڪا حد نہ آهي، ان ڪري جيڪا شيءِ هڪڙين حالتن ۾ مخصوص هوندي آهي اها ٻئي قسم جي حالتن ۾ همہ گير هوندي آهي. ان جي اُبتڙ جيڪا شيءِ هڪڙين حالتن ۾ همہ گير هوندي آهي، اها ٻئي قسم جي حالتن ۾ مخصوص بڻجي ويندي آهي.

جيئن تہ مخصوص همہ گير سان ڳنڍيل آهي ۽ جيئن تہ هر شيءِ ۾ نہ رڳو مخصوص تضاد هوندا آهن پر تضاد جي همہ گيري بہ هوندي آهي، ان ڪري اسان کي گهرجي تہ جڏهن جنهن شيءِ جو اڀياس ڪريون تڏهن ان جي همہ گيري ۽ خصوصيت، ٻنهي جي وچ ۾ لاڳاپي کي بہ سمجهون ۽ اسين جڏهن ايئن ڪريون تڏهن ان شيءِ جو ٻين شين سان لاڳاپا ڳولڻ جي بہ ڪوشش ڪريون. قومي جدوجهد کي بين الاقوامي جدوجهد کان ڪٽي، اڪيلو ڪري نہ سمجهي سگهجي ٿو ۽ نہ ئي صحيح نموني هلائي سگهجي ٿو ۽ ساڳيءَ طرح بين الاقوامي پورهيت جدوجهد کي قومي جدوجهد کان ڪٽي، اڪيلو ڪري نہ سمجهي سگهجي ٿو ۽ نہ ئي ڪامياب ڪري سگهجي ٿو.

تضادن جي همہ گيري ۽ خصوصيت جي وچ ۾ لاڳاپو، تضاد جي عام نوعيت ۽ انفرادي نوعيت جي وچ ۾ لاڳاپو آهي. همہ گيري مان اسان جي مراد اها آهي تہ تضاد سمورن عملن ۾ موجود هوندو آهي ۽ سمورن عملن ۾ شروع کان آخر تائين جاري رهندو آهي. چرپر، شيون، عمل، فڪر- اهي سمورا تضاد آهن يعني اُبتڙن جو ميلاپ آهن. تضاد کان انڪار ڪرڻ جو مطلب آهي هر حقيقي شيءِ کان انڪار ڪرڻ”



هيءَ سچائي بنا ڪنهن شڪ شبهي جي سمورن زمانن ۽ سمورن ملڪن لاءِ هڪ سچائيءَ ڀريو قانون آهي، پر اهو بہ وسارڻ نہ گهرجي تہ عام نوعيت انفرادي نوعيت ۾ لڪل هوندي آهي. انفرادي نوعيت کان سواءِ ڪابہ عام نوعيت ٿي نہ ٿي سگهي ۽ عام نوعيت کانسواءِ انفرادي، خاص نوعيت ٿي نہ ٿي سگهي. جيڪڏهن انفرادي نوعيت ختم ڪئي وڃي تہ ڪهڙي عام نوعيت باقي بچندي. هر نوعيت تضاد جي ڪري مخصوص يا انفرادي نوعيت پيدا ٿيندي آهي. انفرادي نوعيت شرطن ڀريو ۽ عارضي وجود رکندي آهي، ڇو تہ مخصوص نوعيت تضاد جي شروع کان آخر تائين رهندي آهي. جيئن ئي مخصوص تضاد حل ٿيو تيئن ئي مخصوص نوعيت بہ تبديل ٿي ويندي ۽ نئين نوعيت ۾ وري نئين قسم جو مخصوص تضاد هوندو.

## بنيادي تضاد ۽ تضاد جو اصل پاسو:

تضاد کي خصوصي بڻائڻ لاءِ اجا بہ ٻہ نُڪتا اهڙا آهن جن جي ڌار ڌار چنڊ ڇاڻ ڪرڻ ضروري آهي. انهن مان پهريون نُڪتو آهي تضاد ۽ ٻيو نُڪتو آهي ڪنهن بہ تضاد جو اصل پاسو.

ڪنهن پيچيده شيءِ جي وڌڻ جي عمل بابت ڪيترائي تضاد ٿين ٿا، انهن مان هڪ لازمي طرح بنيادي تضاد هوندو آهي. <u>**اهو تضاد جيڪو ڪنهن بہ لقاءُ ۾ باقي لقائن جو ڏس، طرف، اهميت مقرر ڪري، ان کي بنيادي تضاد چئجي ٿو.**</u> مثال طور سرمائيدار سماج ۾ ٻہ اُبتڙ قوتون پورهيت ۽ سرمائيدار (سيٺ) بنيادي تضاد جوڙجڪ ڪن ٿا، پر سرمائيدار سماج ۾ رڳو اهو تضاد ڪونہ ٿو ٿئي. سرمائيدار سماج جا ٻيا تضاد بہ آهن، يعني باقي بچيل جاگيردار طبقي ۽ سرمائيدار طبقي جي وچ ۾ تضاد، هارين ۽ باقي بچيل جاگيردارن جي وچ ۾ تضاد، ڪاتيدار ۽ سرمائيدار جي وچ ۾ تضاد، پورهيت ۽ ڪاتيدار جي وچ ۾ تضاد، هڪ هٽين سرمائيدارن ۽ غير هڪ-هٽين سرمائيدارن جي وچ ۾ تضاد، سرمائيدار جمهوريت ۽ سرمائيدار ڊڪٽيٽري جي وچ ۾ تضاد، سرمائيدار ملڪن جي وچ ۾ تضاد، سامراج ۽ غلام بڻايل ملڪن جي وچ ۾ تضاد وغيره، اهي سمورا تضاد بنيادي تضاد جي ڪري مقرر يا متاثر ٿين ٿا.

سنڌ جهڙن اڌڙ ٻيٺڪي راڄن ۾ بنيادي تضاد ۽ غير تضادن جي وچ ۾ لاڳاپو هڪ وڏيڪ پيچيدي تصوير پيش ڪري ٿو.

جڏهن ڌاريا حملي آور ڪنهن اهڙي ملڪ خلاف چڙهائيءَ واري جنگ شروع ڪندا آهن تڏهن ڪجهہ غدارن کان سواءِ باقي سمورا طبقا (عوام) ڌارين حملي

آورن خلاف جنگ ڪرڻ لاءِ عارضي طرح متحد ٿي سگهن ٿا. اهڙي وقت ۾ ڌارين حملي آورن ۽ اهڙي ملڪ جي وچ ۾ تضاد بنيادي تضاد بڻجي ويندو آهي، جڏهن ته ملڪ اندر ٻيا تضاد عارضي طور ٻئي درجي جي حيثيت اختيار ڪري وٺندا آهن. سنڌ ۾ عربن، ارغونن، ترخانن، مغلن ۽ انگريزن خلاف جنگ ۾ ايئن ٿيو هو.

پر ٻئي قسم جي حالتن ۾ تضادن جي حيثيت بدلجي ويندي آهي. جڏهن سامراجي (پرڏيهي ڦورو سرمائيدار) پنهنجي ظلم ۽ تشدد جي جنگ بدران نسبتاً نرم ذريعي يعني سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي ذريعا استعمال ڪندو آهي تڏهن اڌڙ بيٺڪي راڄ جا حاڪم طبقا سامراج جي فرمانبرداري ۽ اطاعت قبول ڪندا آهن ۽ ٻئي پاڻ ۾ ملي، ڳٽ جوڙ ڪري عوام تي گڏجي ظلم ڪرڻ لڳندا آهن. اهڙي وقت ۾ عوام سامراج ۽ جاگيردار طبقن جي اتحاد خلاف عام طور گهريلو جنگ جو طريقو استعمال ڪندا آهن. پاڪستان جي نهڻ ڪان پوءِ ايئن ٿئي پيو.

جڏهن ڪا انقلابي گهريلو جنگ ترقي ڪري ڪنهن اهڙي ڏاڪي تي پهچي وڃي ٿي ته سامراج ۽ انهن جي پاليل ڪُتن يعني ڏيهي رجعت پسندن کي پنهنجو وجود خطري ۾ نظر ايندو آهي، اهڙي وقت ۾ سامراجي ۽ ڏيهي غدار وڃي هڪ پاسي بيهندا آهن ۽ ٻئي پاسي وري عوام هوندا آهن. اهڙي وقت ۾ حاڪم طبقا (سامراجي، سرمائيدار، جاگيردار) ٻيا طريقا اختيار ڪندا آهن. هو پنهنجن مفادن لاءِ پنهنجي رجعت پسند فوج کي ميدان ۾ آڻيندا آهن. ڪامورا شاهي جا ظلم وڌائيندا آهن، قانون کي تنگ ڦٽو ڪندا آهن ۽ عوامي جدوجهد کي ڪچلڻ لاءِ بم بارود ۽ ٽينڪون وٺي آڏي مقابلي ۾ بيهاريندا آهن. اهڙيءَ طرح تضادن جي اڏاوت ٿيندي رهندي آهي. اهڙو تضاد ٻين تضادن جي مقرري ڪندو آهي.

سماج جي سڄي تاريخ ۾ هر ڏاڪي تي ڪونه ڪو بنيادي تضاد ٿيندو آهي ۽ باقي ٻيا تضاد ان جي حوالي سان سڃاتا ويندا آهن. جڏهن به ڪنهن به لقاءُ ۾ هڪ کان وڌيڪ تضاد هجن تڏهن اسان کي بنيادي تضاد ڳولي هٿ ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن بنيادي تضاد هٿ اچي ويو ته باقي تضادن کي سمجهڻ سولو ٿي پوندو. بنيادي تضاد باقي ٻين سمورن تضادن جي وڌڻ جو رخ مقرر ڪري ٿو.

جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته هن سڄي ڌرتيءَ تي، هر هڪ ملڪ ۾، هر هڪ طبقاتي سماج رکندڙ ملڪ ۾ وڏي ۾ وڏو تضاد، طبقاتي تضاد آهي. جتي پورهيتن جون حڪومتون قائم آهن اتي پورهيت راڄ جي خلاف سرمائيدار، جاگيرداري، سامراجي، رجعت پرست ۽ خيال پرست سوچون شدت سان لڙي رهيون آهن. جتي سامراجين



سرمائيدارن، جاگيردارن، رجعت پرستن ۽ خيال پرستن ۽ انهن جي ڇاڙتن جون حڪومتون قائم آهن اتي انهن خلاف پورهيت، مزدور، هاري، ترقي پسند ۽ حق پرست عوام جدوجهدون ڪري رهيا آهن. ان ڪري ئي چيو ويندو آهي ته سمورن سماجن جي حساب سان سوشلزم ۽ سرمائيداريءَ جو ٽڪر وڏي ۾ وڏو ٽڪر آهي، پر جيڪڏهن سامراجي حڪومتن ۽ مظلوم قومن جو جائزو ورتو وڃي ته اتي وري وڏي ۾ وڏو تضاد قومي تضاد هوندو آهي ۽ جڏهن ڊڪٽيٽري راڄ جو جائزو ورتو وڃي ته اتي وڏي ۾ وڏو تضاد ڊڪٽيٽري خلاف جمهوري جدوجهد جو هوندو آهي. پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ بنيادي تضادن جي سلسلي ۾ اڳ ۾ ئي چئي آيا آهيون ته هتي مظلوم قومن جو ظالم قوم ۽ ظالم ٽولن خلاف ٽڪر، پورهيت، مزدور، هاريءَ جو سرمائيداري۔ جاگيرداري خلاف ٽڪر، ڊڪٽيٽري خلاف جمهوري قوتن جو ٽڪر ۽ عالمي سامراج خلاف عوامي قوتن جو ٽڪر موجود آهي. ان ڪانسواءِ به پاڪستان ۾ ڪيترائي تضاد موجود آهن. جڏهن ڪنهن سماج ۾ ڪيترائي تضاد وڏي اهميت رکندڙ هوندا آهن تڏهن انهن مان ڪونه ڪو هڪ وڌيڪ تيز، وڌيڪ نروار، وڌيڪ نمايان، وڌيڪ حاوي، وڌيڪ اهم ۽ وڌيڪ بنيادي حيثيت رکندڙ هوندو آهي. اهو تضاد ئي باقي تضادن جي سڃاڻپ جي نشاندهي ڪندو آهي. تاريخ جي مختلف ڏاڪن تي اهڙا بنيادي يا اهم تضاد هڪ ٻئي سان جڳهون تبديل ڪندا رهندا آهن. ڪڏهن طبقاتي تضاد تيزيءَ سان اُڀري بنيادي حيثيت وٺندو آهي، ڪڏهن قومي تضاد بنيادي ٿي پوندو آهي، ڪڏهن جمهوري تضاد ته ڪڏهن وري سامراج دشمن تضاد. تاريخ جي هر ڏاڪي تي وڌيڪ نمايان، وڌيڪ تيز، وڌيڪ ڇتي ۽ وڌيڪ بنيادي تضاد کي اهميت ڏيڻي پوندي آهي، پر ان جو مطلب اهو نه آهي ته ٻين تضادن کان اکيون پوريون وڃن. مسئلي جو سڀ طرفو تجزيو، نوس حالتن جو نوس تجزيو ياد رکڻ گهرجي.

اهڙا ڏڙا جيڪي ڪنهن به تضاد کي ڪنهن به ڏاڪي تي ڏسي، جاچي ۽ پڪڙي نه ٿا سگهن يا شعوري يا لاشعوري طرح انهن کان انڪار ڪن ٿا، اهي ڪڏهن به صحيح انقلابي عمل ڪري نه ٿا سگهن.

تضاد تي غور ۽ فڪر ڪرڻ وقت ڪٿي به، ڪڏهن به اها ڳالهه وسارڻ نه گهرجي ته هر تضاد ٻن اُبتڙن جو ميلاپ هوندو آهي. ڪوبه تضاد، پوءِ اهو بنيادي هجي يا ٻئي درجي جو، ڇا ان جي ٻنهي اُبتڙن کي هڪ جيترو سمجهڻ گهرجي؟ ڪڏهن به نه. ڪنهن به تضاد ۾ اُبتڙن جي واڌ اڻ برابر هوندي آهي، ڪنهن نه ڪنهن

اُبتڙ جو ٻُڙ ٻُرو هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ايئن به محسوس ٿيندو آهي جڏهن اهي ٻئي اُبتڙون هڪ ٻئي جي برابر هجن پر اهڙي حالت عارضي هوندي آهي. جڏهن ته اڻ برابريءَ جي حيثيت بنيادي هوندي آهي. ٻنهي اُبتڙن مان هڪ اُبتڙ لازمي طرح اول ۾ ٻي پوءِ هوندي آهي. تضاد جو اصل پاسو ان اُبتڙ کي چئجي ٿو جيڪا تضاد ۾ رهنما ڪردار ادا ڪري. ڪنهن به شيءِ جي نوعيت جي مقرري غالب پاسي يعني تضاد جي اصل پاسي جي ڪري ٿيندي آهي. مثال طور، جاگيرداري سماج ۾ تضاد جو اصل پاسو جاگيردار هوندا آهن ۽ سرمائيداري سماج ۾ تضاد جو اصل پاسو سرمائيدار هوندا آهن.

پر اها حالت جميل ۽ دائمي ڪانه ٿي ٿئي. تضاد جو اصل ۽ غير اصل پاسو هڪ ٻئي ۾ تبديل ٿيندا رهندا آهن ۽ انهن جي بدلجڻ ڪري شيءِ، لقاءَ جي نوعيت به بدلجي ويندي آهي. مثال طور، جاگيرداري، سرمائيداري، سامراجي (ڦورو) سماج ۾ جڏهن پورهيت عوام پاڻ ۾ ٻڌي ڪري، قومي، عوامي جهوري انقلاب وسيلي حاوي پئجي ويندا آهن تڏهن سماج جي نوعيت به بدلجي ويندي آهي. جيڪو نئون سماج ظاهر ٿيندو آهي ان کي عوامي جمهوري راڄ چوندا آهيون. ان ۾ تضاد جو نمايان، حاوي ۽ اصل پاسو پورهيت عوام هوندا آهن ۽ غير اصل پاسو جاگيرداري، سرمائيداري، سامراجي (ڦورو) سوچ هوندي آهي. "ڦورو سوچ" ان ڪري چئون ٿا جو جاگيردارن سرمائيدارن کان ذاتي ملڪيت ٻٽايل پيداواري وسيلا ڪسي عوامي ملڪيت ٻٽايا ويندا آهن.

اسين گهڻو ڪري "پراڻي جي جاءِ تي نئين جي اچڻ" جي ڳالهه ڪندا آهيون. پراڻي جي جاءِ تي نئين جو اچڻ ڪائنات جو اٽل قانون آهي ۽ پراڻي جي جاءِ تي نئون مٿينءَ طرح (يعني اصل پاسي تي تضاد جي غير اصل پاسي جو حاوي پئجي ويل اصل پاسو ٻڻجڻ وسيلي) ايندو آهي. پراڻي جي جاءِ تي نئون نه رڳو سماج ۾ اچي ٿو نه رڳو ساهوارن ۾ اچي ٿو نه رڳو سوچ ۾ اچي ٿو پر ڪائنات جي هر شيءِ، هر لقاءَ ۾ پراڻي جي جاءِ تي نئون اَوس اچڻو آهي.

ڪنهن به لقاءَ ۾ بنيادي تضاد ۽ تضاد جي اصل پاسي کي سمجهڻ ڪانپوءِ اجان به اسان کي اندرين تضاد ۽ ٻاهرين تضاد، دشمنيءَ واري تضاد ۽ غير دشمنيءَ واري تضاد کي سمجهڻو آهي.

## اندريان ۽ ٻاهريان تضاد:

اسين عام طرح اهو ٻُڌندا رهندا آهيون ته جيئن ته اندريان تضاد اجا پڇي راس نه ٿيا آهن، تنهن ڪري انقلاب اچي نه ٿو سگهي ۽ جتي اندريان تضاد تيز ٿي ويا اتي



انقلاب اچي ويو. اچو ته هن ڳالهه کي سمجهون. ڪنهن به ملڪ ۾ ڪو به انقلاب تيستائين برپا ڪري نه ٿو سگهجي جيستائين ان جو بڻ بنياد ۽ سبب ملڪ اندر موجود قوتن ۾ ڪونهي. سوپيارا پورهيت ڪنهن به ٻئي ملڪ ۾ انقلاب درآمد ڪري نه ٿا سگهن. ها البت ٻاهريون حالتون، ٻاهريان انقلاب، ٻاهريون پورهيت قوتون ڪنهن به ملڪ جي اندروني تضاد تي اثر وجهي، انهن کي تيز ڪري سگهن ٿيون. نه رڳو ڪري سگهن ٿيون پر ڪنديون آهن. هي جو پنهنجي انقلابي سوچ ۾، تنظيم ڪرڻ ۾، جدوجهد ڪرڻ ۾، قوت ۾ ايڏو سارو واڌارو آيو آهي اهو رڳو اندرين حالتن جي عنايت ڪونهي پر ٻاهرين حالتن جو به ڏنل آهي.

"تاريخ جي جاڻن کي چڱيءَ طرح خبر آهي ته جيڪڏهن پهرين جنگ عظيم (جي پڄاڻيءَ وقت) روس جا مزدور ۽ هاري روس ۾ سامراجي راڄ جو تختو اونڌو ڪري، سامراجي لوڙهي جا ٻرگهل ڪيڏي نه رکن ها، ۽ سامراج جي چيلهه ڀڃي نه رکن ها، ۽ ٻي جنگ عظيم ۾ روسي عوام پنهنجي انقلابي پورهيت پارٽيءَ ۽ سرڪار جي اڳواڻيءَ هيٺ لکين ڪروڙين جانيون قربان ڪري، پنهنجي وطن جي ٻاڙيءَ ٻاڙيءَ تي هٽلري ديوَ سان ٻڪين نه پون ها، ۽ ان جي گهر تي ڪاهي نازي شيطانيت جون جڙون نه اُکوڙين ها، ۽ سڄيءَ دنيا جي سامراجين جو نشو نه توڙين ها، جيڪڏهن چيني عوام لڳاتار 25 سال جپاني، آمريڪي، برطانوي سامراجين سان حياتيءَ ۽ موت جي جنگ نه لڙن ها ۽ ايشيا ۾ سندن معتبريءَ جي پڳ لاهي نه رکن ها ته جيڪر انگريز کي ڪا به ضرورت ڪانه پوي ها، جو هو هندستان جهڙيءَ سونا آنا ڏيندڙ ڪڪڙ کي هندو سينين ۽ مسلمان جاگيردارن کي اڌ پائيواريءَ تي ڏيئي، پاڻ ٽپڙ کڻي، ڳوٺ هليو وڃي ها. ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جا لک لائق، پر انهن جي ڏڳهي کي به طاقت ڪانه هئي، جو رڳو نلهين تقريرن ۽ ڄاڙين بازين سان انگريزن کي ڏيڄاري، ڀڄائي ڪيڏي ڇڏي ها. اها ته اسين دعا ڪريون دنيا جي دلير ۽ سرويچ انقلابي پورهيت عوام کي، جن جي قربانين ڪري اسان کي انڌي منڊي مفت جي آزادي ملي، جي نه ته انگريز جيڪر رڳو سچ پچ اکيون ڪيڏي ها، ته به ڪانگريسي ۽ ليگي سورما گهرن کان به ٻاهر ڪونه نڪرن ها." (رسول بخش پليجو صبح ٿيندو، ڇاپو ٻيو ص: 140_142). هي آهي ٻاهرين تضاد جي اثرن جو هڪ مثال.

سبب جيڪي ڦورو سماج جي خاتمي جي طرف وڃي هلن ها، اهي هر هڪ ڦورو ملڪ ۾ اندر لڪل آهن- ۽ ڦورن ۽ ڦُريلن جي وچ ۾ هڪ چِتي ٽڪر جي صورت ۾ موجود آهن.

تنهن ڪري اسان چئون ٿا تہ اندريان تضاد موجود هوندا آهن ۽ اهي لقائن يا عملن ۾ اندر لڪل هوندا آهن. پر اهڙا بہ تضاد ٿيندا آهن جيڪي ٻن شين، عملن يا لقائن جي وچ ۾ موجود هوندا آهن. جيئن مثال طور، سوشلسٽ ملڪن ۽ سرمائيدار ملڪن جي وچ ۾ تضاد ۽ سڄيءَ دنيا جي ترقي پسند عوام جا سامراج سان تضاد. پوءِ اهي ڪهڙا تضاد آهن جيڪي واڌاري، ترقيءَ لاءِ بنيادي ڪردار ادا ڪن ٿا؟ **اهي اندروني تضاد ئي آهن جيڪي هر قسم جي واڌاري لاءِ فيصلي ڪُن بنيادي ڪردار ادا ڪن ٿا.** (ان ڪري ئي لينن ٽراٽسڪيءَ جي انقلاب درآمد ڪرڻ واري خيال کي سختيءَ سان رد ڪيو). ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ جدليات ٻاهرين تضادن کي ڪابہ اهميت نہ ٿي ڏئي. سڄي سامراجي سرشتي جو ڪمزور ٿيڻ يعني سامراجي ملڪن جا پاڻ ۾ تضاد، سامراجي سرشتي خلاف سوشلسٽ سرشتي جا تضاد ۽ سامراجي ملڪن خلاف قومي آزاديءَ جي جنگ وڙهندڙ ملڪن جا تضاد وغيره يعني ٻاهريان تضاد پڻ غلاميءَ جي چرخي مان نڪرڻ لاءِ غلام ملڪن جي قومن ۽ عوام جي جدوجهد ۾ زبردست مدد ڏين ٿا. پر اهي اندريان تضاد ئي آهن جيڪي سوپ ماڻڻ جي جدوجهد ۾ فيصلي ڪن ڪردار ادا ڪن ٿا.

**اندريان تضاد اهي آهن جيڪي واقعي، عمل، لقاءُ، شيءِ جي وڏيڪ گهرائيءَ منجهہ موجود آهن. مختلف شين، لقائن، عملن، واقعن جي وچ ۾ موجود تضاد ٻاهريان تضاد آهن.**

اندرين ۽ ٻاهرين تضادن جي وچ ۾ فرق ڪرڻ ڪانپوءِ اسان کي دشمنيءَ وارن ۽ غير دشمنيءَ وارن تضادن جي وچ ۾ بہ فرق ڪرڻ گهرجي.

## دشمني ۽ غير دشمنيءَ وارا تضاد:

سرمائيدار ۽ مزدور جي وچ ۾ تضاد يا جاگيردار ۽ هاريءَ جي وچ ۾ تضاد يعني اهي تضاد جن ۾ هر هڪ کي پنهنجا پنهنجا طبقاتي مفاد آهن، اهي هڪ شيءِ آهن ۽ اهي مفاد جيڪي ساڳئي طبقي جي مفاد ۾ آهن يعني اهي تضاد جيڪي ٻن مزدورن، ٻن هارين يا مزدورن ۽ هارين جي وچ ۾ موجود آهن، اهي ٻي شيءِ آهن. پهرين شيءِ ۾ جيڪي تضاد آهن اهي سخت ويڙهہ وارا تضاد آهن ۽ ٻي شيءِ ۾ پورهيتن منجهہ تضاد جي ڳالهہ ڪيل آهي. اهي طريقا جن وسيلي هي ٻئي مختلف قسم جا تضاد حل ڪيا وڃن ٿا اهي پڻ مختلف آهن. پهرين قسم جي تضادن ۾ پورهيتن لاءِ ضروري آهي تہ اهي انقلاب وسيلي سيٺين جو سرمائيداري راڄ ڊاهي ڦٽو ڪن. جڏهن تہ ٻئي قسم جي تضادن ۾ همت ڀريو تنقيد ۽ خود- تنقيد وارو عمل ڪرڻ



جي ضرورت آهي. پهرين قسم جا تضاد دشمنيءَ وارا تضاد آهن جڏهن تہ ٻئي قسم جا تضاد غير دشمنيءَ وارا تضاد آهن.

دشمنيءَ وارا تضاد هر ان جاءِ تي موجود هوندا آهن جتي طبقاتي مفادن جي وچ ۾ ٽڪر هوندو آهي. انساني سماج ۾، دشمنيءَ وارا، يعني پُرامن طريقن جا حل نہ ٿيڻ جوڳا تضاد، سماجي قوتن ۽ طبقن جي وچ ۾ جهيڙي، ٽڪر جي صورت وٺندا آهن- زميندارن ۽ هارين جي وچ ۾ جهيڙو، سرمائيدارن ۽ مزدورن جي وچ ۾ جهيڙو، مظلوم قومن ۽ سامراج جي وچ ۾ جهيڙو اهو ئي سبب آهي جنهن ڪري طبقاتي سماج کي، ان جي پنهنجن تضادن، اندرين توڙي ٻاهرين تضادن، ٻنهي جي وسيلي تباهہ ڪيو پيو وڃي.

هڪ طرف سامراجي قومن ۽ ٻئي طرف انهن قومن، جن پنهنجي خود مختياري حاصل ڪئي آهي يا اڃا بہ سامراج خلاف وڙهي رهيون آهن، ٻنهي جي وچ ۾ چِٽا دشمنيءَ وارا تضاد موجود آهن. ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جا عوام ۽ قومون سامراج خلاف چِٽي جنگ ڪري رهيا آهن تہ جيئن پنهنجو پاڻ کي آزاد ڪرائي سگهن. سمورا اندريان توڙي ٻاهريان تضاد جيڪي سامراج سان چِٽي ٽڪر ۾ آهن، اهي لاڳيتو سامراج کي ڪمزور ڪري رهيا آهن ۽ اهو وقت اچي پهتو آهي جنهن ۾ سامراجي اڃا وڌيڪ ڪمزور ٿي وڃن ۽ فنا ٿي وڃن. موجوده وقت جا تضاد سامراج کي موت طرف ڌڪي رهيا آهن.

دشمنيءَ وارا تضاد ڪيئن حل ڪيا ويندا آهن؟ انهن جو واڌارو باقائدي هڪ رستي تي هلندو آهي- وڌندا آهن، تيز ٿيندا آهن ۽ ٻن اُبتڙن جيان منهن مقابل ٿيندا آهن. **دشمنيءَ وارا تضاد ٻن قوتن، ٻن مقصدن، ٻن نُڪتئہ نظرن جي وچ ۾ چِٽي ويڙهہ ڪندڙ تضاد آهن. اهي هميشہ جهيڙي ۽ ٽڪر طرف هلندا آهن ۽ انهن تي رڳو تيز سماجي جدوجهد، سماجي انقلاب، وسيلي ئي قابو پائي سگهجي ٿو.** اهڙا تضاد پراڻن سماجي رشتن جي چار ۾ رهي حل ڪري نہ ٿا سگهجن. انهن سماجي رشتن کي انقلابي وسيلن سان ئي ٽٽي سگهجي ٿو. سڌارن وسيلي اهڙن تضادن کي حل ڪرڻ جي ڳالهہ ترميم پسندي آهي.

**غير دشمنيءَ وارا تضاد دشمنيءَ وارن تضادن کان ايئن فرق رکن ٿا جو اهي اهڙين سماجي قوتن ۽ لاڙن جا تضاد آهن جن جا بنيادي ۽ دائمي مفاد ڪنهن نہ ڪنهن ڏاڪي تي ساڳيا آهن.** اهڙا تضاد مزدورن جي وچ ۾، هارين جي وچ ۾، مزدورن ۽ هارين جي وچ ۾ موجود تضاد آهن. غير دشمنيءَ وارن تضادن جو ٻيو مثال تنظيمن اندر بہ ملي ٿو. پراڻن ۽ نون ڪارڪنن جي وچ ۾، پراڻن ۽ نون خيالن جي وچ ۾،

ڪنهن مسئلي تي راين جي وچ ۾، وڏيڪ ڄاڻو ۽ گهٽ ڄاڻوءَ جي وچ ۾، وڏيڪ ڪم ڪندڙ ۽ گهٽ ڪم ڪندڙ جي وچ ۾، هڪ طرف وڏيڪ ڄاڻو ۽ وڏيڪ ڪم ڪندڙن ۽ ٻئي طرف گهٽ ڄاڻو ۽ گهٽ ڪم ڪندڙن جي وچ ۾ وغيره.

غير دشمنيءَ وارن تضادن جي سلسلي ۾ عام طرح اهڙو ڪوبہ لاڙو نہ هوندو آهي جو اهي ڏاڍا تيز ۽ چِٽا ٿي وڃن، پر ان جي اُبتڙ اهي عام طرح نرم ۽ ڍلا رهندا آهن، ڇو تہ انهن جا ڊگهي عرصي وارا عام، دائمي ۽ بنيادي مفاد ساڳيا هوندا آهن. جهڙيءَ طرح دشمني ۽ غير دشمنيءَ وارا تضاد مختلف آهن، اهڙيءَ طرح انهن مان هر هڪ کي حل ڪرڻ جو طريقو بہ مختلف آهي. غير دشمنيءَ وارن تضادن کي سمجهڻ سمجهائڻ، تعليم تربيت، تنقيد خود- تنقيد ۽ ٻين ياڻپيءَ وارن اهڙن طريقن سان حل ڪيو ويندو آهي، جيڪي حالتن موجب ٺهڪندڙ هجن. غير دشمنيءَ وارا تضاد اهڙا آهن جن کي وجود رکندڙ سماجي سرشتي اندر ئي حل ڪري سگهجي ٿو. ساڳيءَ طرح سوشلسٽ سماج اندر ۽ ٻن سوشلسٽ ملڪن جي وچ ۾ پيدا ٿيندر تضاد بہ غير دشمنيءَ وارا تضاد هوندا آهن. انهن کي حل ڪرڻ جو طريقو بہ ساڳيو هوندو آهي.

پر غير دشمنيءَ وارن تضادن جي سلسلي ۾ اها ڳالهہ ڪڏهن بہ وسارڻ نہ گهرجي تہ ڪڏهن ڪڏهن، ڪن خاص حالتن ۾، تضادن کي صحيح نموني حل نہ ڪرڻ جي صورت ۾ غير دشمنيءَ وارا تضاد عارضي طرح اهڙي صورت بہ اختيار ڪري وٺندا آهن جو اهي دشمنيءَ وارا تضاد ڀانئبا آهن. ڪڏهن ڪڏهن تہ انهن ۾ جنگيون بہ ٿي پونديون آهن. اهڙي وقت ۾ هوش هٿان وڃائڻ نہ گهرجي، همت، پڪي ارادي، مستقل مزاجي ۽ تعمير ڪرڻ جي خيال کان انهن کي سلجھيل انداز ۾ حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهڻ گهرجي.

مطلب تہ، اُبتڙن جي هيڪڙائي ۽ ٽڪر جو قانونُ واڌاري، ترقيءَ جي اندرين وسيلن جي نشاندهي ڪري ٿو. ان ڪري ئي لينن چيو، **"جدليات دراصل ان قانون جو اڀياس آهي جيڪو خود شيءِ جي ماهيت ۾ موجود هوندو آهي."** لينن گهڻو ڪري هن قانون کي جدليات جي ماهيت قرار ڏيندو هو ۽ هُن هِن قانون کي جدليات جو دماغ بہ چيو آهي.

هاڻي اسين شايد اهو سوال ڪرڻ پسند ڪريون تہ ڇا واڌارو هڪ سنئين سڌي رُخ ۾ ٿئي ٿو يا اهو ڪجهہ وڏيڪ پيچيده ۽ ڳتيل آهي ۽ ان جي گهُر آهي تہ پراڻي جو خاتمو ٿئي ۽ نئون ميدان ۾ اچي؟



## نفيءَ جي نفيءَ جو قانون:

### نفي ڇا آهي؟

اسين سڀ اهو ڄاڻون ٿا تہ موت، تباهي، ڀڄڻ ڀرڻ ۽ پوڙهو ٿيڻ روزاني زندگيءَ جا عام لقاءَ آهن. اسين قدرت جو ڪوبہ لقاءُ وٺون تہ اهو پروڙي وٺنداسون تہ هر لقاءُ کي ڪانہ ڪا شروعات آهي. اهو ڪجهہ عرصي دوران وڌي ويجهي ٿو، وڌو ٿئي ٿو ۽ قوت حاصل ڪري ٿو ۽ آخرڪار ڪجهہ عرصي دوران پوڙهو ٿي وڃي ٿو ۽ ڳري ڀُري وڃي ٿو. "لدوگ فيرئر باخ ۽ جرمن روايتي فلسفي جي پڄاڻي" ۾ اينجلس لکيو تہ جدلي فلسفي وٽ ڪابہ شيءِ ختم ٿيندڙ جميل مجرد نہ آهي. هر هڪ خاصيت کي نفي ٿيڻو آهي، غائب ٿيڻو آهي ۽ ڪابہ شيءِ اهڙي نہ آهي، جيڪا نڪري نروار ٿيڻ ۽ ڳري ڀُري وڃڻ جي لاڳيتي عمل ۾ نہ گذري، ۽ ڪابہ اهڙي شيءِ نہ آهي جيڪا سادي ڪان عمدي ڏانهن، هيناهينءَ ڪان مٿاهين ڏانهن ترقي نہ ڪري.

**اهو پراڻن لقائن جو مري وڃڻ ۽ نون لقائن جو نروار ٿيڻ، وري نئون ٿيڻ جو لاڳيتو عمل ئي آهي، جنهن کي هتي نفي چئون ٿا. پراڻي جي جاءِ تي نئين جي ظاهر ٿيڻ جو مطلب اهو ٿيو تہ پراڻي جي نفي ٿي.**

جيڪڏهن مادي کي ڪيتري بہ وقت ۾ فنا نہ ٿيڻو آهي تہ ان لاءِ اهو لازمي طرح بيحد ضروري آهي تہ پراڻي جي نفي ٿيندي رهي، ۽ نئون نروار ٿيندو رهي. مادو، ڪائنات، قدرت، دنيا ايئن ڪري ئي دائمي وجود رکي سگهي ٿي، ٻيو ڪنهن بہ نموني نہ. هميشہ ڪان ايئن ٿيندو آيو آهي تہ پراڻو مرندو آهي ۽ نئون نروار ٿيندو رهي ٿو.

### نفيءَ جي نفي:

قدرت ۽ سماج ۾ جيڪو ڪجهہ بہ نئون نروار آهي، اهو بہ ان فطرتي نموني هلي ٿو. هر نئون هوري هوري، ڪجهہ عرصي ۾ وڌي ويجهي، طاقت وٺي، پوڙهو ٿي، پراڻو ٿي وڃي ٿو ۽ وري ان جي جاءِ نئون لقاءُ ۽ نيون قوتون وٺنديون رهن ٿيون. هڪ ڀيري جيڪو ڪجهہ نئون آهي، اُهو ڪنهن پراڻي جي نفي ڪري ظاهر ٿيو آهي ۽ هينئر وري خود ان جي بہ نفي ٿيڻي آهي، ۽ وري اڃا بہ ڪجهہ ٻيو، اڃا وڏيڪ نئون، وڏيڪ سگهارو ۽ سُنو انهيءَ مان ڦُٽي نڪرڻو آهي. انهيءَ عمل کي نفيءَ جي نفي چئجي ٿو. جيئن تہ ڪائنات ۾ لقائن جو اڻ کُٽ تعداد موجود آهي، ان ڪري نفيءَ جو عمل بہ بنا ڪنهن پڄاڻيءَ جي، لاڳيتو ٿيندو رهي ٿو.

عملي زندگيءَ ۾ اهو ڪيئن ٿئي ٿو؟ اچو تہ هڪ مثال وٺون. جڏهن هڪ فصل اُپائجي ٿو تڏهن اهو ڪيترن ئي ڏاڪن مان گذري ٿو- ٻجن جو ڦُٽي سلو ٿيڻ، فصل

جو واڌارو ۽ رچي پچي راس ٿيڻ، اُپائجڻ جي عمل دوران ٻجن جو وجود آهستي آهستي ڳري وڃي ٿو يعني انهن جي نفي ٿي وڃي ٿي. انهن ٻجن مان ڦُٽندڙ سلا وڏي ٻوٽن جو روپ وٺن ٿا، يعني انهن جي نفي ٿي وڃي ٿي، پر ان کان پوءِ ٻوٽا گل ڏين ٿا، انگورجن ٿا، انهن جو لڳُ ٿئي ٿو ۽ آخرڪار هُو پنهنجو ميوو جهلن ٿا، پوءِ ٻوٽو مري وڃي ٿو، اها ٻي نفي آهي.

ٻج زمين ۾ ڳري ويو پر ان جي موٽ ۾ اسان کي جيڪو ڪجهه مليو، اهو هڪ ٻج جي بدلي ۾ هڪ ٻج نہ آهي، پر هڪ جي بدلي ۾ ان جي ڏهوڻ، ويهوڻ، ٽيهوڻ آهي. هن عمل جي مشاهدي ۾ ڏاڍي اهم شيءِ اها آهي تہ هڪ شيءِ جي نفي ڪري جيڪو ڪجهه اسان کي مليو اهو پهرين کان بهتر، ججهو آهي. اهڙو شاندار نتيجو ٿي نفيءَ جي نفيءَ واري قانون جو لاڀ بيان ڪري ٿو. اسان هن عمل جي شروعات ڇا سان ڪئي؟ ڪجهه ٻجن سان. نتيجي ۾ اسان ڇا ماڻيو؟ ڪي ٻج. هن عمل کي مٿاڇري نگاهہ سان ڏسڻ ۾ ايئن معلوم ٿئي ٿو تہ ڄڻڪ هڪ ”دائرو“ پورو ٿيو. ڄڻڪ جتان اسان شروعات ڪئي، ڦري اچي اتي ئي پهتاسون. ”تاريخ پنهجو پاڻ ورجايو.“ پر هن مثال مان چٽيءَ طرح اهو ڏسي سگهون ٿا تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ واڌارو ضرور ٿيو آهي. اسان هن عمل جي شروعات ڪجهہ ٻجن سان ڪئي ۽ عمل جي پوري ٿيڻ وقت اسان وٽ هڪ مڪمل فصل آهي، اسان وٽ جيڪي ٻج آهن اهي پهرين جي ڀيٽ ۾ گهڻا آهن. هي رڳو پهرين کي ورجائڻ ڪونهي، هن ۾ پراڻي کان ڪجهہ وڌيڪ آهي. هيءُ تخليق جو عمل آهي. عمل جي واڌاري جا ڏاڪا آهن، هيٺين سطح ۽ مٿين سطح آهي. انهيءَ عمل ۾ پوئتي نہ موٽيا آهيون پر ڪجهہ اڳتي وڌيا آهيون. عمل ۾ بيهڪ ڪانهي پر هڪ چرپر آهي، جيڪا هيٺين کان مٿين طرف، سادي کان ڳتيل طرف، اُچي طرف وڌي هلي ٿي.

**نفيءَ جي نفيءَ جو قانون چوي ٿو تہ واڌاري جي عمل دوران هر هڪ مٿيون ڏاڪو هيٺين ڏاڪي جي نفي ڪري ٿو ان کي ڪيڏي  ڦٿو ڪري ٿو پر پنهنجي قدم کي اڳتي وڌائڻ دوران پراڻي جون سٺيون خاصيتون ڪٺي پاڻ وٽ محفوظ رکي ٿو ۽ نيون خاصيتون پڻ وڌائي ٿو.**

### جدلي نفي:

اسين ڏسي آيا آهيون تہ نفيءَ جا سمورا قسم واڌاري جو وسيلو آهن، يا واڌاري طرف وٺي هلن ٿا، پر اچو تہ ايئن ڪريون جو هڪ ٻج کي پوکڻ ۽ ان لاءِ گهربل سموريون ضرورتون مهيا ڪرڻ کان سواءِ، ان کي سادي نموني تباهہ ڪريون. مثال



طور، ان کي ساڙي ڇڏيون. ڇا اها ٻج جي نفي نہ ٿي؟ هائو، اها برابر هڪ قسم جي نفي ٿي، پر اها جدلي نفي نہ آهي. اها نفي واڌاري جي هڪ وسيلي طور ڪم نہ ڪندي. اهو عمل لقاءُ کي ضايع ڪرڻ کان سواءِ ٻي ڪابہ خدمت نہ ٿو ڪري. لينن اهڙي نفيءَ کي ”بي مُلهہ“ نفي سڏيو، يعني اهڙي نفي جنهن جو اسان کي قُل نہ ملي.

زندگيءَ ۾ اهڙي نفيءَ سان واسطو پوندو رهي ٿو. ڪي ماڻهو وري هر هڪ شيءِ جي اهڙي ئي نفي ڪرڻ چاهيندا آهن، اهي ڪنهن بہ شيءِ ۾ ڀروسو نہ ڪندا آهن، اهڙن ماڻهن کي بي ڀروسا يا بي اعتباريا (نهيلسٽ) سڏبو آهي. ڪي ماڻهو وري اهڙا آهن جيڪي هر شيءِ، هر لقاءُ، هر عمل ۾ شڪ ڪندا آهن، اهڙن ماڻهن کي شڪ باز، شڪي طبع (اسڪيپٽڪس) سڏبو آهي. اهي بہ پنهنجيءَ پر ۾ هر شيءِ جي نفي ڪن ٿا، پر اها نفي پڻ ”بي مُلهہ“ نفي آهي. انهن جي نفي ”بي مُلهہ“، ”بي ڀروسي“ ۽ ”شڪ باز“ نفي آهي. لينن هميشہ اهڙي کوکلي نفيءَ تي سختيءَ سان تنقيد ڪندو هو. **نفي، جدلي نفي تڏهن بڻجي ٿي جڏهن اها واڌاري جو وسيلو بڻجي، جڏهن هر نئين شيءِ پراڻيءَ جون سموريون مُلهائتيون، ڪارائتيون، عمديون خاصيتون پاڻ وٽ محفوظ رکي.** نفيءَ جو عمل ختم ٿيڻ جوڳو نہ آهي. جدلي نفيءَ جي باري ۾ سڀ کان نُڪتو هيءُ آهي تہ اها پراڻي کي مڪمل طرح رد ڪرڻ کانسواءِ، ان جون سموريون سُٺايون ڪٺي، ان جي واڌاري واري ڏاڪي تي ”حاوي“ پئجي وڃي ٿي، ۽ اڳين جي نسبت وڌيڪ تيزيءَ سان واڌارو ڪري ٿي. نفي جيڪڏهن جدلي آهي تہ اها پراڻيءَ جو سمورو سُٺو ۽ ڪارائتو پاڻ وٽ محفوظ رکي ٿي.

بي اعتباريا ۽ شڪ باز مختلف نموني سوچن ۽ عمل ڪن ٿا. هنن جي بہ اها ساڳي ئي واٽ آهي جنهن تي سرمائيدار ۽ ڦورو هلن ٿا. مثال طور، جڏهن ڌرتيءَ جي گولي تي سوشلسٽ حڪومت نڪري نروار ٿي، تڏهن اهي ان جو وجود تسليم ڪندي پيا ڊڄندا هئا، ۽ چوندا هئا تہ اها رهي سگهي الائي نہ (شڪباز)، ۽ اهڙي حڪومت هلي نہ سگهندي (بي ڀروسا). اهي اڄ بہ ان ڳالهہ ۾ شڪ ڪن ٿا ۽ اعتبار نہ ٿا ڪن تہ ڪو پورهيتن وٽ سماج تبديل ڪرڻ ۽ حڪومت جو نظام هلائڻ جي لياقت آهي. اهي انهن قومن ۾ بہ ڀروسو نہ ٿا ڪن ۽ انهن ۾ شڪ ڪن ٿا، جن قومن سامراجي چنبي کان پنهنجي جند آزاد ڪرائي آهي. ويندي ڪي تہ اهڙا بہ آهن جيڪي پورهيتن جي، پنهنجي پارٽيءَ ۽ ان جي رهنمائيءَ ۾ بہ شڪ ڪن ٿا، ۽ انهن تي مڪمل ڀروسو نہ ٿا رکن. پر هُو نجي ڪچهرين ۾ چون ٿا تہ سچ الائي ڇا آهي، ٿي سگهي ٿو هيئنئن هجي يا هونئن هجي. اهڙن ماڻهن وٽ نظر ۽ سوچ جي ڪشادگي ڪونهي.

جڏهن سوشلسٽ رياستن ۾ ترقيءَ جا منصوبا رٿيا ويندا ته انهن منصوبن جي تڪميل ۾ به شڪ ڪن ٿا ۽ چون ٿا ته اهي خيالي رٿائون آهن، پر اڄوڪي تاريخي حقيقت ٻڌائي ٿي ته اهي منصوبا نه رڳو ڪامياب ٿيا آهن پر اڃا به اڳي کان اڳرا آهن. اهي ڏينهون ڏينهن تيز رفتاريءَ سان ترقي ڪري رهيا آهن.

انقلابي تعليم جا دشمن عام طرح اها نقش نگاري ڪن ٿا ته ڪميونسٽ رڳو تباهي ۽ بربادي مچائڻ چاهن ٿا، ۽ اهي ڪڏهن به تعميري ۽ تخليقي سرگرمي ڪري نه ٿا سگهن. پر ڇا اهو سچ آهي؟ نه، اهو سچ ڪونهي. ڪميونسٽ برابر تباهه ڪرڻ چاهن ٿا، پر هو جيڪو ڪجهه تباهه ڪرڻ چاهن ٿا اهو آهي ڦُرلٽ جو نظام، ظلم جو نظام، اڻ برابريءَ جو نظام، سامراجي نظام، سرمائيداري نظام، جاگيرداري نظام- ٻئي طرف وري هو اهڙي سماج جي تخليق ڪرڻ چاهن ٿا جنهن ۾ ڦُرلٽ ۽ ظلم ڪونهي، اهڙو نظام جيڪو ڀائيچاري، سُک سلامتيءَ، برابريءَ ۽ پيار ڀريو هجي. اهڙو سماج، جنهن ۾ انسان حقيقي طرح خوش ۽ آزاد هجي. ڪميونسٽن وٽ نفي هميشه تعميري تخليق سان ڳنڍيل آهي. اهي ڪميونسٽ ئي آهن جن ڦورو سماجن کي ختم ڪري، بي انتها تيزيءَ سان اهي ترقيون ڪري ڏيکاريون آهن، جن تي ڪيترائي دنگ رهجي ويا آهن. ڪميونسٽ هر ان شيءِ جي نفي ڪن ٿا، جيڪا رجعت پرست آهي، ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ آهي، جيڪا ناڪاره ٿي چڪي آهي، پر هُو هر نئين ۽ مُلهائتي شيءِ جي حفاظت ڪن ٿا، ان کي وڌائن ٿا ۽ ترقيءَ طرف وٺي هلن ٿا.

مثال طور ڪميونسٽ سڀي جو سڀي پراڻي ثقافت کي مڪمل طرح تباهه ۽ برباد ڪرڻ نه ٿا چاهن، ڇو ته هر ڦورو ثقافت ۾ هڪڙو اهڙو حصو به هوندو آهي جيڪو پورهيت ثقافت جو نمائندو هوندو آهي. تنهن ڪري ڪميونسٽ پراڻي ثقافت ۾ ڦورو، ظالم، جابر، حاڪماڻي ثقافتي عنصرن کي تباهه ڪن ٿا، ۽ ان جي جاءِ تي پورهيت ثقافت کي وڌائن ويجهائين ٿا، جيڪا پيار ۽ محبت، تخليق ۽ تعمير، انسان دوستيءَ ۽ امن جي پايي تي بيٺل آهي. اهو ئي سبب آهي جو چين ۾ عظيم ثقافتي انقلاب برپا ڪيو ويو. هن انقلاب ۾ نه رڳو پراڻي جي خراب کي تباهه ۽ برباد ڪيو ويو، پر پراڻي جي سُٺاين کي ڪڍي پورهيت قوتن وسيلي وڌائي ويجهائي، پورهيت نئين ثقافت، نئين هاري پورهيت ثقافت سان ملائي اڳتي وڌايو ويو.

## واڌاري جي ترقي ڪندڙ فطرت:

مٿي جيڪو ڪجهه بيان ڪيو ويو آهي ان مان اها ڳالهه پڌري ٿي اچي ٿي، ته نفيءَ جي نفي ڪري ٿيندڙ واڌارو، ترقي ڪندڙ فطرت جو مالڪ آهي. اهو قدرت ۽



سماج ٻنهي سان لاڳاپو ٿئي ٿو. قدرت ۾ اهڙو مثال ايئن ڏسي سگهون ٿا ته بي ساهه مادي مان واڌارو ۽ ترقي ڪري ساهواري شيءِ ٺهي پئي. ساڳيءَ طرح جانورن جي دنيا ۾ ارتقا ڪري، وڏي وڃي انساني هستيءَ جو ٺهڻ، سماجي زندگيءَ ۾ شروعاتي رعيتي راڄ، ڀائپيءَ ۽ برابريءَ واري سماج کان وڏي، ترقي ڪري، وڌيڪ عمدي، ڀائپيءَ واري سائنسي سماج، سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ سماج ۾ داخل ٿيڻ، شروعاتي غير سائنسي ۽ پراڻي وهمي ڄاڻ جي پيٽ ۾ نئين، ڀرپور سائنسي ڄاڻ، اهڙي ئي سادي کان وڌيڪ عمدي ۽ سادي کان وڌيڪ ڳُٽيل طرف واڌاري جو مثال آهن.

ساڳئي ئي قانون تحت پيدا ٿيل لياقتون جتي ڪٿي ڏسي سگهجن ٿيون. **واڌارو هميشه ترقي ڪندڙ آهي، هيٺين سطح کان مٿين سطح طرف، سادي کان ڳُٽيل طرف- نفيءَ جي نفيءَ واري قانون جي اها ئي معنيٰ آهي ۽ اهو قانون مارڪسي تعليم جي دنيا متعلق ڏاڍي اهم نُڪتئه نظر يعني ان جي اهم جوهر، روشن خيال، عقل پسندي، ڏاهپ پسندي (آپٽيمزم) کي بيان ڪري ٿو.** روشن خيالي هڪ فلسفيانه نُڪتئه نظر آهي، جيڪو انساني زندگيءَ کي ان ڏاڪي طرف وڌندڙ ۽ ترقي ڪندڙ ڏسي ٿو، جتي هوءَ وڃي مڪمل طرح نيڪ ناڪ (پرفيڪٽ) ٿيندي. نفيءَ جي عمل کي جدلي نموني سمجهڻ ڪانپوءِ ئي روشن خيالي پيدا ٿئي ٿي. هڪڙا ماڻهو اهڙا آهن جيڪي نفيءَ کي نفي ٿي، ختم ٿي وڃڻ واري نگاهه سان ڏسن ٿا، پر اهي جيڪي نفيءَ کي ترقيءَ جو بنياد سمجهن ٿا انهن وٽ ئي شين جي باري ۾ عقلمنديءَ ڀريو، روشن خيال ذهن پيدا ٿئي ٿو، روشن خيالي پيدا ٿئي ٿي، جيڪا دنيا متعلق مارڪسي نُڪتئه نظر جو بنياد آهي.

جيڪي خيال پرستيءَ جو بورزوا نُڪتئه نظر ڪٺي هلن ٿا اهي تنگ نظريءَ سان ڀريل آهن. انهن وٽ زندگيءَ جي باري ۾ بي مزي، هوا جي رخ ۾ هلندڙ ۽ چڙهندڙ سج کي سلام ڪندڙ نُڪتئه نظر آهي. جڏهن اهي سرمائيدار جاگيردار نظام جو خاتمو ٿيندي ڏسن ٿا تڏهن وٺي رڙيون ڪن ٿا ته سڄي جو سڄو انساني دماغ تباهيءَ طرف پيو وڃي. اهي ايندڙ ”نيوڪليائي جنگ“، ”تهذيب جي خاتمي“ ۽ ”دنيا جي خاتمي“ وغيره جي باري ۾ رڙيون ڪن ٿا. اها ڪوتاهه ۽ تنگ نظري وٽن ۽ خاص ڪري يورپ ۾ ان ڪري وڌي آهي جو اهي انساني ترقيءَ واري پاسي کان اکيون پوريو ويهو رهن. ٻئي طرف پارٽين اندر به تنگ نظر ماڻهو گهڙي ايندا آهن (يا ڪڏهن ڪڏهن ٿي ويندا آهن) ۽ اهي چوندا آهن ته منهنجي ڳالهه مڃو نه ته.... (آءُ پارٽيءَ کي بليڪ ميل ڪندس). پر سائنس ۽ عمل ٿورن جي ڇاڙتن فلاسافرن جي تنگ نظريءَ کي رد

ڪن ٿا ۽ ترقي ڪندڙ واڌاري کي ثابت ڪن ٿا. سائنس ۾ عمل ثابت ڪن ٿا ته واڌاري جو قانون اٽل، صحيح ۽ معروضي آهي.

هتي اهو سوال پيدا ٿئي ٿو ته ڇا سماجي زندگيءَ ۾ به واڌاري جو عمل هر حالت ۾ ٿيندو رهي ٿو؟ جواب آهي ته ها، واڌاري جو عمل هر حالت ۾ ٿيندو رهي ٿو. پر اهو به ڏسون ٿا ته ڪڏهن ڪڏهن ڪن، ڪنهن حد تائين وڏيڪ سڌريل حڪومتن تي به ڏاڍيون رجعت پرست ۽ ڪڙپيل سوچون رکندڙ ٽولا به قابض ٿي ويندا آهن. مثال طور، جرمنيءَ ۾ هٽلر جي حڪومت، يونان ۾ ”ڪارن ڪرنلن“ جي حڪومت، اُتر ويٽنام ۾ آگسٽ 45ع انقلاب کان پوءِ فرانسيسي سامراجين جي حڪومت ۽ ٻين ڪيترن ئي ملڪن تي رجعت پرستن، ڇاڙتن، جرنلن جي حڪومت وغيره

انساني تاريخ ۾ سماجي واڌاري ۾ ايئن ٿيندو رهندو آهي، ڪٿي ڪٿي ترقيءَ ۾ رُخنو پوندو رهندو آهي، ڪي رجعت پرست قوتون سماجي ترقيءَ کي روڪڻ ۽ پوئتي ڌِڪڻ جون ڪوششون ڪنديون رهنديون آهن. انساني سماج جي تاريخ هميشه يڪي سڌي ليڪ ۾ ڪونه ٿي هلي، ان ۾ هزارين ور وڪڙ ۽ لاهيون چاڙهيون اچن ٿيون، هيٺ مٿاهيون اينديون رهن ٿيون. ڪڏهن ڪڏهن هڪ وک اڳتي وڌائڻ ته ٻه وکون پوئتي هٽائڻ تي مجبور به ٿي سگهجي ٿو پر پوءِ به مجموعي طرح انساني سماج اڳتي وڌي ٿو. اهڙيون حرڪتون مجموعي طرح سڄي انساني سماج تي، انساني تاريخ تي هميشه لاءِ، لاڳيتو اثرانداز ٿي نه ٿيون سگهن. هٽلر هارائي ويئو. فرانسيسي سامراج ويٽنام ۾ شڪست کاڌي، رجعت پرستن، ڇاڙتن ۽ جرنلن جون حڪومتون ڍهي پيون. سماجي تاريخ بدلائيندڙ به ور وڪڙ ۽ لاهيون چاڙهيون ڪندا، پوئتي هٽندا ۽ اڳتي وڌندا رهيا آهن پر اهي نيٺ سوڀ ماڻيندا آهن. سماج ۾ ترقي پسند قوتن جي هوري هوري پر لاڳيتي سوڀ، سماجي ترقيءَ جو رخ مقرر ڪندڙ سماجي واڌاري واري قانون هيٺ ٿئي پئي. اهو ناممڪن آهي جو تاريخ ۾ نئين ۽ ترقي ڪندڙ کي مڪمل طرح دٻائي سگهجي. جيئن هر اونداهي رات کانپوءِ لازمي ۽ اٽل نموني صبح ٿيڻو آهي، اهڙيءَ طرح نئين ۽ ترقي ڪندڙ جي سوڀ به اٽل ۽ لازمي آهي.

****

اسين جدلي ماديت جي ٽن ڏاڍن اهم قانونن تي بحث ڪري آيا آهيون. مٿين بحثن مان اها ڳالهه به چٽي ٿي آئي آهي ته هن وقت تائين ڪيل سمورو بحث هڪٻئي سان واسطو رکي ٿو پر قانونن جو پاڻ ۾ لاڳاپو خاص طرح ظاهر آهي. ايندڙ



بحثن ۾ به اهڙيون ڪيتريون ئي ڳالهيون آهن. ايئن چئجي ته سموريون ڳالهيون هن وقت تائين ڪيل بحث سان گهاٽو واسطو رکن ٿيون، ۽ پاڻ ۾ به گهاٽو واسطو رکن ٿيون. هر هڪ شيءِ، هر هڪ بحث، هر هڪ نُڪتو جتي پنهنجو پاڻ مڪمل آهي اتي ٻين سمورين ڳالهين سان به ڳنڍيل آهي. پر هتي ڪجهه اهڙو مثال بيان ڪرڻ چاهيون ٿا جنهن جو واسطو خاص طرح ٽنهي قانونن سان هجي. (هن مثال جو واسطو اڳ ۾ بيان ڪيل ۽ پوءِ بيان ۾ ايندڙ سمورين ڳالهين سان پڻ آهي). هن ڌرتيءَ تي حياتيءَ جو مثال وٺو.

بنيادي طرح سمورن ساهوارن (وڻن ٻوٽن جانورن) جي ته ڇا پر ٻي جان شين جي بناوت به اليڪٽرانن، ايٽمن جي ٿيل آهي. جيڪڏهن هن ڌرتيءَ تي موجود سڀني شين کي ونڊيندا ورهائيندا ويندا سون ته اسان کي لڳ ڀڳ 103 قسمن جا نج ايٽم ملندا: هائيڊروجن، آڪسيجن، نائٽروجن، لوهه، سون، پارو، يورينيم وغيره اهڙيون ئي نج شيون يعني عنصر آهن. هر ساهواري ۾ ڏهه ٻارهن مختلف قسمن جا ايٽم ٿين ۽ انهن ڏهن ٻارهن ايٽمن جي مختلف تعدادن جي مختلف صورت ئي هر ساهواري کي جوڙي ٿي. لوهه، چونو سلفر، فاسفورس، ڪلورين، آيوڊين وغيره معمولي تعداد/ مقدار ۾ موجود آهن، پر سڀ کان وڏيڪ بنيادي آهن هائيڊروجن، آڪسيجن، نائٽروجن ۽ خاص طرح اهم آهي ڪاربن. اهي هر ساهوارو جوڙيندڙ عنصر، هن ڌرتيءَ تي ايڏي ته وڏي مقدار ۾ موجود آهن، جيڏي وڏي ڌرتي.

جڏهن ڌرتي ٻرندڙ گولي مان ٺرندي ٺرندي نيٺ وڃي انهيءَ ڏاڪي تي پهتي، جو هتي ڪيترين ئي شين وجود ۾ آيون. مثال طور، هائيڊروجن ۽ آڪسيجن گئسون پاڻ ۾ مليون، مقداري تبديليون ٿيون، ارتقائي ڏاڪو طئي ٿيو ڇال آيو انقلاب آيو، پراڻي جي نفي ٿي ۽ نئون ظاهر ٿيو اهو آهي پاڻي. انهيءَ اندر تضاد جا اُبتڙ پاسا چرپر جي ڪيميائي شڪل ۾ موجود هئا ۽ هينئر چرپر جي طبعي (فزيڪل) شڪل به وڌي، اهڙيءَ طرح ڪروڙين اربن جي تعداد ۾ پاڻيءَ جا مرڪب ٺهيا. اهو ئي عمل ڪيترن ئي عنصرن جي وچ ۾ ٿيو ۽ سوين هزار قسمن جا مرڪب ٺهيا. هر هڪ مرڪب ڪروڙين اربن جي تعداد ۾ ٺهيو. هڪڙي قسم جي مرڪب جو نالو آهي ”امائينو ايسڊ“ جنهن مان وڌي وڃي ٻئي قسم جو مرڪب پروٽين ٺهيو. پروٽين جا به لکين مرڪب ٺهيا. انهن مرڪبن مان ڪجهه مرڪبن ۾ اُبتڙن جو ٽڪر، مقداري تبديلين ۽ نفيءَ جو عمل، هوري هوري ارتقائي تبديليءَ جي ڏاڪي مان گذري، ڇال واري حد کي پهچي، ڇال کائي، انقلابي دؤر مان لنگهيو. نيون خاصيتون نئين صورت ۾ ظاهر ٿيون، ۽ ان نئين صورت کي چئون ٿا جيئري، زندهه حياتيءَ پري.

اهڙيون ساهواريون شيون به ڳولي لڌيون ويون آهن جيڪي عام ماحول ۾ ته جٽڪ بي جان مرڪب آهن. پر جڏهن اهي پنهنجي ڪنهن مخصوص ماحول ۾ اچن ٿا تڏهن اهي زندگيءَ جون نشانيون ڏيکارن ٿا. ڊاڪٽريءَ جي علم ۾ اهڙن ننڍڙن جاندارن مان ڪجهه جو نالو آهي "وائرس."

وائرس ايترا ته ننڍڙا آهن جو انهن کي ڏاڍي طاقتور خوردبين وسيلي به ڏاڍي ڏکيائي سان ڏسي سگهجي ٿو. مختلف قسم جي وائرسن جي قدبُت ۾ فرق آهي ۽ هرهڪ قسم لکين ڪروڙن جي تعداد ۾ موجود آهي. مثال طور، چيتي ڪتي جي ڳِگ ۾ موجود وائرس جو نالو آهي "رئبيز وائرس". اهي چيتي ڪتي جي چڪ وسيلي انساني بدن ۾ پهچي "پاڻيءَ کان ڀوَ" واري بيماري پيدا ڪن ٿا. زئبيز وائرس رڳو چيتي ڪتي ۽ انساني بدن ۾ حياتيءَ واريون نشانيون ڏيکارن ٿا، نه ته اهي جٽڪ بي جان مرڪب آهن. اهڙيءَ طرح سوين قسم جا وائرس پنهنجي پنهنجي مخصوص ماحول ۾ حياتيءَ جون نشانيون ڏيکارن ٿا، نه ته اهي جٽڪ بي جان مرڪب آهن. "ماتا" ۽ "ارڙي" بيماريون به ڪن مخصوص قسم جي وائرسن ڪري ٿين ٿيون.

وائرس کان مٿيون، عمدو سنو ۽ وڌيڪ ڀرپور حياتيءَ ڀريو ڏاڪو "بيڪٽيريا" ڏيکارن ٿا. اهي وائرس کان وڌيڪ ڳتيل مرڪب آهي ۽ انهن کي طاقتور خوردبيني/ ٽِچ ويک وسيلي ڏسي سگهجي ٿو. هڪڙا بيڪٽيريا ٽيڪرن جيان ٿين ٿا ته ٻيا پٽڪڙين لنين وانگر. انهن جا ڪجهه قسم انساني ۽ وڻن جي حياتيءَ لاءِ فائديمند به آهن ۽ نقصانڪار به. انهن جا به ڪيترائي قسم آهن ۽ هر هڪ قسم جو بيڪٽيريا لکن جي تعداد ۾ موجود آهي. ٽي بي بيڪٽيريا ٽي بي بيماري پيدا ڪن ٿا، ۽ جيڪڏهن اسين پنهنجي مُنهن تي هٿ مهٽيون ته سوين هزار بيڪٽيريا هٿ تي چنبڙي لهي ايندا.

بيڪٽيريا کان مٿيون، وڌيڪ سنو وڌيڪ ڳُتيل جاندار آهي هِڪ جِيوَ-گهرڙي وارو ساهوارو ۽ انهن مان وڌيڪ مشهور آهي ايميبا. هونئن ته جنهن جيتامڙي وسيلي مليريا ٿئي ٿي، اهو ايميبا کان ننڍو پر بيڪٽيريا کان وڏو آهي. ايميبا کي عام خوردبينيءَ وسيلي ته ڏسي سگهجي ٿو پر عام نظر سان ڏسي نه ٿو سگهجي. ايميبا اُبرندڙ پاڻيءَ کانسواءِ لڳ ڀڳ هر ماحول ۾ زندهه رهڻ جي خاصيت رکي ٿو پنهنجي خوراڪ جي ذرڙن ۽ دشمنن جي وچ ۾ فرق ڪري سگهي ٿو دشمن کان بچاءُ ڪري ٿو ۽ پنهنجي شڪار تي حملو ڪري ٿو ۽ پنهنجو نسل به وڌائي ٿو وغيره.



گهڻن جيو گهرڙن (سيلن) وارا ساهوارا اڃا به عمديون، ڳتيل، پيچيده ۽ وڌيڪ شاندار خاصيتون ڏيکارن ٿا. هر اهو ساهوارو جيڪو اکين سان ڏسي سگهون ٿا انهيءَ ۾ سوين جيو گهرڙا ٿين ٿا. مثال طور، انسان ۾ لکين ڪروڙ جِيوَ گهرڙا آهن.

پراڻين جنسن مان نيون جنسون نهن ٿيون. هڪ جنس مان مختلف قسم جون جنسون ٺهن ٿيون. انهن سڀني مان وڌيڪ شاندار، پلي، وڌيڪ ڳتيل عملن واري ۽ وڌيڪ ڀرپور جنس آهي انسان، جنهن وٽ شعور به آهي.

هيٺين سطح کان مٿين ڏانهن، سادي کان عمدي ڏانهن، هڪ خاصيت کان ٻيءَ خاصيت ڏانهن، هڪڙين خاصيتن کان ٻين خاصيتن ڏانهن، پراڻي کان نئين ڏانهن لاڳيتي تبديلي ٿيندي رهي ٿي.

ايٽم، عنصر، مرڪب، ٻي ساهه سادو مرڪب، ساهوارو سادو مرڪب، ساهوارو ڳتيل مرڪب، ساهوارو وڌيڪ عمدو مرڪب، وائرس ۽ ان جا ڪيترائي قسم، بيڪٽيريا ۽ ان جا ڪيترائي قسم، هڪ جيو گهرڙي وارا جيتامڙا ۽ انهن جا ڪيترائي قسم، گهڻن جيو گهرڙن وارا ساهوارا ۽ انهن جا ننڍا وڏا، سادا عمدا ڪيترائي قسم، مختلف جنسون، جنسن جون جنسون ۽ پراڻين جنسن منجهان نيون جنسون.... ۽ ايئن ئي پراڻي سماج مان نئون سماج ۽ نئين سماج جي پوڙهي ٿيڻ ڪري ان مان اچا وڌيڪ نئون سماج- نه رڳو مقداري تبديلين جي خاصيتي تبديلين ۾ بدلجڻ جي قانون، ٻن اُبتڙ پاسن جي پاڻ ۾ هيڪڙائيءَ ۽ ٽڪر واري قانون، پر نفيءَ جي نفيءَ واري قانون جي تصديق ڪن ٿا. سڄي ڪائنات، سڄي حياتي، سڄو سماج، سڄو شعور، سمورا لقاءَ، هر هڪ عمل انهن قانونن جي دائري کان ٻاهر ڪونه آهن. هي قانون سڄي ڪائنات ۽ ان جي هر هڪ لقاءَ سان لاڳو ٿيندڙ وڌيڪ عام قانون آهي.

## مارڪسي جدليات جا بنيادي درجا:

### فلسفيانه درجا ڇا آهن؟

ماڻهو "عام تصور جي موجودگي" کان سواءِ ڪجهه به ڪري نه ٿو سگهي. مثال طور، حياتيءَ جي علم جا ماهر جڏهن ڪنهن به ساهواري جو اڀياس ڪن ٿا تڏهن انهن کي جيو گهرڙي جي باري ۾ ضرور ڄاڻڻو پوندو. ڇو ته هر هڪ ساهوارو جيو گهرڙن جو ٺهيل آهي. انهن کي لازمي طرح اهڙن سوالن سان مُنهن ڏيڻو پوندو: سمورن جيو گهرڙن جون مجموعي خاصيتون ڪهڙيون آهن. انهن ۾ وڌيڪ عام ڇا آهي؟

حياتيءَ جي علم جي ماهرن کي. ان ڪري، جيو گهرڙي جو وڏيڪ عام ۽ سائنسي تصور تخليق ڪرڻو پوندو. گهڻن جيو گهرڙن واري ساهواري ۾ ڪيترن ئي قسمن جا جيو گهرڙا ٿين ٿا – دل جي گوشت جا جيو گهرڙا، عام گوشت جا جيو گهرڙا، ڦڦڙن جا جيو گهرڙا، دماغ جا جيو گهرڙا، آنڊن جا جيو گهرڙا، هڏين جا جيو گهرڙا وغيره. هر هڪ مخصوص قسم جي جيو گهرڙن جي بناوت، شڪل ۽ ڪجھ خاصيتون مختلف ٿين ٿيون. هاڻي جڏهن "جيو گهرڙي" جي عام تصور جي ڳالھ ڪريون ٿا تڏهن جيو گهرڙي جون اُهي خاصيتون بيان ڪرڻيون پونديون جيڪي هر جسم جي سيني جيو گهرڙن ۽ ساهواري جي سمورن جيو گهرڙن جو بنيادي ۽ وڏيڪ عام تصور ڏين. جڏهن چئون ٿا تہ جيو گهرڙو وڌي ويجهي ٿو ۽ کاڌ خوراڪ حاصل ڪري ٿو هر جيو گهرڙو جيئري وجود جون خاصيتون رکي ٿو تڏهن اهڙي تشريح رڳو هڏين يا گوشت جي جيو گهرڙن جي خاصيت بيان نہ ٿي ڪري، پر هر ساهواري (وڻن ٽوڙي جانورن) جي هر هڪ جيو گهرڙي جي بنيادي خاصيت بيان ڪري ٿي. لفظ جيو گهرڙو ساهوارن جي دنيا ۾ هڪ وڏو ۽ وڏيڪ عام تصور آهي.

اهو ئي سڀ ڪجھ فزڪس جي علم سان بہ ٿئي ٿو. مثال طور، فزڪس جو ماهر شڪتيءَ جي مختلف قسمن جو اڀياس ڪري ٿو ۽ پوءِ شڪتيءَ جي باري ۾ وڏيڪ عام تصور ڏئي ٿو.

**اهڙا وڏيڪ عام تصور جيڪي لقائن ۽ شين جو وڏيڪ عام مُنهن مهاندو يا ڏيک ظاهر ڪن، انهن کي درجو چئجي ٿو.** هر هڪ سائنس پنهنجا وڏيڪ عام تصور يا درجا تخليق ڪري ٿي.

پر ڇا سائنس جي مخصوص شاخن طرفان مهيا ڪيل وڏيڪ عام تصور يا درجا اسان جي لاءِ ڪافي آهن؟ هر هڪ سائنس پنهنجي مخصوص دائري اندر وڏيڪ عام تصورن جو اڀياس ڪري ٿي. پر اسين اڳواٽ ئي ڄاڻي آيا آهيون تہ ڪيترين ئي وڏيڪ عام شيون يا درجا آهن، جيڪي ڪنهن هڪ سائنس يا گڏيل طرح سمورين سائنسن جي دائري کان ٻاهر آهن. مادو، چرپر وغيره وڏيڪ عام تصور آهن. ڇا سائنس **اهڙن وڏيڪ عام تصورن** جي ڳولا ڪري ٿي؟ نہ. ڪابہ سائنس اهڙن وڏيڪ عام تصورن سان بحث ڪونہ ٿي ڪري. فزڪس، ڪيميا، حياتيءَ جو علم (بائلاجي) وغيره رڳو پنهنجي مخصوص دائرن ۾ حقيقت جو اڀياس ڪن ٿا.



شين جون وڏيڪ عام خاصيتون **فلسفيانہ درجن** وسيلي ئي ظاهر ڪري سگهجن ٿيون. مثال طور "مادو"، "چرپر"، "خلا"، "وقت"، "خاصيت"، "مقدار"، "تضاد" وغيره فلسفيانہ درجا آهن.

**فلسفيانہ درجا سڀ کان وڏيڪ عام تصور آهن.** اسين اهو چٽيءَ طرح ڏسي سگهون ٿا تہ اسين پاڻ کي فزڪس، ڪيميا وغيره يا گڏيل طرح سيني سائنسن وسيلي اڀياس ڪيل درجن تائين محدود ڪري نہ ٿا سگهون. فلسفيانہ درجا ۽ تصور رڳو لقائن جي وڏيڪ عام خاصيتن کي ظاهر ڪن ٿا. هاڻي اهڙن درجن تي بحث ڪنداسون.

### سبب ۽ نتيجو:

اسان پنهنجي روزاني زندگي ۽ عمل ۾ اهو مڙيو ئي پيا پڇندا رهندا آهيون تہ هن يا هُن لقاءُ يا عمل جو سبب ڪهڙو آهي. هي انهن سوالن مان هڪ سوال آهي جيڪو اسان جي چوڌاري موجود شين يا لقائن جي بنيادي فطرت کي سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿو. قديم يوناني فلاسفر دمقراط ڪنهن سبب ڪري اهو لکيو: "آئون پرشيا جي بادشاهہ ٿيڻ کان وڏيڪ بهتر ٿو سمجهان تہ گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن هڪ شيءِ جو حقيقي سبب ڳولي لهان."

تہ پوءِ فلسفي جي درجي جي حيثيت ۾ "سبب" ۽ "نتيجو" ڇا آهن؟ اسين پنهنجي تجربي مان اها ڳالھ ڄاڻون ٿا تہ ڪجھ بہ نہ مان ڪجھ بہ نہ ئي حاصل ٿيندو. هر هڪ لقاءُ کي پنهنجو وسيلو آهي، جنهن جي ڪري لقاءُ جڙي ٿو ۽ اهو ئي آهي جنهن کي "سبب" چئجي ٿو. **سبب اهو آهي جيڪو واقعي کي وجود ۾ آڻي ٿو يا ڪنهن بہ شيءِ يا لقاءُ جي ظاهر ٿيڻ لاءِ ميدان تيار ڪري ٿو ۽ سبب جي ڪري جيڪو ڪجھ ظاهر ٿئي ٿو ان کي سبب جو اثر، نتيجو يا عمل سڏجي ٿو.**

جڏهن بہ اسان جي آڏو ڪو بہ لقاءُ ٿئي ٿو تڏهن هر هڪ ماڻهو پهريون سوال ئي اهو پڇي ٿو تہ ائين ڇو ٿيو؟ ڇو! لفظ، سوال ئي آهي جيڪو اسان کي ڪنهن بہ لقاءُ يا عمل جي بنياد، سبب ڏانهن وٺي هلي ٿو. بجلي ڇو هلي وئي، پاڻي ڇو اُبريو پٿر پٽَ تي ڇو ڪريو، حادثو ڇو ٿيو، سماج ڇو تبديل ٿيو طبقا ڇو ٺهيا، مٿيان طبقا ظلم، ڦرلٽ، ٺڳيون، چالاڪيون، بي ايمانيون ڇو ٿا ڪن ۽ پنهنجي ظلم کي لڪائڻ لاءِ ڪوڙ ڇو ٿا ڳالهائن ۽ مذهب جي آڙ ڇو ٿا وٺن. سامراج جي چوڻ تي حڪومتون ڇو ٿيون تبديل ٿين، جنرل اقتدار ۾ ڇو ٿا اچن، بنگلاديش آزادي ڇو ورتي، آزادي ڇني

چو ونبي آهي، پاڪستان چو ٿهيو وطن دوست ماڻهن کي ملڪ جو غدار سڏي جيلن ۾ بند چو ٿو ڪيو وڃي، ڪوڙا، ڦٽڪا، ڏنڊا ۽ ٻيون غير انساني سزائون چو ٿيون ڏنيون وڃن. سنڌي، بلوچي، پنجابي، پشتو ٻولين جي ترقيءَ کان اردودان چو ٿا ڏڄن. ارغونن سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش چو ڪئي، يوناني، ايراني، عرب، ارغون، ترخان، مغل ۽ انگريز سنڌ تي ڪاهه ڪري چو آيا. انگريزن پنهنجو اقتدار چو مڙهيو، انگريزن خلاف جنگ چو وڙهي وئي، انگريز سامراج خلاف جنگ جائز آهي ته موجوده سامراج ۽ ان جي چاڙتن جي خلاف جنگ جائز چو ”نه“ آهي، ڊڪٽيٽر هٽلر خلاف جنگ جائز آهي ته هاڻوڪن ڊڪٽيٽرن خلاف جنگ جائز چو ”نه“ آهي، سامراج خلاف جنگ چو ٿي ڪجي، جاگيرداري- سرمائيداريءَ خلاف جنگ چو ٿي ڪجي، ويٽنامين فرانسي سامراج، جپاني سامراج ۽ آمريڪي سامراج سان گڏوگڏ جاگيرداري- سرمائيداري سماج خلاف جدوجهد چو ڪئي، قومي ۽ طبقاتي ويڙهه چو ڪبي آهي، انقلاب برپا ڪرڻ چو ضروري آهي، سنئو ٻائپيءَ ۽ برابريءَ وارو، پيار ۽ امن ڀريو سماج تخليق چو ڪجي، وغيره وغيره. ساڳيءَ طرح ”چا ٿيو“ سوال وري اسان کي سبب جي نتيجي ڏانهن وٺي هلي ٿو ۽ ”ڪيئن ٿيو“ سوال وري سبب ۽ نتيجي جي طريقيڪار کي بيان ڪري ٿو.

چو، چا، ڪيئن- اهي ٽي لفظ، ٽي سوال ئي موجوده وقت تائين ڪيل کوجنائن ۽ حاصل ڪيل علم جو سبب آهن. جيڪڏهن اهي ٽي سوال وجود ۾ نه اچن ها ته جيڪر هن ڌرتيءَ تي ڪوبه اهڙو انسان نه هجي ها جنهن کي عقل وارو، ذهين، ڏاهو چئي سگهون ها، هن وقت تائين انسان ڪنهن به شيءِ يا لقاءُ کي سمجهي نه سگهيو هجي ها.

هر هڪ کي گهرجي ته هُو **سبب** ۽ **بهاني** ۾ فرق ڪري. بهانو چا آهي؟ اچو ته ان کي ڪجهه تاريخي مثالن سان سمجهون. لڳ ڀڳ 140 سال اڳ ڪنهن فرانسي وزير الجيريا ۾ اهڙو ذليل رويو اختيار ڪيو جو الجيري گورنر پنهنجو پاڻ کي روڪي نه سگهيو، هن کي سخت ڪاوڙ اچي وئي ۽ هن پنهنجي هٿ ۾ جهليل پکو فرانسي وزير جي مُنهن تي وهائي ڪڍيو. جيتوڻيڪ اهو عمل عام اخلاقن جي خلاف هو پر پوءِ به ڪو ايڏو وڏو سبب ڪونه هو جو ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ جنگ ڇيڙي وڃي. پر فرانسي ته اهڙي موقعي جي تاڙ ۾ هئا، هو ڄاڻي ٻُجهي ذليل حرڪتون ڪندا هئا ته جيئن الجيريا کي غلام بڻائڻ لاءِ پنهنجون فوجون چاڙهي موڪلن. ان ڪري



هڪ اهڙو واقعو جيڪو حقيقت ۾ غير اهم هو (۽ هڪ ذليل حرڪت جو ردعمل هو)، الجيرين جي حياتيءَ لاءِ ڏاڍو اهم ٿي پيو. اهو صاف ظاهر آهي ته اهو هڪ بهانو هو. فرانسي مداخلت جو حقيقي سبب ڪو ٻيو هو. فرانسي غلام بڻائيندڙن جون ٻکيون نظرون ڪيتري ئي عرصي کان الجيريا جي دولت تي کُتل هيون ۽ هو انهيءَ تاڙ ۾ هئا ته ان دولت کي ڪيئن حاصل ڪجي. جيڪڏهن پکي هڻڻ وارو واقعو نه ٿئي ها ته هُو ڪو نه ڪو ٻيو بهانو گهڙي يا پيدا ڪري وٺن ها، چو ته انهن کي ”قيمتي موتي“ بهرحال ڦٻائڻو هو (”قيمتي موتي“ انهن ڏينهن ۾ الجيريا کي سڏيو ويندو هو.)

ويٽنام ۾ جڏهن آمريڪين مداخلت ڪئي تڏهن هنن جو چوڻ هو ته هُو اتي ڏکڻ ويٽنام ۾ ”ماريو“ ويندڙ ”حقن“ جا ”محافظ“ بڻجي آيا آهن. سندن چوڻ هو ته اتي هڪ انسان- دوست جمهوري حڪومت قائم ڪرڻي هئي، پر اڄوڪو ٻار ٻار ڄاڻي ٿو ته ويٽنام ۾ آمريڪين جي مداخلت جو حقيقي سبب اتي جي عوام کي تحفظ ڏيڻ نه، پر انهن کي پنهنجو غلام بڻائڻ، اتي پنهنجا فوجي اڏا قائم ڪرڻ ۽ روس ۽ چين خلاف پنڌي ٻارڻ هو.

ساڳيءَ طرح هن ننڍي ڪنڊ ۾ نئين ملڪ گهڙڻ لاءِ بيان ڪئي ويندڙ بهاني ۽ حقيقي سبب ۾ وڏو فرق آهي. مطلب ته بهانو سبب کان ڇِڙو فرق رکي ٿو. ڪوبه واقعو لقاءُ يا شيءِ ٿيڻ جو بنياد، سبب هوندو آهي. **بهانو هڪ ڍڪ آهي، هڪ پردو آهي، هڪ هٿ-ٺوڪي ڳالهه آهي، جيڪا ڪنهن عمل ڪرڻ لاءِ گهَڙي وئي هجي.** بهانو حقيقت کان لنوائڻ ۽ حقيقت کي لڪائڻ لاءِ گهڙيو ۽ استعمال ڪيو ويندو آهي. جيڪي حقيقت کي لڪائي ڪو مفاد حاصل ڪرڻ چاهيندا آهن، اهي پنهنجي گهڙيل بهاني کي سبب ڪري پيش ڪندا آهن.

**فلسفي جا ٻه درجا ”سبب“ ۽ ”نتيجو“ ٻن شين يا لقائن جي وچ ۾ موجود ڳانڍاپي کي ظاهر ڪن ٿا. سبب جي ڪري جيڪو ڪجهه ظاهر ٿئي ٿو اهو آهي نتيجو ۽ اهڙي ڳانڍاپي يا ناتي کي سببي رشتو يا سبب پٺو چئجي ٿو.**

### سبب پٺو:

سببي رشتو حقيقي وجود رکندڙ شين ۾ موجود آهي. جهڙيءَ طرح دنيا جي هر هڪ شيءِ ۽ لقاءُ انساني سوچ سمجهه کان آزاد يعني معروضي وجود رکن ٿا، اهڙيءَ طرح شين يا لقائن جو سبب به معروضي طرح وجود رکي ٿو. (بهانو ذهني طرح گهڙيل ۽ موضوعي هوندو آهي). سبب ۽ نتيجي جي وچ ۾ ڳانڍاپي جو سڀ کان وڏيڪ اهم

نُڪتو ڪهڙو آهي؟ **سبب ۽ نتيجي جي وچ ۾ ڳانڍاپي جو سڀ کان وڌيڪ اهم نُڪتو هيءُ آهي تہ اهي معروضي طرح وجود رکن ٿا.** خيال پرست بهرحال، سبب ۽ نتيجي جي معروضي هجڻ کان لنوائن ٿا. هو اهو چون ٿا تہ سبب پٽي جو تصور ماڻهوءَ جو ايجاد ڪيل آهي ۽ اهو ان ڪري ايجاد ڪيو ويو آهي تہ جيئن ”قدرتي لقائن جي بگڙيل صورت“ ۾ هڪ ترتيب پيدا ڪري سگهجي ۽ پنهنجي سوچ کي وڌيڪ ”بچت ڪندڙ“ ۽ ”آرامده“ بڻائي سگهجي. موضوعي خيال پرست برڪلي اها پئي ڪوشش ڪئي تہ سبب پٽي کي مڪمل طرح رد ڪري، ان کان ڪنڌ ڪڍائي وڃي. هيومر ۽ ڪانٽ بہ ساڳيءَ طرح سبب پٽي جي **معروضي** نوعيت کي رد ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون. پر سوال هيءُ آهي تہ ڦورن جا نمائندا فلاسفر سبب پٽي جي ماديتي اُصول تي حملا ڇو ٿا ڪن؟ ان ڪري جو اسين ڦورو سماجن جي چنڊڇاڻ ڪرڻ کان پوءِ ان نتيجي تي پهچون ٿا تہ حاڪم طبقا هيٺين طبقن تي ظلم ڪن ٿا ۽ انهن جي پورهيي کي هڙپ ڪن ٿا، ان ڪري اسان لاءِ اهو لازمي ٿيو پوي تہ **ڦورو سماج کي ڊاهڻ لاءِ سبب ڳوليو وڃي.** جيئن تہ ڦورو ۽ وهمي ماحول ۾ مٿين طبقن جي ڪيل ڦرلٽ مان خيال پرستن کي بہ حصا پتيون ملن ٿا، ان ڪري هو نہ ٿا چاهن تہ اهڙي سماج کي ڊاٺو وڃي جنهن مان کين مفت جون ٽڪيون پيون ملن.

**سبب پٽي جو ٻيو اهم نُڪتو هيءُ آهي تہ سببي رشتا دنيا جو عام ڏيک آهن، سببي رشتن جو قانون مادي دنيا جو وڌيڪ عام قانون آهي.** دنيا ۾ ڪوبہ اهڙو لقاءُ ڪونهي جيڪو هن قانون تحت نہ هجي. دنيا جي هر لقاءُ جو بڻ بنياد مادي ۾ لڪل آهي. هر هڪ ماڻهوءَ جو پنهنجو تجربو ئي ٻُڌائي سگهندو تہ سبب پٽي واري قانون کان ٻاهر ڪابہ شيءِ ڪانهي. جڏهن بہ دنيا ۾ ڪجهہ بہ ٿئي ٿو تڏهن اسين سڀ کان پهريائين ان جو سبب جاچيون ٿا.

**هن قانون جي باري ۾ ٽيون اهم نُڪتو اهو آهي تہ سببي ڳانڍاپو عمل پريو يعني سرگرم آهي.** هر هڪ سبب ڇٽيءَ طرح ڪونہ ڪو نتيجو ظاهر ڪري ٿو. ڪجهہ ظاهر ڪرڻ ئي سبب رشتي جي سرگرمي آهي. ڪنهن بہ سبب جي ڪري ظاهر ٿيل نتيجي کي وري ڪجهہ نہ ڪجهہ پنهنجا اثر بہ آهن. جيڪڏهن سج جا ڪرڻا هڪ آلي ڪپڙي تي پون ٿا تہ ان کي سُڪائڻ جو اثر ظاهر ڪن ٿا، پر جيڪڏهن اهي ميڻ يا ڏامر تي پون ٿا تہ انهن کي رجايو ڇڏن. جيڪڏهن سج جي شڪستي ڪنهن ٻوٽي تي پوي ٿي تہ اجا بہ ٽيون اثر ڏيکاري ٿي، يعني ان جي اثر ڪري ٻوٽيءَ جي



حياتيءَ جا اهم بنيادي عمل شروع ٿي وڃن ٿا. اها ڳالهہ اسان کي سيکاري ٿي تہ سبب جيڪو بہ نتيجو پيدا ڪري ٿو، ان کي ٻين شين يا لقائن سان ڪو نہ ڪو رشتو ضرور آهي. ان ڪري ئي سبب ۽ نتيجي جي رشتي تي ڳالهايون ٿا.

مٿي ڪيل بحث مان اهو نتيجو ڪڍي سگهون ٿا تہ **سببي ڳانڍاپا معروضي، عام ۽ سرگرم رشتا آهن.**

## سبب ۽ نتيجي جو پاڻ ۾ هڪ ٻئي تي عمل:

**سبب ۽ ان جو نتيجو هڪ ٻئي تي بہ عمل ڪن ٿا.** مثال طور مادو شعور پيدا ڪري ٿو، پر موٽ ۾ شعور پڻ مادي جي مدد سان هڪ سرگرم حصو وٺي مادي تي اثرانداز ٿئي ٿو. **سبب ۽ نتيجي جو پاڻ ۾ هڪ ٻئي تي عمل سبب ۽ نتيجي جو هڪ ٻئي تي دارومدار ۽ هڪ ٻئي تي اثر ظاهر ڪري ٿو.**

پر ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ سبب ۽ نتيجو هڪ ٻئي تي هڪ جيترو اثرانداز ٿين ٿا. اها ڳالهہ قطعي نہ وسارڻ گهرجي تہ ڪنهن بہ سببي ناتي ۾ اُهو سبب ئي آهي جيڪو اول، بنيادي ۽ فيصلي ڪن ڪردار ادا ڪري ٿو. نتيجو بہ جيتوٽيڪ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو پر اهو ثانوي آهي. هيءَ ڳالهہ سمجهڻ ڏاڍي ضروري آهي. جڏهن ڪوبہ اهڙو لقاءُ ڪنيو وڃي. سببي ڳانڍاپي ۾ سبب ۽ نتيجو ڳولڻو هجي، تڏهن اوليت بهرحال سبب کي حاصل آهي. اهو سبب ئي آهي جيڪو نتيجو پيدا ڪري ٿو. جيتوٽيڪ موٽ ۾ نتيجي کي بہ ڪجهہ اثر آهي. اهو مادو ئي آهي جيڪو شعور پيدا ڪري ٿو جيتوٽيڪ موٽ ۾ (مادي جي مدد سان) شعور کي بہ ڪجهہ اثر آهي.

ڪنهن بہ سبب ۽ نتيجي جو ڳانڍاپو ماحول کان ڪٽي، اڪيلو ڪري، ڌار رکي پرکي نہ ٿو سگهجي. اچو تہ ٻن بسن جي حادثي جو مثال وٺون. جيڪڏهن اسين ان حادثي جي سبب ۽ نتيجي کي جاڻڻ چاهيون ٿا تہ انهن کي ماحول کان ڪٽي، اڪيلو ڪري سمجهي نہ سگهنداسون. ٿي سگهي ٿو تہ ٻنهي ڊرائيورن مان ڪو هڪ يا ٻئي نشي ۾ هجن، ٿي سگهي ٿو تہ روڊ، سوڙهو ۽ ڪڙڪڙ هجي، ٿي سگهي ٿو تہ هڪ يا ٻنهي بسن جون بريڪون ۽ هينڊل ڪم نہ ڪندا هجن ٿي سگهي ٿو تہ اڳيان ڪو ماڻهو جانور يا ڪا ٻي رڪاوٽ اچي وئي هجي ۽ بس کي تيزيءَ سان لاڙيو ويو هجي، ٿي سگهي ٿو تہ اوچتو اڳيان ٽائر ڦاٽي پيا هجن- ڪهڙو بہ هڪ يا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا ۽ ان جو نتيجو بہ وري ايئن ئي ماحول کي جاچڻ کان سواءِ پرکي نہ سگهنداسون. هر هڪ سببي رشتي کي سبب ۽ نتيجي ۾ ڳولڻ گهرجي. ڇا سنڌ جي

مسئلن جي سبب کي پاڪستان جي ماحول کان ڪٽي، ايشيا کان ڪٽي، ڌرتيءَ کان ڪٽي سمجهي سگهجي ٿو؟ سنڌ جا مسئلا ڪن سببن جو نتيجو آهن. پارٽيون نهڻ ڪن سببن جو نتيجو آهن. جيستائين اسين سبب ۽ نتيجي کي نہ ٿا سمجهون تيستائين سببي رشتو سمجهہ ۾ نہ ايندو. جتي بہ ڪو بہ سبب هوندو اتي ان جو ڪونہ ڪو نتيجو هوندو ۽ جتي ڪوبہ نتيجو هوندو اتي ان جو ڪو نہ ڪو سبب ضرور هوندو. سبب ۽ نتيجو هڪ ٻئي کان جدا ٿيل، اڪيلا اڪيلا، ٻن چيزن تي ٻيٺل ڪونہ آهن. سبب ۽ نتيجو هڪ ٻئي تي اثرانداز ٿيندڙ شين ۽ لقائن جي ڳانڍاپي جون ڳتيل ڪڙيون آهن. ماڻهن کي تعليم يافتہ بنائڻ لاءِ اسڪولن جي ضرورت پوي ٿي ۽ اهي پڙهيل ۽ تعليم يافتہ ماڻهو ئي آهن جيڪي اڻ پڙهيل ماڻهن کي پڙهائي سگهن. سبب ۽ نتيجي جو هڪ ٻئي تي اثر، هڪٻئي تي دارومدار، هڪ ٻئي تي عمل مٿين مثال مان چٽيءَ طرح سمجهي سگهجي ٿو.

هڪٻئي تي اثر واري تصور جو هڪ ٻيو مفهوم بہ آهي. هيٺيون مثال انهيءَ ڳالهہ کي واضح ڪندو. هڪ ٻني، جنهن کي هَرُ سني نموني ڏنو ويو هجي اها وڌيڪ سٺو ۽ ججهو فصل ڏيندي ۽ فصل جيترو ججهو هوندو اترو ئي وڌيڪ ماڻهن کي کاڌو مهيا ڪري سگهبو. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ سني نموني کيڙيل ٻنيءَ کي هر ڏيڻ سان هڪ رشتو آهي ۽ موٽ ۾ وري ججهي فصل کي وڏي آباديءَ کي کاڌو مهيا ڪرڻ سان هڪ رشتو آهي. هتي اسان کي سبب ۽ نتيجي جي رشتي جي هڪ زنجير ملي ٿي، يعني هڪ سبب جو نتيجو ٻئي هنڌ وري سبب طور ڪم ڪري ٿو. ساڳئي لاڳاپي متعلق اينجلس جيان چٽئي سگهجي ٿو تہ دنيا ۾ هڪ ٻئي تي عمل ڪرڻ جو هڪ عالمگير سلسلو آهي، جيڪو سبب جو نتيجو ۽ وري نتيجي جي سبب بڻجڻ وسيلي لاڳيتو ظاهر ٿيندو رهي ٿو. هڪ جاءِ تي هڪ سبب جو نتيجو ٻئي هنڌ خود پاڻ بہ سبب ٿي سگهي ٿو.

سبب ۽ نتيجي جي رشتي جي هن زنجير ۾ اهم شيءِ اها آهي تہ بنيادي، اهم ۽ وڏي ڪڙي ڳولي هٿ ڪئي وڃي. مثال طور عوام جو مثال وٺو. عوام ان ڪري جدوجهد ڪن ٿا جو هنن جي پيداوار جا وسيلا جاگيردارن، سرمائيدارن، سامراجين جي هٿ ۾ آهي، هنن جي پورهيي کي ڦٻايو وڃي پيو. هنن جي اولاد لاءِ پڙهڻ جا سٺا وسيلا ڪونہ آهن، هنن تي ظلم ٿئي ٿو، هنن جي زندگيءَ ۾ زهر پريو وڃي ٿو، هنن کي آزادي مليل ڪانهي، کين جسماني توڙي روحاني غلاميءَ ۾ ڦاسايو وڃي پيو هُو



زندگيءَ جي نعمتن کان محروم، ڏڪٽيٽري راڄ جي گهاٽي ۾ پيهجي رهيا آهن ۽ قومي طرح بہ غلام آهن وغيره. ڇا آئون اهي مصيبتون ان ڪري سهان جو پورهيت آهيان، مظلوم قوم جو فرد آهيان؟

سببن ۽ نتيجي جي ڏکهي ڏاڪڻ ۾ بنيادي ڏاڪو هٿ ڪرڻ ان ڪري ضروري آهي، جيئن ان بنياد کي سمجهي سگهجي ۽ ان جي گهرج مطابق قدم کنيو وڃي.

ٻئي طرف جدليماديت جي تعليم جو اهو سبب پٽي وارو اُصول ئي آهي جيڪو وهمن، وسوسن، خيالي من گهڙت عقيدن ۽ ديوي ديوتائن جي تصور کي اُڏيڙي ڦٽو ڪري ٿو. انسان ديوتائن کان ڏڄندا هئا پر هنن کي جڏهن ديوتا جي تصور ٺهڻ جو اصل سبب معلوم ٿي ويو تڏهن انهن ديوتا کان ڏڄڻ ڇڏي ڏنو. اڄ بہ جيڪي ماڻهو ديوتا جي اصلي سبب کي ڳولي لهن ٿا اهي سمجهي وڃن ٿا تہ ڪائنات ۾ ڪوبہ ديوتا ڪونهي.

آفريڪا جي صحرائن ۾ گهمندي ڪجهہ ماڻهن موٽي اچي ٻڌايو تہ کين "آسمان" ۾ هڪ وسيع ترين "بهشتي باغ" نظر آيو. هنن اهو بہ چيو تہ ڪنهن ڪنهن مهل کين هڪ "راڪاس" جيڏو پيڙو نظر آيو جنهن تي جبل کان بہ وڏو سڙهہ چڙهيل هو. ڪجهہ دير ايئن رهيو ۽ پوءِ اهو ڏيک غائب ٿي ويو. اهو ڇا ٿي سگهي ٿو؟ جيستائين ان ڳالهہ جو حقيقي سبب ڳولي نہ لڌو ويو تيستائين انهن نظارن بابت ماڻهو پنهنجي پنهنجي عقيدي موجب تشريح ڪندا رهيا ۽ ڏکهيون ڏند ڪٿائون ۽ من گهڙت ڳالهيون ٻڌائيندا رهيا. پر سائنسدانن نيٺ انهيءَ اسرار تان پردو لاهي رکيو. اهو ڳولي لڌو ويو تہ گرم ملڪن جي هوا نرم ۽ گهميل موسم جي ڪري گهاٽي ٿي وڃي ٿي ۽ اها هڪ بي انتها وڏي آئيني جهڙو ڪم ڏئي ٿي. اهو آئينو ڏوراهين شين جو عڪس وٺي موٽائي ٿو ۽ اهو عڪس ئي ماڻهن کي نظر ٿي آيو. مٿين بيان ۾ جن باغن يا ٻيڙن کي ان آئيني ظاهر پئي ڪيو اهي ماڻهن کي "آسمان" ۾ نظر ٿي آيا. جيڪو ڪجهہ ڏنو ويو اهي "بهشتي باغ" يا "آسماني ٻيڙا" ڪونہ هئا پر ڪنهن ڏوراهين پنڌ تي موجود باغ ۽ ٻيڙن جو عڪس هو. جڏهن سبب ڳولي لڌو ويو تڏهن من گهڙت ڳالهيون ۽ عقيدا خاڪ ٿي ويا ۽ ديوي ديوتائن جو گهڙيل پوَلهي ويو.

ساڳيءَ طرح جنن پوتن، ديوين ديوتائن، ديون ۽ راڪاسن وغيره جي من گهڙت تصورن جو حقيقي نموني سبب سمجهڻ کانپوءِ انهن جو پوَلهي وڃي ٿو. مثال طور،

(يونان جي اپولو) ديوتا جي نڪرڻ کان پوءِ جتي ڪٿي ڏينهن تي پئي ويو ديوتا زمين ۽ آسمان جي روشني هو پر جڏهن حقيقت معلوم ٿي ته اهو ديوتا ته سج يعني باهه جو گولو آهي، تڏهن ديوتا جي زمين_ آسمان جي روشنيءَ وارو تصور لڏندو لمندو هليو ويو.

سمورن غير حقيقي تصورن، ذهني تخليقن جو بڻ بنياد ڀَوَ بي سمجهي، اڻڄاڻائي ۽ جهالت تي بيٺل آهي. ڪوبه اهڙو مثال وٺو جنهن کان ماڻهو ڊڄندا هجن. اوهين ڏسندا ته ماڻهو جنهن شيءِ کان ڊڄي ٿو ان جي حقيقي سبب جي ڪيس خبر ئي ڪونهي، ماڻهن کي ان شيءِ تي سوچڻ کان منع ڪئي وڃي ٿي ۽ ان پاسي تي پڙهڻ کان جهليو وڃي ٿو. جيستائين ماڻهو ”ڀوائتي وجود“ جي باري ۾ نه پڙهندو ان تي نه سوچيندو ان جي باري ۾ نه ڄاڻندو تيستائين هو ان ”ڀوائتي وجود“ کان ڊڄندو رهندو ۽ ان بابت جهالت ڀريون ڳالهيون ڪندو رهندو. پر جيئن جيئن ان جي باري ۾ پڙهندو ڄاڻيندو سوچيندو ۽ تحقيق ڪندو تيئن تيئن هُو حقيقي سبب جي ويجهو پوندو ويندو ۽ هن تان ڀوَ لهندو ويندو. ان ڪري ئي چئون ٿا ته سببن جي ڄاڻ ماڻهوءَ کي وهمن ۽ بيڪار عقيدن کان آزاد ڪري ٿي ۽ حقيقت کي سمجهڻ ۾ بنيادي مدد ڪري ٿي.

## لازم ۽ اتفاق:

لازم ۽ اتفاق ڇا آهن؟ ان ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ اچو ته هڪ ڀيرو وري ساڳئي من_ موهيندڙ شخصيت جا لفظ ورجايون:

پيارا ساٿيهه سڄڻو ۽ جُنگ جوانو!

اسان جي آڏو اڃا به ڪيترين ئي ڏکيائين ۽ اڃا به اسان کي قربانيون ڏيڻيون آهن پر اسان جا عوام، قومي بقا لاءِ، آمريڪي حملي آورن خلاف روڪ جي جنگ ۾، سوڀ جي روشن راهن تي لاڳيتو وڌي رهيا آهن. اباڻي ڌرتيءَ جو سڏ اسان کي لاڳيتو اڳتي وڌائي رهيو آهي ته جيئن اسين آمريڪي حملي آورن کي پوريءَ طرح چيٽاڙي ڇڏيون!

آمريڪي سامراجي يقينن شڪست کائيندا!

اسان جا عوام بهرحال سوڀ ماڻيندا.

(3 نومبر 1968ع تي هوچي منهه جي اپيل مان ورتل ٽڪرو)

ويتنامي عوام جي رهنما جون هي جذبي ڀريون سٽون، جيڪو ڪجهه لازمي ٿيڻو آهي يعني آمريڪي سامراج جي شڪست ۽ ويتنامي عوام جي سوڀ جي باري



۾ هڪ شاندار خيال ظاهر ڪن ٿيون. هن اعتماد، هن ڀروسي جو ذريعو ڪهڙو آهي؟ هن اعتماد جو ذريعو آهي قانون جي ڄاڻ. سامراجين ۽ ڦورن جي شڪست ۾ اسان کي ڪوبه شڪ ڪونهي. اسين اهو يقين سان چئي سگهون ٿا ته رات جي اونداهي ڪٽي ڪيتري به گهاٽي ٿئي پر ان کانپوءِ پرهه ڦُٽندي، صبح ٿيندو هر سياري کان پوءِ بهار ايندو. اسان جو اهو ڀروسو عملي سرگرميءَ تي، صدين جي تجربي تي، قدرت ۽ سماج جي قانون جي ڄاڻ تي بنياد رکي ٿو. اها ڌرتيءَ جي پنهنجي محور چوڌاري گردش ئي آهي جنهن ڪري موسمون بدلجن ٿيون، ۽ اهي سماج جا قانون ئي آهن جيڪي يقين پيدا ڪن ٿا ته طبقاتي، ڦورو ۽ ظالم سماج ختم ٿيندو ۽ ڀائيچاري وارو سماج قائم ٿيندو. اهو سماجي ترقيءَ جو معروضي قانون آهي، جنهن کي سامراجي روڪي نه ٿا سگهن.

**لازم** فلسفي جي درجي جي حيثيت ۾ لقائن جي وچ ۾ ظاهر ٿيندڙ لازمي ڳانڍاپو آهي. لازم، اهو عمل نه آهي جيڪو ٿئي الائي نه. پر اهو جيڪو ضرور ٿيڻو آهي، جيڪو شين جي اونهن سببن، **شين جي اندروني فطرت مان ڦُٽي نڪري ٿو.**

جي دنيا ۾ ٿيندڙ هر عمل لازم جي شاهدي ڏئي ٿو ته پوءِ ڇا اتفاق جي لاءِ ڪا جڳهه آهي؟ ڇا حادثو ٿي سگهي ٿو؟ هڪ بس جو حادثو ٿي سگهي ٿو ۽ ان ۾ ماڻهو زخمي ٿي يا مري به سگهن ٿا. اها ڪهڙي ڳالهه آهي، جنهن ڪري ان کي حادثو چئون ٿا؟ بس جي حادثي کي مٿي بيان ڪيل مثالن سان ڀيٽي ڏسو جهن کي اسان لازمي چيو آهي. لازم اهو آهي جيڪو اٽر هجي، جيڪو ڪنهن به حالت ۾ ٿئي، جيڪو ضرور ٿئي، ان جي ڀيٽ ۾ حادثو اهو آهي جيڪو ٿئي الائي نه. جيڪو ٿي به سگهي ٿو ۽ نه به ٿي سگهي ٿو.

بسن جو ٽڪر ٿي به سگهي ٿو ۽ نه به ٿي سگهي ٿو. ٻنهي بسن کي شديد نقصان پهچي به سگهي ٿو ۽ نه به پهچي سگهي ٿو سمورا ماڻهو مري به سگهن ٿا ۽ مري نه به سگهن ٿا. اهڙيءَ طرح ٻيا ڪيترائي مثال ڏئي سگهن ٿا، جيڪي ٿين الائي نه ٿين. مثال طور، ڪنهن گهر کي باهه لڳي به سگهي ٿي ۽ لڳي نه به سگهي ٿي، بجلي بند ٿي به سگهي ٿي ۽ ٿي نه به سگهي ٿي، جهاز تباهه ٿي به سگهي ٿو ۽ ٿي نه به سگهي ٿو ماڻهو ٺُڏو کائي به سگهي ٿو ۽ نه به کائي سگهي ٿو ٺُڏو کائي ڪري به سگهي ٿو ۽ ڪِري نه به سگهي ٿو وغيره. ڪوبه عقلمند ماڻهو اهڙن واقعن کي لازمي چئي نه سگهندو پر اهي اتفاق، حادثا آهن.

ان ڪري، اهو ڄاڻڻ لاءِ ته ڪا به شيءِ يا ڪو به واقعو اتفاقي آهي يا لازمي، اسان کي ڏسڻو پوندو ته ان واقعي جا سبب شين يا لقائن جي اندروني فطرت مان ڦُٽي نڪرن ٿا يا ٻاهريان آهن. اچو ته هڪ طوفان جو مثال وٺون. ڇا اهو لازمي آهي ته مثال طور ڪو به طوفان هڪ باغ کي تباهه ڪري ڇڏيندو. ڪو به طوفان سبب کان سواءِ ٿي نه ٿو سگهي پر اهو ضروري نه آهي ته اهو هرو ڀرو مثال طور ورتل باغ کي تباهه ڪري ڇڏي. طوفان باغ کي تباهه ڪري به سگهي ٿو ۽ باغ تباهه نه به ٿي سگهي ٿو. باغ جي تباهي لازمي نه آهي پر جيڪڏهن باغ تباهه ٿيو ته اهو هڪ حادثو هوندو. هر هڪ اهو ڏسي سگهي ٿو ته لازم ۽ اتفاق ٻه اُبتڙ شيون آهن. پر ڇا ڪو ايئن چئي سگهي ٿو ته لازم ۽ اتفاق وٽ ڪجهه به عام ڪونهي؟

## لازم ۽ اتفاق جي وچ ۾ عام ڇا آهي؟

ميٽا فزڪس واري سوچ رکندڙ چون ٿا ته جيڪو ڪجهه لازمي آهي اهو اتفاقي ٿي نه ٿو سگهي ۽ جيڪو ڪجهه اتفاقي آهي اهو لازمي ٿي نه ٿو سگهي. مٿاڇري ڄاڻ ڀڙ ان خيال کي صحيح سمجهندي، پر ڇا اهو خيال صحيح آهي؟ جواب آهي ته، نه. هي خيال صحيح ڪونهي. **لازم ۽ اتفاق جي وچ ۾ گهڻو ڪجهه عام آهي. حقيقت ۾ اهي ٻئي پاڻ ۾ گهاٽو واسطو رکن ٿا.** ڪو به ماڻهو هڪ کي ٻئي کان ڌار ڪري نه ٿو سگهي. اچو ته هڪ مثال کڻون. ٻارهن سال اڳ هڪ خبر سڄي ڌرتيءَ جي گولي تي پکڙجي وئي ته آمريڪي بمبار جهاز کي باهه لڳڻ ڪري ان مان هئڊروجن بم وڃي اسپين جي سامونڊي ڪناري تي ڪريا آهن. هن ”حادثي“ اسپين جي ڏاکڻي حصي ۾ رهندڙ ميربحرن ۽ هارين ۾ هڪ بيچيني پکيڙي ڇڏي. جيڪڏهن اسين هن واقعي کي گهري نگاهه سان ڏسنداسون ته اهو ڪنهن سادي نموني حادثي کان ڪجهه وڌيڪ لڳندو. سڄي ڌرتيءَ تي 24 ئي ڪلاڪ ايٽمي هٿيارن سان ڀريل بمبار جهازن جي اُڏام اها ڳالهه يقيني بڻائي ٿي ته اهڙي بيچيني ڪنهن به وقت پکڙجي سگهي ٿي، ۽ اهو ڪو حادثو نه آهي ته اهڙا واقعا بار بار ٿيندا رهن ۽ اهڙي بيچيني هر هر پکڙبي رهبي. اهڙيءَ طرح اُڏايا ويندڙ ايٽمي هٿيار ڪنهن به وقت انساني زندگيءَ کي موت طرف ڌِڪي سگهن ٿا، يا وري سگريٽ دُکائڻ ڪانپوءِ ٻرندڙ تيليءَ کي ڦٽو ڪرڻ ڪڏهن به باهه لڳڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿو.

قدرت ۽ سماج ۾ ڪو به اهڙو حادثو نه آهي، جنهن ۾ ڪجهه نه ڪجهه لڪل لازمي عنصر، قانوني اثر، ڪونه ڪو سبب نه هجي. اهو ئي سبب آهي جو اينجلس



چيو ته **حادثو ڪنهن نه ڪنهن طرح لازم جي تعميل يا پڌرائي آهي.** لازم جي ڪري ئي شين ۾ واڌاري جا لاڙا هوندا آهن، پر حادثو ڪنهن نه ڪنهن لازمي سبب جي تڪميل يا پڌرائي ڪري ٿو.

سائنسي تحقيقن دوران، ڪنهن به لقاءُ ۾ واڌاري جي لاڙن ۾ سائنس پنهنجو ڌيان لازم تي رکي ٿي. قانوني حڪمرانيءَ هيٺ ٿيندڙ باقائدگيءَ تي رکي ٿي. سائنس پنهنجو بنياد رڳو اتفاقي ڪوجنائن تي نه ٿي رکي. مثال طور، زمين جي علم جو ماهر جيڪڏهن ڪٿان به تيل جي ڳولا ڪرڻ چاهي ٿو ته هن کي انهن قانونن جو اڀياس ڪرڻو پوندو جن جي ڪري تيل پيدا ٿئي ٿو. زمين جي جاچ لاءِ اهو ضروري آهي ته انهن قانونن جو اڀياس ڪيو وڃي جن جي ڪري تهه ۾ پرت ٺهن ٿا.

## نقصان رسائيندڙ حادثن خلاف جدوجهد:

ڪيترائي اتفاقي واقعا ماڻهوءَ کي فائدو ڏين ٿا، پر ڪجهه اهڙا به آهن جيڪي بيچيني ۽ پريشانيءَ ۾ ڦاسائي ڇڏن ٿا. مثال طور، ڏڪر، سوڪ، ٻوڏ، طوفان وغيره جهڙيون قدرتي آفتون. سائنس لازم جي بنياد تي اڀياس ڪندي اهڙن اثرن کان بچڻ جون ڪوششون ڪندي رهي ٿي، پر ڇا اهو ممڪن آهي ته حادثن کي ختم ڪري سگهجي؟ اتفاق هڪ معروضي فلسفيانه درجو آهي، پوءِ ڇو ان تي قابو پائي سگهجي ٿو؟ بهرحال نه، پر اهڙا اُپاءَ ضرور وٺي سگهون ٿا جن وسيلي انهن جي خراب اثرن کان بچي سگهون. طوفان ۽ ٻوڏن جي ڪري ڪيتريون ئي جهوپڙيون ۽ ڪچا گهر ڊهي پون ٿا. اسين طوفان کي ته روڪي نه ٿا سگهون پر پڪا گهر ضرور ٺاهي سگهون ٿا ۽ ٻوڏ کان بچڻ لاءِ بند ٻڌي سگهون ٿا. ايٽمي هٿيارن تي بندش به اسان کي گهربل حادثن کان بچائي سگهي ٿي.

**ماڻهو نقصان رسائيندڙ حادثن آڏو ڪافي حد تائين هيڻو آهي پر هُن وٽ ايتري قوت ضرور آهي جو هُو انهن جي تباهه ڪندڙ اثرن تي قابو رکي سگهي يا انهن کي گهٽ ڪري سگهي.**

## امڪان ۽ حقيقت:

اسان وٽ عام طرح اهو سوال اُٿندو آهي ته هِن يا هُن ڪم، رٿا، منصوبي، مقصد جو پورو ٿيڻ ممڪن آهي يا نه. جڏهن چنڊ تي لهڻ وارو پهريون راڪيٽ ٺاهيو ويو تڏهن به اهو ئي سوال اُٿيو هو ته چنڊ تي لهڻ ممڪن آهي يا نه.

**جيڪا شيءِ اڃا حقيقي نه بڻي هجي پر جنهن لاءِ هر ممڪن سبب موجود هجي ته اها حقيقت بڻبي، ان کي چئجي ٿو امڪان. حقيقت اها آهي ته جنهن کي تسليم**

**كريو يا مڃيو ويو هجي تہ اها قدرتي طرح لازمي ۽ معروضي قانونن ڪري وجود رکي پئي.**

هي جو ڦورن جا پرچارڪ ڪڏهن ٿڪاڪون هڻندا آهن تہ قسمت سڌارڻ جا هر هڪ وٽ "هڪ جيترا موقعا" آهن، جيڪو بہ اڳي سو ترقي ڪري. ڇا اهو صحيح آهي؟ سماجي زندگيءَ جو تجربو ٻڌائي ٿو تہ اهو صحيح نہ آهي، پر ڏينهون ڏينهن امير وڌيڪ اميرَ ۽ غريب وڌيڪ غريب ٿيا ٿيندا وڃن. طبقاتي سماج جهڙي حقيقت جا قانون ٻڌائن ٿا تہ طبقاتي سماج ۾ انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ٿي بہ نہ ٿو سگهي. "برابر موقعن" مان فائدو رڳو دولتمند ئي وٺي سگهن ٿا.

هڪ ٻيو مختلف نموني جو مثال وٺو: "جادو"، "ڪرامت" وغيره ڇا آهي؟ جادو اهو آهي جيڪو قدرتي قانونن وسيلي سمجهي نہ سگهجي يعني اهو قدرتي قانونن سان تضاد ڪائيندڙ هوندو آهي، پر اسين ڄاڻون ٿا تہ ڪوبہ هڪ واقعو يا لقاءُ قدرتي ۽ سماجي قانونن جي خلاف وڃي نہ ٿو سگهي. تنهن ڪري "جادو" ۽ اهڙي قسم جي ٻين شين ۾ يقين رکڻ معنيٰ ناممڪن يعني غير حقيقي ۾ يقين رکڻ.

جيڪا شيءِ قدرتي ۽ سماجي قانونن سان ٽڪر نہ ٿي کائي اها ئي ممڪن ٿي سگهي ٿي، ان جو ئي امڪان ٿي سگهي ٿو ۽ امڪان جڏهن حقيقت بڻجي ٿو، تڏهن اهو قدرتي ۽ سماجي قانونن مطابق ئي ٿئي ٿو، ٻئي ڪنهن بہ نموني نہ. امڪان ۽ حقيقت، ٻئي معروضي فلسفيانہ درجا آهن، ڇو تہ اهي انساني سوچ کان آزاد وجود رکندڙ شين ۽ لقائن جون خاصيتون ظاهر ڪن ٿا.

پر امڪان کي حقيقت سان وچڙائي نہ ڇڏجي. جيڪا شيءِ ممڪن هجي ان کي امڪان ۾ ئي رهڻ ڏجي، **ڇو تہ اها اڃا حقيقت نہ بڻي آهي.** هڪ ڊاڪٽريءَ جي شاگرد لاءِ اهو ممڪن آهي تہ هو ڊاڪٽر بڻجي وڃي، پر جيڪڏهن هو گهر وڃي ويهي، ويٺو اهو سوچي تہ هو ڊاڪٽر بڻجي ويندو تہ اها هڪ بيڪار ۽ بي مقصد حرڪت ٿيندي. جيڪڏهن هو حقيقي طرح ڊاڪٽر ٿيڻ چاهي ٿو تہ هن کي نہ رڳو ڄاڻ حاصل ڪرڻي پوندي پر عملي مهارت بہ حاصل ڪرڻي پوندي. امڪان کي حقيقت ۾ بدلائڻ لاءِ رڳو خواهش رکڻ، خيالي پلاءُ ڪائڻ برابر آهي.

## امڪان کي حقيقت ۾ بدلائڻ:

هڪ هڪ امڪان کي حقيقت ۾ بدلائڻ لاءِ ضروري آهي تہ (1) معروضي حالتون تيار ڪيون وڃن، (2) اندروني حالتون تيار هجن ۽ (3) شاندار قسم جي



منظم انساني سرگرمي هجي. جڏهن اهڙيون حالتون رچي پچي راس ٿين تڏهن پنهنجين ٻنهي ٻانهن جي مڪمل قوت لڳائي امڪان کي حقيقت ۾ بدلايو وڃي.

روس ۾ عظيم آڪٽوبر انقلاب جي موقعي تي لينن جا پڙڪندڙ لفظ ڪير وساري سگهي ٿو، جڏهن هن چيو تہ هڪ گهڙي ترسڻ جي اجازت ناهي، عملي قدم کڻڻ جو وقت اچي ويو آهي- "دير معنيٰ موت!"

"ٽِر جي گُٽِي سَو چوٽون کائي، ۽ "ليکو ٻڌي لٺ هڻڻ" شايد اهڙين ئي گهڙين، موقعن ۽ وقتن لاءِ چيل آهي. جيڪي بہ ماڻهو شاندار ڪم ڪرڻ چاهن ٿا، سماج کي بدلائڻ چاهن ٿا، معروضي حالتن تي گهري نظر رکن ٿا، اندروني حالتن ۽ منظم قوتن تي نگاهہ رکن ٿا ۽ پوءِ جڏهن حالتون رچي پچي راس ٿين تڏهن هڪ گهڙيءَ جي دير سالن ۾ طئي ڪيل مفاصلن تي پوئتي ڌڪي ڇڏيندي آهي. قومن جون تقديرون بدلائڻ لاءِ اهڙيون گهڙيون ڏاڍيون اهم ٿينديون آهن. قومون جيڪي پنهنجون تقديرون بدلائڻ جون جدوجهدون ڪنديون آهن انهن لاءِ اهڙيون گهڙيون سالن کان پوءِ ئي اينديون آهن. اهي ئي گهڙيون هونديون آهن جڏهن امڪان کي حقيقت ۾ بدلايو ويندو آهي، جڏهن ليکو ٻڌي لٺ هڻبي آهي، جڏهن صدين جي غلاميءَ کي آزاديءَ ۾ بدلايو ويندو آهي.

## هيئت ۽ مواد:

ڪوبہ لقاءُ، عمل يا ڪابہ شيءِ مثال طور وٺو. اوهين ڏسندا تہ ان کي ڪي نہ ڪي مخصوص، ان جي جوهر جي اڏاوت ڪندڙ شيون، حصا هوندا ۽ انهن کي مواد چئجي ٿو. هاڻوڪي دؤر جو اهم مواد اهو آهي تہ ڦورو سماج کي برابريءَ ۽ انسان دوستيءَ واري سماج ۾ تبديل ڪيو وڃي. اهو مواد ئي آهي جيڪو هاڻوڪي دؤر جي جوهر جي اڏاوت ڪري ٿو. يا مثال طور هڪ تصوير وٺو. تصوير جو مواد اهو ئي آهي جيڪو ان ۾ ڏيکاريل بنيادي جذبي کي ظاهر ڪري.

ڇا مواد پنهنجو پاڻ وجود رکي سگهي ٿو؟ اچو تہ ان ڳالهہ تي سوچ ڪريون. هڪ گهر جي اڏاوت جو مثال وٺو. گهر ٺاهڻ لاءِ جيڪو بہ "مواد" گهرجي يعني گارو، سرون، سيمينٽ، شهتير وغيره سڀ ڪجهہ موجود آهي، پر ڇا ڪو ايئن چئي سگهندو تہ هن جي آڏو گهر موجود آهي؟ يقيناً نہ. گهر تڏهن چئي سگهجي ٿو جڏهن ان جي مواد کي پنهنجي گهربل ۽ مخصوص جاين تي ترتيب سان رکيو وڃي. مواد کي ڪنهن نہ ڪنهن ترتيب ۾ جماڻو ئي پوندو يعني ان کي ڪنهن نہ ڪنهن

صورت، ڏيکاءُ، شڪل، هيئت ۾ آڌُو پوندو. مواد هيئت کانسواءِ وجود رکي نہ ٿو سگهي، يعني هر مواد کي ڪانہ ڪا مخصوص صورت يا هيئت ضرور هوندي.

**ڪنهن بہ شيءِ، لقاءُ جي هيئت ان جي اندروني جسم يا مواد جي اڏاوت کانسواءِ ممڪن ڪانهي. اهو وري مواد ئي آهي جيڪو هيئت جي وجود کي ممڪن بڻائي ٿو.**

مواد ۽ هيئت پاڻ ۾ هڪ گهاٽو ڳانڍاپو رکن ٿا. مواد ۽ هيئت ۾ ٻڏي يا هيڪڙائي آهي.

اهو سمجهڻ ڏکيو نہ آهي تہ ڪنهن بہ شيءِ يا لقاءُ جي هيئت ان جي مواد تي دارومدار رکي ٿي. اها ڳالهہ هيٺين مثال مان سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿي. انقلابي جدوجهد وسيلي آزاد ٿيل ملڪن ۾ زرعي واڌري ۽ ترقيءَ جا تازا مسئلا هارين جي سهڪاري تنظيمن، هڪٻئي جي مدد وارن ادارن جي جوڙڪ ڪرڻ وسيلي ڪيا وڃن ٿا، پر ان لاءِ اهو ضروري آهي تہ اهي سهڪاري ادارا ملڪ جي مخصوص معروضي حالتن مطابق ٺاهيا وڃن. جيڪڏهن ماديتي جدليات جي اُن گهُرج کان انڪار ڪيو ويو تہ وڏيون غلطيون ٿينديون ۽ آخري نتيجو ناڪامي ئي هوندو. اهو ئي سبب آهي جو چين ۾ زرعي ترقيءَ لاءِ ڪميون سرشتي واري تنظيمي هيئت جوڙي وئي يا روس ۾ سهاري انجمنون ٺاهيون ويون.

مواد جو فيصلي ڪن ڪردار ان حقيقت ۾ لڪل آهي تہ مواد ۽ هيئت جي پاڻ ۾ ٻڏي، هيڪڙائي هجي يا وري ايئن چئجي تہ مواد جي حصن ۾ ٻڏي هئڻ گهرجي. هر هڪ چئي سگهي ٿو تہ مواد ئي هيئت کي جنم ڏئي ٿو. مواد کان سواءِ هيئت جي باري ۾ سوچي ئي نہ ٿو سگهجي. مثال طور، سمورين غير مادي ذهني تخليقن کي وٺو. جن، ڀوت، ديو، راڪاس، ديوي، ديوتا وغيره. انهن جو مواد ڪهڙو آهي ۽ هيئت يا صورت ڪهڙي آهي؟

هيئت مواد سان رشتي جي لحاظ کان ڪا ٻاهرين شيءِ نہ آهي پر اهو مواد ئي آهي، جيڪو هيئت جو اندروني ڍانچو جوڙي ٿو.

## هيئت ۽ مواد ۾ تضاد:

هاڻي جيڪڏهن هيئت جو دارومدار مواد تي آهي ۽ اهي ٻئي پاڻ ۾ هيڪڙائي ناهي رهن ٿا تہ پوءِ ايئن چو ٿو ٿئي جو ڪڏهن ڪڏهن هيئت مواد جي اڳتي واڌاري ۽ ترقيءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽ وجهي ٿي. هر هڪ کي اهو ياد ڪرڻ گهرجي تہ جيئن تہ هر شيءِ چرپر ۽ واڌاري واري حالت ۾ آهي، تنهن ڪري مواد بہ ڪڏهن بہ آرام واري



حالت ۾ نہ ٿو اچي، اهو ڪڏهن بہ ڄميل نہ ٿو رهي، اهو جهڙو هن گهڙيءَ آهي تهڙو ٻئي وقت تي نہ هوندو. هيئت مواد تي دارومدار رکي ٿي پر اها مواد جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ نوس، گهٽ لچڪيدار، گهٽ رفتار سان چرندڙ ڦرندڙ آهي. هيئت مواد جي پٺيان هلي ٿي، ان ڪري ئي چئجي ٿو تہ مواد ۽ هيئت جي وچ ۾ تضاد آهي. اهي بہ اُبتڙون آهن. جڏهن هيئت مواد جي تبديليءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽ بڻجي پوي، تڏهن هڪ تضاد جنم وٺي ٿو. ان تضاد کي حل ڪندي هيئت بہ ڦري وڃي ٿي.

پراڻين هيئتن جي هوندي ئي نيون ايجاديون ٿينديون آهن. پهرين ٿهيل ڪار گهوڙي- بگيءَ جي ڪاپي هئي. پهرين سلائي مشين کي "مشيني هٿ" هئا، پر نيٺ وقت اچي ٿو جڏهن پراڻي هيئت بيهجي وڃي ٿي يا وڌيڪ خاصيتن واري ترقي ڪرڻ ۾ رڪاوٽ وجهي ٿي. ڪارُن جي پراڻن ماڊل ۽ "مشيني هٿن" رفتار ۾ رڪاوٽ پئي وڌي.

سماجي زندگيءَ ۾ پڻ هيئت ۽ مواد جي وچ ۾ تضادن کي حل ڪرڻ جي ضرورت پوي ٿي. مثال طور ڪجهہ خود مختيار آفريقي ملڪن ۾ نئين قسم جي زندگي شروع ڪرڻ لاءِ، سامهون آيل مسئلن جي حل ڪرڻ ۾ قبائلي حڪومتي نظام تضاد ۾ هو. ان نظام جي نئين هيئت ۾ تبديليءَ جي ضرورت هئي، پوءِ اها شهري چونڊيل نمائندن جي هجي يا سياسي پارٽين جي.

هيئت ۽ مواد جي وچ ۾ جهيڙو ڪيئن حل ڪيو ويندو آهي؟ سماجي زندگيءَ ۾ ان جي حل ڪرڻ جو طريقو مختلف آهي. اهو وقت جي هرجن تي دارومدار رکي ٿو. پُرامن بہ ٿي سگهي ٿو ۽ تشدد ڀريو بہ. سوشلٽ سماج ۾ هيئت ۽ مواد جي وچ ۾ تضادن کي حل ڪرڻ جو طريقو پُرامن نہ هوندو آهي.

عام طرح هيئت جو ڪيڏيل ڪردار صحيح نموني نہ ڪٿيو ويندو آهي. هيئت جي ڪردار جي گهٽ وڌ ڪٿ ڪيترائي نقصان پهچائي ٿي ۽ اهڙي لاڙي کي، جنهن ۾ هيئت جي ڪردا رجي ڪٿ صحيح نہ ڪئي وڃي، ان کي هيئت پسندي (فارملزم) چئجي ٿو.

توهان کي ان چوٽيءَ جي خبر هوندي تہ "ڪورٽ بهرحال ڪورٽ آهي" پر اها چوٽي طبقاتي سماج ۾ ڪورٽ جي فطرت جي باري ۾ غلط تاثر پيدا ڪري ٿي. اسين چٽيءَ طرح ڏسون ٿا تہ ڪورٽ جو ڪردار ماڻهن جي طبقاتي حيثيت سان لاڳو آهي. ڪورٽ عام طور حاڪمن جي مفادن جي نگهباني ۽ بچاءُ ڪري ٿي.

ساڳيءَ طرح تجريدي آرٽ ۾ مواد ۽ هيئت جي وچ ۾ ڪو خاص فرق نہ هوندو آهي. هڪ ئي تصوير مان هر هڪ پنهنجي سوچ جي انداز موجب مطلب ڪڍندو آهي. مثال طور، هڪڙي تجريدي تصوير ڏسي هڪ چيو تہ پليٽ آهي، ٻئي چيو طبلو آهي، ٽين چيو ڪوهہ آهي، چوٿين چيو سج آهي، پنجين چيو محبوب جو مُنهن آهي وغيره، ۽ آرٽسٽ جي ”انوکي تشريح“ وري ڪنهن کي بہ سمجهہ ۾ نہ آئي.

هيئت پسندي نہ رڳو آرٽ پر ڪم دوران هڪ ماڻهوءَ جي ٻئي ماڻهوءَ ڏانهن رويي مان بہ ظاهر ٿيندي آهي. هيئت پسندي بهرحال نقصانڪار ٿيندي آهي. اهڙو ماڻهو ٻين جي رهڻي ڪهڻي، انهن جي گهرجن ۽ ضرورتن ڏانهن نالائقيءَ وارو رويو ڏيکاري ٿو. هڪ هيئت پسند عملي زندگيءَ ۾ ڪامورن جيان ٿئي ٿو جيڪي هر سٺي ۽ ميويدار شيءِ کي تباهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

هينئر اسين جدليماديت جي بنيادي قانونن ۽ درجن تي هڪ نظر وجهي آيا آهيون، ۽ هتي اهو بهتر ٿيندو تہ انهن جي جوهر کي، جدلي ماديت جي علم جي نظريي سان ڳانڍاپي ۾ بہ ڏسون. هينئر اسين علم جي نظريي تي بحث ڪنداسون.



## باب ڇهون

# جدلي ماديت جو علمي نظريو

### جوهر ۽ ڏيکاءُ:

سائنس ۽ سماجي علم ڏيکارن ٿا تہ سمورين شين ۽ لقائن کي ٻہ پاسا آهن: هڪڙو لڪل، اسان کان ڳُجهو يا اندروني ۽ ٻيو ظاهر ظهور، ڏيکارجندڙ ٻاهريون. جڏهن اسين ڀرپاسائين شين سان واسطي ۾ اچون ٿا تڏهن انهن کي پنهنجن وڏن حواسن وسيلي محسوس ڪريون ٿا ۽ جيڪو ڪجهہ محسوس ڪريون ٿا اهو رڳو اسان جي آڏو ظاهر ٿيندڙ حقيقت جو ڪجهہ حصو هوندو آهي. اسين ان جو رڳو ٻاهر ڏسندا آهيون، ان جو ظاهر ٿيندڙ مهاندو ڏسندا آهيون، جيترو ڪجهہ اسان جون اکيون ڏسي سگهن ٿيون اوترو ئي ڏسندا آهيون، ٻين لفظن ۾ اسين رڳو شين جو ڏيکاءُ ڏسندا آهيون.

پر نہ رڳو سائنس پر روزانو عمل بہ پنهنجو پاڻ کي رڳو اڪيلن لقائن، حقيقتن ۽ واقعن جي ٻاهرين ڏيک تائين محدود ڪري نہ ٿا سگهن. پر انهن جو مقصد اهو هوندو آهي تہ انهن جو اندر ڦوليو وڃي، انهن جو تت، ست، جوهر ڏٺو وڃي، لقائن جا بنيادي، دائمي قانون ڏٺا وڃن، انهن جو سببي دارومدار ڳوليو وڃي، انهن جي اندروني رشتن کي لڌو وڃي. قدرت ۽ سماج جا قانون سڌا محسوس ڪري نہ ٿا

سگھجن، ڇو تہ اهي شين جي ڏيکاءُ سان نہ ٿا ٺهڪن. عملن جي واڌاري تي حڪمراني ڪندڙ قانونن کي ڳولڻ لاءِ اهو لازمي اهي تہ شين جي اندروني رشتن کي ڄاتو وڃي، يعني ڏيکاءُ کان هلندي، شيءِ يا لقاءُ جي اندر ۾ پيهي، ان جي جوهر تائين پهچجي- يعني ان تائين پهچجي، جيڪو انهن ۾ بنيادي آهي. ان ڪانپوءِ ئي ڪنيل لقائن جي وڏيڪ اهم ڳُڻن کي سمجهي سگهنداسون.

**<u>ڪنهن بہ لقاءُ جو جوهر معروضي دنيا جي اندروني ڳانڍاپن کي ظاهر ڪري ٿو ۽ اهي (اندروني ڳانڍاپا) لقائن جي اڻڳُڻ نمونن جا بنياد مهيا ڪري ڏين ٿا. ڏيکاءُ جوهر جي پڌرائي آهي، ان جو ٻاهر، ظاهر آهي.</u>** جوهر، بهرحال، ڏيکاءُ کان اڳ ۾ ظاهر ٿي ئي نہ ٿو سگهي؛ ۽ نہ ئي ان ڪانسواءِ خود مختيار وجود رکي سگهي ٿو. جوهر ۽ ڏيکاءُ هڪ حقيقت جا ٻہ مختلف پاسا ظاهر ڪن ٿا- جوهرُ، ان جي اندرين ۽ بنيادي پاسي کي ظاهر ڪري ٿو جڏهن تہ ڏيکاءُ، ان جي ٻاهرين، سنئون سڌو ڏيکارجندڙ پاسي کي ظاهر ڪري ٿو.

سائنس جو معاملو اهو آهي تہ ڏيکاءُ کان هلي جوهر تائين اپياس ڪري. اچو تہ سرمائيداريءَ هيٺ مزدور طبقي جي ڦُرلٽ يا استحصال جو مثال وٺون. ڦرلٽ، استحصال ڳجهو آهي، پردن ۾ رنگن ۾ لڪل آهي. مٿاڇري نگاهہ مطابق ظاهري طرح ايئن لڳي ٿو تہ مزدور ۽ سرمائيدار جي وچ ۾ رشتو آزاديءَسان نڳُ وڪڻندڙ برابري رکندڙ وارو هوندو آهي. ويندي ڪو ايئن بہ چئي سگهي ٿو تہ انهن جي وچ ۾ برابريءَ جي بنياد تي ڏيتي ليتي جو رشتو آهي، يعني مزدور ڪم ڪري ٿو ۽ سرمائيدار ان کي اُجورو ڏئي ٿو.

پر هيءُ عمل مارڪس جي ذهانت کي پورهيت ۽ سيٺ جي وچ ۾ رشتي جي بنياد يعني طبقاتي سماج ۽ ڦرلٽ جي جوهر طرف وٺي ويو. مارڪس جو لکيل ڪتاب ”سرمايو“ پيداوار جي سرمائيدارڪي طريقي جي جوهر جي گهرائيءَ ۾ پيهي وڃي ٿو.

مارڪس ثابت ڪيو تہ هڪ سرمائيدار مزدور جي سڄي پورهيي جو اُجورو نہ ٿو ڏئي، پر ڪيل سڄي پورهيي جي هڪ حصي جي قيمت ڏئي ٿو. جنهن حصي جي قيمت نہ ٿو ڏئي، اهو آهي واڌو مُلهہ. جيڪو سرمائيدار ڦٻايو وڃي؛ ۽ اهڙيءَ طرح سرمائيدار مزدور جي ڦُر ڪري ٿو. اهو ئي سبب آهي جو سرمائيداري سماج ۾ دولت ۽ ناڻي جي گهڻائيءَ سان گڏوگڏ مفلسي، بک ۽ بيروزگاريءَ بہ موجود آهي.



سماجي زندگيءَ ۾ ٿيندڙ واقعن جو جوهر مدي خارج رجعت پرست قوتون ٺوڙي مروڙي ۽ پردن ۾ لڪائي پيش ڪن ٿيون.

جن قومن پاڻ کي غلاميءَ مان آزاد ڪيو آهي يا آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪن پيون، انهن کي سامراجي ”مدد“ ڏين ٿا. سامراجين طرفان ڏني ويندڙ مدد جو جوهر ڇا آهي؟ ڇا هو پاڻ خلاف وڙهندڙ قومن جو ”دوست“ آهي، ڇا هو ڪانئس آزادي وٺندڙ قومن جو دوست آهي؟ اسين اهو چٽيءَ طرح ڏسون ٿا تہ سامراجين جي ”مدد“ جو مقصد اهو آهي تہ ان جي آڙ ۾ هڪ پيرو وري انهن قومن کي غلام بڻائي سگهجي. هتي سامراجي غلام بڻائڻ لاءِ اقتصادي وسيلا استعمال ڪن ٿا. سامراج جو جوهر ”دوستي“ نہ آهي، پر قومن کي غلام بڻائي انهن جي ڦرلٽ ڪرڻ آهي، پر سامراجي ۽ انهن جا ڇاڙتا سامراجي مدد جو جوهر ”دوستي“ ٻڌائي، سامراجيءَ جي حقيقي جوهر کي ٺوڙي مروڙي پيش ڪن ٿا.

## ايا ڻن تي تنقيد:

سائنسي ڇنڊڇاڻ اسان کي ان لائق بڻائي ٿي تہ اسين شين ۽ لقائن جي حقيقي جوهر جو اپياس ڪريون ۽ ان کي کولي ظاهر ڪريون. پر ڪي فلاسافر اهڙا آهن جيڪي حقيقي دنيا کي ڄاڻڻ ۽ دنيا جو ادراڪ ڪرڻ واري پاسي جي ممڪن هجڻ کان لنوائن ٿا. اهي دعويٰ ڪن ٿا تہ اُصولي طرح دنيا کي ڄاڻي نہ ٿو سگهجي. جيڪي چون ٿا تہ دنيا کي ڄاڻي نہ ٿو سگهجي يا دنيا کي ڄاڻڻ ممڪن ڪونهي، انهن کي اياڻا، لا ادري (نہ ڄاڻو/ اڻ ڄاڻو، ايگنوسٽڪس) سڏجي ٿو. هيوم ۽ ڪانٽ اياڻن جا وڏا نمائندا هئا. ڪانٽ چيو تہ سموريون شيون اسان کان لڪل آهن. اهي خولن ۾ لڪل آهن ۽ انهن خولن کي تالو لڳل آهي. ان ڪري اهو ممڪن ئي ڪونهي تہ انهن جي اندر، انهن جي جوهر کي ڄاڻي سگهجي. ”شيون پنهجو پاڻ ۾ لڪل“ آهن، انهن کي ڄاڻي نہ ٿو سگهجي. اياڻا چون ٿا تہ شين جو رڳو ڏيکاءُ ڄاڻي سگهجي ٿو انهن جي ٻاهرين بناوت ڄاڻي سگهجي ٿي. اڄ ڪلهہ اهو اياڻو فلسفو سرمائيدار ملڪن ۾ ڏاڍي پرچار ڪري پکيڙيو پيو وڃي.

ڪو بہ پڇي سگهي ٿو تہ اهڙا خيال ڇو موجود آهن. اهي ختم ڇو نہ ٿا ٿين. انهن کي پرچاريو ڇيو پيو وڃي؟ اسين چئون ٿا تہ ڄاڻ، بهرحال، شين جي باري ۾ اسان جي سوچ کي روشن ڪري ٿي، پر اهو ضروري نہ آهي تہ جيڪا بہ ڄاڻ آئون پسند ڪريان اهو پيو بہ پسند ڪري. جيڪا ڄاڻ مظلوم پسند ڪن اها ظالم بہ پسند

ڪن. جيڪا ڄاڻ آزادي پسندن کي وڻي اها غلام بڻائيندڙن کي به وڻي. جڏهن انساني ذهن جي ڪيل تحقيقن جي روشني پکڙجي ٿي تڏهن ڪيترين ئي اهڙيون شيون ظاهر ٿين ٿيون. جيڪي اڳ اڻ ڏٺل ۽ اڻ ٻڌل هيون. اهو ئي سبب آهي جو جيڪي اوندهه ۾ روشني آڻن ٿا، جيڪي جهالت ۾ علم آڻن ٿا، جيڪي حقيقتن کي پڙدو ۽ ظلم کي ظاهر ڪن ٿا، انهن کان ڦورو ڊنل آهن. جو ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجو پاڻ کي علم، ڄاڻ جي دولت سان مالا مال ڪري سماجي، سياسي ۽ غلاميءَ جي ٻين قسمن مان پاڻ ڇڏائيندو اهو لازمي طرح ڦورو سماج ۽ سامراجي نظام کي ڍاهڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ نئين قسم جي زندگي اڏڻ جي ڪوشش ڪندو. اهو ڪو اتفاق يا عجب جهڙي ڳالهه ڪانهي جو جن ملڪن پنهنجو پاڻ ڄاڻي، جرمن، فرانسي، برطانوي، آمريڪي سامراجين کي تڙي ڪڍيو آهي، ۽ پنهنجو پاڻ کي غلاميءَ جي جار مان آزاد ڪرائي ورتو آهي، انهن هڪدم جهالت کي ختم ڪرڻ لاءِ به اُپاءَ ورتا آهن. اهي هڪدم ڄاڻ وڌائڻ لاءِ ڪوششون ئي ڦورن ۽ رجعت پرستن کي ڊيڄارن ٿيون. جو ته اياڻپ ۽ جهالت ڦورن ۽ رجعت پرستن کي ڊيڄارن ٿيون. جو ته اياڻپ ۽ جهالت ڦورن ۽ رجعت پرستن جي مفادن جي خدمت ڪري ٿي. جيڪي دنيا متعلق ڄاڻ پرائڻ واري عمل کي ڌڪارن ٿا، اهي ڦورن جا نوڪر ئي ٿي سگهن ٿا ٻيو ڪجهه به نه.

پر سائنس ۽ سماجي عمل اياڻي فلسفي کي رد ڪن ٿا. ”لڊوگ فيوئر باخ ۽ رواتي جرمن فلسفي جي پڇاڙي“ ۾ اينجلس لکيو ته اهي سماجي عمل، تجربو ۽ صنعت آهن جيڪي اهو ممڪن بڻائن ٿا ته اياڻپ کي ڌڪاريو وڃي. اسين قدرتي لقائن کي سمجهڻ کي پنهنجي ڄاڻ جي درستي ڪيئن ڪريون ٿا؟ اها رڳو هر هر پيدا ڪرڻ، سنواري سڌاري پيدا ڪرڻ، هر هر تخليق ڪرڻ وسيلي ئي ممڪن آهي. ”پنهنجو پاڻ ۾ لڪل شيءِ“ يعني ڳجهه کي سائنس ۽ عملي زندگيءَ کولي رکيو آهي. مثال طور، ڪو وقت هو جڏهن حڪيم، طبيب دوائن جي جزن کي نه ڄاڻيندا هئا. انهن ڏينهن ۾ دوائون ”پنهنجو پاڻ ۾ لڪل شيءِ“ هيون. انهن جو ڳجهه ڄاتل ڪونه هو پر اڄ سائنسدان دوائن جي جزن کي هڪ ماهراڻي انداز ۾ ڄاڻن ٿا. اڄ ”شيون پنهنجو پاڻ ۾ لڪل“ ڪونه آهن پر سائنسي صنعت ڪري ”شيون اسان لاءِ کليل“ آهن يعني اڄ انهن جي اندروني فطرت کي کوليو ويو آهي. اڄ اسين هزارين لک شين کي تفصيلي ۽ ماهراڻي انداز ۾ ڄاڻون ٿا. اهو ئي سبب آهي جو اياڻي



فلسفي جو محل اڇي پٽ تي ڪريو آهي. عملي تجربي جي ڪري دنيا کي ڄاڻي سگهڻ جو سوال حل ٿي ويو آهي.

**ڪم ڪرڻ دوران، پيداواري سرگرمي ڪرڻ جي ڪري ماڻهو پنهنجي چوڌاري وسندڙ ڪائنات جي جوهر ۾ پيهي وڃي ٿو ۽ ان کي سمجهڻ جي ڄاڻ حاصل ڪري وٺي ٿو.**

### ادراڪ جا ڏاڪا:

جڏهن اسين ڪنهن شيءِ يا لقاءُ کي سمجهي سگهون ۽ ان جي مڪمل ڄاڻ حاصل ڪري وٺون ٿا، تڏهن چئون ٿا ته اسان ان شيءِ يا لقاءُ جو ادراڪ ڪيو. هينئر سوال اهو آهي ته، مختصر نموني، ڪائنات جو ادراڪ ڪيئن ٿئي ٿو. مثال طور سمجهو ته اوهان کي ڪنهن ڳوٺ جي ثقافت جو اڀياس ڪرڻو آهي، اوهين ڇا ڪندا؟ ان ڏينهن ويندي، اوهين پهريائين ان ڳوٺ جو ڏيک ڏسندا، ڳوٺ ڪيئن آهي، ڪيترو آهي، گهر جهوپڙيون ڪيئن اٿس، ٻنيون آباد اٿس يا ڪونه، آباديءَ لاءِ مشينون استعمال ٿا ڪن يا جانور. اسپتال، اسڪول اٿس يا ڪونه، روڊ رستا وغيره، ٻين لفظن ۾ اهڙيءَ طرح اوهين حقيقتون گڏ ڪندا. ان کان پوءِ اوهين ڳوٺ جي زندگيءَ، ريتن رسمن، طور طريقن، اُٺا ويٺي، رهڻي ڪهڻي، شيل شغل وغيره جي باري ۾ حقيقتون گڏ ڪندا. پوءِ اوهين گڏ ڪيل مواد جي ڇنڊ ڇاڻ ڪندا ۽ نتيجا ڪيندا. هر هڪ تحقيق ايئن ٿئي ٿي. اهي سمورا ماڻهو جيڪي قدرت جي قانونن کي ڳولڻ، کولڻ ۽ انهن جو ادراڪ ڪرڻ چاهن ٿا، اهي پهريائين ظاهري حقيقتون گڏ ڪندا ۽ پوءِ اندروني- پوءِ اهي سادي نموني مشاهدي وسيلي هجن يا تجربن وسيلي، پر اهو سڀ ڪجهه پنهنجن حواسن وسيلي ئي ڄاڻي سگهجي ٿو. **اهو ادراڪ جو پهريون ڏاڪو آهي يعني حواسن وسيلي محسوس ڪرڻ (حواسي ادراڪ) يا زندگيءَ جون خاصيتون هئڻ جي ڪري محسوس ڪرڻ (جيئرو ادراڪ).**

جڏهن حقيقتن جو هڪ مناسب تعداد گڏ ٿي وڃي ٿو تڏهن پرايل ڄاڻ جي بنياد تي ذهن انهن جو اڀياس ڪري ٿو ڇنڊ ڇاڻ ڪري ٿو ڀيٽ ڪري ٿو ۽ ڪنهن نتيجي تي پهچڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. **هي ادراڪ جو ٻيو ڏاڪو آهي- منطقي ادراڪ يا ٺوس منطقي خيال**. هي ٻئي ڏاڪا عملي ڪم تي دارومدار رکن ٿا. اسين ڪنيل حقيقتن جي ڇنڊ ڇاڻ عمل وسيلي ئي ڪري سگهون ٿا ۽ وري موٽ ۾ ڇنڊ ڇاڻ ڪري، ڄاڻ حاصل ڪري عملي زندگيءَ ۾ حصو وٺون ٿا. اسين مثال طور

ڳوناڳي ثقافت جو اپياس ان ڪري ڪريون ٿا، جيئن اتي جي زندگيءَ کي سڌاري سگهجي ٿي.

<u>**تنهن ڪري چئون ٿا ته ڄاڻ جو ميڙ ٻن ڏاڪن ۾ ٿئي ٿو يعني حواسن وسيلي محسوس ڪيل ۽ منطقي، انهن ٻنهي جو بنياد عمل تي آهي.**</u> ”جيئري ادراڪ کان نوس خيال تائين ۽ ان کان عمل تائين- سچ جي ادراڪ جو معروضي حقيقت جي ادراڪ جو جدلي رستو ايئن ئي آهي.“ لينن لکيو- (لينن، گڏيل لکڻيون، جلد 38، ص- 171).

هڪ ڀيري بيمار عورت کي اسپتال ۾ آندو ويو جنهن جا سمورا حواسن جا عضوا بي حس هئا. يعني نه ته هوءَ ڏسي پئي سگهي ۽ نه ئي ٻُڌي پئي سگهي، نه سُنگهي پئي سگهي ۽ نه ئي چکي. هن وٽ ڇهڻ جو حواس به رڳو هڪڙي هٿ ۾ هو. اهو ئي رڳو هڪڙو وسيلو هو جنهن وسيلي هوءَ ٻاهرين دنيا جي ڄاڻ حاصل ڪري پئي سگهي. پر اها ڄاڻ ڪيتري نه اڻپوري هئي. بيمار عورت گهڻو عرصو بيهوش رهي. ان مان ڇا ٿو ثابت ٿئي؟ ان مان اهو ٿو ثابت ٿئي ته حواسي عضوا اهي وسيلا آهن، رستا آهن جن جي وسيلي اسين دنيا جي ڄاڻ حاصل ڪريون ٿا. احساس ان ڪري پيدا ٿئي ٿو جو ٻاهرين دنيا اسان جي حواسن تي اثرانداز ٿئي ٿي. ٻين لفظن ۾ ايئن چئجي ته اسين دنيا متعلق پنهنجن حواسن کان سواءِ ڪجهه به ڄاڻي نه ٿا سگهون.

جيڪڏهن ڪنهن حادثي ۾ اسان جو ڪو حواس ضايع ٿي وڃي ٿو ته ان جا ڪجهه گُڻ ڪي ٻيا حواس ڪجهه حد تائين وڏائي سگهن ٿا، پر جيڪڏهن اسان وٽ ڪوبه حواس نه هجي ته ڇا اسين ڪابه ڄاڻ پرائي سگهنداسون؟ نه ڪابه ڄاڻ پرائي نه ٿا سگهون، جيڪڏهن اسان وٽ ڪوبه حواس نه هجي. هينئر اچو ته به اکر احساس جي باري ۾ چئون.

## احساس ڇا آهي؟

محسوس ڪرڻ جا وڏا اهم عضوا پنج آهن: (1) اکيون ۽ انهن جي پويان تنتي سرشتو (2) ڪَنَ ۽ انهن جو تنتي سرشتو (3) نڪ ۽ انهيءَ جو تنتي سرشتو (4) زبان ۽ ان جو تنتي سرشتو (5) کَلَ ۽ ان جو تنتي سرشتو. مجموعي طرح اسان جي دماغ تائين احساس کڻي ويندڙ پنجن قسمن جو تنتون آهن. يعني ڏسڻ، ٻُڌڻ، سُنگهڻ، چکڻ ۽ ڇهڻ جا احساس کڻي ويندڙ تنتون. جڏهن به ڪا شيءِ اسان سان



واسطي ۾ اچي ٿي تڏهن اها پنهنجو اثر ڪن مخصوص تنتن تي ڪري ٿي. مثال طور اسان جي دماغ تائين علم جو بي انتها گهڻو حصو ڏسڻ وسيلي پهچي ٿو. سچي مادي ڪائنات جيڪا اسان جي شعور کان آزاد، معروضي وجود رکي ٿي، اها ڪنهن نه ڪنهن يا ڪن تنتن تي پنهنجو مخصوص اثر ڪري ٿي. اسان جي تنتن ۾ هيجان پيدا ٿئي ٿو ۽ اهو اسان جي دماغ تائين پهچي ٿو. گهر، ماڻهو ڌرتي، وڻ، جبل، گل ٻوٽا، جانور، سج، چنڊ ۽ تارا ڏسڻ جي تنتن ۾ هيجان پيدا ڪن ٿا- آواز ٻُڌڻ جي تنتن ۾، بوءِ سُنگهڻ جي تنتن ۾، ذائقو چکڻ جي تنتن ۾ ۽ ڇهاءُ ڇهڻ جي تنتن ۾ هڪ قسم جو هيجان پيدا ڪن ٿا، جيڪو اسان جي دماغ تائين وڃيو پهچي. جڏهن ٿڌي يا گرم پاڻيءَ سان هٿ ڌوئون ٿا تڏهن انهن سان لاڳو احساس پيدا ٿئي ٿو وغيره. <u>**احساس اسان جي حواسن تي شين جا، ٻاهرين دنيا جا اثر آهن.**</u> اهو ئي سبب آهي جو احساس اسان جي دماغ تائين صحيح ۽ سچي ڄاڻ پهچائن ٿا. مثال طور، بال کي ڏسي هر ڪو چئي سگهي ٿو ته اهو گول آهي. چنڊ کي ڏسي هر ڪو چئي سگهي ٿو ته چانڊوڪي چنڊ مان پئي نڪري. گهٽ ۾ گهٽ انڌي ماڻهوءَ کي چانڊوڪيءَ جي خبر نه هوندي وغيره.

پر ان جو ڪهڙو ثبوت آهي ته اسان جا حواس اسان جي ذهن تائين صحيح ۽ سچي ڄاڻ پهچائن ٿا؟ زندگيءَ جو عملي تجربو ان کي ثابت ڪري ٿو. جيڪڏهن اسان جا حواس اسان جي دماغ تائين ٻاهرين دنيا جا صحيح احساس نه پهچائن ته پوءِ اسين ٻاهرين دنيا ۾ ملندڙ شين جو صحيح عملي واهپو ڪري نه سگهنداسون. مثال طور ڪنهن جي دماغ تائين اهي احساس پهچن ٿا ته ڊوڙندڙ بس جي آڏو اچڻ سان ڪوبه نقصان نه پهچندو ۽ هو وڃي بس جي آڏو بيهي ٿو ۽ کيس بس جو ٽڪر لڳي ٿو. نتيجو ڇا نڪرندو؟ (جيڪڏهن بيهندڙ زندهه بچيو ته) اُهو ته ڇا پر ٻيا ڏسندڙ به سمجهي ويندا! اهو عملي تجربو کين گهڻو ڪجهه سبق سيکاري ڇڏيندو. تجربو اسان کي سيکاري ٿو ته اڻ تارُو جو نديءَ ۾ ڪرڻ، باهه ۾ هٿ وجهڻ، صوف کائڻ، گل سُنگهڻ، نانگ جو ڏنگڻ وغيره وغيره جا ڪهڙا نتيجا ٿي سگهن ٿا. اياڻا اهو چوڻ ۾ غلط آهن ته دنيا ۾ جيڪو ڪجهه ٿئي پيو حواس ان جا اڻ پروسي جوڳا عضوا آهن.

احساس جي ڪيڏي به اهميت هجي پر اسين دنيا کي <u>رڳو</u> حواسن وسيلي ڄاڻي نه ٿا سگهون. سادي نموني ايئن چئجي ته محسوس ڪيل شين جي گهرائيءَ ۾ ماڻهو

پنهنجي سوچ وسيلي وجي ٿو (سوچ جي موضوع تي ”شعور ۽ ان جي فطرت“ واري باب ۾ ڳالهائي آيا آهيون). **ماڻهو پنهنجي سوچ جي مدد سان شين ۽ لقائن جي اندروني رشتن، يعني انهن جي قانونن کي ڄاڻي سگهي ٿو.** جيئن ته احساس ماڻهوءَ کي وجود رکندڙ شين سان سنئين سڌي نموني واسطي ۾ آڻن ٿا، تنهن ڪري هن جو ذهن ٻاهرين دنيا کي اڻ سڌي نموني موٽائي ظاهر ڪري ٿو. ان جو مطلب اهو آهي ته منطق جا قانون اڻ سڌن اطلاعن تي ٻيئل آهن. اهو سمجهڻ لاءِ هڪ مثال وٺو: جڏهن خلا ۾ اُڏام ڪرڻ جو موضوع بحث هيٺ آيو تڏهن پهريائين اهو سوچيو ويو ته ڇا ماڻهو پنهنجي حياتيءَ کي نقصان ڏيڻ کانسواءِ خلا ۾ سفر ڪري سگهي ٿو. اهو ڄاڻڻ لاءِ پهريائين جانورن کي خلا ۾ موڪلي تجربا ڪيا ويا؛ ۽ اطلاع ۽ معلومات جمع ڪئي وئي. جانورن تي خلا جي اثرن جو اڀياس ڪيو ويو۔ اهڙيءَ طرح ڪندي اهو نتيجو ڪڍيو ويو ته ماڻهو خلا ۾ اُڏام ڪندي پنهنجو تحفظ ڪري سگهي ٿو. ان نتيجي جي تصديق تڏهن ٿي جڏهن انساني پيرن وچي چنڊ کي ڇهيو.

**ستا نتيجا ڪڍڻ لاءِ اسان کي حقيقتن پري ڄاڻ جي ضرورت پوندي آهي.**

حقيقت پري ڄاڻ اها هوا آهي جنهن ۾ سائنسدان ساهه کڻن ٿا. احساس حقيقت پري ڄاڻ مهيا ڪن ٿا. ذهن انهن کي چنبڊي ڇاڻي ترتيب ڏئي ٿو ۽ پوءِ انهن مان صحيح منطقي نتيجا نڪري سگهن ٿا.

اسان وٽ حقيقت پري ڄاڻ جو سبب ڪير آهي؟ انسان، انساني دماغ، انساني ذهن. انساني سبب کان سواءِ اسان وٽ حقيقت پري ڄاڻ جا رڳو ٽُٽل ڦٽل حصا هوندا. چنبڊ ڇاڻ ڪري ترتيب ڏنل شڪل ۾ حقيقتون اسان کي شين ۽ ڇوڏاري ٿيندڙ واقعن جي سبب ۽ قانون حڪمرانيءَ هيٺ باقائدگي جي گهري بنيادي ڄاڻ مهيا ڪن ٿيون. مختصر نموني ايئن چئجي ته اهي لقائن جي **جوهر** تائين پهچڻ ۾ اسان جي رهنمائي ڪن ٿيون. ذهن محسوس ڪيل لقاءُ جا جوهر پريا بنياد کڻي ڪم ڪري ٿو. جيڪڏهن اسان وٽ اهي بنياد نه هوندا ته جوهر تائين پهچي نه سگهنداسون.

اعليٰ پئماني تي سلجهيل منطقي سوچ ڪنيل شيءِ جي جوهر تائين نه رڳو پهچائي ٿي، پر ان تي پروسي جو سبب به مهيا ڪري ٿي.

احساس ذهن تائين حقيقت پري ڄاڻ پهچائن ٿا. ذهن نتيجا ڪڍي ٿو ۽ انهن کي حقيقت پري ڄاڻ جي بنياد تي ترتيب پريو ٻڌائي ٿو. دماغ، ذهن احساسن کان



سواءِ ڪم ڪري نه ٿو سگهي. دماغ جي ترتيب ڏيندڙ سرگرميءَ کان سواءِ ڪوبه احساسي ادراڪ ٿي نه ٿو سگهي. **عمل تي بنياد رکندڙ نه ورهائي سگهجندڙ اڻٽُٽ ادراڪي عمل ۾ احساسي ۽ عقل پريو (منطقي) ادراڪ ٻه ڏاڪا آهن. جيڪي پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن. اهي ٻئي ڏاڪا هڪ ٻئي کان ڌار ڪري نه ٿا سگهجن.**

فلسفي جي تاريخ شاهد آهي ته وري وري اهڙيون ڪوششون ڪيون ويون آهن ته احساسي ادراڪ کي منطقي ادراڪ کان ڪاٽي، اڪيلو ۽ ڌار ڪيو وڃي. فلسفي جي دنيا ۾ اهڙن فلاسافرن جا ٻه ڌڙا آهن. هڪڙا عقل پسند (ريشنلسٽ) ۽ ٻيا احساس پسند (سينسُوئلسٽ) يا تجربو پسند (امپري سسٽ). عقل پسند چون ٿا ته ماڻهو دنيا کي رڳو ذهن جي مدد سان ئي سمجهي سگهي ٿو (هو حواسن جي ڪردار کان انڪار ڪن ٿا). انهن جي اُبتڙ وري احساس پسند يا تجربي پسند چون ٿا ته ماڻهو رڳو حواسن جي مدد سان، رڳو حواسن جي تجربي وسيلي ئي سموري ڄاڻ پرائي سگهي ٿو ۽ دماغ، ذهن جو ان ۾ ڪوبه ڪردار ڪونهي (اهو منطقي ادراڪ واري پاسي کان انڪار ڪن ٿا).

پر ٻئي عقل پسند ۽ تجربي پسند معاملي جو رڳو هڪ طرفو حل پيش ڪن ٿا، جڏهن ته ادراڪ ۾ احساسن ۽ ذهن ٻنهي جو ڪردار آهي. احساسي ادراڪ ۽ منطقي ادراڪ ٻئي هڪ جيترا اهم آهن ۽ ادراڪ جي عمل ۾ اڻٽُٽ آهن.

## ادراڪ ۾ عمل جو ڪردار:

ڪمُ عملي سرگرمي ئي هئي، جنهن جي ڪري انساني سماج شروع ٿيو. روزاني زندگيءَ جي تجربي ڪيس هر اها شيءِ سيکاري جيڪا ڪيس زندگيءَ جي بقا جي جدوجهد ۾ گهربل هئي. اسان جو پنهنجي زندگيءَ جو تجربو به ان ڳالهه جي تصديق ڪري ٿو. ماڻهو جڏهن پيدا ٿئي ٿو تڏهن وٽس ڪابه ڄاڻ ڪانهي. جيئن ئي هو پنهنجي عملي تجربي ۾ گهڙي ٿو، هو دنيا جي مختلف لقائن سان لهه وچڙ ۾ اچي ٿو ۽ ڄاڻ حاصل ڪري ٿو. جڏهن ڪو ٻار آگر کي ڇهي ٿو تڏهن ڪيس آگر جي ڳُڻن جي اڃا خبر ڪانهي پر هُو جلد ئي تجربي مان سکي وٺي ٿو ۽ وري آگر کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪونه ٿو ڪري. اهڙيءَ طرح هو ڪجهه ڄاڻ حاصل ڪري ٿو.

عمل مان جيڪا مراد ورتي وڃي ٿي اها هر هڪ ماڻهوءَ جي ذاتي، نجي تجربي کان ڪجهه وڌيڪ آهي. مارڪس کان اڳ وارا ماديت پسند تجربي مان اها مراد وٺندا هئا ته هر هڪ ماڻهوءَ جو ذاتي عملي تجربو. هو ندا کي ايئن ڏسندا هئا ته ان ۾

ڪيترائي ماڻهو ”روبنسن ڪروزو“ جيان آهن. هڪ ٻئي کان ڌار ۽ اڪيلا آهن ۽ ان ڪري مجبور آهن تہ دنيا کي رڳو پنهنجي ڪوشش وسيلي سمجهن. پر ايئن سڀني شين کي سمجهي نہ ٿو سگهجي. عمل ۾ اسين نہ رڳو اهو سڀ ڪجهہ شامل سمجهون ٿا، جيڪو ماڻهو پاڻ سنئون سڌو تجربو ڪري ٿو پر ٻين ماڻهن جا تجربا، سڄي انسان ذات جا تجربا، سڄي سماجي تاريخ دوران انسانن جا تجربا بہ ان ۾ شامل سمجهون ٿا. مثال طور، ايٽمي بني هن وقت اسان مان ڪنهن بہ نہ ڏٺي آهي پر گهٽ ۾ گهٽ آئون اهو يقين سان چئي سگهان ٿو تہ ان ۾ اُڇلايل ڪرسي، سيڪنڊ جي سوين حصي ۾ ٽُٽي، پرزا پرزا ٿي، غائب ٿي ويندي. اهو ئي سبب آهي جو مارڪسي تعليم ۾ **سماجي عمل جي ڳالهہ ڪئي وڃي ٿي. سماجي عمل مان مراد آهي سمورو انساني عمل جنهن دوران ماڻهو مادي دنيا تي اثرانداز ٿئي ٿو ۽ ان کي (هر قسم جي) پيداوار، سائنسي تجربي، طبقاتي جدوجهد وغيره ۾ استعمال ڪري ٿو.**

ادراڪ جي عمل دوران سماجي عمل جي اهميت ان حقيقت ۾ لڪل آهي تہ آخري ڇنڊڇاڻ موجب سموري ڄاڻ انساني سماجي عملي سرگرمي مان ورتل آهي. سائنس جي تاريخ ان جو سٺو مثال آهي. جاميٽريءَ جو علم وجود ۾ ڪيئن آيو؟ ڪيتري ئي عرصي کان اڻ ڄاتل انسانن ٻنين تي ڪم پئي ڪيو ۽ کوٽايون پئي ڪيون. انهن کي مختلف شڪلين ۽ پکيڙن وارن پلاٽن جي ماپ ڪرڻي پوندي هئي. هوري هوري انهن اهو ڳولي ڪڍيو تہ ماپ جو هڪ سٺو طريقو ٿي سگهي ٿو، جيڪو هر مخصوص ماپ واري پلاٽ جي ماپ لاءِ صحيح ٿي پئي سگهيو، پوءِ اهو پلاٽ ٽڪندو هجي يا گول يا چوڪندو وغيره. ايئن ئي سماجي عملي تجربي کي وسيع ۽ ترتيب ڏيڻ وسيلي سائنس وڌي ٿي. ڪيترائي واقعا ۽ لقاءَ ٿين پيا. انهن جو عملي اڀياس ڪشادي ترتيب ڏيڻ علم لاءِ بنياد مهيا ڪري ٿو، جنهن مان نظريو، **سائنس ترقي ڪري ٿي. سائنسي ڄاڻ، نظريو سڄي جو سڄو سماجي عمل جي بنياد تي بيٺل آهي.**

اوهين شايد اهو پڇو تہ ڇا ان جو مطلب اهو ٿيو تہ ماڻهو رڳو هڪ طرف لاڳيتو اثر پيو وٺي ۽ انهن جو پچ تي پيو هلي؟ مارڪس کان اڳ وارا ميٽا فزڪس واري سوچ رکندڙماديت پسند ٻاهرين دنيا کي هڪ طرفو انسان تي اثرانداز ٿيندڙ سمجهندا هئا ۽ ان کي ئي عملي تجربو سمجهندا هئا. **پر مارڪس سماجي عمل کي وڌيڪ گهرائيءَ سان پيش ڪيو يعني ٻنهي جو هڪ ٻئي تي عمل يعني ٻاهرين دنيا جو ماڻهوءَ تي اثر ۽ ماڻهوءَ جو ٻاهرين دنيا تي اثر.**



**سماجي عمل نہ رڳو ڄاڻ جو بنياد آهي پر ان جي محرڪ قوت بہ آهي.** جيڪڏهن زندگي، مثال طور، سمجهو تہ هڪ زرعي ماهر سائنسدان کي هڪ معاملو ڏئي ٿي تہ هو ڪنهن زمين تي سُٺي پوک ڪرڻ جو ڪو سُٺو طريقو ڳولي لهي تہ پوءِ اهو عملي معاملو زرعي سائنس جي واڌاري ۾ هڪ اهم وِک ثابت ٿيندو. عملي معاملن کي حل ڪندي سائنس کي اڃا وڌيڪ تازي، وڌيڪ سُٺي ۽ ترتيب ڏنل ڄاڻ وڌائڻ جي ضرورت پوندي ۽ اهڙيءَ طرح نظريي کي وڌائڻ جو مواد وڌندو رهندو. ان ڪري ئي لينن چيو تہ سماجي عمل نظريي ڄاڻ کان ڪجهہ مٿيري حيثيت رکي ٿو ۽ ان ڪري علم يا ڄاڻ جو نظريو حقيقت ڏانهن عمل جي صحيح پهچ مان نڪرڻ گهرجي.

هينئر سوال اُٿي ٿو تہ ڇا ان ڪري ماڻهوءَ جي پيداواري ۽ انقلابي سرگرمي ۾ سائنس، نظريي جي اهميت گهٽجي وڃي ٿي؟ ترميم پسند مارڪسي-ليننيي تعليم جي باري ۾ چون ٿا تہ جيئن تہ اُهي ادراڪ ۾ پهرين اهميت عملي تجربي کي ڏين ٿا ان ڪري هُو ”سوڙها تجربي پسند“ آهن ۽ نظريي کي ”ڌڪارن“ ٿا. پر اهو هڪ مڪمل ڪوڙ آهي. مارڪسي- ليننيي پارٽين نظريي کي مڪمل طرح اهم ترين اهميت وارو سمجهيو آهي. لينن بہ انهيءَ تي زور ڏيندو هو تہ نظريو عمل جي راهہ کي روشني ڏئي ٿو.

تنهن ڪري اها جدلي ماديت ڏانهن دشمني ٿيندي جو ٻنهي، عمل يا نظريي مان رڳو هڪ کي اهميت ڏني وڃي. عمل ۽ نظريي جي وچ ۾ هڪ جدلي ٻڌي، هيڪڙائي آهي. انهن کي هڪ ٻئي کان ڌار ڪرڻ ناممڪن آهي. عمل کانسواءِ ڪوبہ نظريو ٿي نہ ٿو سگهي ۽ نہ ئي وري انقلابي نظريي کانسواءِ ڪو انقلابي عمل ٿي سگهي ٿو. نظريو عمل کانسواءِ مُردو آهي، بيڪار ڳالهين جو ڍير آهي. پر عمل بہ سائنسي ڄاڻ کان سواءِ انڌو آهي، ان جي راهہ روشن نہ ٿي ٿئي. نظريي کانسواءِ اهو ممڪن ڪونهي تہ ڪنهن فيڪٽريءَ يا سهڪاري اداري کي وڌائي سگهجي.

**نظريي ۽ عمل ۾ هڪ اٽُٽ ٻڌي، هيڪڙائي ڄاڻ جي جدلي نظريي جو بنيادي، پيڙهائتو پٿر آهي.**

## سچ ڇا آهي؟

اسين ڪيئن پڪ ڪريون تہ ادراڪ جي عمل ۾ حاصل ڪيل ڄاڻ صحيح آهي؟

اسين روزاني زندگيءَ مان اها ڳالهہ ڄاڻون ٿا تہ هڪ بيان سچو تڏهن چئجي ٿو جڏهن اهو واقعي سان نهڪندڙ ۽ ان کي ٺيڪ ٺيڪ بيان ڪندڙ هجي. سمورا بيان

جيڪي حقيقت سان ٺهڪندڙ آهن، اهي سچا آهن. سچُ غلط ڳالهه، غلط اعتبار، غلط ايمان، ڪوڙ جو مخالف آهي. هر اهو بيان ڪوڙو آهي جيڪو حقيقي زندگيءَ، حقيقت سان ٺهڪندڙ نه هجي. جدلي ماديت ان خيال کان اڳتي وڌي ٿي ته سچ اهو آهي ته جيڪو حقيقت کي صحيح نموني ظاهر ڪري. جيڪڏهن اسان جي ڄاڻ ٻاهرين معروضي دنيا سان ٺهڪي ٿي ته پوءِ اها سچي آهي. معروضي سچائيءَ مان جدليات اهو ئي مطلب وٺي ٿي.

”ماديت ۽ تجربي تنقيد“ ۾ لينن لکيو ته **معروضي سچائي انساني خيالن جي مواد جو اهو حصو آهي جيڪو ذهني تخليق تي دارومدار نه ٿو رکي، ماڻهوءَ جي ذهن ۽ ماڻهن جي ذهنن تي دارومدار نه ٿو رکي.** ان جو مطلب ڇا آهي؟ ان جو مطلب اهو آهي ته ماڻهوءَ کان سواءِ ڪوبه سچ ڪونهي يعني اهو ماڻهو ئي آهي جيڪو سچ کي ڄاڻي ٿو ڇو ته ماڻهوءَ وٽ شعور آهي. ماڻهوءَ چوڌاري وسندڙ دنيا سچ مهيا ڪري ٿي. اهي انساني خواهشون ڪونه آهن جيڪي سچائيءَ پرين بيانن ۽ راين کي مقرر ڪن پر اها معروضي حقيقت معروضي دنيا آهي جيڪا سچائيءَ کي مقرر ڪري ٿي، ڇو ته سچائي اها آهي جيڪا حقيقت سان ٺهڪي. اهو ئي سبب آهي جو لينن چيو ته **معروضي سچ انسان ۽ انسانذات کان خود مختيار وجود رکي ٿو يا ٻين لفظن ۾ اهو انسان جي ذهن، خواهش جو پابند ڪونهي. ماڻهو سچ جي تخليق ڪونه ٿو ڪري پر سچ ان موجب ظاهر ٿو ڪري جيڪو ڪجهه معروضي دنيا ۾ آهي.**

ماڻهوءَ وٽ اها ڪهڙي گارنٽي آهي جنهن ڪري هو چئي سگهي ته سندس ڄاڻ سچي آهي، اها حقيقت سان ٺهڪندڙ آهي؟ ٻين لفظن ۾ اهو ڪهڙو معيار آهي، ماپو آهي، جنهن وسيلي پنهنجي ڄاڻ کي سچو چئي سگهون. رڳو هڪڙو ئي معيار آهي ۽ اهو آهي سماجي عمل. ماڻهوءَ جو عملي ڪم ئي رڳو اهو وسيلو معيار، ماپو آهي جنهن وسيلي ايمان، نظريي، مشاهدي جي سچائي يا ڪوڙ ۽ سچ جي پرک ٿي سگهي. مارڪس لکيو. ”ماڻهوءَ کي سچ ثابت ضرور ڪرڻ گهرجي. يعني سچائي ۽ قوت، عمل ۾ سوچ جي هڪ طرفائي.“ (مارڪس ۽ اينجلس، جرمن آئيڊيالاجي، ص ـ 665، ماسڪو 1968ع)، عمل ئي اهو ثابت ڪندو ته اسان جا خيال سچائيءَ طرف آهن يا ڪوڙ طرف.

جڏهن به پاڻ حقيقت جي اڀياس مان ڄاڻ حاصل ڪريون ٿا تڏهن ان جي تصديق عمل وسيلي ٿئي ٿي، عمل ۾ آڻڻ ڪانپوءِ پاڻ اهو ڄاڻي سگهنداسون ته هيءُ



سچ آهي، اهو غلط ٿي نه ٿو سگهي. ان جي اُبتڙ، اهي مشاهدا ۽ اعتقاد جيڪي زندگيءَ، عمل سان ٺهڪي نه ٿا هلن، اهي ڪوڙا آهن. سرمائيداريءَ مان سوشلزم ۾ آهستي آهستي پُرامن تبديليءَ لاءِ ترميم پرست ڪٽي ڪهڙين به ليبارٽرين ۾ تجربا ڪن پر اهي بهرحال موجوده وقت تائين ظاهر ٿيل حقيقتن سان ٺهڪي نه ٿا هلن، تنهن ڪري اها ڳالهه ڪوڙي آهي. ڪوڙا نظريا وقت جي ليبارٽريءَ آڏو بيهي نه ٿا سگهن. عمل جتي ڪٿي آهي ۽ هميشه نظريي کي ڇهندڙ آهي، نظريا جيڪي حقيقت سان واسطو رکندڙ عمل وسيلي ثابت ٿين ۽ هميشه عمل ۾ آڻي سگهجن، اهي ئي سچا آهن.

هينئر ضروري ٿا سمجهون ته معروضي سچائيءَ کي **ڪيئن** تسليم ڪريون واري پاسي تي ڳالهه ٻولهه ڪريون. ڇا اسين سموري سچ جي، سموري ڄاڻ هڪ ئي وقت، هڪدم حاصل ڪري سگهون ٿا يا اها رڳو آهستي آهستي، ذرو ذرو ڪري گڏ ڪريون ٿا؟ هي سوال مجرد، ڄميل سچ ۽ نسبتي سچ جي وچ ۾ رشتي جي مسئلي تي بحث ڪري ٿو.

هر هڪ ماڻهو قدرت جو اڀياس پاڻ وٽ مهيا ٿيل، سماج طرفان مهيا ڪيل وسيلن ذريعي ڪري ٿو. ڪو زمانو هو جڏهن سائنسدانن وٽ به ماپا ڪونه هئا، مثال طور، وٿن ٿرماميٽر، دوربينون ۽ خوردبينون وغيره ڪونه هيون. ان ڪري دنيا کي ڄاڻڻ جي امڪانن ۾ رڪاوٽ ٿي پئي. پر جديد سائنس وٽ سوين قسمن جا ڏاڍا ڳتيل ۽ پيچيده اوزار آهن ۽ اسان کي ان ۾ به ڪو شڪ نه آهي ته آئيندي اچا به انهن ۾ وڌيڪ ترقي ٿيندي. اهڙيءَ طرح انسان ڏينهون ڏينهن، اڄوڪي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ، سٺي ڄاڻ حاصل ڪندو ويندو. ان ڪري اسين ڪنهن به مجرد، ڄميل، ”مڪمل“، ”ٽڪائيندڙ“ ڄاڻ جي باري ۾ ڪجهه چئي نه ٿا سگهون. سموري ڄاڻ گهٽي ڀاڱي نسبتي، اڻپوري، گهٽ ٺهڪندڙ آهي. هر هڪ سائنسي نظريو هر هڪ سچ، ڪي نه ڪي تاريخي طرح حدون رکي ٿو. ان ڪري انساني ڄاڻ تاريخ جي هر ڏاڪي تي ان ڏاڪي سان نسبت ۾ ڏني وڃي.

هاڻي سوال اُٿي ٿو ته: ڇا ڪا مڪمل ۽ ڀرپور ڄاڻ ٿي سگهي ٿي؟ جيڪڏهن ڄاڻ رڳو نسبتي ٿي سگهي ٿي ته ان جو مطلب اهو ٿيو ته هتي ڪوبه سچ ٿي نه ٿو سگهي، ڪوبه اهڙو سچ ٿي نه ٿو سگهي جيڪو مڪمل، ڀرپور ۽ ڳتيل هجي.

ڪي فلاسافر هن ڳالهہ کي هن ريت بيان ڪن ٿا: جيئن تہ اسان جي حاصل ڪيل سموري ڄاڻ وقت سان گڏ مجرد ٿي وڃي ٿي ۽ ويندي رد بہ ٿي وڃي ٿي، ان ڪري چئون ٿا تہ ڪوبہ نوس سچ ڪونهي، سچ رڳو نسبتي آهي. اسان جي ڄاڻ هميشہ ان حالت ۾ رهي ٿي تہ اها ڪنهن نہ ڪنهن ڏاڪي تي رد، بيڪار ٿي وڃي، هر ڄاڻ گذارو ڪري وڃي ٿي، ڪابہ شيءِ نہ ٿي رهي. تنهن ڪري سموري ڄاڻ/ علم نسبتي آهي. جيڪي فلاسافر ايئن بيان ڪن ٿا انهن کي نسبت پسند (رليٽوسٽ) سڏجي ٿو.

ٻيا فلاسافر دليل ٿا ڏين تہ "سچ" جيڪي مدي خارج ٿي وڃن ٿا ۽ انهن ۾ لياقت وڌائڻ جي ضرورت پوي ٿي، اهي ڪنهن بہ نموني سچ نہ آهن. "حقيقي" سچ ڪڏهن بہ مدي خارج ٿي نہ ٿا سگهن، اهي دائمي آهن. هڪ پيرو پر هميشہ لاءِ ڏنل آهن. اجا بہ وڌيڪ اهي چون ٿا تہ اسان کي رڳو مجرد، مڪمل، صحيح ۽ آخري سچن تائين محدود ڪرڻ گهرجي. اهڙا فلاسافر عقيدي پرست (ڊوگهاٽس) آهن. انهن لاءِ سچ هڪ عقيدو دائمي، اڻ بدلجندڙ ۽ هميشہ ساڳي صورت ۾ رهندڙ آهي. پر ٻنهي نسبت پسندن ۽ عقيدي پسندن جا دليل هڪ طرفا آهن ۽ ميٽا فزڪس واري سوچ تي ٻڌل آهن. هڪ ماڻهو مجرد سچ مان اها مراد وٺي نہ ٿو سگهي تہ اها ڪائنات بابت مڪمل ڄاڻ آهي. حقيقت ۾، ڇا ڪو ان تي ڀروسو ڪري سگهي ٿو تہ ڪنهن وقت ۾ انسانذات سڄي ڪائنات جو مڪمل اڀياس ڪري هر هڪ شيءِ متعلق ڄاڻي وٺندي؛ ۽ ان معنيٰ ۾ مجرد سچ ڄاڻي وٺندي؟ ماڻهو ڪڏهن بہ ڪائنات ۾ موجود هر هڪ شيءِ متعلق ڄاڻي نہ ٿو سگهي، ڇو تہ ڪائنات جو ڪوبہ خاتمو ڪونهي. ۽ اها لاڳيتو تبديل ٿي رهي آهي. ان ڪري بنيادي آهي تہ انساني ڄاڻ لاءِ ڪي آئيندي جون حدون مقرر ڪري سگهجن ٿيون.

تہ پوءِ ڇا مجرد سچ، مڪمل ۽ دائمي سچ ماڻهوءَ جي پهچ کان ٻاهر آهي؟ جيڪڏهن ڪو ميٽا فزڪس واري مفهوم ۾ مجرد ڄاڻ جي معنيٰ وٺي ٿو تہ دائمي سچ جيڪو هڪ ڀيري حاصل ڪيل هجي اهو وڌيڪ ڄاڻڻ لاءِ ڪابہ حد نہ ڇڏي تہ پوءِ اهڙي "مڪمل" سچ جو وجود ڪونهي، پر جيڪڏهن ڪو جدلي ماديت جي هن سوال ڏانهن پهچ ڪي وٺي تہ، هر هڪ اهو ڏسي سگهي ٿو تہ انسان هوري هوري نسبتي سچن کي گڏ ڪندو وڃي مجرد سچ کي پهچي سگهي ٿو؛ ۽ اهڙيءَ طرح هوري هوري قدرت جي قانونن ۽ لقائن جي ڄاڻ کي وڌائيندي پهچندو پيو وڃي. جهڙيءَ طرح



هڪ سچي جو سچو ڪن حصن مان ٺهي ٿو اهڙيءَ طرح ڄاڻ جي اڻ ڪُٽ واڌاري ۾ نسبتي سچن مان مجرد سچ جڙي سگهي ٿو.

مجرد سچ جي هيءَ پيشڪش- تہ واڌاري جي عمل ۾ نسبتي سچن جو گڏجڻ- ميٽا فزڪس واري نسبتي سچ کي مجرد سچ کان ڪاٽي، اڪيلو ڌار ڪري بيهارڻ واري ڳالهہ جي سنئون سڌو اُبتڙ آهي. مجرد سچ جي اها پيشڪش ٻُڌائي ٿي تہ نسبتي سچ ۽ مجرد سچ جي وچ ۾ ڪا نوس، نہ پار ڪري سگهڻ جهڙي ڀت ڪانهي. ادراڪ جي دؤر ۾ نسبتي سچن کان اهڙيءَ طرح هلندي، مجرد سچ جا قيمتي موتي ميڙي سگهون ٿا. "حياتي بي جان مادي مان نڪتي"، "دماغ سوچ جو عضوو آهي"، سمورا "جسم ايٽمن مان ٺهيل آهن"- هي ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي بيان اٽڪر، مجرد سچ آهن، جن کي سائنس ۽ عملي تجربي ثابت ڪيو آهي، انهن کان ڪنڌ ڪيڊائي نہ ٿو سگهجي. اهي مجرد سچ جا حقيقي موتي آهن. پر ان جو اهو مطلب نہ آهي تہ اهي آخري سچ آهن، ڇو تہ اهو سمجهڻ غلط ٿيندو تہ مجرد سچ تاريخي حالتن تي دارومدار نہ ٿو رکي، ان کي خاصيتن وڌائڻ جي ضرورت نہ آهي، وقت سان گڏوگڏ ان جي نئين تعريف يا پراڻي تعريف ۾ واڌرا نہ ٿيندا- تہ ان ۾ ڪابہ شيءِ ڳنڍي نہ ٿي سگهجي يا ان مان ڪابہ شيءِ ڪڍي نہ ٿي سگهجي، تہ ان تي آئيندي جون سائنسون ۽ ٽيڪنيڪي عمل ڪوبہ اثر نہ ڪندا. اهڙن آخري، قطعي سچن جو وجود ڪونهي. تنهن ڪري اهو وقت جو ڌيان ٿيندو تہ اهڙن سچن جي ڳولا ڪئي وڃي. ان جو مطلب ٿيو تہ هر هڪ نسبتي سچ مجرد سچ جا ڪي نہ ڪي موتي رکي ٿو. هر هڪ سائنسي کوجنا، هر هڪ سائنسي سچ، هر هڪ سائنسي قانون نسبتي سچ ۽ مجرد سچ جو ميلاپ، ٻڌي، هيڪڙائي آهي.

مٿي ڪيل سڄي بحث مان اها خبر پوي ٿي تہ اسين معروضي سچ جو ادراڪ هڪدم ۽ مجرد انداز ۾ نہ ٿا ڪري سگهون پر هوري هوري، نسبتي سچن جو ادراڪ ڪندي معروضي سچ جو ادراڪ ڪري سگهجي ٿو. نسبتي سچن جو مجموعو پنهنجي واڌاري دوران اسان کي مڪمل، گهري، مجرد ڄاڻ مهيا ڪري ٿو. اها ڄاڻ سڄي جو سڄي ڪائنات جي بہ آهي تہ ان جي هن يا هُن مخصوص ڏيک جي بہ آهي.

جدلي ماديت سيڪاري ٿي تہ سچ هميشہ نوس ٿيندو آهي. نوس سچ اهو سچ آهي جيڪو لقائن جي ڪنيل مخصوص درجي ۽ انهن جي واڌاري جي حالتن جو

جوهر صحيح نموني ظاهر ڪري. ان سان ٽڪر ڪائيندي مجرد ”سچ“ لڳائڻ جي واڌاري وارين نوس حالتن کان لنوائڻ ٿو ۽ اهو ئي عقيدي پرستيءَ جو گُڻ آهي. مثال طور ڪي به ماٺهوان سوال جو مجرد، جميل جواب نه ڏئي سگهندا ته جمهوريت ۽ امن لاءِ جدوجهد جا صحيح طريقا ڪهڙا آهن؟ ڪوبه ماٺهوان سوال جو صحيح نموني جواب تيستائين ڏئي نه ٿو سگهي جيستائين، جنهن جاءِ تي جن حالتن ۾ جدوجهد ٿئي پئي انهن نوس حالتن کي نه ڏسي. ان سوال جو جواب ڏيندي انهن حالتن ۾ فرق ڪرڻو پوندو ته جن ملڪن سرمائيداري استحصال مان پنهنجي جان ڇڏائي آهي انهن جون حالتون ٻيون آهن؛ ۽ جيڪي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن انهن جون حالتون ٻيون آهن وغيره.

جدلي ماديت جي تخليقي فطرت اسان کي سبق ڏئي ٿي ته اسين پنهنجي سچي ڪم ۾ تاريخي صورتحال ۽ نوس حالتن کي پنهنجي نظر ۾ رکون. حقيقت ۾، حقيقت جي لڳائڻ ڏانهن نوس تاريخي پهچ جو جوهر اهو ئي آهي.

****

## لفظن جي معنيٰ

**الف:**

اُبتڙ: آپوزٽ (Opposite)، خلاف.

اُتر قُطب: نارٿ پول (North Pole)، ڌرتيءَ جو اُتر پاسو.

اتفاق: ايڪسيڊنٽ (Accident)، حادثو.

ادراڪ: ڪاگنيشن (Cognition)، مڪمل طرح سمجهڻ ۽ ڄاڻڻ.

احساس: سينسيشن (Sensation)، محسوس ڪرڻ.

احساس پسند: سينسوئلسٽ (Sensualist)

ارتقا: اِووليوشن (Evolution)، هوري هوري تبديلي.

امڪان: پاسيبلٽي (Possibility)، ممڪن هجڻ.

انارڪزم: (Anarcism)، فسطائيت.

انارڪو_ سينڊيڪلزم: Anarco_syndicalism

اندريان: انٽرنل (Internal)، جيڪي شيءِ يا لقاءَ منجهه موجود هجن.

انقلاب: رِووليوشن (Revolution)، تڪڙي ڦير ڦار.

اڻکُٽ: اِنفنٽ (Infinite)، جنهن جي ڪا به حد نه هجي.



اول: پرائمري (Primary)، پهريون، ابتدائي، شروعاتي.

**ب:**

بائلاجي: (Biology)، ساهوارن جو علم. سائنس جي هن شاخ ۾ وڻن جو علم، (باٽني_ Botany) ۽ جانورن جو علم (زولاجي_ Zoology)، ٻئي شامل آهن.

بدلجڻ: ٽرانسفارميشن (Transformation)، تبديل ٿيڻ.

برآمد: ايڪسپورٽ (Export)، روانگي، ٻاهر موڪلڻ.

بنيادي: بيسڪ (Basic)، اصلي پيڙهائتو.

بهانو: پري ٽيڪسٽ (Pre text)، من گهڙ ڳالهه.

بورزوا: (Bourgeoisea)، سيٺ، وڏن وڏن آٽوميٽڪ ڪارخانن جو مالڪ، جنهن جي هينان هزارين پورهيت ڪم ڪن ٿا.

بي اعتباريا: نِهيلسٽ (Nhilist)، بي پروسيا. جيڪي ڪنهن ڳالهه يا عمل تي پروسو نه ڪن، بي پٽيا.

بيڪار ارتقا پسند: (Valgar Evolutionist).

بيڪٽيريا (Bacteria)، ننڍڙا جيوڙا.

**پ:**

ٻاهريان: ايڪسٽرنل (External)، ٻيروني.

**ت:**

تبديلي: چينج (Change)، ڦير ڦار ٿيڻ.

تجربو: ايڪسپريمينٽ (Experiment)

تجربو پسند: (Impricist)

تجردي: ايبسٽرئڪٽ (Abstract)، مجرد.

ترورا: ريڊيئيشن (Radiation)، لهرون. ذرڙن واريون لهرون.

تصور: ڪانسيپٽ (Concept)، ڪنهن شيءِ متعلق خيال.

تنقيد: ڪرٽسزم (Criticism)، دليلن سان سٺي ۽ خراب کي ظاهر ڪرڻ ۽ خراب کي رد ڪرڻ.

**ٽ:**

ٽڪر: ڪانفلڪٽ (Confilict)، جهيڙو ويڙهه.

## ث:

ثانوي: سيڪنڊري (Secondary)، ٻئي درجي جو.

## ج:

جانبدار: پارٽيسن (Partisan)، ڪنهن به هڪ پاسي ڏانهن.

جاندار: لِونگ (Living)، جيئرو رهندڙ ساهوارو.

جدليات: ڊايليڪٽڪس (Dialectics)، تضادن جو علم، قدرت ڪي هميشه واڌاري، ترقيءَ جي صورت ۾ ڏسندڙ طريقو.

جدوجهد: اسٽرگل (Struggle)، ڪوششون ڪرڻ.

جوهر: ايسينس (Essence)، تت، ست.

جيالاجي: (Geology)، زمين بابت علم.

جيو گهرڙن: سيل (Cell) ساهوارن جو ننڍڙو جيئرو ايڪو يا يونٽ.

## چ:

چرپر: موشن (Motion)، گردش، تحرڪ.

## ڇ:

ڇنڊ ڇاڻ: اينالِسز (Analysis)، تجزيو.

ڇال: لِيپ (Leap)، ٽپو چلانگ، پرانگهه.

## ح:

حاصلات: اچيومينٽ (Achievement)، جيڪو ڪجهه حاصل ڪيو ويو هجي.

حقيقت: ريئلٽي (Reality)، سچائي، حقيقي وجود رکندڙ.

حقيقت پري چاڻ: فيڪٽ (Fact)، سچ، واقعي صحيح.

حملي آور: ايگريسر (Aggressor) چڙهائي ڪندڙ ڪاهه ڪندڙ.

حواس: سينس (Sense).

حواسي ادراڪ: سينسوئل ڪاگنيشن (Sensual Cognition).

## خ:

خاصيت: ڪئالٽي (Quality)، گُڻ، خصوصيت.

خواهش بازي: والنٽرزم (Voluntarism).

خيال: آئيڊيا (Idea) يا ٿاٽ (Thought)، تصور، سوچ.

خيال پرست: آئيڊيلسٽ (Idealist)، جيڪو اهو سمجهي ته انسان جي ذهني تخليق (ديوتا وغيره) مادو پيدا ڪيو آهي.



## د:

درآمد: امپورٽ (Import)، آمدني، گهر آڻڻ.

درجو: ڪئٽيگري (Category).

دشمنيءَ وارا: اينٽاگونسٽڪ (Antagonistic)، چِٽا، ويڙهه وارا.

دهشت پسندي: ٽيررزم (Terrorism).

## ڏ:

ڏاهپ: وِزڊم (Wisdom)، عقلمندي، سياڻپ.

ڏکڻ قطب: سائوٿ پول (South pole)، ڌرتيءَ جو ڏاکڻو پاسو.

## ذ:

ذرڙن: پارٽيڪل (Particle)، ايٽم جا ذرڙا.

## ر:

رشتو: رليشن (Relation)، ناتو واسطو ڳانڍاپو.

روحاني: اسپريچوئل (Spiritual)، ذهني، خيالي.

روشن خيالي: آپٽيمزم (Optimism)، سٺن پهلوئن تي نظر رکندڙ.

## س:

سادو: سِمپل (Simple)، سادو سودو.

سائنس: (Science)، علم، ڇاڻ، ڪنهن به لقاءَ جي بڻ بنياد ۾ ڪم ڪندڙ قانون.

سبب: ڪاز (Cause)، اصلي ڪارڻ.

سبب پڻو: ڪازلٽي (Causalty).

سڀ طرفائي: يونيورسلٽي (Universality)، ڪائنات پڻو همه گيري.

سپر پاور: (Super power)، وڏي قوت، آسماني قوت.

سڄي جو سڄي: (As a whole)، سڀ ڪجهه، جيڪو ڪجهه موجود آهي.

سڄاڻپ: آئيڊينٽٽي (Identity).

سچ: ٽرٿ (Truth)، حقيقت.

سڌارا پسندي: ريفارمزم (Reformism).

سرشتو: سرشتو (System).

سرگرمي: ائڪٽوٽي (Activity).

سماج: سوسائٽي (Society)، معاشرو.

سياست: پاليٽڪس (Politics).

**ش:**

شعور: ڪانشسنيس (Consciousness)، سمجهه، سوچ.

شڪبازي: اسڪيپٽڪس (Sceptics).

شڪتي: انرجي (Energy)، توانائي.

**ط:**

طبقو: ڪلاس (Class).

طريقو: ميٿڊ (Method).

**ع:**

عام: جنرل (General)، ڪامن (Common)، جيڪو جتي ڪٿي هجي، هر هنڌ، هر جاءِ تي موجود.

عڪس: اميج (Image)، خاڪو نقش.

عقل پسند: ريشنلسٽ (Rationalist).

علم: ناليج (Knowledge)، ڄاڻ.

عمل: پراسيس (Process) يا پرئڪٽس (Practice).

عنصر: ايليمينٽ (Element)، نج ۽ خاص جزو.

**غ:**

غير دشمنيءَ وارا: نان اينٽاگونسٽڪ (Non_antagonistic).

غير مادي: امٽيريل (Immaterial)، من گهڙت.

**ف:**

فزڪس: (Physics)، سائنس جي اها شاخ جيڪا جسمن جي سادين خاصيتن جو اڀياس ڪري ۽ قانون ڳولي.

فطرت: نيچر (Nature)، قدرت، قدرتي طرح ٿيندڙ.

فيصلي ڪُن: ڊسيسِو (Decisive)، فيصلو ڪندڙ.

**ڦ:**

ڦرلٽ: ايڪسپلائيٽيشن (Exploitation)، استحصال.

**ق:**

قانون: لا (Law)، متو اُصول، قاعدو.



قدرت: (Nature)، سڄي جو سڄي ڪائنات، مادو.

قدرتي سائنس: (Natural Science) قدرتي سائنس يعني مادي تي بحث ڪري قانون ڳوليندڙ سائنس جو ميڙ_ فزڪس، ڪيمسٽري، بائلاجي وغيره.

**ڪ:**

ڪاٽو چارج: نيگيٽو چارج (Negative Charge)، نفي چارج.

ڪارڻ: ريزن (Reason)، سبب.

ڪائنات: يونيورس (Universe)، دنيا، قدرت، مادو.

ڪجهه به نه: نٿنگ (Nothing)، ڪا به شيءِ نه هجي.

ڪيفيت:

ڪيميا: ڪيمسٽري (Chemistry)، سائنس جي اها شاخ جيڪا شين جي ڪيميائي خاصيتن جا قانون ڳولي.

**گ:**

گڏيل: ڪليڪٽِو (Collective)، مجموعي.

**ڳ:**

ڳتيل: ڪامپليڪس (Complex)، پيچيده.

**ل:**

لازم: نيسيسٽي (Necessity)، جيڪو هر حالت ۾ ٿئي.

لقاءُ: فنامينن (Phenomenon)، واقعو، عمل، نظارو، عملن، واقعن جو ڪنهن خاص صورت ۾ ظاهر ٿيڻ.

**م:**

ماتحت: سب آرڊينٽ (Sub ordinant)، جي هيٺان.

ماپ: ميئر (Measure)، خاصيتن جي حد.

ماديت: مٽيريلزم (Materialism)، ماديت پسند نظريو.

ماديت پسند: (Materialist)، جيڪو سمجهي ته مادو اول آهي ۽ ان جي ڪري شعور پيدا ٿيو آهي.

ماهيت:

مايو: ماس (Mass).

معروضي: آبجيڪٽو (Objective)، ذهنَ، خيالَ سوچ کان آزاد، حقيقي.

محرڪ: موٽِو (Motive)، چرپر ۾ آڻيندڙ سبب، مقصد.

مرڪب: ڪمپائونڊ (Compound)، ٻن ٽِئن مختلف عنصرن جو ميلاپ.

مقدار: ڪئانٽٽي (Quantity).

منطق: لاجڪ (Logic)، ڇاڻ ڪي درست ڪرڻ جو علم ۽ قانون.

منطقي ادراڪ: (Logical cognition)

مواد: ڪنٽينٽ (Content).

موضوعي: سبجيڪٽِو (Subjective)، ذهن جو پابند.

**ن:**

نالائقي: (Inconsistency)، اڻپورائي، نامڪمل.

نتيجو: (افيڪٽ) (Effect)، اثر، جيڪو سبب ڪري ظاهر ٿئي.

نفي: نگيشن (Negation)، نہ، نهڪر، انڪار.

نقطۂ نظر (نُڪتي نظر): وِيُو (View)، آئوٽ لُڪ (Out look).

نُڪتو: پُئائنٽ (Point).

**هہ:**

هپوپوٽيمس (Hippopotamus): آفريڪا جو ندين ۾ رهندڙ گهوڙو.

هر طرفو: سڀ طرفو عالمگير، همہ گير.

هڪ ٻئي تي اثر: (Interaction).

هڪ هٽي: مونو پولي (Monopoly)، اجاره داري.

همہ گير: سڀ طرفو هر طرفو.

هيڪڙائي: يونِٽي (Unity)، ٻڌي، ميلاپ.

هيئت: فارم (Form)، شڪل، صورت.

هيئت پسندي: فارملزم (Formalism)، جيڪي رڳو صورت تي زور ڏين، پر مواد کي نہ ڏسن.

**و:**

واڌو چارج: پازيٽِو چارج (Positive Charge)، مثبت چارج.

****